# مهراڻ

ABC CERTIFIED

نمبر 2-1/2011ع



سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا لات لطيف جي

تصوف، شاهه جي شعر جو، گويا تاجي ۽ پيٽو آهي، يا تصوف کي سندس شاعراڻي عمارت جو مکيہ پايو ڪري چئجي. جيتوڻيڪ شاهه جي شعر جا مضمون علحدا علحدا آهن؛ تڏهن بہ تصوف هڪ سُر وانگر آهي، جنهن تي اهي مضمون موتين جيان مڙهيل آهن. اهڙيءَ صنعت ۽ جدت سان، شعر جي پلٽ ڪئي اٿس، جو ظاهريءَ طرح مضمون جي ڪثرت معلوم پئي ٿئي، مگر اندروني طرح، مڙيئي وحدت آهي. اها وحدت ۾ ڪثرت، ۽ ڪثرت ۾ وحدت سندس صوفياڻي خيال جو نتيجو آهي.

پر اندر ڪيئن اُجارجي؟ نہ ڏيهہ ڏورڻ ۽ جهرجهنگ جهاڳڻ سان، نہ فقط ڏيکاءَ وارين عبادتن سان، مگر پاڻَ وڃائڻ سان، ڇاڪاڻ تہ پنهنجو پاڻ هڪ 'جاڏي جبل' جيئن حق جي آڏو اچي ٿو ۽ دوئيءَ جو ڪارڻ بنجي ٿو.

جڏهن سالڪ پاڻ ماري، پاڻ مڃائي، فنا في الله ٿئي ٿو، تڏهن ازخود سندس اندر ۾ 'اناالحق' جو نعرو وڃڻ لڳي ٿو. انهيءَ حالت ۾ ساري ڪائنات ساڻس ليءِ ٽيو منجهس سمائجيو وڃي، ۽ عالم جي هرهڪ جزي مان اهوئي آواز پيو نڪري.

جَرِ ٿرِ تِڪَ ٿنوارَ، وَڻ ٽِڻ وائي هيڪڙي،
سَڀيئي شيءِ ٿئا، سوُرِيءَ سزا وار،
هَمه مَنصورَ هزارَ، ڪِهڙا چاڙهئو چاڙهيان.

اِهي آهن تصوف جا مول مسئلا، جن کي شاهه پنهنجي بينظير ٻوليءَ ۾ گهٽيءَ ڇڻائيءَ سان بيان ڪيو آهي. ازان سواءِ شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جي جدا جدا منزلن، قضا ۽ قدر، رضا ۽ تسليم، تجليٰ ۽ استقار وغيره ڏي پڻ سندس ڪلام ۾ هرهنڌ اشارا ليندا.

**- ڊاڪٽر گربخشاڻي**

شاهه جو رسالو (جلد پهريون) ص 41، 42، 43،
ڇپائيندڙ: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ 1985 ع)

تحقيقي لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

سائين سدائين ڪرين
مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار
عالم سڀ آباد ڪرين

تحقيقي لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

# تاريخ ڇا آهي؟

هيءُ سوال، خاصو وڏو سوال آهي. پر ان سوال جو اسان سان رڳو ايترو واسطو آهي، جيترو تاريخ جو شاعريءَ سان. ان ڪري آءٌ چاهيان ٿو ته اسان اديبن ۽ شاعرن کي به هن سوال جو ڪونه ڪو جواب فراهم ڪرڻ گهرجي. پر پوءِ به اسان لاءِ هيءُ ڪو ٿورو يا ڪو معمولي ڪم نه آهي. اسان مان تمام ٿورا ماڻهو تاريخدان آهن ۽ اجا به تمام ٿورا علم تاريخ کان واقف آهن. اسان جو نئون ادبي نسل، تاريخ سان ڪا دلچسپي نه ٿو رکي ۽ تمام گهڻا اديب، لکڻ وقت همعصر تاريخ يا تاريخ کان واقفيت رکڻ کي ضروري نه ٿا سمجهن.

اها صورتحال ڪجهه مونجهاري ۾ وجهڻ جهڙي آهي، پر آءٌ پاڻئيان ٿو. آءٌ ان صورتحال مان، جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان، ڪنهن نه ڪنهن واضح نڪتي تائين پهچي ٿو سگهان. جن کي شڪ آهي ته تاريخ ادب تي ڪي فيصلا صادر ڪري به ٿي يا نٿي ڪري! سي ٻن مونجهارن ۾ آهن.

**(1)** انهن جو تصور تاريخ جي مفهوم جي باري ۾ واضح ڪونه آهي.

**(2)** اهي تاريخ ۽ همعصر تاريخ جي وچ ۾ فرق کي محسوس ڪونه ٿا ڪن.

ٻيا اهي صاحب، جيڪي چون ٿا ته، تاريخ کي ادب جي پويان هلڻو آهي ۽ اسان جو ڪم آهي ادب پيدا ڪرڻ. تاريخ کي پنهنجو ڪردار پاڻ ادا ڪرڻو آهي ۽ اديب کي پنهنجو. اديب ۽ تاريخ نويس، پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

هيءَ صورتحال ڪيتري قدر تائين سچي ۽ حقيقتن تي ٻڌل آهي، انهيءَ ڳالهه جي فيصلي جي لاءِ، گهڻ ۾ گهڻ ايترو ته ضرور ڪرڻو پوندو، ته اسان ادب ۽ تاريخ کي جدا جدا جاين تي سمجهون ۽ انهن ٻنهي جو اڀياس ائين سمجهي ڪريون. ته اهي به جدا علمي سوال آهن ۽ جدا جدا معيارن تي ٻڌل به وڏا معيار آهن ۽ ٻنهي کي پنهنجو پنهنجو ڪونه ڪو ڪردار جدا ئي به آهي ۽ اهو ڪين ادا ڪرڻو آهي.

ڪن عالمن تاريخ جي سوال تي انجيل مقدس مان خاصو فڪر پيش ڪيو آهي. اسلامي طرز فڪر ۾ به تاريخ جي نفس، مضمون ۽ مفهوم تي ويچار موجود آهن. عالمن تاريخ کي ’عمر‘ ۽ ’سنة الله‘ جي مفهوم ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تاريخ جي باري ۾ تاريخي مذهبيت (Historical Religiosity) جو خيال هيگل کان شروع ٿيو ۽ اهو اڄ سوڍو ٿوري گهڻي ردوبدل سان اسلامي فڪر ۾ به اختيار ڪيو ويو آهي. تاريخ جي مادي نظريي کي مارڪس پيدا ڪيو ۽ هن اهو نظريو، پنهنجي فلسفي جدلياتي ماديت جي اصولن تي پرکيو ۽ مقرر ڪيو. وائيڪو (Vico) جو نظريو ٽائن بي (Toynbee) جهڙن عالمن اختيار ڪيو ۽ تاريخ کي، هنن تاريخي مذهبيت جي تصور ۾ موجود سمجهو. ان ڪري ٽائن بيءَ کي مذهب جي حمايت ۾ پيش ڪيو ويو.

**- الهداد ٻوهيو**

**شعر جي اڀياس جا نوان طريقا (شاعري ۽ تاريخ)**

**ٽماهي ”مهراڻ“ 1978/3ع**

**تان ورتل ٽڪرا، ص 182، 183**

## اندر روح رهيام، سچڻ اوطاقون ڪري

(شاهہ)



# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اسڪالر ۽ لغت نويس)

ولادت: 16- ڊسمبر 1917ع　　　　وفات: 6-اپريل 2011ع

## جوڳي پنهنجي جُوءِ ويا.....



سنڌ جي نامور اسڪالر، لغت نويس ۽ شاهه جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مڙهه تي جناب مخدوم جميل الزمان وزير بين الصوبائي رابطا حڪومت سنڌ ۽ چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، ڊاڪٽر محمد شريف بلوچ (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو فرزند)، سنڌ جو نامور دانشور ۽ اديب جناب محمد ابراهيم جويو، جناب سرفراز راڄڙ (صوبائي صلاحڪار)، جناب سيد زوار حسين شاهه نقوي (سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ) جناب هادي بخش جتوئي، جناب سرفراز وسطڙو، جناب فقير منٺار مگريو ۽ ٻيا جنازي جي نماز ڪانپوءِ دعا پڙهندي.

[سنڌي مسلم سوسائٽي قاسم آباد، حيدرآباد، سنڌ 7- اپريل 2011ع]

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 61 — جنوري- جون 2011ع — نمبر 1-2

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

وزير بين الصوبائي تعاون، سنڌ

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران اعليٰ

**شيخ عزيز**

وائيس چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**پروفيسر سيد زوار حسين شاھ نقوي**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر

**طارق عالم ابڙو**

اسسٽنٽ ايڊيٽر

**دين محمد ڪلهوڙو**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.



ٽماهي

# مهراڻ

(Regd No. NS-20)

سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ.


The "**Mehran**", Quarterly
Vol: 61 , No 1-2/2011
(Established in 1955)


* An ageold leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan and abroad.

* Contemporary creative writings, history, civilization, education, music, folklore, archaeology, lexicography, General culture of Sindh and translations from world literature are the main topics of material usually published in this periodical.

* Published by *SINDHI ADABI BOARD* for the promotion of Sindhi literature with the financial assistance of *PAKISTAN ACADEMY OF LETTERS* Islamabad.


• Publication contact:
Editor, Mehran Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro
Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
022-9213425
Fax: 022-9213422
(E.mail: sindhiab@yahoo.com)
Website: www.sindhiab.com
www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tilak Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ
فون نمبر: 022-2633679


هن پرچي جي قيمت: هڪ سؤ رپيا

ساليانو چندو: ٽي سؤ رپيا


Printed and Published by Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh, Pakistan.



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

"جي ماسو جُڙيئي مالَ، تہ پوڄارا! پُر ڌِئين."

(شاھ)



23 مارچ 2011ع تي صدر پاڪستان جناب آصف علي زرداري صاحب جن نامور عالم جناب ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب کي علمي خدمتن جي عيوض "ستاره امتياز" جو ميڊل پارائي رهيا آهن.

# بورڊ جي ملازمن جي هڪ يادگار تصوير



سنڌي ادبي بورڊ جي ٽن ملازمن:طارق عالم ابڙو، الهڏتو وگهيو ۽ گلبدن جاويد کي 18 گريڊ ۾ ترقي ملڻ جي خوشيءَ ۾ بورڊ جي يونين ملازم طرفان منعقد ڪيل تقريب دوران نڪتل گروپ فوٽو. ساڄي کان پهرين قطار ۾: دبير مرزا، گل حسن درس، گل بانو مرزا، گلبدن جاويد مرزا، الهڏتو وگهيو، غلام حيدر ڪڇي، عبدالقادر دراني، عبدالواحد مگريو، اياز علي درس، ٻي قطار ۾: معراج الدين، شڪيل احمد سومرو، دين محمد ڪلهوڙو، عبدالصمد ٻبر، جاويد احمد سومرو. ٽي قطار ۾: شبير احمد چانديو، عزيز اختر لغاري، حافظ احمد الدين انڙ، سڪندر علي ملاح، برڪت علي سيال. چوٿين قطار ۾: محمد افضل مگريو، فدا حسين ڪوسو، ڄام سپڙ رونجهو، عبداللطيف رونجهو، سيد مير علي شاهه ڪاظمي، سليم اختر پيرزادو.

[سنڌي ادبي بورڊ جي لائبريري واري گيٽ. 29- اپريل 2011ع]

## متفرق

- مولانا اعجاز الحق قدوسي 77
- سيد حسام الدين راشدي
مترجم: امام راشدي

- عبدالله جي ميمڻ، وفات کان هڪ ڏينهن اڳ 80
- ايم.ايڇ پنهور
مترجم: غلام محمد لاکو

- سُرن جا ستارا ڪٿي چمڪندا؟ (امانت گل جي ياد ۾) 83
- ڪوثر هالائي

- خط، خوشبو جا خواب ڏسندا آهن (فياض لطيف جي ڪتاب "خط خوشبو خواب" جو مختصر جائزو) 85
- رڪيل مورائي

## تحقيق

- شاهه جي رسالن جي مختصر تاريخ 89
- استاد لغاري

- سچل سرمستؒ جو پنهنجي دور تي اثر 112
- ڊاڪٽر سيد مخمور بخاري

- گنجو ڏونگر گام 123
- اشتياق انصاري

- نئن مُکي ۽ ان جا تاريخي يادگار 132
- شرف الدين پنهور

- سنڌي مرثيه جي اوسر ۽ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي 136
- نظير حيات سيوهاڻي

- گهڻين ٻولين جو شاعر ۽ ماهر: علامه هدايت علي نجفي "تارڪ" 142
- ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

- سنڌي عالمن جي فقهي مخطوطن جو تعارف ۽ مطالعو 148
- ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو

- سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي ۽ اُترادي لهجن جو تقابلي جائزو 174
- ڊاڪٽر غفور ميمڻ

- سنڌي شاعريءَ ۾ قدرتي، حيواني ۽ انساني آوازن ۽ اشارن جو استعمال 180
- مجاهد حسين سولنگي

- پهاڪا ۽ سنڌي ادب 184
- نظام الدين ڪلهوڙو

- صاحب ڏنو شاهه بلڙيءَ وارو ۽ سندس ڪلام 193
- شگفته شاهه

- استاد بخاري (هڪ شاعر هڪ عاشق هڪ ڪرشماتي شخص) 200
- انور ساگر ڪانڌڙو

- لاڙ جو هڪ لاکيڻو لطيف (احمد فقير مستان لغاري) 207
- پروفيسر ڊاڪٽر قادربخش مگسي

- نياز همايونيءَ جي طويل نظم نگاري 213
- شريف "شاد" سومرو

- مولانا عبدالڪريم قريشي (پير وارا): شخصيت ۽ ڪردار 222
- عبدالرزاق ڪلهوڙو

- شاهه پنجو سلطان ۽ عبدالله شاهه گودڙيو (ڪلهوڙا دور جا ٻه عظيم جرنيل) 231
- آزاد انور ڪانڌڙو

- جمال ابڙو- بحيثيت افسانه نگار 236
- ريحانه نظير

- ورهاڱي کان اڳ جو سنڌي افسانو (آخري حصو) 243
- بشير نوناري

# ڪافي

اڄ پرين پاتا پرتئون پير، اهي پير چُمان پيزار چُمان،
آيا پرين جتان پير پري، جن سَئرن تان سڀ سَئر ڪري،
سِر ساھہ صدق تن سَئرن تان، اُهي سَئر چُمان سؤ وار چمان.
اچي مونِ سان ملي منٺار ٺيا، هرجاءِ حسن هيڪار ٺيا،
هُئي حب جي هينئين ۾ هير گھٽي، اها هير چمان هيڪار چمان.
ويهي وحدت جا واپار ڪيئون، وهواه ٻلي ٻٽڪار ڪيئون،
اهي مون تي ٻلائي جا ٻير ٺيا، اهي ٻير چمان ٻٽڪار چمان.
’ولي بخش‘ وصال جا واءُ وريا، اچي محب مليا جي دل گھُريا،
اها وير ٻلي جنهن وار آيا. اُها ويرِ چمان اهي وارَ چمان.

- فقير ولي بخش راڄڙ

# فقير ولي بخش راڄڙ

فقير ولي بخش راڄڙ، مشهور شاعر مننار فقير راڄڙ جو پوٽو هو. جنم 1331هه ۾ ٿيو. ٽن سالن جي عمر ۾ هو ته سندس والد پير بخش فقير گذاري ويو. تنهنڪري سندس ڏاڏي مننار فقير جي هٿ هيٺ سندس نيپاج ٿيو.

فقير صاحب جي مزاج ۽ ذهني تربيت جي سلسلي ۾ مننار فقير جي صحبت، فقيرن ۽ ڳائڻن جي اچ وڃ، محفلن ۽ مجلسن جو وڏو دخل رهيو. سندس تعليم فقط ٻن سنڌي درجن تائين هئي.

فقير صاحب، سروري جماعت جي سماع، ذڪر ۽ ذهر ذهن جي تربيت پڻ پنهنجي ڏاڏي مننار فقير کان حاصل ڪئي. فقير انهيءَ طبع ۽ مزاج جي ڪري شعر ۽ شاعريءَ جي سٺي صلاحيت حضرت 'طالب المولي'' سائينءَ جي صحبت کان پوءِ پختگيءَ جي منزل تي پهتي. سندس پهرين ڪافي، حضرت 'طالب المولي'' جي مدينه منوره کان واپس اچڻ تي چيل آهي. جنهن جو ٿلهه آهي:

"اڄ پرين پاتا پرتئون پير - آهي پير ڇمان، پيز ار ڇمان!"

شعر و شاعريءَ ۾ ڪافي ۽ بيت سندس مرغوب صنفون رهيون. سندس ڪلام ۾ سوز ۽ گداز، رنگيني ۽ شيريني، پختگي ۽ سلاست آهي. جنهنڪري فقيرن جي ساٿ ۾ عام طرح سان ڳايو وڃي ٿو.

(مهراڻ- شاعر نمبر 1969ع)



## مننار فقير راڄڙ

[جنم: 1865ع وفات: 16- جنوري 1935ع]

# ڪلام

لاهي ويهه م لڏ، لاهه م لڏ،
هل ته پهچين هوت ڪي،

ڪر نه اينديئي ڪيچ ري، ڪا ٻي اڏاوت اڏ.

ڀنيا هن ڀنڀور جا، نيئي رسائيندئي ڪڏ.

ٻانيڙ عشق ٻروچ جو، ٻينو ڪريئي سڏ.

متان مُنجهين "مننار" تون، ڏينهن وڃنئي ٿا ڏڏ.



## فقير هدايت علي ”نجفي“

[جنم: 29- جولاءِ 1894ع، وفات: 9- مارچ 1939ع]

# ڪلام

چيو ٿي همسايہ تہ هجر دلبر ۾، ڪين اهل بڪا، بڪا ڪر،
نہ پنهنجو ساٿي غم والم ڪر، نہ ساڻ دافع عنا عنا ڪر.
گهٽائي ڦاسيءَ ۾ جنهن جي ڦاسن ٿا، ڪين ڦاسڻ سان ڪن ٿا ڦٽڪا،
تون شوخ اهڙو نہ خوشنمائي ۾، خوب زلفِ دُوتا دُوتا ڪر.
اجايو شاهي وزيري جي ٿو رکين تمنا و حرص بيحد،
ٿي يا قناعت ۾ فقر وارو ڪڍهن نہ دل ۾ هما هما ڪر.
نندو جي آهين تہ فڪر ناهي وڏن جون رهڻيون هميشہ هٺ ڪري،
وڏو نہ ٿيندين منجهان وڏائي، وڏائي ڇڏ، ڪر وڏا وڏا ڪر.
پروڙي فرق مراتب اول، لڳاءِ دل ڪي پو ياد حق ۾،
ڀلا ڀلا ڪر، ڏلا ڏلا ڪر، ڪڙا ڪڙا ڪر، مٺا مٺا ڪر.
سگهو پيارين شراب صافي، جو ساقي ميخوار سڀ گهرن ٿا،
تہ آهِ فصلِ بهار آيو ڪو جام خوشتر عطا عطا ڪر.
جڏهن وڃائين وجود پنهنجو ۽ بود پنهنجو، نمودِ پنهنجو،
پو مثلِ منصور بنجي بيخود، ڀلي پيو نت انا، انا ڪر.
سڏن ٿا بزم سخن ۾ توکي، سخن جا پرور، سخن جا گوهر،
اتي اي طبع رسا رسا ٿي، سخن عيان تون سنا سنا ڪر.
نہ آءٌ زاهد تون ريش فش ڪي، لڳائي ميندي، بنائي ڳاڙهو،
انهيءَ ۾ رندن جي قتل جو آهہ رت نہ تنهن ڪي حنا حنا ڪر.
ڇڏي خوديءَ ڪي اصل ٿي بيخود، خدا نہ ”تارڪ“ خوديءَ ۾ ملندو،
خدا جا بندا خدا خدا ڪر، خدا جا بندا خدا خدا ڪر.



# حاجي محمود "خادم"

[جنم: 4- جنوري 1895ع، وفات: 9- جنوري 1960ع]

## ڪلام

عدو چوندي وري گل ٿو وجهي دلبر جي دامان ۾،
لڳي ٿي چو .نہ يا رب باهہ اڄ صحن گلستان ۾.

هو گل رخ آهي ۽ گلگون سندس آهي گلن سان دل،
مثالِ بوءِ گل، يا رب وڃان مان بزمِ جانان ۾.

ڪري ويٺو جو تو سان همسري تنهين زماني ۾،
ٿيو آ شرم ڪان ڏس داغ ڪارو ماهِ تابان ۾.

نہ ڏي طعنا ڪڏهن پيي بت پرستيءَ جا تون اي واعظ!
عجب ڇا؟ ساهہ جي پئجي وڃي تصويرِ جانان ۾.

مهہ ڪامل جي چوڌاري ستارا جيئن ڪٺيل آهن،
رخ زيبا اچي اهڙو نظر ٿو وچ چراغان ۾.

اگرچہ لک مون سمجهايو، مڃو هرگز نہ ڪجھہ "خادم"،
ڏنائين تڙپي تڙپي جان آخر عشق خوبان ۾.



## عبدالڪريم ”گدائي“

[جنم: 1- جنوري 1901ع، وفات: 28- جنوري 1978ع]

### ڪلام

هڪ دفعو تو جا ڪئي بادِ دگر پيي ٿيندي،
ڪا عنايت جي نظر رشڪِ قمر پيي ٿيندي.

انتظار آهي قيامت جو روح گهڻجي ٿو،
ڪجهه خبر ناهي ته هي رات گذر پيي ٿيندي.

جن کي آهي نه ميسر هتي مانيءَ جو گِيو،
اهلِ دولت کي انهن جي ڪا خبر پيي ٿيندي.

چو ڪجي فڪر جي اڄ آهي انڌيرو چانيل،
رات ڪان پوءِ يقين آهي سحر پيي ٿيندي.

چا ڪندا مون کي ”گدائي“ هي زماني جا ستم،
زندگي آهي ته ڀهر طور بسر پيي ٿيندي.



## پير سيد صبغت الله شاهہ ثاني

[جنم: 6- مارچ 1909ع، وفات: 20- مارچ 1943ع]

# ڪلام

مون کي هٽي ڪر حادو، سهڻا يار دل لُٽي وئين،
ڪري چشمن سنبر ڪا چالو، سر ساهہ ہئي سٽي وئين.

ڪري پهريئون مليون تو ڳالهيون، وڌئي يار دل کي دواليون،
هٽي نيڻن سنديون دوناليون، منهنجا دوست دل ڦٽي وئين.

عشق تنهنجو آهہ قهري، مثل يرا باز بحري،
وٺي بلبل جيئن ٿو سحري، تيئن جهٽ منجهہ دل جهٽي وئين.

'صبغت الله' جي سڻ تون زاري، ڪر ڪا سجڻ ستاري،
هيڪر ڏيئي ڏيکاري، منهن پوءِ چو مٽي وئين.



## نارائڻ شيام

[جنم: 25- جولاءِ 1922ع، ديهانت: 10- جنوري 1989ع]

# ڪلام

ڪيڏو سورن جو سامان،
سک جو هو نہ ڪوئي امڪان.

سيتل ڇايا ڪنهن جي ياد،
رڻ جو پنڌ ٿيو آسان.

تنهنجو صدين جو وشواس،
تنهن پر منهنجو هاڻ گمان.

ڦوٽو پاڻيءَ جو هو ڪالهہ،
اڄ تہ اٿاهہ سمنڊ انسان.

جاڳيو آهين ٿيءُ سجاڳ،
ڪيسين سپنن جو احسان.

صبح ڪ شام جي آهہ شفق،
"شيام" اٿيئي ڏس جو ڏيان.



## رشيد ڀٽي

[جنم: 6- جولاءِ 1933ع، وفات: 16- فيبروري 1988ع]

# ڪلام

هليا ساقي هتان ويندا تہ ميخانن جو ڇا ٿيندو،
جي ٿيندا بند ميخانا تہ مستانن جو ڇا ٿيندو.

اسان جي آرزو آهي چمن کي گهر بنائڻ جي،
خزان بڻجي بهار آيو، ارمانن جو ڇا ٿيندو.

هزارين داستان هن دل جي گهرائيءَ ۾ مون سانديا،
جي منهنجي دل شڪستہ ٿي تہ افسانن جو ڇا ٿيندو.

جي هوندي سوز ساماٽي تہ محفل رنگ لائيندي،
وسامي شمع جي وئي تہ پروانن جو ڇا ٿيندو.

ماضيءَ تي تا پاڻ پڏايو، حال ۾ کهڙا آهيو!
پوئتي ڏسبو اڳتي وڌبو، ڪيئن پلا سمجهايو!
اُٺ پڪيءَ جان واريءَ ۾ تا، پنهنجو مُنهن لِڪايو!
پيالو مون تہ پريو آهي پر، اوهان بہ هٿ وڌايو!
ماضيءَ تي تا پاڻ پڏايو!

- **تنوير عباسي**

# شاعري

**نثر ۽ نظم ۾ فرق**

بظاهر ته نثر نگار ۽ شاعر ٻئي تخليقڪار هوندا آهن ته به سندن حدون الڳ. مقرر ٿيل آهن. نثر ۽ نظم ۾ اسلوب بيان جي لحاظ کان گهڻو فرق آهي. شاعر جا تجربا منظوم شڪل ۽ بحر وزن سان نروار ٿيندا آهن ته نثر نگار پنهنجن خيالن. تجربن ۽ مشاهدن کي پوري غور و فڪر ۽ Calculation سان پنهنجي اظهار جو وسيلو بنائيندو آهي. نثر ذهني وسعتن جو امين آهي. شعر جو دارومدار جذبي ۽ تخيل تي آهي. شعر منظوم ڪلام آهي ته نثر موزون.

هن وقت جديد شاعري ۾ نثر اڻو نظم پڻ گهڻي قدر رائج آهي. شروع واري دور ۾ لالچند امرڏني مل جو "سدا گلاب" نثر اڻو نظم طور شمار ٿئي ٿو. هي هڪ ڪتاب نثر ۽ نظم جو سهڻو ميلاپ آهي. نثر اڻي نظم ۾ سنڌي ۾ ڪافي ڪتاب آهن. هن ڏس ۾ شيخ اياز. نور الهديٰ شاهه. تنوير عباسي ۽ ٻين شاعرن لکيو آهي. (شيخ اياز جو دعائيه نثر اڻي نظم تي مشتمل ڪتاب "اتي اور الله سين". اهم ڪتاب آهي). وري به باقاعده نثر هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو. نثر ۾ شعريت اچي سگهي ٿي. پر منجهس شعر نٿو سمائي سگهجي. نثر ۾ جيڪڏهن شاعرانه عناصر زياده نمايان ٿي وڃن ته ان کي شاعرانه نثر چئي سگهجي ٿو. نثر جو لکندڙ ٻهرين کان موجود مواد کي تخليق ڪري تعمير ڪري ٿو. جڏهن ته شاعر پنهنجي شعر جي مواد کي سڌو سنئون تخليق ڪري ٿو.

**- پروين موسيٰ ميمڻ**

سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس، ص 3
ڇپائيندڙ: هائير ايجوڪيشن
ڪميشن اسلام آباد 2008ع

# سنڌ اسيمبلي ڪراچيءَ ۾ بورڊ جي مِني بُڪ شاپ جو افتتاح



اسپيڪر سنڌ اسيمبلي جناب نثار احمد کهڙو صاحب، سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيل بورڊ جي بُڪ شاپ جو افتتاح ڪري رهيو آهي. جناب مخدوم جميل الزمان چيئرمن بورڊ ۽ صوبائي وزير بين الصوبائي رابطا حڪومت سنڌ، صوبائي وزير جناب اياز سومرو، جناب جام مهتاب ڏهر، جناب مظفر حسين شجراع به ساڻن گڏ آهن. (3- جون 2011ع)



اسپيڪر سنڌ اسيمبلي جناب نثار احمد کهڙو صاحب صحافين کي پريس بريفنگ ڏئي رهيا آهن. جناب مخدوم جميل الزمان صاحب به ساڻن گڏ آهن.



صوبائي وزير جناب ڊاڪٽر موهن لعل ڪوهستاني افتتاحي تقريب دوران پنهنجا تاثرات لکي رهيو آهي، مسٽر الهڏنو وگهيو (ايڊمنسٽريٽر) به بيٺل آهي.

# وائيس چيئرمن صاحب کي ڏنل الوداعي پارٽي



جناب شيخ عزيز وائيس چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ کي، سندس مقرر مدي ختم ٿيڻ تي بورڊ جي ملازمن پاران ڏنل الوداعي پارٽي ۾ جناب شيخ عزيز ۽ الهڏتو وگهيو (ايڊمنسٽريٽر) خطاب ڪري رهيا آهن. (28- جون 2011ع)



جناب شيخ عزيز کي مسٽر الهڏتو وگهيو، محترمہ گلبدن جاويد ۽ مسٽر سڪندر علي شاهہ گلن جا هار پارائي رهيا آهن. جناب شيخ عزيز صاحب سان گڏ بورڊ جو جنرل سپروائيزر گل حسن درس سروري بہ بيٺل آهي.



وائيس چيئرمن صاحب کي ڏنل الوداعي پارٽي دوران بورڊ جي ملازمن جو گروپ فوٽو



## يوسف شاهين

# آهي نہ ڪنهن جي
# جهڙي پنهنجي پوءِ ٻلي آ!

هيءَ ڳالهہ انهن جي آهي
جي ويا مُنهڙو مٽائي
ٻولئہ راڻا، هيرن هاڻا
ڀيڀ ڀچن ٿا
توڪ، ساريو، سڀ لُچن ٿا
ڇڏي ماڻا، هاڻ هلي آ
پنهنجي سَهنجي، پُونءِ ٻلي آ
آهي نہ ڪنهنجي، جهڙي پنهنجي
پُونءِ ٻلي آ، هاڻي هلي آ
ڇڏي ماڻا، هيرن هاڻا، هاڻ هلي آ.

پَٽ پيارا، نِتِ نظارا
تنهنجو ڀچن، سيئي سارا، جيءَ جيارا
ٻوليون چون، ڪوليون چون
آهي نہ ڪنهنجي، جهڙي پنهنجي
پُونءِ ٻلي آ، هاڻ هلي آ
ڇڏي ماڻا، هيرن هاڻا، هاڻ هلي آ.

اچن شال، ڪري ڀال
ٻڏان ٻيهر
ٻول انهن جا، قول انهن جا
ٿين وري چؤٻول انهن جا
وَڻ وَڻ وائي، آهي اهائي
پنهنجي سَهنجي پُونءِ ٻلي آ
آهي نہ ڪنهنجي، جهڙي پنهنجي
پونءِ ٻلي آ، هاڻي هلي آ
ڇڏي ماڻا، هيرن هاڻا، هاڻ هلي آ.

اُيو يوسف، نِتِ نهاري
سڄڻ ساري، ڪانگ اُڏاري
هي وڇوڙو، هاڻ ماري
ڪيئن گذاري
هيڪل هيڪل، هَنجون هاري
هيئن چوي ٿو
پنهنجي سَهنجي پُونءِ ٻلي آ، هاڻ هلي آ
آهي نہ ڪنهنجي، جهڙي پنهنجي
پُونءِ ٻلي آ، هاڻ هلي آ
ڇڏي ماڻا، هيرن هاڻا، هاڻ هلي آ.

## پروفيسر محبوب سروري

# نظم

سنڌي تهذيب جي سرهاڻ سان مون کي محبت آ،
خدا جو سُنهن! منهنجي مهراڻ سان مون کي محبت آ!

گهٽين قومن سندا ڪيئن گل، ڪِڙي پيا سِنڌ جي گلشن ۾،
انهيءَ خوشبو ڪٿوري ڪاڻ سان مون کي محبت آ!

منهنجي محبوب ﷺ کي ”ٿڌڙي هوا مشرق کان آئي هئي“،
انهيءَ هڪ سنڌ لئه اهڃاڻ سان مون کي محبت آ!

ڪئي تعريف سنڌ جي سونهن جي تاريخدانن آ،
حسين چهرن سنڌي چانداڻ سان مون کي محبت آ!

سگهڙ، شاعر ۽ دانشور، ڪچهريون قرب جون ٿا ڪن،
محبت جي انهي مانداڻ سان مون کي محبت آ!

حقن جي واسطي ٿو جنگ جوٽي جبر سان جيڪو،
انهي سورهيه سنڌي سرواڻ سان مون کي محبت آ!

سنڌين جي واسطي جو ساھ سر کي ٿو ڪري صدقي،
ابوجهن جي انهي اڳواڻ سان مون کي محبت آ!

سنڌي مان ”سروري“ آهيان، سنڌين مان مون کي پيار آهي،
ڪٿي چئجي تہ پنهنجي پاڻ سان مون کي محبت آ!



## غلام حسين رنگريز

### غزل

اُهائي هستي، اُهائي مستي اجا اُمنگون جوان آهن،
اجا آ ساغر جو دور جاري، اجا تہ رنگين جهان آهن.

حِنا جي خوشبو اجا اچي ٿي هٿن تان ميندي لٿي نہ آهي،
حسين ماڻهو اسان جي لاءِ تہ ديوتائن سمان آهن.

اجا سُهائي بہ آهي ساٿي، اسان نہ همت ڪا آهي لاٿي،
اجا تہ اُوندهہ نہ آهي چانئجي ۽ نُور جا ڪي نشان آهن.

ٻہ چار پلڪر ٻہ چار مُرڪون لوهان ڪان مليو سي ڪوڙ آهن،
اوهان جي پاڪر پريءَ ۾ سارا زمان آهن مڪان آهن.

پيار جهڙي پياري شيءِ سان پيار ڪوئي گناهہ نہ آهي،
پيار جن جو ايمان آهي، اُهي تہ ماڻهو مَهان آهن.

اندر مان اُڀري اچي ٿي جيڪا، اُهائي رنگريز شاعري آ،
سرور جنهن ۾ ۽ شور جنهن ۾، ٻيا تہ خالي بيان آهن.

### غزل

رات ڪاري قهر جهڙي،
هر گَهڙي آ زهر جهڙي.

چين چائي ڪنهن ڏني آ،
بي قراري بحر جهڙي.

بنسري جي ڦُوڪ ۾ آ،
ڳالهڙي ڪنهن سحر جهڙي.

ڪهڪشائون ڳهر ۾ هن،
دل آ اُجڙيل شهر جهڙي.

چيٽ- چاندوڪي لڳي ٿي،
سانتيڪي نهر جهڙي.



## ڪوثر هالائي

### نظم

سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾،
ستارا، ڪيترا آهن،
انهيءَ جا پيچرا ۽ رنگ،
سارا، ڪيترا آهن،
لهن ٿا لڪ سندس لهجا،
سڄي دنيا سجائي ٿي،
پٽائي! تنهنجي ٻوليءَ مان،
هوا ڪو پن نہ چاٽي ٿي،
سنڌي ٻوليءَ جا ٻوليندڙ،
پيارا، ڪيترا آهن،
زمانن کان مڪانن کان،
سدا سر موڙ، ٻولي آ،
ڪٿا کهڙي ڪجي هن جي،
جُڳن جو جوڙ، ٻولي آ،
اگر سمجهڻ جي چاهين ها،
اشارا، ڪيترا آهن،
اتر پرديش جي ٻولي،
رڳو افواهہ، جهڙي آ،
ڦٽي ٿو جو بنا مُند جي،
انهيءَ ڪنهن گاهہ، جهڙي آ،
تنهنجي ٻوليءَ ڪيا ڪنڌ ۾،
گذارا، ڪيترا آهن،
جوڙي جا جيءَ ۾ جايون،
اُها ٻولي، اسان جي آ،
جيڪا ٿانئن مٿان ڊوڙي،
اُها ٽولي، اسان جي آ،
انهيءَ ٽوليءَ ڏي ڏس نينهن جا،
نظارا، ڪيترا آهن،
ٻيلي! ٻاجهاري ٻوليءَ جون،
گُنر گاهون، هزارين هِن،
هِتان خطرو هتان لوڏو،
ٿيون ڪاهون، هزارين هِن،
انهيءَ لوليءَ جي ٻوليءَ لئہ،
سهارا، ڪيترا آهن،
سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾،
ستارا، ڪيترا آهن.

## روبينہ ابڑو



## غزل

توڙي جو پنڌ پهاڙن جو،
چو سوچين ساٿ سهارن جو.

ڪو خاموشيءَ جو ساز سُڻي،
ڪو ڄاڻي راز اشارن جو.

چو موکي مَٿ چڙهي هاري،
ڇا ٿيندو هاڻ اُجارن جو.

تا دور هلن دلداريءَ جا،
هيءَ ديس نہ آ دل وارن جو.

هر خوشبو قيد و بند ڪيو،
جي وس هلي تو پارن جو

ڪو ورهين ڪان پوءِ واند وريو،
جڻ پاڳ ڪُلي پيو چارن جو.

هئي جن جي سارَ سدا توکي،
اڄ خيال نہ تن ئي پيارن جو.

ڪي پاڳل نيڻ اُجهامي ويا،
ڇا ٿيندو هاڻِ نظارن جو؟

اڄ، اوسيئڙي جي مند ڪٽي،
آيو آ جهول بهارن جو.

بس تِڪَ منجهاران ترندي رهہ،
تون سوچ نہ اڄ ڪنارن جو.

◘

## وسيم سومرو

### غزل

سنڌو تنهنجي جر جي جهولي ٻڏندي ڪانهه،
مون کي پڪ آ، منهنجي ٻولي ٻڏندي ڪانهه!

گهر جا ڀاتي سڀ پريندي پاکر ۾،
آيل جي جذبن جي چولي ٻڏندي ڪانهه!

سياست پنهنجا رنگ مٽيندي رهندي پر،
سارين جي هيءَ رُت رَتولي ٻڏندي ڪانهه!

آنڌين جا طوفان ته ايندا ويندا پيا،
چانڊوڪين جي روشن چولي ٻڏندي ڪانهه!

بيمارين جا حملا ٿيندا لک مگر،
ٻارن جي ٽهڪن جي هولي ٻڏندي ڪانهه!

ڏهه ڏهه ڀيرا ڪوشش پنهنجي ڏمر ڪندو،
ها پر ايڏو سهڻي سولي ٻڏندي ڪانهه!

سنڌ اُجالن، اهڃاڻن سان جيئندي پئي،
ڪابه ڳجهارت، ڪابه پرولي ٻڏندي ڪانهه!

## اَمر کُهاوڙ

### نظم

### سنڌي ٻولي، قومي ٻولي

تنهنجي ٻولي، منهنجي ٻولي،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.
جنهن ۾ ٻاتا ٻول چياسون،
جنهن ۾ لکپڙهه پاڻ سکياسون،
جنهن ۾ قرب جا قول ڪياسون،
جنهن ۾ ماءُ ڏني ٿي لولي،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

جنهن ۾ شاهه لکي آ وائي،
سهڻي سچل ڀي آ ڳائي،
خوب اياز به آهي ٻڌائي،
آمر، جابر جي لئه گولي،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

جا شيام، ڪمل، اُستاد لکي،
جا بيوس، گل، امداد لکي،
جا تنوير، ادل ۽ شاد لکي،
ڪيڏي سهڻي، سادي، سولي،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

پنهنجي ٻولي هند به رهندي،
ٻوليءَ سان گڏ سنڌ به رهندي،
آڇي پنهنجي جند به رهندي،
رهندي عيد، ڏياري، هولي،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

تون به اُٿي پئو، مان به اُٿيو هان،
ڏس! ڏُور نه آهيون منزل کان،
ڪُل سنڌ اُٿي آ نعرن سان،
"سنڌي ٻولي، قومي ٻولي".

## گل ٽڪڙائي



## نظم

هوا لڳڻ سان اُجهاميو آ،
جلايو جيڪو اسان ڏيو آ.

گناهہ ڪنهن جا ڳڻيون پيا ٿا،
ڪڏهن نہ پنهنجي ڪي جانچيو آ.

جهان جاڳي ٿو گيت ڳائي،
اجا بہ سنڌي نہ جاڳيو آ.

دوهي جي دل ۾ دُکن ٿيون يادون،
ءَ سورني سان فريب ٿيو آ.

گلال چهري مٽي پيو وکري،
بهار شايد اچي ويو آ.

رَئي تي مُرڪي آ پنهنجي جانان،
حَسين ٽيڙو هي ٽانڪيو آ.

ويو ڪو صحرا ۾ آهي پُلجي،
پياسو سوئي تہ موٽيو آ.

انيڪ سپنا اچڻ لئہ آتا،
اُنهن جو رستو ويو روڪيو آ.

اُماس راتين ۾ روج راڙو،
هِنيو تہ خوشبوءِ جو ڦاٽي پيو آ.

وسارجو "گل" پلي اوهين پيا،
مگر اوهان جو سو سنڌيو آ.

## رحمت سومرو

## ڏيڍوٽا

اهڙيون بہ نهارون هِن.
جڪي پن چڻ جيون لئہ، پرپور بهارون هِن.

•

جنهن ويل نهاري ٿي.
منهنجي اجڙيل جيون جي، چڻ سينڌ سنواري ٿي.

•

هر ديد دعا آهي.
شل تنهنجي نيڻن ۾، ٿئي عيد دعا آهي.

•

ڳالهاءِ ڪٽي هاٽي.
لفظن ڪي نند منجهان جاڳاءِ ڪٽي هاٽي،

•

دلجاءِ اڪيون هن جون.
جنهن جاءِ ملي راحت، سا جاءِ اڪيون هن جون،

•

جنهن ڏي بہ ڏٺو نيڻن.
هر ماٿهو ۾ هڪڙو، نئون درد لٿو نيڻن.

# عاجز اُچڻ

## نظم

اجا ﮪ رات اَجهاڳ آ،
اجا ﮪ رات اَجهاڳ آ.

او همسفر هوشيار ٿي، اجا ﺗﮧ منزلون پري،
اجا ﮪ لُڪَ پئي لڳي، اجا ﮪ ڏينهن پيو ٻري،
اجا ﮪ قسمتون سُتل، اَنگهَن تي روح آ ٽنگيل،
اجا سويرو دور آ، پرينءَ جو ديرو دور آ،
اجا جلي ﻧﮧ جاڳ آ، اجا ﻧﮧ جاڳيو ڀاڳ آ،

اجا ﮪ رات اَجهاڳ آ،
اجا ﮪ رات اَجهاڳ آ.
منزلن ڏي، ماڳ ڏي، وِڪون سيئي گَڏي کڻو،
اچو مِڙي مُڙهِي ٿيو، متان ٿيو ڇڻو ڇڻو،
پرينءَ جي پار ڏي هلو، پنائي ٿيندو پرجهلو،
مِٺين اکين جو آ قسم، قسم آ سنڌ جو قسم،
هو سنڌ جو سهاڳ آ، هُو بيوسن جو ڀاڳ آ،

اجا ﮪ رات اَجهاڳ آ،
اجا ﮪ رات اَجهاڳ آ.
لهوءَ جِي لال لاٽ مان، رَڱي ريٽو کڻو ڪفن،
هجي رڳو زبان تي، وطن وطن، وطن وطن،
دلين جي ڌڙڪَ ڌڙڪَ تي، قدم وڌي وڌي کڄي،
ميدانِ ڪارِ زار ڪان، پرينءَ جي پياري پارَ ڪِلِن،
وري ﮪ جنهن جِي واڳَ آ، اهو انهيءَ تي داڳ آ،

اجا ﮪ زات اَجهاڳ آ،
اجا ﮪ رات اَجهاڳ آ.

# محبوب پٽي

## غزل

شايد ڪوئي در تي آهي،
واس وسي پيو گهر تي آهي.

جنهن جو پير ابر تي آهي،
ڪرندو نيٺ قبر تي آهي.

قاتل آخر سامهون ايندو،
نانءُ لکيل خنجر تي آهي.

جهيڙو سارو زر تي آهي،
بانور هٿ جي مر تي آهي.

سِيرَ ٽپي آ مون هيءُ جاتو،
خطرو صرف ڪپر تي آهي.

ڪوڙ ۾ ڪهڙي طاقت آهي،
ريت وچايل جر تي آهي.

جيئرا ماڻهو فٽ پاٿن تي،
ڪيڏو محل قبر تي آهي.

## غزل

يار ڪو اهڙو مچ،
وگهري من جو ڪچ.

ڪوڙ ڪروڌي آهي،
سندرتا هڪ سچ.

ڪوبہ نہ تنهنجو دشمن،
پنهنجو پاڻ کان بچ.

دنيا جي هيءَ دولت،
پاڻيءَ ۾ جيئن گچ.

منهنجي من ۾ اوندهہ،
چانڊوڪي تي اچ.

اگر قلندر آهين،
ٽانڊن تي تون نچ.

سبق نہ ڪوئي ورتم،
عمر گذاريم گچ.

# نور راهوجو

## اجرو احساس

سياٽي جي سوپ جا
سدائين ٻهڪندڙ،
جڳمڳ جڳمڳ جرڪندڙ
او اجرا احساس!
تون ساڪي رهجانءِ،
اسان سدائين تنهنجي
راهن ۾ ئي رهياسين!
ڪڏهن ۽ ڪٿي پي
جي خطا ڪا تي هوندي
مگر نيتن جو عمل
ڪوڙو نہ هوندو!
ڪٽي جي ڪي گهڙيون
رُج ۾ رلياسين
پر رکيوسون جلائي
پنهنجي نيٽن کي
باس جي ڏيئن جيان
۽ سيني تي سوين
الزامن ۽ تهمتن جا
ميڊل لڳائي
پاڻ ئي پنهنجي گهر ۾
اٿهوند جا پاڇا سجائي
ڪڏهن ۽ ڪنهن
مارڪسي منظر تي
اکين ۾ اوچتو
ٻہ چار لڙڪ آيا بہ هوندا
مگر مُک تي مرڪون پکيڙي
لڪايوسون جذبات کي
هوند/اڻ هوند جا سمورا
رشتا ٽوڙي!
ڪنيوسون آس کي
۽ رکيوسون روشن،
اجري احساس کي



## خليل عارف سومرو

### وائـــي

أجايل اکين جي،
نِماڻي کٽا.

ودي وڻ ڇڏيائون!
اُڏاڻل پکين جي،
نِماڻي کٽا.

ها قانون پاران،
جلايل جُهڳين جي،
نِماڻي کٽا.

صفا سادگيءَ سان،
ملهايل خوشين جي،
نِماڻي کٽا.

هي تاريخ ”عارف“،
لکيل آ صدين جي،
نِماڻي کٽا.

### غزل

گيت وايون غزل سُخن ڪاغذ،
ڪين ڪنهن جو بہ آهي، فن ڪاغذ.

هن اڏيو گهر اکين دلين اندر،
شاعريءَ جو نہ هو وطن ڪاغذ.

هو هوا ڪان بہ هلڪي ڦُلڪي هئي،
وار ها ريشمي بدن ڪاغذ.

سونهن سُرهاڻ جو بدل ٿي پيو،
جو تہ تنهنجي ڇُهيو هٿن ڪاغذ.

تون تہ بي جانَ چيز هين تو ڀر،
لفظ جي ساھ ٿا وجهن ڪاغذ.

يادگيريون سندس لِکان وينو،
ءُ پيا ٿا پڃن پُسنَ ڪاغذ.

رنگ جن ڀر پريا هئا ”عارف“،
اڄ اُهي ئي ٽيس ڪفن ڪاغذ.

## حبدار سولنگي

### غــزل

جلائي نيڻ، ٽِيُن دلڪشين کي ساريون ٿا،
اسان اڃا بہ اڌورين خوشين کي ساريون ٿا.
انيڪ نيڻ اُجالا ڪٽي ڪَٽي ٿا هلن،
سفر ۾ رات سڄي سانورين کي ساريون ٿا.
اسان اُداس گهڙين جي نراس اوندهہ ۾،
محبت جي حسين روشنين کي ساريون ٿا.
حسين پهرَ، محبت جا سلسلا، تون مان،
ڇُهاءُ، ٻَڪَ، ادائن، چُمين کي ساريون ٿا.
لکئون ٿا گيتَ جڏهن پي گلاب لمحن جا،
اوهان سان گڏ گذاريل گهڙين کي ساريون ٿا.
ٻِڙي پئون ٿا محبت جو موهہ ڇُهندي ئي،
خُمارجي ٿا وڃون، عاشقِن کي ساريون ٿا.

### غــزل

هي ڪڪر، هِيءَ ڪنوڻ، هيءُ وحشي هوا،
وڻ بہ ڇرڪي پيا، ائين آئي هوا.
پرهہ تائين اکيون ڪين بند ٿي سگهيون،
مون کي ٿڦڪيون هڻي پيئي ٿڪجِي هوا.
گُلبدن، چاندني، رات، خاموش پَل،
خوشبو خوشبو اڱڻ، ڏيمِي ڏيمِي هوا.
شال تنهنجون اکيون مُرڪنديون ئي رهن!
شل نہ توکي ڇُهي ڪابہ ڪوسِي هوا.
هوءَ جاڳي نہ پَنُ پَنُ بہ جاڳي پيو،
جيئن جو آرسُ ڀڃائين تہ ٿڪِي هوا.
جنهن مهل هُئي گلابن سان ڪيڏِي هوا.

### اياز اڇي ٿو

اُڀ تي ڳاڙهي باک ڦُٽي آ،
مِٽيءَ تي خوشبو ٿي مهڪي،
آهي ڪيفُ عجيب فضا ۾،
ڄڻ ڪو جادو آهي هوا ۾،
سونهن، سڳنڌ گُلن تي آئي،
پوپٽ آيا ڪٽي واڌائي،
سنڌڙي تنهنجي ساک سجائي،
تو ۾ هڪڙو شاهہ ڀٽائي،
۽ ٻيو هيءُ ڪوي آيو آ،
جنهن وٽ ڏات· انوکي آهي،
سچ جو هيءُ سهيوڳي آهي،
ڪو جهونجهار ۽ جوڳي آهي،
جنهن جو پنڌ انت، انوکو،
صدين جي ماپن کان اوچو،
هو جئن نهنا نيڻ ڪٽي ٿو،
چوڏس سچ جو سازُ وڄي ٿو،
۽ هڪڙو آواز اچي ٿو،
هو ڏس سنڌ 'اياز' اچي ٿو.

# پريم پنافي

## غزل

سهڻو ۽ سهل آهين،
سنڌيءَ جو غزل آهين.

تون سنڌ اَيامن کان،
ڪربل جي مثل آهين.

ڪونئر تو ڪسيا ڪيڏا،
اي موت! اٽل آهين.

سگهجي نہ وڃائي سو،
موقعو ۽ مهل آهين.

ايندين نہ وري واپس!؟
چا وقت وَيل آهين؟

هو مُڄ تي ستارن جان،
جڻ پرت پريل آهين.

او سنڌ جا ماٺهو تون!
پنهنجن جو ڏنگيل آهين.

## غزل

هِي جو آ انسانُ مٽيءَ جو،
ٿيٽو آ مهمانُ مٽيءَ جو.

سجدا ڏيندي مَلڪن سوچيو،
ڪيڏو آهي مانُ مٽيءَ جو.

تنهنجي دم سان پٽ ڏٽيءَ!
ٿي پيو مانُ مهانُ مٽيءَ جو.

اڄ پڻ جوڙي وينو رَزميو،
ساڳيو ياڳو ياڻُ مٽيءَ جو.

مَن جي اندر مندر جوڙي،
ٺاهيو ٺر پڳوانُ مٽيءَ جو.



# سيف الحق سيف

## غزل

لمحو لمحو هرجائي آ،
جيون انت اڪيلائي آ.

ملندي ڪنهن بہ سڄاتو ناهي،
سورن صورت بدلائي آ.

تنهنجي يادن جا ٽورا جن،
شامر اسان جي مهڪائي آ.

مرندو پر مات نہ کائيندو،
آزاديءَ جو شيدائي آ.

پنهنجي مطلب خاطر ڪوڙي،
ڳالهہ تہ ڪيڏي ڦيرائي آ.

ڌرتي ڏن تي جنهن بہ ڪپائي آ،
تنهن پاتي منهن ۾ ڇائي آ.

چوڏس خوشبوءِ خون ڪٿوري،
مقتل ڪنهن ڙي مهڪائي آ.

جهڙ ڪن آ ساٿ هي يارن جو،
پوءِ تہ اُهائي تنهائي آ.

هُن ڪي ايڏا غمر نہ ڏيو ڙي،
"سيف" اڳي ئي سودائي آ.

## غزل

سمجهہ کهڙي ڏجي اياڻن کي؟
سوچ ناهي جڏهن سياڻن کي!!

پرت تنهنجي هڻن جو ڏسندي مون،
رات آلو ڪيو وهاڻن کي!

بي سهارا رهيا سدائين هو،
در تان هرڪنهن ڌڪيو نماڻن کي!

پرڏجي ڏنڊ ۾ وئي آ هوءِ،
سڏڪندي پئي سڏي اباڻن کي.

سمنڊ جي ڇڪ اٿن صدين کان ئي،
ڪير روڪي پلا مُهاڻن کي؟

# رحمت الله پيرزادو

## غزل

اسان کي سُور سانڍين ٿا، تڏهن صحرا رُليا آهيون،
اسان سان درد جا رشتا، تڏهن صحرا رُليا آهيون.

تڏهن صحرا رُليا آهيون، جڏهن ماڻهن ستايو آ،
جڏهن ٿيا اوپرا چهرا، تڏهن صحرا رُليا آهيون.

ڪڏهن ڪوئي هليو ناهي ڪنن دنيا جي رستن تي،
هليا هن ساڻ جو پلڇا، تڏهن صحرا رُليا آهيون.

ڪڏهن ايندين وري مون ڏي؟ پرينءَ وانگر پڇن ٿا پيا،
اسان ڪان يار ڪوهيڙا، تڏهن صحرا رُليا آهيون.

بظاهر جهول خالي آ، رُلن ٿا پوءِ بہ جوڳيڙا،
نہ ڄاڻين تون مليو ڇا ڇا، تڏهن صحرا رُليا آهيون.

جڏهن صحرا رُليا آهيون، تڏهن ئي پاڻ مليو آ،
جڏهن پيي پاڻ مليو آ، تڏهن صحرا رُليا آهيون.

## غزل

پرين بي تاب آهيان مان، مٽيءَ ۾ مان نٽو ماپان،
مٽيءَ جو خواب آهيان مان، مٽيءَ ۾ مان نٽو ماپان.

مٽي منهنجي مقدس آ، خدا ڳوهي تہ هٿڙن سان،
هٿن جو تاب آهيان مان، مٽيءَ ۾ مان نٽو ماپان.

هڏن ۽ جسم جي دنيا رڳو ناهيان، رڳو ناهيان،
ڪوئي اسباب آهيان مان، مٽيءَ ۾ مان نٽو ماپان.

اکين کي عشق جي عادت، عُمر ساري روئاريو آ،
اکين جو آب آهيان مان، مٽيءَ ۾ مان نٽو ماپان.

وڄي ٿو ساز پيو حق جو، ٽپي ٿو روح پيو هاٿي،
ڪوئي مضراب آهيان مان، مٽيءَ ۾ مان نٽو ماپان.

مٽي منهنجي ڪٽي وئي آ، عبادت عشق جيءَ ۾ اڄ!
ڏکن جو باب آهيان مان، مٽيءَ ۾ مان نٽو ماپان.

# عاجز عزيز کوسو

## غزل

ساهُ دل تي اُڀار جانان، اجا تماشو ٿيا ئي ناهيون،
اکين جي سرگم اُلار جانان، اجا تماشو ٿيا ئي ناهيون.

اجا صبح آ گلن ٽڙڻ جي، خزان تي سوچڻ فضول آهي،
شعاع کو دل تي سنيار جانان، اجا تماشو ٿيا ئي ناهيون.

لِکل اسان کنهن سخي لمحي ۾، دفن رهي ڪٿان اسان جي،
اها ڇڏي ڏي پچار جانان، اجا تماشو ٿيا ئي ناهيون.

سماج پنهنجو رذيل آهي، اُنهي جي فتويٰ پڙهڻ ڇڏي ڏي
چمين جي خوشبو اُڏار جانان، اجا تماشو ٿيا ئي ناهيون.

ڪٿي رهي ٿي گلن ڪي معنيٰ، جڏهن قبر تي سمهي پون ٿا،
جيئڻ ٿو چاهيان جيئار جانان، اجا تماشو ٿيا ئي ناهيون.

اُٿي ڀڻائي اياز چئي ٿو، ڳلن تان ڳوڙها ڌمي پياهِن،
وجد ۾ آهي ڄمار جانان، اجا تماشو ٿيائي ناهيون.

## غزل

ڇڄي پيا ڇوهه سڀ دل جا، وري ڪا ياد جو آئي،
ڀلا ڇو دور ڀاسين، اهو ئي سوڳ ويو ڪائي.

ڇيو هو تو ڪٽي، چمين جو چنڊ شاهد آ،
رڳو دل تي پڙاڏي جيئن، وڃي ٿي ڳالهه پئي ٻسائي.

مٽيءِ جي گهر جي چائوڪٽ تي، پريو پي رات جو ڏيئو
لڳو هڪ واءُ جو جهونڪو، ڪري ويو ڀاڪ اونڌائي.

ٽڪي پيو شهر آ ڪيڏو ڪراڙيءِ جي صدائن مان،
چوي ٿو دور جو حاڪم نہ ٿي ڀاڳهل ڀني ڪائي.

وڄت اندول[1] جي سامهون، پيو هو ساهه ڳوڳي[2] ۾،
جڏهن سوڍي[3] هئي ڳائي، لطيفي لاٽ ۾ وائي.

[1] اندول. راڳ
[2] ڳوڳو. جوڳين جو پيز
[3] سوڍو: سوڍو جوڳي راڳي

## امين پيتو

### غزل

ڪانہ محفل اُداس آهي اڄ،
بي سبب دل اُداس آهي اڄ.
مون کي مارڻ کان پو پيي هي يارو،
.منهنجو قاتِل اُداس آهي اڄ.
تنهنجو مرڪڻ اهو نہ آ مرڪڻ،
تنهنجي کِل کِل اُداس آهي اڄ.
ڪونہ ماڻي سگهيو محبت کي،
شخص غافل اُداس آهي اڄ.
سڀ مهاڻيون سمهي پيون آهن،
۽ هي ساحل اُداس آهي اڄ.

### غزل

اکين ۾ ترس ڪجهہ آوارگي گهڻجي،
نہ آهين تون تہ ڄڻ ٿي زندگي گهڻجي.
سدائين پيار جو پيڪر رهين تون شل،
نہ تنهنجي زندگي ۾ ڪا خوشي گهڻجي.
اچڻ سان باغ ۾ پؤنرا ڏين پيرا،
وڃڻ سان ٿي گلن جي تازگي گهڻجي.
چني تنهنجي بہ چهري تي نہ آهي پو؟
پلا ڏسن ڪيئن گهر ۾ روشني گهڻجي.
وڏي توڙي ويا هن مرض دل جا،
مگر ڪاٽي اجا پئي عاشقي گهڻجي.

## زاهد امروز

### نثري نظم

### پنهنجي اندر مان رستي جي تلاش

ديوار منهنجو عقيدو رهي آهي
عقيدو اهوئي پڏائي ٿو
قيد ماڻجي پيٽ مان جنم وٺي ٿو
منهنجا آواز ديوار ٽٽا ٽپي سگهن
تہ اندر جي خلا ڪيئن عبور ڪندا
اُڄ اجهاڻ جي لاءِ
مون کي پنهنجا ئي چپ چوسڻا پوندا
آءٌ پنهنجو جسم ڪٽان ڪٽان ڏنگيان
هڪ خواهش جو قتل
ٻي خواهش کي جنم ڏي ٿو
سو ڪُراڙو منهنجو طبيب نٿو ٿي سگهي
تسلي هاڻ منهنجو اوڇڻ ناهي رهي
پيٽ ڀرڻ ڪافي ناهي
بک منهنجي جسم ۾
ڪيترن ئي رستن کان
موت ڪڏهن بہ منهنجي ترجيح ناهي رهيو
ان ڪري آءٌ نٿو چاهيان
منهنجا هٿ منهنجو مستقبل بنجي وڃن
انسان جو آخري سهارو هو پاڻ هوندو آهي
ديوار هجي يا درياء
پاڻي پنهنجو رستو پاڻ گهڙيندو آهي.

# ڪُمار وشوَ ٻنڌُو

## ولي رام ولڀ

### ڪو ٻيو ماڻهو

صاحب، ڏِسو نہ
هي اکيون پٿر جون نهيل آهن
سيڪجهہ ڏسڻ وانگي، بلڪل زندھ
پر ڏسن ڪجهہ بہ نٿيون.

هي هٿ ۽ پير پلاسٽڪ جا آهن
نڪ ۽ ڪن تائين
جي ها، چِپ بہ پلاسٽڪ جي آهي!
۽ ڏند بہ
موتين جهڙا سهڻا
پلاسٽڪ جي مُشڪ...!
هي چپ ربڙ جا آهن
چاهي جيترا ڦهلائي ڇڏيو
هڪ ئي پيري آفيس ۽ گهر
ٻنهي کي سرچائي ڇڏيو
اَن بريڪيبل، واٽر پروف
واشيبل ربڙ جي مُشڪ...

هي رعبدار چهرو
جيڪو ڏسڻ ۾ ٽائيگر جو آهي
سچ چوان ٿو
فائبر جو آهي
پروسي جوڳو، گهر- ٻاهر
اوهان جي سموري زندگيءَ جو سچو ساٿي.

هي چمڪندڙ دل؟
صاحب، اسٽين ليس اسٽيل جي آهي، مضبوط
هڪدم اصلي!

۽ صاحب هن ماڻهوءَ جو دماغ
ڪيڏو نوس، سڻيو ۽ گول آهي
پر غور تہ ڪريو
اصل ۾ اخروٽ جي ڪاٺيءَ جو آهي.

نہ... نہ... نہ هيءُ ٽُٽندو ڪونہ
ڪنهن بہ ڳالهہ تان ڪڏهن رُسندو ڪونہ!
هي اوهان وانگر پوڙهو تہ ٿيندو.

تہ صاحب، پسند آهي؟
ٻِل ناهيان؟
يا ڪو ٻيو ماڻهو ڏيکاريان؟

## مرليڌر

### ڪرچيون ڪرچيون ڪنهن جا اُڌما!

عيد ڏهاڙي پنهنجي چوڌاري
نظر ورائي ضرور ڏسجانءِ
ڪو ٻار، ٻنا رانديڪي جي
ڪا نياڻي چوڙي چپل ٻنا
ڪا ماءُ ميرن ڪپڙن ۾
ڪو پيءُ آلين اکڙين سان
عيد ڏهاڙي پنهنجي چوڌاري
نظر ورائي ضرور ڏسجانءِ

ڪي ڇت ٻنا ڪنهن روڊ ڪناري
ڪي لاٿيٽ ٻنا ڪنهن تنبو ۾
ڪي پاٽي ٻنا ڪنهن ڇپري هيٺان
سڏڪندي، روئيندي، سوڳ ڪندي
عيد ڏهاڙي پنهنجي چوڌاري
نظر ورائي ضرور ڏسجانءِ

ڪي اکڙيون آليون، دلڙيون زخمي
ڪي خواب اڌورا، سڏڪا صدما
ڪي پير اگهاڙا ليڙون ڪپڙا
ڪرچيون ڪرچيون ڪنهن جا اُڌما
عيد ڏهاڙي پنهنجي چوڌاري
نظر ورائي ضرور ڏسجانءِ
ڪو لمحو پنهنجو وقف ڪجانءِ

(ٻوڏ ستيل مظلومن لاءِ)

## سيد نادر علي شاهہ فراق

### غــزل

با وفا سمجهو مون جنهن کي، بي وفا نڪري پيو،
مون نہ سمجهو دلربا، باخود ڇا مان نڪري پيو.

ڪم ڪيو مرهم جو، پورو نمڪ ريزي ڇڏيو،
جنهن وڌايا زخم دل تي، سو دوا نڪري پيو.

ٿي ڪليا مون تي رقيب، روسيه هر موڙ تي،
باوفا منهنجو سڄڻ، خود بيوفا نڪري پيو.

بي خطائن ڪان خطائون، ٿي پيون آهن مگر،
جنهن کي مجرم مون ٿي، سمجهيو بي خطا نڪري پيو.

جنهن کي مون محبوب سمجهيو، سو تہ دشمن ٿيو فراق،
جانِ من آخر تہ پٿر جو، خدا نڪري پيو.



## اَبل اداس ٻبر

### غزل

باهه ٻه گل پچن تہ چا سمجهان،
نيڻ پرجي اچن تہ چا سمجهان.

هيءُ دنيا تہ آهه نچڻي پر،
ڪي قلندر نچن تہ چا سمجهان.

پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيو آ جن،
سي رڳن ۾ رچن تہ چا سمجهان.

جيئري هوندي رهيس اڪيلو مان،
ميڙ مرندي مچن تہ چا سمجهان.

اڄ وَسي سانوڻي جڏهن تنهنجو،
ٿئي نہ پورو وچن تہ چا سمجهان.

حق ڪِلڻ جو ابل وڃي ڪسجي،
لڙڪ باقي بچن تہ چا سمجهان.

◙

### غزل

خالي منظر خالي نيڻ،
پٿر ماڻهو من آ ميڻ.

شابس سائڻ شابس ٿئي،
ٽُنهنجي واتان اهڙا ويڻ.

پُورن جي پوڪيسين پوک،
هانوَ کي ڏيندين هَرَ ۽ ڪيڻ.

توکان پالي ڪيئن نہ ٿيئي،
هڪڙي ماءُ ۽ هڪڙي ڀيڻ.

ڪيسيتائين آءٌ ابل،
سيني سانديان سؤ سؤ سيڻ.

◙

## سيده سدرة المنتهيٰ

# نظم

پيار کي وڌايو آ،
پيار به پرايو آ،
خواب کي نڀايو آ،
خواب به ڪهاڻي آ،
آءُ توکي ٻڌايان مان.

رات جي اونداهين ۾،
ٽڪل ٽڪل نيڻن ۾،
پاڻ کي وسائن ٿا،
ڪيترو ڀُلائن ٿا،
خواهش جي حسرت ۾،
خواب کي ورهايو هو،
خواب کي ورهايو آ،
خواب کي نڀائڻ ۾،
روح کي رُلايو آ،
ايڏو آزمايو آ،
مون جڏهن به چاهيو آ،
زندگي ٻڌايو آ،
هو منهنجو پرايو آ.
زندگي ۾ سپنن جي،
ايتري ڪهاڻي آ،
زندگي ڪهاڻي آ،
آءُ توکي ٻڌايان مان.

زندگي جي مسئلن ۾،
گولين ۽ ڌماڪن ۾،
جنگي حالتن هوندي،
ڪي اميد جا ذرا،
پاڻ کي ورهائن ٿا،
ڪي ڏيا جلائن ٿا،
زندگي نڀائن ٿا،
جنگ به ڪهاڻي آ،
آءُ توکي ٻڌايان مان.

حوصلا ويڙهائن ٿا،
جنگ کي وڌائن ٿا،
زندگي ڪٽائن ٿا،
موت کي گهرائن ٿا،
موت به ڪهاڻي آ،
آءُ توکي ٻڌايان مان.

ڪيتري ڪهاڻي آ،
ڏينهن ڪشمڪش آهي،
رات جي اونداهي ۾،
ننڊ کي گهرايو آ،
ڪشمڪش ٿڪايو آ،
روح چا منجهايو آ،
جسم کي نڀايو آ،
خودي آزمايو آ،
روح به ڪهاڻي آ،
آءُ توکي ٻڌايان مان.

زندگي ڪٽڻ لاءِ،
جسم جي زنجيرن ۾،
قيد ڪيئن ڪرايو آ،
چو وري چڙهايو آ،
چا ته بي وفائي آ،
زندگي پرائي آ،
ايتري ڪهاڻي آ،
وقت کي پڄاڻي آ،
وقت به ڪهاڻي آ،
آءُ توکي ٻڌايان مان،
بس اتي پڄاڻي آ،
ختم ٿي ڪهاڻي آ.

# هوندا سي حيات...

## مراد علي مرزا



ولادت: 27- آگسٽ 1929ع
وفات: 1- مارچ 2011ع

## طارق عالم ابڙو



ولادت: 10- اپريل 1958ع
وفات: 11- جون 2011ع

## منصور ملڪ



ولادت: 25-مارچ 1952ع
وفات: 12- جون 2011ع

## حسن درس



ولادت: 5- سيپٽمبر 1966ع
وفات: 16- جون 2011ع

# شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ جي 58 هين سالگرهہ تقريب





سالگرهہ ڪيڪ



بورڊ ملازم (ڪاهي ڪان) مسٽر الهڏتو وگهيو (ايڊمنسٽريٽر)، مسٽر گل حسن درس سروري (جنرل سپروائيزر)، مسٽر غلام حيدر ڪچي (مئنيجر بڪ اسٽال)، مسٽر جاويد علي سومرو (پي. اي. ٽو سيڪريٽري)، مسٽر لعل جان مگسي ۽ مسٽر جمشيد علي سومرو سالگرهہ تقريب دوران (21- جون 2011ع)

محمد عثمان ڏيپلائي اُنهن ادبي مؤرخن مان هڪ هو. جن پنهنجي رت ۾ قلم ٻوڙي سنڌ جي عظمت ۽ خوشحاليءَ جا ڪيئي داستان رقم ڪيا ۽ جن سنڌ جي نوجوان نسل جي اندر ۾ اُهي طوفان اُٿاريا جو سنڌ اندر ڪيئي تحريڪون هلي پيون.

ڏيپلائي صاحب سنڌ جي هڪ عظيم سپوت ۽ مجاهد سيد صبغت الله شاهه راشدي پير پاڳاري جي هيري جهڙي ڪردار کي نه رڳو اُڀاريو. پر "حُر تحريڪ" جي حُر مجاهدن کي الڳ الڳ داستانن وسيلي اُن تحريڪ جو هيرو بڻايو. "سانگهڙ" ناول 'داستان اندر داستان' جو مجموعو آهي. جيڪو هڪ غريب فقير طبع ۽ سگهاري ليکڪ جو سنڌ جي عوام لاءِ سبق آموز "تاريخي دستاويز" آهي. جنهن ۾ اُنهي دور کي نهايت اثرائتي انداز سان بيان ڪيو ويو آهي. جڏهن سنڌ غلاميءَ جي هڪ نئين دور مان گذري رهي هئي.

**- حميد سنڌي**

ناول "سانگهڙ" تي هڪ نظر،

ٽماهي "مهراڻ" 2، 1/1999ع، ص 41

ونندا هئا ۽ اڄ رحمان وٽ لڏ جا ٽوڪرا جمع ٿيل هئا پر اها ماڻ نہ هئي جيڪا گارو ٿاهي سگهي. يڪدم ڪيس پنهنجو گهر ياد آيو ۽ هو ڪوڏر اڇلي ٻوڙڻ لڳو ۽ جڏهن هو پنهنجي گهر سلمهون پهتو جتي زندگيءَ جا ست سال گذاريا هئا تہ اهو ڏسي ڇرڻ سندس ساهہ مٺ ۾ اچي ويو تہ ان جي ڇت ڪري پئي هئي ۽ ڀڳل ڀت تي ٻہ ٻليون ڀڄ ڊگهو ڪري آمهون سامهون ويهي وڙهي رهيون هيون. هن هڪ پٿر ڪڻي ٻلين ڏانهن اڇليو ۽ ڪين گاريون ڏيڻ لڳو ٻليون تہ ڀڄي ويون پر ڪيس ائين لڳو تہ ڄڻ سندس زبان سڙي رهي هئي ۽ زبان جي نوڪ تي ڦٽ نڪري آيو هو. سندس دل چيو تہ هو ٻوڙي ڪنهن ريت ٻليون پڪڙي اچي ۽ ڪين ڀت تي ويهاري انهن کي ڏاڍي پيار سان چوي تہ "شوق سان وڙهو ۽ مون کي معاف ڪريو." ڪيس ائين لڳو تہ ڄڻ سندس ماڻ سامهون ڀت سان ٽيڪ ڏيو ويٺي آهي ۽ ڪيس ڪاوڙ مان گهوري رهي آهي. هو وري رانپاٽ ڪري روئڻ لڳو ۽ ڀت سان ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو ۽ دير تائين روئندو رهيو ۽ جڏهن راجا نواز جو ماڻهو ڪيس اوطاق ۾ وٺي آيو تہ راجا نواز وظيفا پڙهي رهيو هو. پوءِ هن پنهنجي گريبان ۾ شوڪاريو ۽ چيو:

"ڇو ٿو روئين پٽ؟"

رحمان وري روئندي چيو: "مون اڄ وري گار ڏني آهي ۽ امان چوندي هئي تہ جيڪو گار ڏيندو آهي، ان جي زبان تي ڦٽ ٿي پوندو آهي."

راجا چيو: "ٺيڪ ٿي تہ آهي." وري پوءِ رحمان کي پاڻ وٽ سڏيائين، سندس وات کولي ان ۾ شوڪاريو ۽ چيو:

"هاڻي ڦٽ ڪونہ ٿيندو پر تو ڪنهن کي گار ڏني هئي؟"

رحمان معصوميت سان چيو: "ٻن ٻلين کي."

ان تي راجا نواز اهڙي طرح بي اختيار کليو جو رحمان کي بہ کل اچي وئي ۽ پوءِ هو طنبيلي ۾ اچي ڪوڏر سان راند ڪرڻ لڳو.

آهستي آهستي هو ان زندگيءَ جو هيراڪ بنجي ويو. صبح جو هو راجا نواز وٽ وڃي ڏڌ جو هڪ وٽو پيئندو هو ۽ پوءِ سندس گهر جو ڪِن ڪچرو ٽوڪري ۾ ڀري گهٽيءَ جي منهن وٽ هڪ دڙي تي اڇلي ايندو هو. راجا جي خاندان ۾ ست گهر هئا. ڪچري جا ست ٽوڪرا ٻوئڻ بعد هو طنبيلي ۾ ايندو هو ۽ ڪوڏر ڪڍندو هو. گهوڙن جي اسٽانن تي مٽي وجهندو هو تہ جيئن لتي گپ وغيره نہ ٿئي ۽ پوءِ هڪ خالي ناد جي سهاري تي وڃي ڇت ڏانهن نهاريندو هو جتي اڪثر ماڪي جون مکيون اڏامنديون هيون. جڏهن ڪا مک ڪوريئڙي جي ڄار ۾ ڦاسي پوندي هئي تہ مک ۽ ڪوريئڙي جو جهيڙو ٿيندو هو. ڪوريئڙو مک کي قابو ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌندو هو تہ ماکيءَ جي مک پنهنجو ڪارو ڏنگ ڪڍي پنهنجو بچاءُ ڪندي هئي ۽ ڪوريئڙو ڄار جي ٻي سري ڏانهن ڀڄي ويندو هو پوءِ جڏهن ٻن مکين جي پاڻ ۾ ملهہ ٿيندي هئي ۽ هو ٻئي هيٺ اچي ڪرنديون هيون تہ هو هڪ مک کي مٽي کان پڪڙي ان جو ڏنگ ڇني ڇڏيندو هو ۽ هن جي ٽنگ ۾ ڌاڳو ٻڌي ڪيس اڏائي ڇڏيندو هو ۽ ان بعد ڏاڍو کلندو هو. پوءِ يڪدم ڪيس ڪوڏر جو خيال ايندو هو ۽ هو ڪم ۾ مصروف ٿي ويندو هو. هاڻي ڪيس ماءُ تمام گهٽ ياد ايندي هئي ۽ جي ايندي بہ هئي تہ سندس اکين ۾ پاڻي نہ ايندو هو، بس هو ڪجهہ اداس ٿي ويندو ٘هو، تڏهن ڇت تي وري ماکيءَ جي مک ۽ ڪوريئڙي جي جنگ شروع ٿي ويندي هئي ۽ هو خالي ذهن سان اهو تماشو ڏسڻ لڳندو هو.

گرمين جي ڏينهن ۾ ڪچري وارن ٽوڪرن جو وزن اوچتو ئي وڌي ويو. راجا نواز جي خاندان ۾ مٽن جي حساب سان هندوانا ڪاڌا ويندا هئا ۽ ٽوڪرا انهن جي ٿلهين کلن سان ڀرجي ويندا هئا. هاڻي ڪيس ڪيترائي ڀيرا هڪ هڪ گهر جو ڪچرو ڪڍڻو پوندو هو ۽ جڏهن هو انهن کلن کي دڙي تي اڇليندو هو تہ انهن تي ڪيس ڏندن جا نشان نظر ايندا هئا ۽ سندس ڏندن ۾ ڄڻ خارش ٿيڻ لڳندي هئي. ڪيترن ئي کلن تي هندوانن ۽ گدرن جي گلابي ڳر جو ڪجهہ حصو رهجي ويندو هو تڏهن اهڙيون کلون ڪچري جي ڍير تي اڇليندي هو سوچيندو هو تہ هي ڪهڙا ماڻهو آهن جن کي کائڻ جو ڍنگ بہ نٿو اچي. هڪ منهنجي ماءُ هئي تہ ڇريءَ سان ڳر اهڙي ريت

ڪل ڪان الڳ ڪندي هئي جو ڪل تي گلابي رنگ جو ذرو بہ باقي نہ رهندو هو ۽ هڪ هي راجا وارا آهن، لڳي ٿو تہ سندن گهران سڀ ڇريون چوري ٿي چڪيون آهن. پوءِ سندس وات ۾ اڄ ڪان ڏيڍ بہ سال اڳ جي هنداڻي جو ذائقو تري ايندو هو ۽ سندس دل چوندي هئي تہ ڪلن تي لڳل گلابي ڳر ڪاٽي پر سدائين هو ان گندلي ارادي تي قابو پائي وٺندو هو پر ٽوڪرا اونڌا ڪندي ڪلن کي ڪوٽي ڪوٽي ڏسڻ جي عادت ٿي وئي هئس. هاڻي ان ڪچري ۾ کيس انبن جون ککڙيون بہ نظر اچڻ لڳيون ۽ هنداڻن سان گڏ گدرن جون ڪلون بہ نظر آيون. تڏهن کان رحمان کي پيٽ ۾ چڻ وٽ پوندا هئا ۽ زبان تي انبن جو ذائقو چڻ چنبڙي پوندو هو.

هڪ ڏينهن هن ڪچرو پٽي ڦلهوريو تہ کيس هڪ چڱو خاصو گنُو ڪچري ۾ ويڙهيل نظر آيو جنهن کي انگريزي ٽوبي پاتل هئي ۽ هٿ ۾ ڪاري رنگ جي ڇڙي هئس. هن پنهنجي قميض سان گڏي کي صاف ڪري چڱيءَ طرح ڏٺو تہ کيس بي اختيار کِل اچي وئي. گڏي جي هڪ اک جو تارو غائب هو. هڪ هٿ ۾ خالي ٽوڪرو ۽ ٻئي هٿ ۾ گنُو کٽي طبيلي وٽان گذريو تہ دل ۾ آيس تہ گڏي کي اتي ئي کٽي لِڪائي ڇڏي ۽ پوءِ سڄو ڏينهن ان سان راند ڪري. کيس ڪڏهن مٽي پر ٻيهاري، ڪڏهن سمهاري ڇڏي ۽ ڪڏهن هلائي. پر يڪلم چڻ سندس ڪن گرم ٿي ويا ۽ نڙي سڪندي محسوس ٿي. پوءِ هن راجا نواز جي گهر وڃي گنُو سندس گهرواريءَ کي ڏئي ڇڏيو ۽ چيو: ”جي جي، هي گنُو ڪچري ۾ هو.“

راجا نواز ويجهو ئي وينل بادامن تي شهادت جو ڪلمو پڙهي رهيو هو. يڪلم اٿيو ۽ چيائين: ”شاباس پٽ! تو چوري ڪونہ ڪئي آهي، اڄ توکي انعام ملندو.“

هو اندران هنداڻي جي هڪ ڦار کٽي آيو ۽ رحمان جي هٿ تي رکي ڇڏي.

طبيلي ۾ اچي هو ڦار کي اچي پٽو ۽ کل جي اجاڻ بہ نہ ڇڏي. سخت کل ان جو ذائقو ڦٽائي ڇڏيو ۽ هن سوچيو:

”هونهہ!.... وڏو راجا ٻٽيو ٿو ڦري. انعام ئي ڏيٺو هو تہ اهو گنُو ئي ڏئي ڇڏي ها. هنداڻي جي ڦار بہ ڪو انعام آهي؟ هڪ ننڍڙو هنداڻو ئي کٽي ڏئي ڇڏي ها تہ هنداڻي جو رس کٽي پي وٺان ها.“

هڪ ڏينهن تيز برسات ٿي. ٻئي ڏينهن جڏهن رحمان ڏڌ پيئڻ لاءِ راجا نواز ڏانهن ويو پئي تہ ڏٺائين تہ گهٽين ۾ جتي ڪٿي هنداڻن ۽ گدرن جا ڍڳ پيا هئا ۽ ماڻهو ٽوڪرا ڀري خريد ڪري پئي ويا. هڪ ڇوڪري کان کيس خبر پئي تہ برسات کان پوءِ هنداڻن ۽ گدرن ۾ پاڻي ڀرجي ويندو آهي ۽ اهي سڙي ويندا آهن، ان ڪري هارين انهن جا فصل صاف ڪري ڇڏيا آهن ۽ هاڻي انهن کي ٽڪن پيسن تي وڪڻي رهيا هئا. رحمان کي اوچتو ئي راجا نواز تي ڪاوڙ اچي وئي. نوڪري ملندي آهي تہ ان جو پگهار بہ ملندو آهي پر اهو ڇا آهي تہ هو سڄو سڄو ڏينهن طبيلو صاف ڪري، ڪچري جا ٽوڪرا کڻي ۽ بدلي ۾ فقط بہ مانيون ۽ بصر جا ٻہ ڳنڍا ملن جن تي الله جو شڪر ڪجي، مرچوٽ ڪٽي جو. مهيني ۾ هڪ آنو ئي ڏئي ڇڏي ها تہ ويندڙ بهار جو هيءُ ميوو ئي کٽي ٽورو چڪجي ها. ننڍا هار بہ چار چار پنج پنج گدرا ۽ هنداڻا کٽي پئي ويا ۽ هو راجا نواز وٽ ڏڌ پيئڻ پئي ويو. هڪ هار جي هٿ مان هڪ گدرو ڪري ڀري وڃي پيو تہ رحمان جهٽ ڏئي اهو کنيو. ان تان مٽي صاف ڪئي ۽ ان کي سونگهي هار حوالي ڪيو. گدري جي خوشبوءِ چڻ سندس نڪ سان چنبڙي پئي، ۽ هن دل ۾ چيو، ”لڳي سؤ سؤ رپين جي شرط“. هيءُ گدرو ڪنہ وانگر مٺو هو، ڦڪو نڪري تہ اصل نڪ وڍي ڏيان.“

اڱڻ تي وڃي هن گهڙي پويان رکيل پنهنجو وٽو کنيو ۽ اهو ڊوڙي راجا جي گهرواري وٽ ويو. ڏڌ بہ هو ڪجهہ ڍچي ويو. کيس ائين لڳو چڻ هن پيٽ ڀري هنداڻا ۽ گدرا کائڻ کان پوءِ ڏڌ پيتو آهي. ماءُ کيس ٻڌايو تہ ائين ڪرڻ سان پيٽ خراب ٿي پوندو آهي. پوءِ هن پنهنجو نڪ صاف ڪيو جنهن مان گدري جي خوشبوءِ نڪتي ئي نٿي. کيس پنهنجي وهر تي ڪل آئي ۽ هو ڪچري جو ٽڪرو کٽي ٻاهر هليو ويو.

ٻڙي تي وڃي هن ڪچري کي ڦلهوريو، ڪلن جي هينان گهرن جي فرش جي مٽي هئي. ڪجهہ ڀڳل چوڙين جا ٽڪر هئا. راجا نواز جي چلم جو سڙيل

”چو آلاپ ڪيئنيس؟ موبائل ۽ انٽرنيٽ جاگرافي حدون مٽائين ڇڏيون آهن.“ بيگم ٻڪليءَ وچان ورائيو.

”دل جون حدون تہ مٽي ڀول سان دور ٿينديون آهن.“ مرد ائين چئي مٽي مٺ ۾ جاگرز پائي اگر لتاڙي ڏاڪڻ جي ريلنگ وٽ بيهي ڪي چين ڦيرائڻ لڳو. بيگم بہ ريلنگ تي اچي سائس بيٺي. مرد بيگم جي اکين ۾ سوال ۽ شڪ ڏسي سوچيو: عورت پڙهيل هجي يا اڻ پڙهيل پر پنهنجي پنهونءَ جا پيرا کڻندي نڪيو ٿيو پوي.

”وچان.....؟“ مرد چپ چوريا.

”تنهنجي رولاڪي جي ڪا حد ـ ڪو ڇيهہ ـ؟“

عورت مختصر ڳالهايو.

”سوچيان ٿي لاحد هاديءَ لهان نہ حد“ مرد ڀٽائيءَ جي مصرع پڙهي.

”چو عورتن وانگر پيو ڳالهائين؟“ بيگم پڇيو.

”بيگم ڀٽ ڌڻيءَ جو بيت ائين آهي.... وچان نہ؟“

”منهنجي روڪڻ سان رڪندين؟ هڪ صلاح ٻڌ“ بيگم جي ميار ۽ ٻي وسي هئي. هن واقعي سامونڊڪي سڳ واري عورت جو ڏيک ٿي ڏنو.

”آءٌ تہ سدائين تنهنجا فرمان ٻڌندو آهيان.“

”جي هيئين لائين.“

مرد ظاهر ۾ ڪڇيو ڪونہ، خاموش رهيو. هن چپن ۾ چيو: ”هينئون تہ آهي ڪا هل اسٽيشن ڪينجهر جي هٽن جيان جت الائجي ڪهڙي طرف جا آواز، سڏ ٿا پڙاڏجن.“

”هڪ ڳالهہ چوان؟“ بيگم ڪيس خيالن ۾ ڏسي ڳالهايو.

”جي!“

”تون تہ واندو ڪر نہ ڪار جو، ماڻهو دعوتن مان گهر ۽ هاسٽل مفت ۾ ڇڏيو اچين، چو نہ ٿو پڪ اينڊ ڊراپ سروس شروع ڪرين، سچ تہ عزت ۽ مانُ وارو روزگار ملي پوندئي.“

◘

## نئون ڪتاب



ڪتاب: جيئن جيئن ٿيي ڏينهن
ليکڪ: امان الله شيخ ايڊووڪيٽ
موضوع: تقريرون
ڇپائيندڙ: مهراڻ پبلشرس. ڪراچي
سائيز: ڊيمي
صفحا: 132
قيمت: -/40 رپيا

هن ڪتاب ۾ امان الله شيخ صاحب جون مختلف وقتن تي ڪيل اهي تقريرون شامل آهن، جيڪي هن سنڌ جي شعور سان مخاطب ٿي ڪيون آهن. هنن تقريرن ۾ جتي سنڌ جي سياسي، ثقافتي ۽ سماجي مسئلن تي روشني پوي ٿي اتي قومي تحريڪ ۾ ٿيندڙ غلطين جي نشاندهي بہ سامهون اچي ٿي.

اميد آهي تہ هيءُ ڪتاب سنڌ جي نوجوانن کي آئنده سنڌ جي تعمير ۾ سنڀالي قدم کڻڻ جي رهنمائي پڻ ڪندو.

**نور احمد ميمڻ**
چيئرمين، سنڌيڪا اڪيڊمي

◘



ڪهاڻي

سدرة المنتهيٰ جيلاني

# رُڪجي ويل صدي

چيومانس: آءُ ته توکي ٻڌايان، يادون ته مون کي به نٿيون ڇڏين، ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪو لمحو من ۾ آنڌ مانڌ مچائي رُڪجي ويو آهي. زندگي هلي پئي، وقت گذري پيو، منهنجا قدم واٽن تي رڙهندا پيا اڳتي پر رستو نٿو کٽي، مان ته هلندو وڃان پر روح ان ئي سؤ سال پراڻي ڪنديءَ جي ڏنگهرن ۾ ڦاسي پيو آهي، ڦٽڪي پيو، پر نڪري نٿو سگهي ۽ مان پنهنجي روح ڏانهن هر هر منهن ورائي ڏسان پيو، جيئن جيئن قدم اڳتي وڌندا پيا وڃن، مان پنهنجي روح کان پري ٿيندو ٿو وڃان. ائين ٿو لڳي ڄڻ مري چڪو هجان... سچ پچ ته مري ئي چڪو آهيان!

چوڻ لڳي: ڪتاب ته پڙهڻ ڇڏي ڏنا اٿئي پوءِ به اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين... اهو ٻڌاءِ ته ايڏو بي چين ڇو ٿو رهين. اڳ ۾ ته اهڙو نه هوندو هُئين... زندگيءَ سان ڀرپور گفتگو ٿيندي هئي، ڪيڏو پُرجوش رهندو هُئين ۽ پُرامِيد به، هاڻ ته سڀ ڪجهه ملي به ويئي، پوءِ به ايڏي اداسي... ايڏي اڪيلائي، ايڏي تِشنگي ڇو...؟

چيومانس: سڀ ڪجھ جي فهرست ۾ جا جا رکيو اٿئي ڀلا؟ اهو ئي جيڪو تنهنجي ضرورتن ۾ شامل هو، گهر، نوڪر ۽ پيسو.

هوءَ مون کي پنهنجون ضرورتون ڳڻائي رهي هئي، مون کان کِل نڪري وئي.

بس... خوابَ محبت ۽ روشني، انهن کي منهنجي فهرست مان ڪهڙي ڏوهه ۾ ڪڍي ڦٽو ڪيو اٿئي؟ مون ساڻس شڪايت ڪئي.

تنهنجون ترجيحات ته فقط اُهي هيون جيڪي مون توکي ٻڌايون، باقي ته سڀ تو ڪتابن ۾ رکي وساري ڇڏيون... توکي ته هاڻي صفحو نمبر به ياد ناهي ۽ اهو ڪتاب مان پنهنجي الماري جي ڪنهن شيلف جي بندخاني ۾ ڪوڙ سارن ڪتابن جي وچ ۾ رکي ڇڏيو آهي، هاڻي جي ڳوليان ته به نه لڀي. هونئن به ايڏو وقت ڪٿي ٿو ملي جو شيلف جو بند خانو کوليان، اهو ٻيو به اٿم ته هتان وري ان خاني جي ڪنهن ڪتاب ۾ گُم نه ٿي وڃان ۽ گهر وارا ڳوليندا رهن، ۽ مان ڪِين ڪڏهن به نه ملي سگهان. پنهنجو پاڻ کان ته هونئن به وڃائجي چڪي آهيان، پر گهر وارا مون کي وڃائڻ نه چاهيندا جو ته مون کان سواءِ ڪي ئي ڪم رڪجيو وڃن، بس ڪمن ۾ ئي پاڻ کي وڃايو اٿم.

سوچيم: پاڻ کي ڀُلائي ٿي، شايد سٺي ونڊر هٽ ڪئي اٿس. چيومانس: مان به توکي ڳوليندو ٿو رهان، عجيب مصروفيت ۾ ڦاٿل آهين. تنهنجي دل به شايد انهن ڪمن ۾ اٽڪي وئي آهي. يا ته وري مون جيان ڪنهن ڪتاب جي نامعلوم صفحي نمبر ۾ نظر وڃائي ڪتاب وڃائي ويٺي آهين، نه ته تنهنجون مصروفيتون گهر جي ڪمن تائين ته محدود نه هونديون هيون.

منهنجي ڳالهه تي کِلڻ لڳي، چيائين: دل ته ڪٿي تنهائيءَ ۾ ئي وڃائجي وئي آهي.

پڇيومانس: ڪيئن ڳوليان؟

رازداڻي انداز ۾ چوڻ لڳي: تنهائيءَ ۾ ملجانءِ، ٻڌائيندي سانءِ. چيومانس: تنهائي ته ملي ئي نٿي، ڏاڍو مصروف ٿو رهان، ڇا ڪجي نوڪري به ڪرڻي اٿم،



پير حسام الدين راشدي



ايم. ايڇ پنهور



ڪوثر هالائي




خط، خوشبو جا...

# متفرقه

"ادب جو اولين فرض اهو آهي ته دنيا مان قوم. وطن. رنگ. نسل. طبقي ۽ مذهب جي بنياد تي پيدا ٿيل تفريق کي مناٽڻ جي تلقين ڪري. ۽ ان جماعت جو ترجمان بڻجي. جا ان نصب العين کي اڳيان رکي. عملي طرح سان ڪم ڪندي هجي. انسانيت سان دشمني رکندڙ قوتن سان دشمني رکڻ. اصل ۾ انساني درد جو هڪ دليل آهي. اڄ تائين اسان جو ادب. زندگيءَ جي بي ثباتيءَ ۽ انسان جي ويچارائيءَ جو ماتم ڪندو آيو آهي. ڪائي ڪيس ان بزدليءَ جي جذبي کان نه ڪري. اٿين چوڻ گهر جي ته زندگي ابد الآباد تاثير آهي. انسان ان جو ڪارساز ۽ ڪارڪشا آهي. انسانيت ۽ ادب جو مسلڪ الڳ نه آهي. پنهنجي جي نجات جو رستو هڪ آهي. اهو هيءُ آهي ته ستم رسيده انسانيت. پنهنجي حق کي سمجهي ۽ ان سان گڏ انهن جي غاصبن کي پروڙي ۽ انهن سيني پابندين کي ٽوڙي. جي سنڌ ۾ ارتقا ۾ حائل آهن."

- **مولانا غلام محمد گرامي**

ٽماهي "مهراڻ" 3، 1964/2ع، ص 294



منظر آهي. خدا ڄاڻي تہ اهو انهيءَ جي ڪرامت آهي يا منهنجي عزيز وطن يعني سرزمين سنڌ جي تاريخ، علمي ، ادبي ۽ روحاني ماضيءَ جي ڪشش هئي، جو مولوي صاحب اسان جي دفتر سان وابستہ ٿيڻ کان بعد انهيءَ سرزمين جي تاريخ ۽ ماضيءَ جي علمي، ادبي ۽ ديني عظمتن کي اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي ارپي ڇڏيو. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ڪڙي ”سنڌ کي تاريخي ڪهانيان“ آهي، جيڪا شايع ٿيندي ئي پنهنجي دلچسپي ۽ دلاويزيءَ سبب هر ڪو پسند ڪري چُڪو آهي. سنڌ جي فارسي گو شاعرن تي پڻ هُن هڪ ڪتاب مرتب ڪيو آهي. ڪيس سنڌ جي جديد تاريخ سهيڙڻ جو خيال بہ آهي.

تصوف جيئن تہ سندس خانداني ورثو آهي ۽ ذاتي طور تي هُو پاڻ بہ انهيءَ پاسي لاڙو رکندو آهي.

شخصيت

سيد حسام الدين راشدي

ترجمو: امام راشدي

# مولانا اعجاز الحق قدوسي

مولانا اعجاز الحق قدوسي 1953ع ۾ اسان جي اداري ”سنڌي ادبي بورڊ“ ۾ انهيءَ لاءِ مقرر ٿيو هو تہ سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ اسان جنهن مواد جي نشاندهي ڪيون، اهو سليقي سان نقل ڪري فائلن ۾ گڏ ڪندو وڃي. خيال اهو ئي هو تہ مولانا پنهنجي ساڻين وانگر دفتري وقت ٽائين، سنڌ ۽ ان جي تاريخ سان سروڪار رکندو ۽ هي ٻين غير علمي مشغلن ۾ مصروف ٿي زندگيءَ جهڙي قيمتي شيءِ کي ضايع نہ ڪندو. ليڪن ڪجهہ عرصي کان پوءِ خبر پئي تہ آفيس ۾ رهندي هن جو اصل مقصد رڳو پگهار حاصل ڪرڻ نہ آهي، بلڪ هو دفتر کان ٻاهر رهي بہ زندگيءَ جي قيمتي گهڙين کي علمي مشغلن ۽ مصروفيتن ۾ صرف ڪندو آهي.

مولوي صاحب حضرت شيخ عبدالقدوس گنگوهي رحمة الله عليه جي جليل القدر خاندان سان تعلق رکي ٿو. تنهنڪري سندس پويان هڪ تمام وڏو علمي پس تنهنڪري ان ذوق جي تسڪين لاءِ هُن ”تذڪره صوفياءِ سنڌ“ وڏي ڪاوش، تحقيق ۽ تلاش سان مرتب ڪيو آهي. سندس هيءُ ڪتاب سنڌ جي مختلف سلسلن جي صوفي بزرگن بابت آهي. جن جي ذات گرامي، گفتار ۽ ڪردار، فڪر ۽ عمل، حق پرستي ۽ صداقت جو هڪ اعلىٰ ترين نمونو آهي.

سنڌ کي هند- پاڪ جي گوشي گوشي تي نہ رڳو ان ڪري برتري حاصل آهي، تہ هيءُ خطو قديم ترين تهذيب ۽ تمدن جو حامل آهي، بلڪ فضيلت جو هڪ سبب هيءُ بہ آهي تہ جنهن صديءَ ۾ عرب ريگستان ۾ ڪلمئہ توحيد جي صدا گونجي، ٺيڪ انهيءَ صديءَ ۾ ئي هِن سرزمين پڻ انهيءَ صدا تي لبيڪ چئي، پنهنجو پاڻ کي اسلام جي آغوش ۾ آڻي ڇڏيو. اسلام جيڪي ديني ۽ دنيوي نعمتون پنهنجي مڃڻ وارن کي بخشيون، انهن جي حصول ۾ بہ هي ملڪ ۽ هن ملڪ جي قوم، هند- پاڪ ۾ سڀ کان اڳ ۾ پيش پيش رهيا.

جنهن زماني ۾ تصوف جو بنياد عرب ۾ پيو، انهيءَ دور ۾ هتي به ان جي نشونما ٿي. ڪيترن ئي صوفين ۽ جليل القدر بزرگن انهن ابتدائي صدين ۾ هتي جنم ورتو. جن جي ڪشش ۽ ٻين ملڪن جي صوفي بزرگن کي به جلد ئي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو.

عرب، عراق ۽ عجم کان جيڪي صوفي بزرگ هندستان ۽ پاڪستان ڏانهن آيا، انهن ۾ گهڻا ئي هتان کان ٿيندا بعد ۾ ٻين ماڳن ڏانهن راهي ٿيا ۽ ڪيترا اهل الله ۽ اهڙا به هئا جيڪي هتي ايندي ئي هتان جا ٿي ويا. شيخ ترابي، شيخ نوح بکري ۽ شيخ عثمان مروندي هن خلڪ ۾ پيوست ٿيا. خواجه معين الدين اجميري رحمة الله عليه جڏهن هندستان ۾ آيو تڏهن اوڏانهن وڃڻ کان اڳ پنهنجي مرشد حضرت عثمان هارونيءَ سان سنڌ ۾ پهتو ۽ سيوهڻ ۾ رهندي اتان جي عارف ڪامل شيخ صدر الدين محمد احمد سيوستاني کان سلوڪ جون منزلون طئي ڪيون. انهيءَ واقعي جي يادگار طور حضرت هاروني رحمة الله عليه جي چلو ڪيڻ وارو حُجرو اڃا تائين سيوستان جي ٽڪريءَ تي موجود آهي. حضرت خواجه فريد گنج شڪر پنهنجي پير و مرشد حضرت بختيار ڪاڪي جي هدايت تي جڏهن ظاهري ۽ باطني علم جي لاءِ سفر تي راهي ٿيو ته، سيوستان ۾ به تشريف فرما ٿيو.

هتي اُن دور جي شيخ ڪبير حضرت واحد الدين ۽ هتان جي ٻين ڪيترن ئي اوليائن ۽ بزرگن سان ملاقاتون ڪيائين ۽ انهن کان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيائين. شيخ زڪريا سنڌي ۽ شيخ عصاره سيوستاني سندس ئي به خليفا آهن. چشتيه سلسلي جو لعل سب چراغ شيخ نصير دهلوي به هتي تشريف ڪٺي آيو. هُو ان وقت هتي موجود هو. جڏهن سلطان محمد تغلق جي ٺٽي جي ويجهو وفات ٿي، تڏهن هتي ئي هندستاني سلطنت جو تاج فيروز جي سر تي رکيو ۽ هتان کان پاڻ حضرت قطب الدين سان ملڻ لاءِ هانسي شريف ويو. حضرت جلال الدين سرخ بخاري جڏهن پنهنجي وطن کان نڪتو ته سڀ کان اول بکر پهتو ۽ اتان جي صوفي حضرت سيد بدر الدين جي نياڻيءَ سان نڪاح ڪيائين. انهيءَ بيبيءَ جي بطن مان سيد ڪبير پيدا ٿيو، جنهن جو صاحبزادو حضرت مخدوم جهانيان جهان گشت آهي. حضرت جهانيان جهان گشت رحمة الله عليه جو هن سرزمين سان تمام گهڻو تعلق رهيو آهي. سندس ئي ڪوششن سان سلطان فيروز ۽ سنڌ جي سلطانن وچ ۾ ٺاهه ٿيو ۽ سندس ٻه صاحبزادا سيد صدر الدين ۽ سيد ناصر الدين به بکر ۾ دفن ٿيا. پنهنجي دور جو ڪامل ولي حضرت شيخ بابو تاج الدين بکري پڻ سندس خليفو آهي. شيخ بهاؤ الدين زڪريا ملتاني رحمة الله عليه، حضرت سهرورديءَ جي فرمائش تي جڏهن عراق مان نڪتو ته سڀ کان اول حضرت شيخ نوح بکري سان ملاقات جي لاءِ بکر پهتو، ليڪن شيخ اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪو هو. ان ڪري ملتان ويو، پر سنڌ ۾ به ايندو ويندو رهيو.

جيڪڏهن اهڙيءَ طرح جا واقعات سنڌ جي تاريخ مان گڏ ڪيا وڃن ته هند – پاڪ جو شايد ئي ڪو اهڙو صوفي يا بزرگ هجي، جيڪو سنڌ نه آيو هجي ۽ سندس ڪنهن نه ڪنهن طرح سنڌ جي سرزمين سان ڪو تعلق نه جُڙيو هجيس.

سنڌ جو هونئن ته هر شهر ۽ ڳوٺ بلڪ ائين چئجي ته چپو چپو ۽ گوشو گوشو تصوف ۽ عرفان ۽ رشد و هدايت جو مرڪز رهيو آهي. ليڪن خاص طور تي قديم شهرن ۾ الور، ديبل، سيوستان، منصوره، ٺٽو، بکر وغيره ۽ جديد شهرن ۾ روهڙي، ريل، لڪي، مٽياري، هالا، لواري ٽلٽي ۽ بوبڪ وغيره کي ان سلسلي ۾ هميشه مرڪزي حيثيت حاصل رهي آهي. اهي ئي شهر هئا، جيڪي عرفان و تصوف، اصلاح واخلاق ۽ تزڪيه نفس جا سرچشما بڻيا رهيا ۽ سنڌ ۾ سماجي انقلاب آڻڻ جو باعث بڻيا ۽ هتان جون ئي خانقاهون هيون جن جو اصلاحي نظام ۽ تربيت نه رڳو اخلاقي قدرن کي بلند ڪيو بلڪ ايمان ۽ عمل جي قوتن کي اجاگر ڪري خدا شناسيءَ جي فضا قائم ڪئي ۽ گناهه وارن سيني چشمن کي خشڪ ڪري ڇڏيو. اڄ جيڪڏهن ڪو گذريل دور جي انهن شهرن ۾ پهچندو آهي ته جيڪو قلبي سُڪون، ذهني راحت ۽ روحاني اطمينان اتي ميسر ٿئي ٿو، اهو ٻئي هنڌ ملڻ مشڪل آهي ۽ اها سموري برڪت انهيءَ گذريل زماني جي ڪري آهي.

سنڌ ۾ صوفي بزرگن ۽ اوليائن جا تذڪرا ڪيترا ۽ ڪٿي ڪٿي آهن ۽ ڪڏهن لکيا ويا آهن، انهن جو گهڻي ڀاڱي ڪوبه علم ڪونهي. سنڌ جا علمي ذخيرا هر زماني ۾ هر دور ۾ تباهه ۽ برباد ٿيندا رهيا. ان جي لاءِ نه پورا تذڪرا محفوظ رهيا ۽ نه وري انهن جي نشانهي ڪنهن تاريخ مان ٿي سگهي ٿي. ان سلسلي جا اڄ تائين



ايم. ايڇ. پنهور شخصيت

# عبدالله. جي ميمڻ، وفات کان هڪ ڏينهن اڳ

[2003ع — 1938ع]

آءٌ هن سان کيترن ئي مهينن کان نه مليو هئس. هو اسپتال ۾ داخل هو ۽ مڪمل صحتيابيءَ تائين، هن کي ماڻهن سان ملڻ جي اجازت نه هئي. پر هو مختصر گفتگو لاءِ ڪڏهن ڪڏهن مون کي فون ڪندو هو. آءٌ به ائين ئي ڪندو هئس. مون کي سندس غيريقيني صحت جو علم هو، ان ڪري سدائين هن سان ان ريت گفتگو ڪندو هئس ته، جيئن سندس صحت لاءِ ڪو مسئلو پيدا نه ٿئي.

07 فيبروري 2003ع تي هن يارهين ڏاري مون کي فون ڪئي. پاڻ هڪ مختصر خط منهنجي نائب عبدالغني يا سهيل کان ٽائيپ ڪرائڻ گهريائين ٿي. پر اهو هڪ سٺو بهانو هوندو ته جيئن اوهان سان ۽ اوهان جي زال سان ملي سگهان. مون آڇ ڪئي ته غنيءَ کي ٽائيپ رائيٽر سان اوهان ڏي موڪليان، پر هن ائين چوندي انڪار ڪيو ته آءٌ اوهان سان ملڻ لاءِ مشتاق آهيان. مون چيو ته ڀلا آءٌ اوهان سان ملڻ لاءِ پاڻ ٿو اچان پر وري به هن انڪار ڪيو. جڏهن مون پيشڪش ڪئي ته آءٌ ڊرائيور ۽ گاڏي موڪلي ڏيان، تڏهن پاڻ چيائين ته آءٌ (هو) گهر جي چوديواريءَ تائين محدود ٿي ويو آهيان ۽ ڪجهه تبديلي چاهيان ٿو، ان ڪري آءٌ پنهنجي گاڏي پاڻ هلائي اوهان وٽ پهچان ٿو. مون سندس مخلص احساس کي سلام ڪيو، پر مون لاءِ سندس صحت اوّلين ترجيح هئي.

پاڻ هن ڳالهه ٻولهه کان 15 منٽ پوءِ مون وٽ پهتو. هن جو چهرو هميشه وانگر تازو، جوان ۽ پرڪشش هو ۽ بيمار هجڻ جو ڪو به تاثر نه ٿي ڏسڻ ۾ آيو. پاڻ چيائين ته دفعا باءِ پاس لاءِ داخل ٿيو آهيان، پر ڊاڪٽر فاروقي واپس ڪري ڇڏيو ته، آپريشن کان اڳ صحت جو سڌرڻ لازم آهي.

مون هن کي پنهنجي ڪتاب "سومرن جي بادشاهيءَ جا نقش ۽ نشانيون" (انگريزي) جي پريس ڪاپي ڏيکاري. هن تمام ڌيان سان تصويرون، نقشا ۽ الاهي بخش سومري جو لکيل پيش لفظ ڏٺو. چيائين، "سٺا ڪتاب ليکڪ کي موت کان پوءِ به زنده رکن ٿا." جڏهن مون هن کي پريس ۾ ويندڙ هن ڪتاب جي باري ۾ محمد ابراهيم جويي جي راءِ کان واقف ڪيو تڏهن چيائين، "مسٽر جويي جي زندگي علم لاءِ وقف آهي، ۽ مون علم سان ايڏو وفادار ٻيو ڪو سنڌي نه ڏٺو آهي. جويي صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾، پنهنجي پسند ۽ نا پسند توڙي سياسي ۽ سماجي سوچ کان هٽي ڪري، بورڊ جي طئه ڪيل اصولن کي اختيار ڪيو. جويي کي هي ناماچار حاصل آهي

۽ هن عربي، فارسي، اردو، سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ 200 کان وڌيڪ ڪتاب ڇپرايا ۽ رسالي 'مهراڻ' کي ڏهن سالن جي اندر انتهائي معياري پرچو بڻايو."

هن مون کي ٻڌايو هو ته، "توکي خبر ڪانهي ته جڏهن جنرل ايس.ايم عباسيءَ کي سنڌ جي گورنريءَ تان هٽايو ويو، تڏهن مون تنهنجي ڪتاب 'ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ' جي ڪاپي مهتاب اڪبر راشديءَ کان ورتي ۽ هن کي تحفو ڪري ڏني. ڇو ته مون کي ڄاڻ هئي ته هڪ پلوڙ ماڻهوءَ لاءِ جيڪو سنڌي هجڻ جي دعويٰ ڪندو هو، ان لاءِ ان کان وڌيڪ ڀيو ڪو تحفو نه ٿو ٿي سگهي." هن چيو، "حيدرآباد جي ڪمشنر جي حيثيت ۾ مون سنڌين جي ڀلي خاطر ڪم ڪيو، پر هيءُ ڪم غير سنڌين ۽ نه وري پاڪستان جي قيمت تي ڪيم. خفيه ادارن جنرل ايس.ايم عباسي ۽ جنرل ضياء کي رپورٽ ڏني هئي ته، "آءٌ (عبدالله) جي.ايم.سيد کان به وڌيڪ خطرناڪ آهيان (هئس)، ۽ سيد جي پروگرام کي اڳتي وڌائي رهيو آهيان."

"مون جنرل عباسيءَ کي سمجهايو ۽ پوءِ سندس موجودگيءَ ۾ جنرل ضياء کي ته، آءٌ پاڪستان جي سلامتيءَ ۾ يقين رکان ٿو. وڌيڪ هي ته سنڌ ۽ سنڌين جي باري ۾ منهنجا ذاتي ويچار به اهم آهن. پر هڪ ڪمشنر ۽ سنڌيءَ جي حيثيت ۾، مون کي پنهنجي راءِ جي اظهار جو حق آهي، ۽ جي سنڌ يا سنڌين سان نا انصافي ٿئي ٿي ته، آءٌ ان جي نشاندهي ضرور ڪندس. مون بغير ڪنهن ڊپ جي ان جو اظهار ڪيو آهي، پر آءٌ هميشه خدا کان ڊڄان ٿو ته جي مون سچ نه ڳالهايو، ته اهو مون کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو. جنرل عباسي ته اڳ ۾ ئي منهنجي حمايت ڪري رهيو هو، پر منهنجي گفتگوءَ کان پوءِ جنرل ضياء به منهنجي موقف جو قائل ٿيو، ۽ چيائين ته هو (ضياء)، خفيه ادارن جي رپورٽن ۾ وڌيڪ اعتماد نه ٿو ڪري."

اسان جي گنڍيل ملاقات ۾ منهنجي آفيس ۾، هن مون کي "ٽائيمس ائٽلس آف ورلڊ هسٽري" پڙهندي ڏٺو هو. چيائين، "ڪيڏو نه خوبصورت خلاصو آهي هڪ جلد ۾. مون کي ول ڊيورانٽ جا دنيا جي تاريخ تي ڪيئي جلد، ۽ ٽائن بي جا ڏهه جلد پڙهڻا پيا هئا. آءٌ هي ڪٿي ويندس جڏهن اوهين پڙهي پورو ڪندا." مون هن لاءِ ڪجهه وڌيڪ ڪتاب جهڙوڪر سمٿ سونين جو "ٽائيم لينيس آف اينشنٽ ورلڊ،" جيڪئيٽا هاڪس جو "ائٽلس آف ارلي مين،" ۽ ريڊر ڊائجيسيٽ جو "ايوري ڊي لائيف ٿرو دي ايجز" جهڙا معتبر ڪتاب گڏ ڪيا، ۽ هن کي چيو ته اهي پڙهڻ لاءِ ڪٿي وڃي. "ها بلڪل اهي باتصوير، مختصر ۽ سادي نثر ۾ آهن ۽ ڪو به آسانيءَ سان پڙهندي، انهن ۾ گم ٿيندي بلڪل تنگ نه ٿيندو. پر آءٌ جڏهن ٺيڪ ٿيندس تڏهن هيءُ ڪتاب ڪٿي ويندس." هن ڳالهه جاري رکندي منهنجي زال سان گفتگو ڪئي، ان جي صحت پُڇي ۽ هن کي چيائين، "پنهور جي سومرن بابت ڪتاب جي انتساب جو توکي پورو حق آهي، آءٌ اوهان ٻنهي کي ذاتي طرح سڃاڻان، پر انتساب پنهنجي هٿن اکرن ۾ لکندي، هن تو لاءِ پنهنجي اندر جي احساسن کي ظاهري ڪيو آهي، جو اوهان ٻنهي لاءِ به باعث افتخار آهي ۽ هڪ دوست جي حيثيت ۾ ان لاءِ مون کي به خوشي ٿي آهي."

موڪلائڻ وقت هن غني، سُهيل ۽ منهنجي ڊرائيور سان هٿ ملايو ۽ انهن کي دُعائون ڏنيون. مون خيال ڪيو ته اسان وري جلد ملنداسين، ڪيترن ئي ڳالهين تي بحث ڪنداسين، جيئن اسان ٻن ڏهاڪن کان ڪندا رهيا آهيون. پر 09 تاريخ تي شام جو آغا آفتاب احمد خان مون کي فون ڪئي، ۽ چيائين ته آءٌ صبح کان توسان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس، پر ان ۾ مون کي ناڪامي ٿي هئي، جو شايد آءٌ پنهنجي زمين تي ويل هئس. پوءِ چيائين، "هڪ ڏک ڀري خبر آهي." مون چيو ڇا؟ هن چيو، "عبدالله صاحب گذاري ويو." مون چيو، هو مون وٽ 07 تاريخ جمعي تي آيو هو، اهو ڪيئن ٿو

ٿي سگهي؟ هن چيو، هن مون کي توسان پنهنجي ملاقات جو ٻڌايو هو، پر هو گنريل رات گذاري ويو. واقعي اهو هڪ صدمو هو. هو هاڻ اسان سان نہ هو جو پنجٽيهہ ڪلاڪ اڳ گڏ هو.

عبدالله صاحب ڪچهرين ۾، محمد ابراهيم جويي جي تعريف ڪئي هئي. ان ڪري هيءَ خبر ترت ئي مون جويي صاحب کي ٻڌائي. هن کي بہ خبر ٻڌي صدمو پهتو. پاڻ تجويز ڏنائين تہ هڪ ميڙاڪو ڪجي. هن جي دوستن، همعصر عملدارن، ۽ واقف ڪارن کي چئجي تہ عبدالله متعلق خيالن جو اظهار ڪن. سندس خيالن، راين ۽ سُٺن ڪمن کي ياد ڪجي. مون تڪڙ ۾ هن بابت مسٽر آفتاب احمد خان سان صلاح ڪئي، جنهن ان ڏس ۾ هڪ يادگار گڏجاڻي ڪوٺائڻ جو بندوبست ڪيو. گڏجاڻي بہ اهڙي جنهن سطح جو عبدالله.جَي ميمڻ حقدار هو. البت هيءَ هڪ ڏکوئيندڙ حقيقت آهي تہ عبدالله پاڻ نہ هوندو، جو پاڻ ٻڌي تہ اسين سڀ سندس متعلق ڇا ٿا چئون؟

[هيءُ مضمون: عَبدالله.جَي ميمڻ: اي مئن لارجر دين لائيف، ڪتاب تان ورتل آهي. هيءُ ڪتاب آغا آفتاب احمد خان، بفينس ڪراچيءُ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. ڪتاب تي سن اشاعت لکيل نہ آهي.]

(ترجمو: غلام محمد لاکو)



◘

## نئون ڪتاب




ڪتاب: آگاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي
ليکڪ: ايم. ايڇ. پنهور
سنڌيڪار: ڊاڪٽر محبت برڙو
موضوع: سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌي ٻولي
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي ڊسمبر 2010ع
سائيز: ڊيمي
صفحا: 240
قيمت: -/120 رپيا

جناب ايم.ايڇ پنهور جي تحقيق سنڌ ۾ سنڌ بابت هڪ وڏي ۽ مڪمل ڪوٽ کي پورو ڪري ٿي. اڄ پاڻ کي انهن ماڻهن ۾ ڳڻيان ٿو، جيڪي علم جو قدر ڪندا ۽ عالم کي عزت ڏيندا آهن ۽ ان ڪري سَڏ رڪان ٿو تہ جيڏو ايم.ايڇ پنهور جو علمي مرتبو آهي اوتروئي ڪين مانُ ۽ مڃتا ملي.

**ڊاڪٽر محبت برڙو**
سنڌيڪار

◘




ڪيل آهي تہ هيءُ جيڪو ڪجهہ آهي، لکڻ ضروري آهي. لکڻ کان اڳ ۾ چوڻو آهي تہ مان واڌو جيڪو بہ ڪجهہ لکندس، ان ۾ منهنجي محبت، منهنجو پيار ۽ پاس خاطري ضرور شامل آهي ۽ يقين ڪيو وڃي تہ ليکڪ کان سواءِ شخصي طور بہ اهو ڪِن ڪِن ماڻهن لاءِ، ڪِن ڪِن دوستن لاءِ ۽ ڪِن ڪِن ليکڪن لاءِ ڪجهہ خاص ۽ اهم کان پوءِ وهنواري دنيا آهي.

ادب توڙي ان کان ٻاهر ان ۾ تڪ تور- تنقيد، تعريف ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ ٿي سگهي ٿو ۽ سڀ ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو، پر پيار جو اظهار الڳ آهي، ان کي ڪنهن ٿاهہ ٿوهہ جي گهرج نہ آهي ۽ مان اهڙي ڪنهن بہ ٿاهہ ٿوهہُ کان سواءِ ٿي

رکيل موراڻي

تبصرو

# خط، خوشبو جا خواب ڏسندا آهن

(فياض لطيف جي ڪتاب ”خط خوشبو خواب“ جو مختصر جائزو)

سنڌي ٻوليءَ ۾ خطن جا ڪيترا ڪتابَ شايع ٿيا آهن؟ عالمي ادب ۾ خطن جي ڪتابن جي اهميت ڪيتري آهي؟ خطن جا ڪيترا قسم آهن؟ اهي ۽ اهڙن ٻين موضوعن کي ڇڏي مان فقط اُن ڪتاب ڏانهن اچان ٿو، جنهن ڪتاب بابت مون کي اڄ ڪجهہ لفظ پورا/ اڻ پورا، چَوڻا/ لکڻا آهن. اُهي ادب جي دائري ۾ آهن! اُن کان ٻاهر دوستيءَ جي دائري ۾ آهن! يا اُن کان بہ الڳ! اُن بابت سوچڻ جو مون کي ڪوبہ اُلڪو نہ آهي. مون کي فقط اهو اُلڪو آهي تہ مان جيڪي ڪجهہ بہ دلي طور چوڻ/ لکڻ چاهيان ٿو، اهو ڪهڙن لفظن ۾ اظهار ڪريان؟

مون کي اهو بہ اُلڪو نہ آهي تہ مُروج ٻوليءَ ۾ منهنجو جيڪو بہ ڪجهہ لکڻ آهي، اهو تنقيد آهي يا تعريف؟ ها! منهنجي طرفان اهو قبول چوڻ چاهيان ٿو تہ منهنجي آڏو جيڪو ڪتاب آهي، جنهن تي پيار مان هي ڪجهہ لفظ لکي رهيو آهيان، اهو خطن جو ڪتاب آهي پر مان جيڪڏهن هن ڪتاب کي هڪ خوبصورت ناول ڪوٺيان تہ منهنجي دل وڌيڪ خوش ٿيندي. هيءُ خطن جي فارم ۾ لکيل هڪ خوبصورت ناول آهي. هي خط، ڪتاب جي ليکڪ ۽ منهنجي دوست فياض لطيف مختلف وقتن تي، مختلف دوستن ڏي لکيا آهن، جيڪي هو چاهي ها تہ هڪ ئي وقت، ڪنهن هڪ دوست ڏي بہ لکي پئي سگهيو. ان جي باوجود هنن خطن جو دائرو ٻن ڏهاڪن تي ڦهليل آهي، جنهن جو بظاهر ڪوبہ سبب نہ آهي. ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ڏينهن جا چار ڏهاڪا گذري ويا آهن، اهو انتظار ڪندي تہ مان اهڙا خوبصورت لفظ/ جملا/ سٽون/ پيرائون ۽ صفحا هٿ ڪريان جهڙا منهنجي دوست

۽ ڪتاب ”خط خوشبو خواب“ جي ليکڪ فياض لطيف استعمال ڪيا آهن ۽ اُچ شدت سان محسوس ڪيو اٿر تہ مان ان ۾ گهڻين ڪوششن جي باوجود بُري طرح ناڪام رهيو آهيان. اهڙو اعتراف ڪندي مون کي ڪابہ هٻڪ نٿي ٿئي. ڇو تہ اهو قبول ڪيل آهي تہ تخليقڪار ئي تخليقي ۽ خوبصورت ٻولي استعمال ڪري سگهندا آهن.

اها هر لکندڙ جي وس جي ڳالهہ نہ آهي ۽ ائين منهنجي بہ وس جي ڳالهہ نہ آهي. مون کي تہ کيس (ليکڪ کي) ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ تڪڙي ردعمل ڏيڻ لاءِ بہ لفظ نٿي مليا ۽ مون سندس ئي لفظن جو سهارو ڳولي ورتو هو، سندس چوڻ مطابق:

”محبتون مريم جيان مقدس هونديون آهن، جيڪي ڪنهن بہ ناتيءَ ۽ نسبت جون محتاج ڪونہ ٿينديون آهن.“

۽ هاڻ ڪتاب بابت لکندي بہ ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ هن ڪتاب ”خط خوشبو خواب“ جي هڪ سؤ سٺ صفحن ۾ رُڳي محبتون ئي تہ آهن. دوستن لاءِ محبتون، ڪتابن لاءِ محبتون، راڳ لاءِ محبتون، وطن لاءِ محبتون ۽ انهن لاءِ محبتون، جن لاءِ محبت لفظ ايجاد ٿيو آهي. محبوبائن لاءِ محبتون. پر وري بہ اهم ڳالهہ اها آهي تہ انهن محبتن ۾ مقدسپڻو ڪيترو آهي؟ ۽ نہ وسارڻ گهرجي تہ مقدسپڻو اکرن/ لفظن مان ظاهر نہ ٿيندو آهي، اهو انهن اکرن/ لفظن جي پُٺ ۾، لِکل اُن احساس مان ظاهر ٿيندو آهي، جيڪو انهن اکرن/ لفظن مان جهاتيون پائيندو آهي. پر اکين سان ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي، اهو فقط محسوس ڪري سگهبو آهي يا اُهو فقط اندر جي اکين سان ڏسبو آهي، جن اکين لاءِ ڀٽائيءَ چيو هو تہ:

اُپٽيان تہ انڌيون، پُوريون پرين پَسن.

۽ اُهي اکيون انهن شخصن جي اندر ۾ هونديون آهن، جن جو اندر مريم جهڙو مقدس هوندو آهي ۽ سچ پچ تہ فياض لطيف مون کي پهريون ڀيرو ملڻ وقت ئي ائين لڳو هو، جيئن هاڻ سندس هيءُ ڪتاب لڳو آهي. محبت سان ۽ مقدسپڻي سان ڀرپور. هڪ دوستي رکڻ جهڙو ۽ پيار ڪرڻ جهڙو شخص (۽ هِت مان خوبصورت ڪهاڻيڪار ۽ جديد ناول نويس اخلاق انصاريءَ کي ڪيئن وساريندس جنهن ساڻس ملايو هو.)

ڪتاب ”خط خوشبو خواب“ فياض لطيف جو پنجون ڪتاب آهي ۽ تخليقي طور ٻيون ڪتاب آهي، سندس پهريون تخليقن جو ڪتاب ”چنڊ ڪکر جي اوٽ“، جيڪو شاعريءَ جو ڪتاب آهي. هونئن سندس ترجمو ڪيل پهريون ڪتاب جڳ پرسڌ مفڪر گرو رجنيش جو ڪتاب ”خُدا زندگي محبت ۽ موت“ آهي ۽ ٻيون ”اوشوءَ جي آتم ڪهاڻي“ آهي، جڏهن تہ سندس ترجمو ڪيل ٽيون ڪتاب نامياري صحافڻ ۽ ليکڪا اوريانا فلاسيءَ جو مشهور ناول آهي ”اڻ ڄاول ٻار ڏانهن خط“، ۽ هن ڪتاب ۾ فياض لطيف جا پنهنجا خط آهن، جن ۾ سندس دل ۽ دماغ ٻئي موجود هوندي بہ دل وڌيڪ ظاهر ٿي بيٺي آهي. هن ڪتاب جو پڙهڻ، محبوبہ سان ڪچهري ڪرڻ وانگر آهي. ادبي حوالي ۾ هيءُ ڪتاب هڪ تخليق آهي، ٻوليءَ جي حوالي ۾ هڪ خوبصورتي آهي ۽ ان کان سواءِ ٻيا ڪيترائي حوالا هن ڪتاب ۾ هڪ ئي وقت موجود آهن. هيءُ ڪتاب محبوبائن کي تحفو ڏيڻ جهڙو تہ آهي ئي، پر هيءُ ڪتاب ساهہ سان سانڍي رکڻ جهڙو بہ آهي!

برهمڻ آباد نالي مان ظاهر آهي ته هي اصلي ايراني نالو آهي. هيءُ شهر غالباً ايران جي بادشاهه بهمن اردشير جي حڪم سان ٻڌو ويو ۽ انهيءَ لحاظ سان ان جو اصل نالو ’بهمن آباد‘ هو. بهمن اردشير پنهنجي وسيع بادشاهيءَ ۾ انهيءَ سال ئي شهر جوڙ ايا. هڪڙو بهمن آباد خراسان ۾. جو ”ري“ ۽ نيشاپوري شهرن درميان هو. ٻيو عراق (سواد) ۾. جنهن کي پهريائين ’ابيذ اردشير‘ جو نالو ڏنو ويو. مگر پوءِ اهو به ’بهمينا‘ سڏجڻ لڳو. جيئن ته سنڌ کي به اردشير فتح ڪري پنهنجي بادشاهيءَ هيٺ آندو هو ۽ سندس حياتيءَ ۾ سنڌ.تي هن جا مسلسل گورنر مقرر ٿيندا آيا. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ پڻ سندس نالي سان شهر ٻڌايو ويو هوندو. انهيءَ جي تصديق مجمل التواريخ مان ٿئي ٿي. جنهن جو مصنف لکي ٿو ته بهمن اردشير هن پاسي به شهر ٻڌايا. هڪڙو ترڪن ۽ هندن جي سرحد نزوار ڪرڻ لاءِ قند ابيل (گنداوا) ۽ ٻيو ’ٻڌيه‘ جي پرڳڻي ۾ ’برهمڻ آباد‘. جنهن جي نالي سان هيئنر منصوره کي سڏيو وڃي ٿو.

- **ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

ٽماهي ”مهراڻ“ 1989/1ع، ص 29، 28

جلدن ۾ جمع ڪرايو، پر عُمر جي آخري ڏينهن ۾، اُهي ٽيئي بياض پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪراڙ ڍنڍ ۾ پاڻي داخل ڪري ڇڏيائون(1).“ ڪن فقيرن جي عام روايت موجب ”تمر فقير وٽ لکيل ’شاهه جو رسالو‘ موجود هو.“ ٻي روايت هيءَ به آهي ته شاهه صاحب جي ڪلام جو اصلوڪو نسخو تمر فقير جي حفاظت ۾ هوندو هو. جيڪو فقير، لطيف سائين جي پهرين گادي نشين سيد جمال شاهه جي رنجش سبب، پٽ شاهه کان ڪڇ ڏانهن ويندي، اڏيري لال ۾ دائري وارن سيدن وٽ امانت طور رکيو هو ۽ سندس وفات کان پوءِ به انهن سيدن وٽ رهيو(3). البت شاهه صاحب جي وفات کان 28 ورهيه پوءِ سندس پهريون رسالو ”درگاهه ٻلڙي وارو اصلي رسالو“ باقاعده صورت ۾ لکيو ويو(1). ان بعد ٻيا قلمي دستي نسخا لکجڻ شروع ٿيا. هن وقت تائين مختلف رسالن ۽ ڪتابن جا مطالعي مان اسان کي جن به قلمي توڙي ڇاپي نسخن بابت، جيتري به معلومات حاصل ٿي سگهي آهي، اها سالن جي ترتيب سان هيٺ ظاهر ڪجي ٿي:

| نمبر | رسالن جو تفصيل | سن |
|---|---|---|
| 1. | تمر فقير وارو رسالو، ص 110(1).<br>محققن جو خيال آهي ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي وفات وقت تمر فقير وٽ ’شاهه جو رسالو‘ موجود هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڀانهي خان شيخ جي جاکوڙ ۽ تحقيق موجب، شاهه صاحب جي زماني کان وٺي هڪ اهڙو نسخو موجود هو، جنهن کي تمر فقير لکيو ۽ سنڀاليو، ۽ اڳتي هلي اڏيري لال سيدن وٽ امانت طور رکيائين. ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاهه جو رسالو جو ڪلام، جلد پهريون (مقدمو) ص 71، 75، 109، 110 ۽ 113 تي ۽ ڀانهي خان شيخ، شاهه جو رسالو جلد پهريون (مقدمو) ص 24 تي اهڙا حوالا رقم ڪيا آهن. روايت آهي ته تمر فقير واري نسخي تان، سُرن جي ترتيب موجب ٻه نسخا تيار ڪرايا ويا، جن مان هڪ پٽ تي رهيو ۽ ٻيو درگاهه ڪريمي تي رکيو ويو. تمر فقير وارو نسخو ڪنهن محقق جي نظر مان ناهي گذريو، ان ڪري اُن بابت وڌيڪ ڪجهه به چئي نٿو سگهجي. | نامعلوم |
| 2. | درگاهه ٻلڙي وارو اصلي رسالو، ص 74(1).<br>شاهه صاحب جي وفات کان 28 ورهيه پوءِ لکيو ويو، سُر ڪيترا هئا، اهو معلوم ٿي نه سگهيو آهي. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي صاحب جي مطالعي هيٺ رهيو. | 1196ھ/ 1780ع |
| 3. | درسگاهه منصوره وارو قلمي نسخو، ص 83(1).<br>هن ۾ 30 سُر، 1829 بيت ۽ 118 وايون شامل آهن، ڪل شعر 1947 ٿين ٿا. سُر سسئي سان شروع ٿئي ٿو. اڳيان- پٺيان ڪجهه پنا ڦاٽي وڃڻ سبب اصل شعرن جو تعداد معلوم نه آهي. هي 12هين صدي هجري جي آخر ۾ لکيو ويو. هيءُ نسخو اصل ۾ شهر مٽياري جي ڪنهن عالم جي ڪتبخاني جو هو. ڪاتب جي نالي ۽ ڪتابت جي سن واري عبارت ضايع ٿيل آهن. | 1200ھ (شايد؟) |
| 4. | ابوبڪر فقير جو لکيل رسالو، ص 86(1)<br>شاهه جي رسالي جي فقط ٽن سُرن مان چونڊيل بيتن ۽ واين جو هيءُ مختصر مجموعو، ڪاتب فقير ابوبڪر ظهر وقت تاريخ 25 ذيقعد 1206هجريءَ ۾ لکي پورو ڪيو. سُر سسئي، سُر مومل راڻو ۽ سُر عمر مارئي تي مشتمل آهي. جملي بيت 407 ۽ وايون 31 لکيل آهن. پٽ واري لکيل گنج کان به هڪ سال اڳ جو لکيل آهي. | 1206ھ |

| | | |
|---|---|---|
| 5. | مبين اسماعيل جو لکايل گنج (رسالي مان)<br>هن ۾ 29 سُر، 4041 بيت ۽ 287 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 4328 ٿين ٿا. سُر سسئي سان شروع ٿئي ٿو ۽ ڪارايل تي پورو ٿئي ٿو. ڪاتب جو نالو فقير عبدالعظيم عرف وڏل شاهه يا فقير عبدالعظيم رمضان جت ساڪن بدين لکيل آهي. هن رسالي کي "پٽ وارو گنج" چيو ويندو آهي. | 1207ھ |
| 6. | سيد ابراهيم شاهه وارو قلمي نسخو، ص 74(1).<br>هي سُر سسئي سان شروع ٿئي ٿو. هن ۾ ڪيترائي نوان بيت آهن. هيءُ قلمي رسالو، گنج واري سلسلي جي رسالن ۾ ڳڻجي ٿو. هيءُ نسخو ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي کي مليو. سندس لکڻ موجب ته "سيد ابراهيم شاهه واري بياض جي ترتيب بلڪل نرالي آهي." | 1207ھ |
| 7. | قاضي موسيٰ وارو قلمي رسالو، ص 72(1).<br>هن ۾ 19 سُر، 1283 بيت ۽ 86 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 1369 ٿين ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب کي جامع مستند متن جي تياري لاءِ ڪم ڪندي هٿ آيو. وڌيڪ معلومات ميسر نه آهي. | 1207ھ |
| 8. | آڳاٽو اڌپورو قلمي نسخو-1، ص 89(1).<br>هن نسخي جا فقط 46 ورق دستياب ٿيا آهن. جن ۾ 17 سُر، 468 بيت ۽ 17 ڪافيون/ وايون شامل آهن(1). ٽوٽل شعر 485 ٿين ٿا. هيءُ نسخو سُر سسئي سان شروع ٿئي ٿو. سُرن ۾ آيل بيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته هي هڪ انتخاب آهي. موجود ورقن ۾ ڪٿي به ڪاتب ۽ ڪتابت جو سن وغيره لکيل نه آهي. | نامعلوم |
| 9. | آڳاٽو اڌپورو قلمي نسخو-2، ص 89(1).<br>هن نسخي جا فقط 43 پنا هٿ آيا آهن جن ۾ 5 سُر (ڪلياڻ، سريراڳ، سامونڊي، سهڻي ۽ سسئي) 316 بيت ۽ 17 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 333 ٿين ٿا. هن ۾ فقط سُر سامونڊي سڄو سربستو موجود آهي. بيتن جي ترتيب برٽش ميوزيم واري نسخي سان ملندڙ جلندڙ آهي. | نامعلوم |
| 10. | آڳاٽو اڌپورو قلمي نسخو-3، ص 90(1).<br>هن جا فقط 07 ورق (14 صفحا) دستياب ٿيا آهن. جيڪي سِٽي مان ٺهيل آڳاٽي ميرانجهڙي ۽ ٿلهي ڪاغذ جا آهن. انهن ورقن ۾ هيٺين سُرن جا ٽورا ٽورا بيت شامل آهن. ڪلياڻ ۽ جمن، بيراڳ، يعني بروو سنڌي، سورٺ، رپ، سامونڊي ۽ ڪارايل حاشيه ۾ مومل راڻي جا بيت لکيل آهن. لڳي ٿو ته هيءُ مجموعو هڪ انتخاب آهي. ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جي تاريخ/سال ميسر نه آهي. | نامعلوم |
| 11. | خيرپور وارو قلمي نسخو، ص 100(1).<br>هن ۾ اڌوگابرا 27 سُر، 2846 بيت ۽ 185 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 3031 ٿين ٿا. اصل ۾ هيءُ نسخو خيرپور جي مير صاحبن جو هو. جنهن ۾ اندر مير علي مراد خان جون مُهرون لڳل آهن. هيءُ نهايت زبون منتشر حالت ۾ ۽ دستياب ٿيو. سڄو نسخو لڳ ڀڳ پندرنهن سَوَن صفحن تي مشتمل هو. ڪاتب صورتخطي اردو تهجي ۾ لکي آهي. سندس نالو غالباً سيد قا[ئم علي شاهه] هو!!؟ | 1249ھ<br>(شايد؟) |
| 12. | انڊيا آفيس لائبريريءَ وارو قلمي نسخو، ص 85(1). | نامعلوم |

| | | |
|---|---|---|
| | آهي. پڇاڙيءَ ۾ آيل هر وائي کي ڪافي ڪري لکيو اٿس. هيءُ رسالو ميين عبدالڪريم طبيب ٺٽوي جي ڪتابن مان مليو. ڪاتب جو نالو ڏنل ڪونهي. سُر سسئي کي پنجن سُرن بدران گڏي هڪڙو ”سُر سسئي“ ڪري لکيو اٿس. | |
| .19 | خيرمحمد فقير هالائي (سانوڻي) وارو دستخط نسخو، ص 91(1).<br>هن ۾ 35 سُر، 2921 بيت ۽ 211 وايون شامل آهن ٽوٽل شعر 3132 ٿين ٿا. هن جي شروعات ڪلياڻ سان ٿئي ٿي. هن ۾ سُر بسنت شامل نه آهي. اندر ڪِن صفحن جي حاشين تي ڪي وڌيڪ بيت لکيل آهن، سُر کي سُرود ڪري لکيو اٿس. | 1267ھ |
| .20 | آخوند فضل علي وارو دستخط نسخو، ص 91(1).<br>هن ۾ 35 سُر، 2909 بيت ۽ 220 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعرن جو تعداد 3129 ٿئي ٿو. شروعات ڪلياڻ سان ٿئي ٿي. هن ۾ سُر بسنت ڏنل نه آهي. ڪاتب پنهنجو نالو هن طرح لکيو آهي: از دست حقير پُر تقصير آخوند فضل علي ولد محمد حافظ ساڪن شهر نصرپور. در اوطاق پير صاحب مرحوم احمد شاھ عليه الرحمة. نسخي جي آخر ۾ ٽيھ اکري ڏنل آهي. هِن ۾ سُر سهڻي تائين هر داستان کي جدا جدا عنوان سان نروار ڪيو ويو آهي. جيئن ته (سُر ڪلياڻ ۾) ”دوير در داستان اڳهي اڳهائي“ (سُر جمن ۾) ”پنجم در داستان قرب ڪبريا“ (سُر سهڻي ۾) ”شش در داستان ساهڙ جا سينگار“. | 1269ھ |
| .21 | مير امام بخش خان ٽالپر جو لکايل رسالو، ص 92(1).<br>هن ۾ 34 سُر، 3200 بيت ۽ 215 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 3415 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو، وچان کي ورق ڪُٽل اٿس. حاشين ۾ پيا ڪي رهجي ويل بيت لکيل آهن. هيءُ رسالو ڪاتب محمد حافظ ڳوٺ لٺي (تعلقو هالا) واري جو لکيل آهن. | 1270ھ |
| .22 | مائِي مُلي نعمت جو لکيل رسالو، ص 75(1).<br>هيءُ رسالو ”ديري سرڪار ڪلان عالي مدار“ يعني سرڪار عالي مدار مير نورمحمد خان (بن مير مراد علي خان) جي ديري، مائي مُلي نعمت کان لکايو ۽ ڪيس اجوري طور وڏو خرچ ۽ جججهي امداد ڏني. ديري جي انهي قدرداني سان مُلي نعمت هيءُ رسالو سهڻي خط ۾، سونهري جدولن سان سينگاري تاريخ 28 جمادي الثاني سن 1270هجري تي لکي پورو ڪيو. هيءُ قلمي نسخو ڊاڪٽر دائودپوٽي کي سن 1957ع ۾ مليو، لڳ ڀڳ ٽرمپ صاحب واري رسالي ۾ ہن استعمال ٿيل نسخن جي مشابھ آهي. | 1270ھ |
| .23 | ٺوڙهي لٺي (ڪڇ وارو) قلمي نسخو، ص 1(4).<br>هيءُ نسخو ميان محمد حافظ جو لکايل آهي وڌيڪ معلومات ميسر ناهي. | 1270ھ |
| .24 | حاجي هدايت الله هالائي جو دستخط نسخو، ص 92(1).<br>هن ۾ 34 سُر 3247 بيت ۽ 226 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 3473 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. هيءُ رسالو نصرپور جي مشهور حڪيم ۽ فارسي دان ديوان ٺارومل، ميان هدايت الله هالائي کان اجوري تي لکايو. | 1270ھ |
| .25 | آخوند محمد شفيع جو دستخط نسخو، ص 93(1).<br>هن ۾ 35 سُر، 1841 بيت ۽ 115 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 1956 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو، وچان ڪافي پنا ڪٽل اٿس. هن رسالي جا سُر داستانن ۽ فصلن ۾ ورهايل نه آهن. هن ۾ سُر سسئي آبري سڄو ضايع ٿيل آهي، جيڪڏهن نسخو سالم هجي ها ته سندس | 1273ھ |

| | | |
|---|---|---|
| 32 | قاضي عبدالحميد جو دستخطي نسخو، ص 95(1).<br>هن ۾ 36 سُر، 3238 بيت ۽ 219 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 3457 ٿين ٿا. تحرير نهايت سهڻي آهي. 36 سُرن وارن نسخن ۾ هيءُ آڳاٽي ۾ آڳاٽو آهي. هر سُر جي مُنڍ ۾ ڪاتب داستانن جو وچور فارسي ۾ ڏنو آهي. مثلاً: "سُرود ساموندي، مشتمل برسه داستانه است" سُرڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ هي رسالو ميان محمد بن حسين نالي ڪنهن علم دوست، ڪاتب عبدالحميد بن قاضي عبدالباقي کان لکارايو. ڪاتب عبدالحميد عالم فاضل شخص هو ۽ سندس تحرير پڻ نهايت سهڻي هئي. هن هيءُ نسخو جمعي جي ڏينهن 17 جمادي الثاني 1281هجري تي لکي پورو ڪيو. | 1281ھ |
| 33 | عبدالحق هالائي جو دستخطي نسخو، ص 96(1).<br>هن ۾ 36 سُر 3482 بيت ۽ 246 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 3728 ٿين ٿا. هي ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. آخر ۾ سسئي جي ٽيهه اکري ڏنل اٿس. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي صاحب جي نظر مان گذريو. جنهن هن نسخي کي بلڙي واري نسخي سان ڀيٽيو. ڪاتب عبدالحق هالائي 29 ربيع الاول سنہ 1282هجري تي لکي پورو ڪيو. هيءُ نسخو مير عبدالحسين خان سانگي جي ملڪيت رهيو. هن ۾ سُرن جي فهرست مير عبدالحسين خان سانگي پنهنجي هٿ اکرن سان لکي. | 1282ھ |
| 34 | ميين نورمحمد سندس پُٽ ۽ ڀائي عزيز جو دستخط نسخو، ص 97(1).<br>سُر ڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ هن رسالي کي سنہ 84- 1283هجريءَ ۾ شيخ نورمحمد مَنهيين قادري، سندس فرزند دوست محمد ۽ ڀائي هڪ عزيز ميين احمد فقير هيٺين ريت لکي پورو ڪيو. (الف) ميين نورمحمد خلف شيخ محمد شفيع، سُر ڪلياڻ کان سُر سسئي آبري تائين (ب) ميين دوست محمد ولد شيخ نورمحمد سُر معذوري کان سُر ڪاهوڙي تائين (ج) ميين احمد فقير ولد مرحوم حاجي محمد مهيہ باقي سُر لکي پورا ڪيا. رسالي جا ڪاتب عالم فاضل هئا، انهي ڪري صحت جي لحاظ سان هيءُ نسخو وڌيڪ اهميت رکي ٿو. هن نسخي ۾ سُر بسنت بهار شامل نہ آهي. شيخ نورمحمد قادري سنڌي لفظن جي معنيٰ فارسيءَ ۾ قلمبند ڪئي آهي ۽ پڻ تصوف جي ڪن نُڪتن جي شرح حاشين ۾ لکي آهي. | 1284ھ |
| 35 | ميين احمد ڀٽائيءَ جو دستخطي نسخو-١، ص 97(1).<br>هن ۾ 34 سُر، 3114 بيت ۽ 217 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 3331 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. متن جي حاشين ۾ ميين احمد تصوف جي مسئلي طرف فارسيءَ ۾ اشارا آندا آهن. هيءُ نسخو مير عبدالحسين خان سانگي جي مطالعي هيٺ رهيو. غالباً مير عبدالحسين خان سانگي جي همت افزائي سان ميين احمد ڀٽائي رسالي جا گهڻا کي نقل اُتاريا. | 1294ھ |
| 36 | شهداد جمالي وارو رسالو، ص 78(1).<br>هن ۾ 36 سر آهن، آخر ۾ بسنت ۽ ان کان پوءِ سسئي جي ٽيهه اکري ڏنل آهي. سڀني سُرن جي پويان "جو" ڏنل آهي. جيئن "سُر مومل راڻي جو" هي بمبئي جي پهرين ڇاپي کي سامهون رکي اتاريو ويو. سُر يمن جي آخر ۾ فارسي غزل "ساقيا برخيزو در ده جام را- خاڪ برسر ڪن غمِ ايام را" قلمبند ٿيل آهي. | 1300ھ |

| | | |
|---|---|---|
| 37. | مبين حسين جو دستخط نسخو، ص 98(1).<br>هن ۾ 41 سر، 3792 بيت ۽ 309 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 4101 ٿين ٿا. هي سر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب هڪ هنڌ هن رسالي جا 42 سُر بہ لکيا آهن. (ص 130-147 جلد پهريون) نون سُرن ۾ گجري، سُيراج، ڪانرو ۽ گوڙنري شامل آهن. جن ۾ هندي ۾ ساجن جي سينگار جا بيت ڏنل آهن. هي نسخو اول مبين محمد لکڻ شروع ڪيو. ميون محمد ۽ ميون حسين ٻيئي پلئر ۽ مبين احمد پٽائي جا پاٽيجا هئا. ميون حسين وڏو راڳائي هو ۽ پٽ تي راڳ جو اڳواڻ هو. | 1300ھ |
| 38. | نيڪ محمد جو دستخطي نسخو، ص 99(1).<br>هن ۾ 34 سر، 3899 بيت ۽ 235 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 4134 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. هيءُ نسخو پٽ واري روايت تي مشتمل آهي. پٽائي جي ساندن فقيرن جي ملڪيت رهيو. هن جو ڪاتب نيڪ محمد آهي. سُرن هيٺ ڪٿي 'فضل' ۽ ڪٿي 'داستانو' ڪري لکيا اٿس. سسئي جي پنجن سُرن کي "باب" ڪري ڄاڻايو اٿس. رسالي جا شروعاتي 9 پنا زبون ٿيل آهن، انڪري اصل بيتن ۽ واين جو تعداد وڌيڪ هوندو. | 1303ھ |
| 39. | مبين احمد پٽائيءَ جو دستخطي نسخو-2، ص 98(1).<br>هن ۾ 34 سُر، 3218 بيت ۽ 223 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 3441 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. پني جي ماپ توڙي سُرن جي ترتيب جي لحاظ سان هيءُ اتارو 1294هجري واري نسخي جهڙو آهي. البت ورقن جي تعداد ۽ بيتن ۽ واين جي تعداد ۾ فرق آهي. | 1304ھ |
| 40. | مبين احمد پٽائيءَ جو دستخطي نسخو-3، ص 98(1).<br>هيءُ نسخو اڻپورو آهي ۽ ان جا فقط 56 ورق منتشر ۽ زبون حالت ۾ دستياب ٿيا آهن. انهن ورقن ۾ ڪٿي بہ ڪتابت جي تاريخ ڄاڻايل نہ آهي. مبين احمد پٽائي شاهہ جي رسالي جا هڪ کان وڌيڪ نسخا لکيا، جيڪي گهڻو ڪري سڀ وڏي تختي وارن ورقن تي لکيل آهن، مگر هيءُ نسخو ٻين کان اڳئين نسخن وانگر ننڍي تختي تي لکيل آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ مبين احمد هيءُ رسالو سڀ کان پهريان لکيو هجي. | نامعلوم |
| 41. | برٽش ميوزيم (لنڊن) وارو قلمي نسخو، ص 84(1)<br>هن ۾ 28 سُر، 1822 بيت ۽ 86 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 1908 ٿين ٿا. هي سُر سسئي سان شروع ٿئي ٿو. هن کي رسالي بدران بياض ڪري لکيو اٿس. هي نسخو 14 فيبروري 1886ع کان اڳ ميوزيم جي ڪتب خاني ۾ شامل ٿيو ۽ ان جو نمبر آهي: (OR 2987). سُرن جي ترتيب ۽ بيتن جي تعداد مان اندازو ٿئي ٿو تہ هيءُ نسخو 12 صدي هجري جي آخر ۾ لکيل اڳئين نسخن مان هڪ آهي ۽ غالباً ڪڇ جي روايت مطابق آهي. اندر متن ۾ تمر فقير ۽ ٻئي ڪنهن شاعر جي بيتن کي جُدا عنوان هيٺ لکيو ويو آهي. | 1304ھ |
| 42. | ڪيپٽن اسٽئڪ وارو قلمي نسخو، ص 90(1).<br>هن ۾ 24 سُر 1714 بيت ۽ 73 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 1787 ٿين ٿا. هي سُر سسئي سان شروع ٿئي ٿو. هيءُ رسالو سنڌ ۾ ڪپتان اسٽيڪ جي ملڪيت رهيو. سن 1304هجري ۾ هيءُ نسخو "ڪتبخانہ مِلي مَلِڪ" (تهران، ايران) لاءِ حاصل ڪيو ويو ۽ هن وقت انهيءَ ڪتبخاني ۾ محفوظ آهي. | 1304ھ |

| | | |
|---|---|---|
| | ڪن ورقن تي محمد حسن شاهه ۽ اشرف شاهه جون وايون لکيون اٿس. البت ڪاتب هيءُ نسخو ڪنهن صحيح نسخي تان ڪونہ اُتاريو يا احتياط سان ڪونہ لکيو. هيءُ نسخو هن وقت درگاهه جي پڳدار وٽ محفوظ رکيل آهي. | |
| .60 | محمد صالح بهراڻي جو دستخطي نسخو، ص 103(1).<br>هن ۾ 36 سُر، 4907 بيت ۽ 337 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 5244 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو ۽ آخر ۾ سُر ڪارايل اٿس. هيءُ نسخو محمد صالح ولد محمد خان بهراڻي بلوچ ويٺل ٽنبومحمد خان لکيو. مختلف سُرن جا بيت جيڪي لکندي وقت ڪاتب کان رهجي ويا، سي رسالي جي آخر ۾ "متفرقات" جي عنوان سان قلمبند ڪيائين. | 1355هه<br>1936ع |
| .61 | ميهار فقير جو لکايل رسالو، ص 103(1).<br>هن ۾ 36 سُر، 5343 بيت ۽ 325 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 5668 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. حاشين ۾ جابجا نوان بيت لکيل آهن. ميهار فقير ولد لاتي ڏنو فقير تاريخ 1 ذوالحج سنہ 1371هجري تي وفات ڪئي، ان ڪري هيءُ نسخو ان ڪان اڳ جو تيار ڪيل چئي سگهجي ٿو. تمر فقير واري وڏي اوطاق جو راڳائي سرواڻ هو. ميهار فقير هن نسخي ۾ "گنج" وارو سڄو مواد توڙي ٻيا گهڻا بيت ۽ وايون جن کي "رهيل ڪلام" سڏيو ويو آهي، شامل ڪرايو. | 1371هه<br>(ڪان اڳ) |
| .62 | پيرل ٽيٻي وارو قلمي رسالو، ص 79(1).<br>سُر ڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ هيءُ نسخو سنہ 1373هجري ۾ قلمبند ٿيو. هيءُ نسخو اڌوهي کاڌل، اڻ پورو ۽ زبون حالت ۾ مليو. باقي بچيل ورقن ۾ 28 سُر شامل آهن. ڪاتب جي لکئي موجب هن ۾ 3970 بيت ۽ 290 وايون شامل هيون. ڪاتب هرهڪ سُر جي پڇاڙي ۾ ان سُر ۾ شامل بيتن ۽ واين جو تعداد ڄاڻايو آهي. هي پوئين دور جي گهڻن بيتن ۽ گهڻن داستانن وارو نسخو آهي. هن ۾ سُرن جي ترتيب ساڳي بمبئي ڇاپي واري آهي. | 1373هه |
| .63 | لونگ فقير وارو قلمي نسخو، ص 3(4).<br>لونگ فقير، بدين شهر لڳ، ڳوٺ استاد حاجي عبدالجبار جماليءَ جو رهاڪو هو. سنہ 1956ع ۾ وٽس نسخو ڏٺو ويو. جيڪو ان ڪان ڪجهہ سال اڳ جو لکيل هو. وڌيڪ سنہ معلومات ميسر نہ آهي. | 1947ع<br>(لڳ ڀڳ) |
| .64 | ولي محمد شاهه وارو قلمي نسخو، ص 102(1).<br>هن ۾ 31 سُر، 5036 بيت ۽ 317 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 5353 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. چار سُر (1) بيراڳ هندي، (2) بروو سنڌي، (3) هير رانجهو ۽ (4) مومل راڻو نسخي ۾ موجود نہ آهي. هي نسخو ولي محمد شاهه ولد سيد بخش علي شاهه ويٺل ٽنبو مير غلام حسين، نمبر 9 لطيف آباد، 1947ع ڪان پوءِ واري ويجهي دور ۾ لکايو. هن نسخي ۾ گهڻا علمي روايتن وارا بيت آندل آهن ۽ منجهس ڪيترن ئي ٻين شاعرن جهڙوڪ: ميون شاهه عنات، بلال شاهه، احسان فقير وغيره جا بيت بہ شامل آهن. متن جي پڇاڙي ۾ "متفرقات" جي عنوان سان وڌيڪ بيت ۽ وايون ڏنيون اٿس. | 1947ع |
| .65 | پنهل فقير جُوڻي جو لکايل رسالو، ص 79(1).<br>هن ۾ 39 سُر، 5885 بيت ۽ 381 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 6266 ٿين ٿا. هيءُ نسخو ڀٽائي صاحب جي درگاهه جي ڪُنجي بردار پنهل فقير جوڻي پنهنجي شوق سان ڪاتب ماستر | 1383هه<br>1963ع |

| | | |
|---|---|---|
| | عبدالله ٿهيم (وينل پٽ شاه جي ويجهو ڳوٺ محمد ٿهيم) کان لکايو. پنهل فقير جي چوڻ موجب ”هن نسخي ۾ شامل بيتن ۽ واين جو دارومدار لاڙ ۾ هلندڙ عام روايتن تي آهي.“ هن مجموعي جي مطالعي مان ظاهر آهي ته ان ۾ عام زباني روايتن وارا بيت ڀٽائي صاحب ڏانهن منسوب ڪري شامل ڪيا ويا آهن. هن رسالي ۾ بيتن ۽ واين جو تعداد ٻين عام رسالن کان گهٽ وڌايل آهي. | |
| .66 | سيد غلام شاه ڀٽائي وارو قلمي نسخو، ص 103(1).<br>هن ۾ 36 سُر، 4123 بيت ۽ 248 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 4371 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو، سيد غلام شاه ڀٽائي راڳائي هو ۽ پوئين ويجهڙائي واري دور ۾ شاه جي راڳ جي اڳواڻي ڪيائين. پاڻ ڪنهن ڪاتب کان رسالو لکيائين. جنهن ۾ ڪن بيتن ۽ سٽن جون پڙهتيون پاڻ پنهنجي خيال موجب ڏنائين. رسالي جي ترتيب ساڳي بمبئي ڇاپي واري آهي. | 1970ع |
| .67 | درٻيلي جي مخدومن وارو نسخو، ص 34(5).<br>هن رسالي ۾ ڪاتب جو نالو محمد صديق ڏنل آهي، حبيبي سيد جناب محمد عثمان علي شاه وٽ موجود هو. وڌيڪ معلومات ميسر نه آهي. | نامعلوم |
| .68 | سيوهڻ وارو نسخو، ص 33(5).<br>هن رسالي جو مختصر حوالو، شاه جو رسالو (عثمان علي انصاري) مان مليو ٿو. وڌيڪ معلومات ميسر نه آهي | نامعلوم |
| .69 | فقير احمد جت وارو نسخو، ص 52(6).<br>هن نسخي جو مختصر حوالو، محمد حسين ڪاشف جي ڪتاب ”لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاهه“ مان مليو ٿو. | نامعلوم |

## ڇاپي نسخا

| نمبر | رسالن جو تفصيل | سن |
|---|---|---|
| .1 | ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ صاحب وارو ڇاپو (رسالي مان)<br>هن ۾ 26 سُر، 2529 بيت ۽ 160 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 2689 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو ۽ سُر آسا تي ختم ٿئي ٿو. حضرت سيد شاه عبداللطيف ڀٽائي جو هيءُ پهريون نسخو آهي، جيڪو سڀ کان اول پريس تي ڇاپيو ويو. ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب هن رسالي کي ڇاپڻ لاءِ الڳ پريس قائم ڪئي ۽ جرمني جي شهر ليزگ/ لپسيا ۾ ان کي ڇپايو. ٽرمپ صاحب شاه جي رسالي سان انصاف ڪرڻ لاءِ سڀ کان اول پنهنجو پاڻ سنڌي ٻولي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ سکيو. هن رسالي جي ڪمزوري اِها آهي جو هن ۾ شاه جا سُر مارئي، ڪاموڏ، پورب ۽ ڪارايل شامل نه آهن. ازانسواءِ بيراڳ هندي، ڏول مارو، هير رانجهو، شينهن ڪيڏارو، ڏناسري ۽ بسنت به شامل نه آهن. ٽرمپ صاحب جي ڏيهي (سنڌي) مددگار هن ۾ ڪافي شعر پنهنجي پاران شامل ڪري پنهنجو شوق پورو ڪيو. | 1866ع |
| .2 | بمبئي ڇاپو-1، (رسالي مان)<br>هن ۾ 36 سُر، 4071 ۽ 237 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 4308 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو ۽ سسئي جي ٽيهه اکري تي ختم ٿئي ٿو. هن رسالي جو ڪاتب حاجي محمد | 1283ھ<br>1867ع |

| | | |
|---|---|---|
| | سمون (ٻاڙو مرادپوٽو پيڻءَ پوري) آهي ڪاتب جا هٿ اکر ڏاڍا سهڻا آهن. اصل ۾ هن بمبئي ڇاپي ۽ ٻين بمبئي ڇاپن ئي سنڌ ۾ شاهه جي رسالن جي ڪوٽ کي ختم ڪيو هيءُ نسخو قاضي محمد ابراهيم جي سعيي سان مطبع حيدري بمبئيءَ مان ليٿو تي ڇپيو. | |
| 3. | بمبئي ڇاپو-2، ص 105(1).<br>هن ۾ 36 سُر، 4076 بيت ۽ 237 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 4308 ٿين ٿا، هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو ۽ آخر ۾ سسئي جي نيهه اکري ڏنل اٿس. هن نسخي جو ڪاتب بہ حاجي محمد سمون پيڻءَ پوري آهي. هن نسخي جي خاتمي واري عبارت ۾ لکيل آهي تہ هيءُ نسخو حاجي ميان خيرمحمد حڪيم مُلا سانوٽي (هالن پراڻن) واري وٽ رکيل قلمي نسخي تان اتاريو ويو آهي حاجي ميان خيرمحمد راڳائي هو ۽ هن پنهنجي نسخو درگاهه تي رکيل ڪنهن نسخي کي ڏسي نقل ڪيو، هيءُ بمبئي ڇاپو بہ مطبع حيدري بمبئي مان ليٿو تي ڇپيو. | 1292هہ<br>1876ع |
| 4. | قاضي احمد جو (چونڊ شاعري) ڇاپو، ص 79(1).<br>هن ۾ 26 سُر، 719 بيت ۽ 03 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 722 ٿين ٿا. هن ۾ چونڊ شاعري منتخب ڪري ڇاپي وئي آهي. قاضي صاحب ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جو استاد هو. سندس موجب تہ هُن هيءُ انتخاب ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب ۽ ٻن ٻين رسالن تان ڪيو. هن جو ٻيو ڇاپو سنہ 1883ع ۾ شايع ٿيو. | 1880ع |
| 5. | بمبئي ڇاپو-3، ص 106(1).<br>هن ۾ 36 سُر، 4188 بيت ۽ 237 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 4425 ٿين ٿا. هن سُرڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو ۽ آخر ۾ سسئي جي نيهه اکريءَ ڏنل اٿس. هن رسالي جو ڪاتب مخدوم نورنگ جي اولاد مان، گل محمد بن حاجي محمد مقيم، ويٺل ميرپور بٺوري سنڌ جو هو ۽ ڪڇ ۾ ڪوٺاري هو. هي رسالو مطبع فتح الڪريم بمبئيءَ مان ليٿو تي ڇپيو. | 1303هہ<br>1886ع |
| 6. | بمبئي ڇاپو-4، ص 106(1).<br>هن ۾ 36 سُر، 4187 بيت ۽ 237 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 4424 ٿين ٿا. هي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. رسالي جو ڪاتب خميسو ولد محمد حسين آهي. سندس لکڻ موجب تہ "رسالي جو هي متن ڇپائڻ کان اڳ پيرجهنڊي واري ڪُتبخاني ۾ رکيل(؟) هڪ قلمي نسخي سان ڀيٽي دُرست ڪيو ويو آهي. هن ڇاپي جي حاشين ۾ جابجا بيتن جون ٻيون پڙهڻيون ۽ لفظن جون معنائون لکيل آهن. بمبئي ڇاپن ۾ هيءُ نسخو هڪ مستقل حيثيت رکي ٿو. هي نسخو مطبع صفدري بمبئيءَ ۾ ليٿو تي ڇپيو. | 1306هہ<br>1889ع |
| 7. | بمبئي ڇاپو-5، ص 106(1).<br>هن ۾ 36 سُر، 4188 بيت ۽ 237 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 4425 ٿين ٿا. هيءُ سُر ڪلياڻ سان شروع ٿئي ٿو. رسالي جو ڪاتب صالح محمد بن حاجي اسماعيل آهي. ڪاتب هن نسخي کي سن 1303هہ واري ڇاپي کي اڳو رکي هوبهو نقل تيار ڪيو. هن ڇاپي ۾ سُرن جي ترتيب ۽ تعداد، بيتن ۽ واين جو تعداد، حاشين ۾ لفظن جون پڙهڻيون ۽ معنائون، توڙي نسخي جي مُنڍ ۽ پڇاڙي واريون عبارتون ساڳيون 1303هجري ڇاپي واريون آهن. هيءُ نسخو مطبع ڪريمي بمبئيءَ مان ليٿو تي ڇپيو. | 1310هہ<br>1893ع |

| | | |
|---|---|---|
| .14 | هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ وارو ڇاپو (جلد پهريون) (رسالي مان)<br>هن ۾ 05 سُر، 499 بيت ۽ 31 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 530 ٿين ٿا. هيءُ جلد ڪلياڻ کان شروع ٿي سامونڊي تي ختم ٿئي ٿو. هن نسخي ۾ بيتن جي ڇنڊڇاڻ، داستان وار ترتيب، پڙهڻين ۽ معنائن تي وڏي تحقيق ۽ محنت ٿيل آهي. هيءُ نسخو خالص علمي تحقيقات جي بناء تي مرتب ڪيو ويو. | 1923ع |
| .15 | هوتچند مولچند گربخشاڻي وارو ڇاپو (جلد ٻيو) (رسالي مان)<br>هن ۾ 06 سُر، 938 بيت ۽ 78 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 1016 ٿين ٿا. هيءُ سر سهڻي کان شروع ٿي حسيني تي پورو ٿئي ٿو. بي مثال ۽ لاثاني سمجهاڻين سان مالامال هن جلد کي ڪراچي جي سرڪاري ڇاپخاني ۾ شايع ڪيو ويو. | 1924ع |
| .16 | رسالو شاهه عبداللطيف، ص 80(1).<br>وڏي تختي تي، هر صفحو ٻن ڪالمن ۾ ڪمپوز ٿيل، 1925ع ڌاري يا ان کان اڳ تجارت خاطر سکر ۾ ڇپيو. ان جو متن ڪنهن بمبئي ڇاپي تان اُتاريو ويو، وڌيڪ معلومات ميسر نہ آهي. | 1925ع |
| .17 | پوڪرداس ٿانورداس وارو ڇاپو (چونڊ شعر)، ص 17(4).<br>هي چونڊ شعرن جو مجموعو آهي. پوڪرداس ٿانورداس 1929ع ۾ شڪارپور مان شايع ڪرايو. | 1929ع |
| .18 | هوتچند مولچند گربخشاڻي وارو ڇاپو (جلد ٽيون)، (رسالي مان)<br>هن ۾ 07 سُر، 609 بيت ۽ 37 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 646 ٿين ٿا. هي جلد سُر ليلا چنيسر سان شروع ٿي، ڪيڏاري تي ختم ٿئي ٿو، مٿين ٻنهي جلدن وانگر جامع ۽ فصيح معلومات سان مالامال آهي. | 1931ع |
| .19 | رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو، جلد-I، (رسالي مان)<br>هن ۾ 13 سر، 1944 بيت ۽ 133 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 2077 ٿين ٿا. هيءُ سر ڪلياڻ کان شروع ٿي حسيني تي مڪمل ٿئي ٿو. هن جو ڪاتب عبدالله سومرو آهي، جنهن غالباً ڪنهن بمبئي ڇاپي تان نقل ڪيو. ڏکين لفظن جي معنيٰ سان ۽ شاهه صاحب جي حالات سوڌو، سڌاريل آهي. جناب مولوي محمد ابراهيم بختيارپوري، هيمن داس ڪتبخانا ڳڙ بازار سکر مان ليٿو تي شايع ڪيو. | 1350هه<br>1931ع |
| 20 | رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو، جلد-II<br>هن ۾ اندازاً 23 سُر، 2179 بيت ۽ 115 وايون شامل آهن. انڪري اندازو آهي تہ هنن ٻنهي جلدن ۾ ٽوٽل 36 سر، 4123 بيت ۽ 248 وايون هونديون. ٻيو جلد مطالعي هيٺ ناهي آيو. بيتن جي سٽاء ۽ لکت مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي ڪنهن بمبئي ڇاپي تان نقل ڪيل آهي. هن کي بہ محمد ابراهيم بختيارپوري، هيمن داس ڪتبخانا، ڳڙ بازار سکر مان ليٿو تي ڇپايو. | نامعلوم |
| 21 | اُتم چند پيسومل (چونڊ شعر)، ص 14(4).<br>هن ۾ شاهه صاحب جون چونڊ وايون ۽ ڪافيون شامل آهن، ”رسالي مان شاهه عبداللطيف جا ڪلام“ جي عنوان سان هيءُ ڪتاب بوڪ سيلر سروگهاٽ حيدرآباد سنڌ ۾ شايع ٿيو. | 1932ع |
| 22 | پوڄ راڄ، پوڪرداس ڪالرو، (چونڊ شعر)، ص 17(4).<br>هيءُ چونڊ شعرن جو مجموعو آهي. ”رسالي جو انتخاب“ جي عنوان سان شڪارپور مان شايع ٿيو. | 1935ع |

| | | |
|---|---|---|
| 41. | شيخ اياز وارو (اردو) ڇاپو، (رسالي مان) هن ۾ 29 سُر، 2026 بيت ۽ 196 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 2222 ٿين ٿا. هي ڪنهن حد تائين چونڊ شاعري جو مجموعو چئي سگهجي ٿو. سُر ڪلياڻ سان شروع ٿي سُر سهڻي تي مڪمل ٿئي ٿو. هن جو پهريون ايڊيشن 1963ع ۾ ٻيو 1977ع ۽ ٽيون 1991ع ۾ شايع ٿيو. شيخ اياز صاحب جي بيتن جو منظوم ترجمو ڪندي ڪٿي ڪٿي ڇهن سٽن وارو بيت ٽن سٽن ۾ ۽ ٽن سٽن وارا ٻن ۾ پورا ڪيا آهن، البت بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم مڪمل ڪيو اٿس. | 1963ع |
| 42. | گل محمد ڪتري وارو ڇاپو، ص 25(4). شاهه جي بيتن ۽ واين کي اسڪيچن سان سينگاري، پڙهندڙن ۽ ڏسندڙن کي لاجواب ڪري ڇڏيو. | نامعلوم |
| 43. | سائين جي.ايم.سيد وارو ڇاپو، ص 23(4). "شاهه ڀٽائي جون وايون ۽ ڪافيون" جي عنوان هيٺ هن ڪتاب کي 1968ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو. | 1968ع |
| 44. | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وارو ڇاپو، ص 6(4). برٽش ميوزيم واري قلمي نسخي کي، ساڳي ترتيب سان شايع ڪرايو ويو. شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز پاران شايع ٿيو. | 1969ع |
| 45. | سليم عبدالحئي (چونڊ شعر)، ص 23(4). "شاهه جو چونڊ ڪلام" جي عنوان سان هي شعري مجموعو شايع ٿيو. هن چونڊ ڪلام جي مجموعي کي، اطلاعات کاتي ڪراچيءَ شايع ڪرايو. | 1969ع |
| 46. | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وارو ڇاپو، ص 6(4). هيءُ رسالو آڳاٽن قلمي نسخن تي آڌاريل آهي. شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز پاران شايع ڪرايو ويو. | 1974ع |
| 47. | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وارو ڇاپو، ص 6(4). سُر سسئي سان شروع ٿيندڙ ڏهن قلمي نسخن تي آڌاريل آهي. جيڪي 1165هجري کان 1207هجري جي درميان لکيا ويا آهن. شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز پاران شايع ڪرايو ويو. | 1977ع |
| 48. | هوتچند مولچند گربخشاڻي وارو ڇاپو، (ٽيئي جلد گڏ) (رسالي مان) ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جا شايع ڪرايل ٽيئي جلد هڪ ئي جلد ۾ گڏ شايع ڪيا ويا. هن ۾ 18 سُر، 2046 بيت ۽ 146 وايون شامل آهن. ٽوٽل شعر 2192 ٿين ٿا. هيءُ سُر ڪلياڻ سان شروع ٿي، سُر ڪيڏاري تي مڪمل ٿئي ٿو. ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جو چوٿون جُلد (شايد؟) ورهاڱي سبب شايع ٿيڻ کان رهجي ويو. انڪري هن اڻ مڪمل رسالو آهي. البت جيترو به شايع ٿيو ان جي پيٽ ۾ اهڙو جامع ڪم اڄ ڏينهن تائين ڪير به ڪري نه سگهيو آهي. هن جا ڪيترائي ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن. | 1979ع |
| 49. | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وارو ڇاپو (جلد پهريون) (رسالي مان) هن جلد ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي"جي سوانح عمري، شاهه جي رسالي جي حقيقت ۽ سڃاڻپ، رسالي جي گڏ ٿيڻ ۽ لکجڻ جي تاريخ، رسالي جي ترتيب، شاهه جي ڪلام جي پرک جا معيار، سُر ڪلياڻ ۽ سُر يمن جو موضوع ۽ مفهوم شامل آهن. آخر ۾ قلمي رسالن | 1989ع |

هيءَ ڪافي خيال تورڙي گهاڙيتي جي اعتبار کان سچل سائينءَ جي اثر هيٺ آهي:

عشق ذاتي ڪون هي،
ڪيا ڪريندا ڪام پي،
آ جنهين ڪون گوش ڏيندا،
پهلي تهيندا هوش نيندا،
زهد تقوىٰ ڇڏي وي يار،
ڪٽ ڪفر اسلام پي(7).

سچل سرمست جي ڪافي آهي:

سر اساڏي آيا، وو يار،
عشق زورا زور پي،
مي دا پيالا پر ڏتو ئي،
هوش سارا لٽ نتوئي،
ايڪ پيالي پيوڻ دي نال،
دل ڪاڏا دور پي.

صوفين چواڻي: حق تعالىٰ پنهنجو پسائڻ خاطر هي رنگ جوڙيا آهن. هوئي سڀ ڪجهه آهي، هو ئي سڀ ڪنهن ۾، هر رنگ، منظر، نظر ۽ نظاري ۾ مالڪ خود موجود آهي. سچل سائين جي ڪلام ۾ اهڙا خيال جابجا موجود آهن. چوي ٿو:

صورت سڀ سلطان،
پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو.
ڪا ٿئين حنبل، شافعي،
ڪاٿئين مالڪ نعمان،
ڪاٿئين پٽي پوٿيون،
ڪاٿئين پڙهي قرآن،
ڪاٿئين اناالحق چوي،
ڪاٿئين ڦيرائي فرمان،
ڪاٿئين طفوليت ۾،
ڪاٿئين پير جوان،
ڪاٿئين مير وزير ٿيو،
ڪاٿئين ٿيو دربان،
ڪاٿئين احمد بلا ميمي،
ڪاٿئين هنومان،
سچو پير صبر ۾،
هوءِ حيرت ۾ حيران.

(انصاري ، ص81)

پاڻ سڃاڻڻ آيو، ڙي، سڃڻ پاڻ سڃاڻڻ آيو،
ڪم نه هيڙس ڪو بيو.

پاڻون جاڻي پاڻ سان، هت لون تان لائڻ آيو،
سولي تي منصور ٿي، هت سر سلائڻ آيو،
"سچو" ري سنسار ۾، هت پير گهمائڻ آيو.

نانڪ يوسف، سچل سائينءَ جو اثر قبوليندي، فڪر تورڙي گهاڙيتي جي اعتبار کان مرشد سائينءَ جي پَران ڪلام چيو، پر ڪٿي ڪٿي اسلوب جي لحاظ کان ساڳئي رنگ ۾ رڱيل نظر اچي ٿو. هو پنهنجي شعري انفراديت هوندي به اُهي ئي موضوع، اُهي ئي نُڪتا بيان ڪري ٿو. جيڪي سندس گُرو سَرمست سائينءَ عيان ڪيا آهن. سچل جي خيالن جي مطابقت ۾ نانڪ يوسف ساڳي ڳالهه انهيءَ ڍنگ ۽ انداز سان ڪئي آهي:

بي رنگي رنگن ۾ آيو، ڏس تان ڇُل ڇڪايو،
سير مچايو، پاڻ ڇپايو.

کهڙيون کهڙيون بازيون بنائي،
پاڻهي ڪيڏي پاڻ ڪيڏائي،
شورن شور مچايو،
رنگڙو لايو، ڏسڻ آيو.

انا احمد آهي اهو ئي، ميما مالڪ محمد سوئي،
هاديءَ حق سمجهايو، مون من لايو، منجهه سمايو(8).

ڪيها حڪم ٿو هلائين، رنگي برهه بيرنگي،
آدم حوا هابيل قابيل، ٿو ڪٽ ڪوٺائين.

عيسىٰ تنهن تان موسىٰ، فرعون ساڻ جنگي،
هر طرف هر جسم ۾، سو ڪيل ٿو ڪلائين(9).

سچل سرمست ۽ نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي هڪجهڙايون موجود آهن. نانڪ يوسف، مرشد سان والهانه عقيدت رکندڙ هو. هن پنهنجي سنڌي، سرائڪي ۽ هندي ڪلام ۾ سچل

سرمست سان پنهنجي محبت جو برملا اظهار ڪيو آهي:

- نانڪ يوسف يار سچل جي،
  ناگهه نينهن نيوسين.
- نانڪ يوسف يار سجاتو،
  درس درازين دلبر پاتو.
- نانڪ يوسف يار سچل جي،
  ڏس ڏنو ڪنهن ڏاهي ڏاهي(10).

يوسف فقير، سچل سرمست جي شان ۾ هنديءَ ۾ ٻاڻيون به چيون، جن ۾ هو مرشد کي "گرو جي" چئي مخاطب ٿئي ٿو:

واهه گرو جي شاهه درازي،
صاحب رضا ۾ عاشق راضي،
نانڪ ٻولي گرو کي ٻاڻين،
ساڌ سنگت ۾ صاحب ساڻين(11).

ڊاڪٽر تنوير عباسي جي نانڪ يوسف جي سچل سرمست کان اثر وٺڻ بابت هيءَ راءِ بلڪل درست آهي ته:

"سنڌي توڙي سرائڪي ڪافين مان نانڪ جي ڪلام تي، سچل جي رنديءَ ۽ سرمستيءَ جو رنگ چانيو پيو آهي. اهائي ٻولي، اهي محاورا، اهي ئي بي ٻپا اظهار جا طريقا، اهي ئي مترنم ۽ والهانه رقص جي موسيقي رڪندڙ گهاڙيتا، نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ ملندا، جيڪي سڀ سچل جي شاعريءَ جا گڻ آهن(12)."

فقير غلام حيدر گودڙيو، نانڪ يوسف جو طالب آهي، پر هن جي سچل سائينءَ سان به وڏي محبت هئي. هن جي ڪلام ۾ ڪيتريون سٽون درازي درويش جي عقيدت ۾ موجود آهن. فقير غلام حيدر جي اندر ۾ نينهن جو مچ، نانڪ يوسف مچايو، پر ڪيس رمزن واري راهه سچل سائينءَ وٽان ئي حاصل ٿيل ڏسجي ٿي:

جيڏيون جاڳيو جيءَ ۾ مان صدقي ڪيان ساهه،
سرتيون سيباڻو ساهه ڪي، سچو شاهنشاهه،
ڏسيو درازيءَ در جو، رمزن وارو راهه،
سونهون ٿيو ساٿيهه تي، هميشه همراهه،
نانڪ ٻاريو نينهن جو، اندر ۾ آڙاهه،
غلام حيدر گر مان، منهنجو اصل هو ارواح،
صدقي سارو ساهه، مرشد جي هڪ مامر تان(13).

فقير غلام حيدر جي سچل سان سڪ ۽ اُڪير ته پڌري پٽ، پر سندس ڪلام تي سرمستي پڻ نظر اچي ٿي. چوي ٿو:

جتي برهه لايا پڙڪا،
اتي دين ڪفر جا چلن نه چارا(14).

سچل سرمست:

عشق لڳئي تاڪر آمين،
نامنجهه ڪفر نامنجهه دين.
(قاضي، ص113)

فقير غلام حيدر پنهنجي فارسي ڪلام ۾ به سچل جو اثر قبوليو آهي:

ميزنم نعره انا الحق پرده بشــري بدان،
قل هو الله احد الله، عشق گريد با صفا(15)

(آءٌ انسان جي پردي ۾ اناالحق جو نعرو هڻان ٿو، ڇاڪاڻ ته عشق پوري سچائيءَ مان 'قل هو الله احد الله الصمد' چوي ٿو.)

سچل سائين "ديوان آشڪار" ۾ چوي ٿو:

نعره اناالحق زنده خودرا خود بشڪند،
تهمتي برا ونهد من نيم و من نيم(16)

(انا الحق جو نعرو پاڻ ئي هڻي ٿو ۽ پاڻ کي پاڻ ئي توڙي ٿو، پر الزام (منصور) ان کي ڏئي ٿو. آءٌ نه آهيان، آءٌ نه آهيان).

سچل سرمست توڙي جو پاڻ مرشد جي مسند تي ڪڏهن به نه ويٺو، باوجود اُن جي سندس چوگرد سندس طالبن ۽ ٻالڪن جو وسيع دائرو موجود هو، جن مان ڪيترائي رندي رنگ ۾ رڱيل شاعر پڻ هئا، جن تي پڻ سرمستيءَ وارو رنگ غالب آهي. اُهي موضوع، اُهي خيال ۽ پيشڪش جا اهي انداز، بار بار ساڳيا ئي آندا ويا آهن.

سچل:

ڏسو عشق جو انصاف،
سيئي مذهب ڪيائين معاف،

چوڙ گمان گدائي والا، شملا چا ٻڌ شاهي دا.
(راڻيپوري، ص400)

جهڙيءَ ريت سچل پنهنجي دوست فقير عبدالله ڪاتيار کان متاثر نظر اچي ٿو. اهڙي ريت فقير عبدالله ڪاتيار پڻ سچل سائينءَ کان متاثر ٿيو آهي. درازي بادشاهه پنهنجي هڪ ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

ڪيئن ڙي اديون آتڻ اچان،
مون کي پور پرين جو پيو.
(قاضي، ص207)

فقير عبدالله ڪاتيار چوي ٿو:

سا ڪيئن آتڻ ڪتي ڪتي، ڙي متوال،
جنهن جون ڙي جيڏيون سوداگر يار(26).

سچل پنهنجي فڪر جي اظهار ۾ يگانو آهي. هن وٽ سرمستي ئي هن جي انفراديت آهي. هو فنا ۽ بقا واري منزل جا راز به وڏي واڪي بيان ڪري ٿو ۽ انهيءَ سرمستيءَ جي ڪيفيت ۾ آلاپي ٿو:

صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو.
(قاضي، ص189)

انهي مستيءَ ۽ بيباڪيءَ ۾ ڪاتيار فقير، درازي شاهه کان متاثر ٿيندي چوي ٿو:

سڀ ڪنهن صورت سجڻ منهنجو، هر
ڪنهن صورت جانب منهنجو،
پاڻ صورت پنهنجي پسي پسي ٿو(27).

سچل سرمست جو هڪ ٻيو همعصر پير سيد راشد روضي ڌڻي به پنهنجي وقت جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. هن تي به درازي شاهه جو رنگ نظر اچي ٿو، توڙي جو پير راشد روضي ڌڻي باعمل صوفي هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ وحدت الوجود جا مسئلا بيان ڪندي، ڏاڍي احتياط کان ڪم وٺندي مانيٺو انداز اختيار ڪيو آهي، پر اُن هوندي به سندن ڪلام تي سرمست وارو اثر ڏسجي ٿو. سچل سائين وحدت مان ڪثرت جو بيان ڪندي چوي ٿو:

سڀ ڪنهن پار پرينءَ جو پرتو،
خــوابون عين ڪلايو،
وحدت مون، وو ڪثرت ڪيائين،
رنگيءَ رنگ رچايو،
پاڻ ڳجهو ڪيائين پترائيءَ ۾،
هي تنهن هنر هلايو.
(انصاري، ص78)

سيد راشد روضي ڌڻي چئي ٿو:

وحدت ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪـل،
اندر پرين ٻاهر پرين، ٻئي پول نہ ڪنهن پُل،
هي هلاچو هل، مڙئي آهہ محبوب جو(28).

پنهنجي دور جا هي ٻئي شاعر، شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف کان متاثر ڏسجن ٿا:

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻيءَ مَ ڀل،
هُو هلاچو هُـل، بالله سندو سچڻين.
(شاهه جو رسالو، گربخشاڻي، ص84)

عقل جا اختيار عشق جي حدن کي ڇُهي نٿا سگهن ۽ عشق جي خود ڪابہ حد ناهي. هو لاحد آهي ۽ عاشق عقل جون حدون اورانگهي عشق جي حد ۾ جڏهن داخل ٿي ويندو آهي تہ دنيا وارا کيس "چريو" ڪوٺيندا آهن: پر ڪين اها سڌ نہ هوندي آهي تہ اهو "چريو" ئي لاحد ۾ داخل ٿي پنهونءَ جو پرتوو بڻجي ويندو(29).

سچل سرمست اهڙي فرد لاءِ چوي ٿو:

چري چري مَ چئو، چريو آهي لوڪ،
جو چرئي لئو ٺوڪ، سو "سچو" آهہ نہ سڀ ڪنهن.
(انصاري، ص89)

ڪجهہ اهڙو ئي روضي ڌڻيءَ بادشاهه جو هڪ بيت پڻ آهي:

چريو سوئي لوڪ، جو چرين کي چريو چوي،
چرين ڏٺو سو ٺوڪ، سياڻا سڪن تنهن کي(30).

درازي شاهه جي طالبن ۽ ٻالڪن ۾ سندن درسي استاد حافظ عبدالله قريشيءَ جو پڻ نالو اچي ٿو. حافظ عبدالله ڪافيءَ جو پڪو پختو شاعر هو. هن جي ڪلام تي معنوي اعتبار کان

درازيءَ جو اثر موجود آهي. حافظ عبدالله جي ڪلام ۾ عشق ۽ عاجزيءَ جي وستار آهي. حيرت جي مقام تي حافظ عبدالله چوي ٿو:

بيداد مان بيداد مان،
نا مئڻ مردا، نامئڻ جيندا،
ناغمگين ناشاد مان(31).

سچل سائين ان مقام تان چوي ٿو:

اسين آهيون ڇا اسين آهيون،
ٻيلي نہ ٿا ڄاڻون ڇا اسين آهيون .
(قاضي، ص74)

سچل سائين پنهنجي هڪ سرائڪي ڏوهيڙي ۾ عشق جي وات کي ڏاڍي اوکي وات سڏي ٿو:

عشق بازي هي ڏاڍي مشڪل، لاوڻ توڙ نڀاوڻ.
(راڻيپوري، ص236)

حافظ عبدالله پڻ ساڳي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو:

عشق عبدالله ڇئي آهہ اڙانگو، بڇي ٿو تير تفنگ،
حال ڪنديس هوتن سان(32).

هن ئي دور ۾ روهڙي ۾ جانشاهي خاندان وحدت جي دونهين ڌڪايو ويٺو هو. سچل سائينءَ جو همعصر جان الله شاهہ "عاشق" پنهنجي دور جو اهم شاعر آهي. هن جي ڪلام تي بہ درازي رنگ غالب آهي. اهي ئي وحدت الوجود جا مسئلا، اهوئي انداز، اهوئي دلڪش اسلوب. هر منظر ۾ پرينءَ جو جلوو پسڻ وارو بيان، سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ بار بار آيو آهي. چوي ٿو:

پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجهہ سڃاڻ،
الله جو چوين پاڻ ئي الله ڄاڻ،
تون ئي ٻڌندڙ تون ئي ڏسندڙ شاهد آ قرآن،
ناهي شڪ گمان، سچو سائين هيڪڙو.
(قاضي، ص283)

جان الله شاهہ چوي ٿو:

ڪير ويهي ٿو ڪير ٻيهي ٿو، ڪيهو سندس اهڃاڻ،
صورت ۾ ٿي سندس لوتڙو ڏس پروڙي پاڻ،
ڳوليندڙ جو تون نہ تو ڳولين، سوئي توئي ساڻ(33).

جان الله شاهہ وٽ سچل سائينءَ واري بيباڪي پڻ موجود آهي:

سچل:

ڏسو عشق جو انصاف، سيئي مذهب ڪيائون معاف.
(قاضي، ص160)

جان الله شاهہ:

عشق وارن سان ناهي ٻلهہ، دين ڪفر کي ڇڏي ڏنائون(34).

سچل:

پاڻ پوڄاري پنهنجو، پنهنجو پوڄاري پاڻ.
ڄاڻ انهي جي ڄاڻ، ڄاڻ نہ ڄاڻي ڄاڻ کي.
(قاضي، ص369)

جان الله شاهہ:

تلڪ مٿا تي لاڪي،
سامي بن بن آيا،
رنگ رنگ دي وچ يار بيرنگي،
ڪٿ نصراني، ڪٿ آهي زنگي،
گهٽ گهٽ وچ وسايا(35).

ڪنڊڙي، سچل سرمست جي دور ۾ سنڌ جي تصوف جو اهم مرڪز هئي. روحل فقير، مراد فقير، دريا خان ڪنڊڙيءَ وارو هن مرڪز سان وابستہ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا سيبتا ۽ سريلا شاعر هئا. هنن شاعرن، شاعريءَ ۾ پنهنجي وات اختيار ڪئي. هنن جي ڪلام تي هڪ ئي وقت تصوف ۽ ويدانت جو اثر نظر اچي ٿو، تنهن هوندي بہ هنن جي ڪلام تي سچل سائينءَ جو رنگ موجود آهي ۽ منجهن ڪيترين ئي فڪري هڪجهڙايون پڻ آهن.

روحل فقير ڪنڊڙيءَ جي ڪلتارن جو اڳواڻ هو. هن جو ڪلام وحدت الوجود جي فلسفي سان ڀرپور آهي. تصوف علم نہ، بلڪ ان تي عمل جو نالو آهي. ڪيترائي ڪتاب پڙهڻ سان منزل نہ ٿي ملي سگهي. هي سڀ حرف ظاهر جا آهن، جيستائين اندر ۾ حقيقي عشق جي دونهين نہ ڌڪندي، جيستائين سالڪ اندر ۾ ڪنڌ نوائي

بيدل فقير انهن ڪردارن تي تمثيلي شعر چيا آهن، جن ۾ فقط انهن ڪردارن جا نالا آندا اٿس. انهن مان ڪنهن بہ ڪردار جي ڪهاڻي بيان نہ ڪئي اٿس، فقط چند واقعا ۽ جذبا انهن جي سوانح مان رچيا اٿس، جن تي بہ تصوف جو اثر موجود آهي.

هن مطالعي هيٺ اسان سچل سرمست جو پنهنجي دور تي اثر پرک هيٺ آندو آهي، جنهن مان اسان کي چٽيءَ ريت نظر اچي ٿو تہ سچل سرمست همہ اوست جو وڏو پرچارڪ آهي. هن جو سمورو سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو ڪلام مسئلہ وحدت الوجود سان پريو پيو آهي. سچل پنهنجي اظهار جي انداز ۾ ڏاڍو بي ڊپو ۽ بيباڪ آهي. پيشڪش جي لحاظ کان اهو طريقو سچل کي سموري ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ منفرد بڻايو بيٺو آهي. سچل سائينءَ جو اهو انداز اسان سندس دور جي شاعرن وٽ پڻ ڏسون ٿا. سچل جي طالبن/پالڪن کان ويندي سندس استاد، دوست، عقيدتمند توڙي ڪنڊڙي جي ڪلتارن، پير ڳوٺ جي درگاهہ ۽ ڄان الله شاهہ جي خاندان تائين درازي بادشاهہ جو سرمستانو ۽ رندي رنگ جابجا جهلڪا ڏئي رهيو آهي. سچل سرمست سنڌي شاعريءَ ۾ نين روايتن جو امين آهي. هن جتي شاعريءَ جي پيشڪش ۾ نرالو ڍنگ اختيار ڪيو آهي. اتي هن صوفيءَ با صفا گهاڙيتن ۾ پڻ نواڻ پيدا ڪئي. بيت ۽ ڪافيءَ ۾ خاص طور نواڻ جا رنگ پريندي، سرمست سائين ان ۾ نکار پيدا ڪيو. بيت توڙي جو اسان کي سچل بادشاهہ کان اڳ ۾ بہ ججهي تعداد ۾ ملي ٿو. پر سرمست سائينءَ بيت جي موضوع کي وسعت بخشيندي، ان جي فن ۾ بہ تبديلي آندي. هن لوڪ رومانوي داستانن جهڙوڪ: سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي، مومل راڻي، هير رانجهي، عمر مارئي، سهڻي ميهار ۽ سورٺ تي بيت چيا. پر مختلف عنوانن تي جهڙوڪ: وحدت جا بيت، حقيقت جا بيت، پورب جا بيت، روجهن ۽ ڪانگن بابت بيت پڻ چيا. اهڙي ريت فني اعتبار کان هن سنڌيءَ ۾ "وحدت نامو" چيو، جنهن ۾ فني سٽاءَ کان سمورو مضمون هڪ طويل بيت ۾ سمايل آهي ۽ سموريون مصرعون همہ قافيہ آهن. اهڙي سٽاءَ سان اسان کي آڳاٽيون "سنڌيون/ڪبت" پڻ ملن ٿيون، پر سچل جو وحدت نامو وڌيڪ دلڪش ۽ خوبصورت پيرايي ۾ آهي، ڇاڪاڻ تہ منجهس موضوع توڙي بيهڪ جي لحاظ کان شعري نغمگي موجود آهي. سچل جي بيت ۾ اهڙي هيئتي تبديلي سندن عقيدت مند فقير قادر بخش بيدل پڻ قبول ڪندي، "وحدت نامو" لکيو. ڪافيءَ جي گهاڙيتن ۾ سرمست سائين کي تبديليون آڻيندي، منجهس نئون روح ڦوڪيو. هن هڪ ئي وقت تي ڪيترا ئي گهاڙيتا استعمال ڪيا آهن. ڪافي هيڪوٽي، ڏيڍوٽي، ٻيٽي ۽ چوٽي سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ موجود آهي. ان کان اڳ ڪافيءَ ۾ ايڏي وسعت موجود نہ هئي.

سچل سرمست پنهنجي وقت جو باشعور، سجاڳ ۽ ذميوار شاعر هو. هن جون شاعريءَ ۾ قائم ڪيل روايتون، ديرپا ثابت ٿيون آهن. اڄ بہ سندن فڪر ۽ انداز جي ڇاپ سنڌي شاعريءَ تي موجود آهي.

### حوالا

1. قانع علي شير مير: تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، ص268، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1976ع.
2. مولائي شيدائي رحيمداد خان، جنت السنڌ، ص591، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1985ع
3. جي-ايم-سيد، سنڌوءَ جي ساڃاهہ، ص385، سورٺ پبليڪيشن بمبئي، 1981ع.
4. هن مطالعي دوران سچل سائين جا هيٺيان رسالا اسان جي سامهون رهندا:
   1. رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام) مرتب: عثمان علي انصاري، روشني پبليڪيشن 1997ع
   2. سچل جو رسالو (سرائڪي ڪلام) مرتب: مولانا محمد صادق رانيپوري، روشني پبليڪيشن 1997ع

اتي ڪيتري قسم ۾ ٺڪراٽو پڻ ڦهليو پيو آهي. جن ۾ ڪجهه ٺڪرن تي ڪاري رنگ جا ڊزائين پڻ مليا آهن. ان ٺڪري تي اسلامڪ دور جو ٺڪراٽو ۽ ڪاشيءَ جون ٺڪريون به ملن ٿيون. ان هنڌ تي بعد ۾ ٺهيل هڪ مسجد جا اهڃاڻ به ملن ٿا. اڄ به اتي شيخ سرهيو (شيخ شحمو) جي قبر تي ماڻهو اچن ٿا. هي پٿرن جي لوڙهي اندر ڪليل هڪ عام قبر آهي.

**ڀڏڪا ٽڪري:**

سڏيرڻ ٺل جي اوپر طرف واقع بستي سعيدپور ٽڪر جي ڏکڻ ۾ لڳاتار ٽڪر جيڪي جهرڪن جي سامهون درياءَ جي ڪاپي ڪنڌيءَ تان هلن ٿا، ان ٽڪر کي مقامي ماڻهو ڀٽڪا ٽڪر سڏيندا آهن.



گنجي جي ڀوڏڪا ٽڪريءَ تان مليل قديمي ٺڪراٽو

انهي سڄي علائقي ۾ مهاتما گوتم ٻڌ جي مورتين ۽ سون جي ٽڪرن ۽ مٽي جي ٿانون تي ٻتمت جا نشان، ڪنول جي گلن کان سواءِ ٻين نشانين وارو سامان پڻ مليو ٿو. اهڙي قسم جون مورتيون سر فريئر کي به سعيدپور وٽان هٿ آيون هيون. هن ٺل واري هنڌ کان وٺي گنجي ٽڪر جي ڏاکڻي چيڙي تائين هڪ ڦٽل شهر جي ڀڄل عمارتن جون سرون وڏي مقدار ۾ ڏٺيون هيون. ان مان اندازو لڳايو ويو هو ته هتي ڪنهن زماني ۾ ڪو وڏو شهر آباد هو(5).



ڀٽڪا ٽڪريءَ تي مليل ڪارنس جون خوبصورت سِرون

موجوده وقت به ان ٽڪري تي هڪ عمارت جا باقاعده اهڃاڻ ملن ٿا جن ۾ وڏي ماپ جون پڪيون سرون ڪتب آهن. اها ٽڪري سمنڊ جي سطح کان 200 فوٽ بلند ٿيندي. ان ڀٽڪا ٽڪري تي مٿي چڙهڻ لاءِ گول تي هڪ شاهي رستو مٿي چڙهندو اچي ٿو. هيءَ ٽڪري آسپاس جي ٽڪرن کان ڪجهه قدر بلند آهي.

ان جي اولهه ۾ هڪ ٻي ٽڪري به ساڳي قلبت جي بيٺي آهي.

**ابراهيم شاهه وڄڙي سخي:**

هن درويش جي مزار گنجي ٽڪر تي، حيدرآباد، ٽنڊومحمد خان روڊ تي فتح چوڪ حيدرآباد کان 24 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ آهي. جتان درگاهه جو فاصلو 4 ڪلوميٽر ٿيندو. هن هنڌ گنجو ٽڪر تقريباً 300 فوٽ اوچو آهي. مزار کان اوپر ۾ گنجي ٽڪر جي پاڙ ۾ ريلوي لائن مان هڪ هنڌ برساتي پاڻي جمع ٿئي ٿو، جنهن کي ”سخي جو ڪن“ چون ٿا. مزار مٿي ٽڪريءَ تي هڪ چوديواري اندر ٿلهي تي ٺهيل آهي ۽ اها هاٿوڪي دور جي ٺهيل آهي. چوديواري کان اتر ۾ هڪ ٻي قبر هڪ ننڍي چوديواري ۾ آهي جيڪا ابراهيم شاهه جي والد جي ٻڌائي وڃي ٿي. هن بزرگ جي درگاهه جي در تي لکيل آهي: ”سخي ابراهيم شاهه وڄڙي. اولاد علي مرتضيٰ، سخي شهنشاهه، حضرت ابراهيم شاهه“ سندن والد جو نالو ”ابوالحسن“ ٻڌايو وڃي ٿو.

ٻنمت جا آثار ملن ٿا. ان هنڌ کي ”ملجي راءِ جي ماڙي“ يا ڪافر ڪوٽ سڏيو ويندو آهي. ’سمٽ‘ انهن ڪنبرن کي ٻڌ ڌرم جا ڪنبر سڏي ٿو. بمبئي رائل ايشيئٽڪ سوسائٽي جي هڪ رپورٽ ۾ ڪول لکي ٿو ته ”هتي جا نشان ٻڌ ڌرم وارن جي غارن مان لڌل نشانن جي ياد ڏيارين ٿا ۽ هتان کي اهڙيون شيون به هٿ آيون آهن جن تي مهاتما گوتم ٻڌ جي شڪل اڪريل هئي. اهي ڪنبر به ميرپورخاص واري ڪاهو جي دڙي وارن ڪنبرن جي دور جا چيا وڃن ٿا(10).

انهن ٽڪرن کان اڳتي سونبن جو مقام آهي. جنهن تي سوين قبرن سان گڏ چوڪنڊي قبرون به ڏسڻ وٽان آهن. انهن کان اڳتي اولهه طرف ڪينجهر ڍنڍ آهي. هن جي چوڦير به ٽڪرين جون قطارون آهن جنهن تي ڄام تماچي جي يادگار ماڙي موجود آهي.

ڪينجهر ڍنڍ جي الهندي ڪناري سان جهمپير شهر جي ڏکڻ ۾ هيم ڪوٽ (جهم ڪوٽ) جا آثار به ملن ٿا. جنهن جي پرسان شِو جو مندر پڻ موجود آهي.

جهمپير کان ڪجهه فاصلي تي امير پير جي درگاهه آهي، اتي هڪ قديم غار به موجود آهي. هن غار لاءِ ڏند ڪٿا آهي ته حضرت امير حمزوؓ هن غار ذريعي هت آيو هو. سونبن وارن جبلن جي ٻي پر اسماعيلي درويش سيد فتح شاهه جو روضو آهي. چون ٿا ته سيد فتح شاهه سونبن ۾ رهندو هو. جتي اسماعيلي جماعت جي وڏي آبادي هئي. سيد صاحب ڪينجهر جي ٻي ڪناري تي هن غار واري هنڌ تي حاضري ڏيندو هو ۽ چلو ڪيندو ۽ عبادت ڪندو هو. سيد فتح شاهه جو زمانو سمن حڪومت وارو زمانو آهي.

ڪافي زمانو گذري وڃڻ کان پوءِ جڏهن اسماعيلي عقيدي جو 46 امام، آغا خان (اول)، آغا شاهه حسن علي، ايران کان جلا وطن ٿي جهرڪن جي شهر ۾ اچي آباد ٿيو تڏهن هن سيد فتح علي شاهه جي دربار ۽ هن ماڳ تي حاضري ڏني ۽ عبادت ڪئي. ان کان پوءِ سندن فرزند آغا علي شاهه (آغا دوم) به هن ماڳ تي اڪثر ايندو هو. هتي آغا علي شاهه پنهنجي محلات ۽ مسجد به تعمير ڪرائي ۽ اهي ٻئي عمارتون اڄ به سلامت آهن(11).

بهر حال جبلن جي هيءَ قطار، گنجي ٽڪر کان شروع ٿي ٺٽي شهر جي ڏکڻ ۾ پير پٺي، جميل شاهه گرناري جي دربار کان اڳتي ڏکڻ شيخ ترابي جي مزار تائين هلي ٿي.

هن جابلو ٽڪرن تي پٿر جي دور جي انسان کان وٺي غارن ۾ رهندڙ انسانن جا اهڃاڻ ملن ٿا. ان کان سواءِ ڪيترين ڏند ڪٿائون ۽ قديم آثار پڻ موجود آهن.

## حوالا


1. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ”سنڌ جا جبل“، ماهوار سوپ ميگزين اپريل- مئي 2006ع.
2. حسين بادشاهه ”حيدرآباد جي تاريخ“ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2003ع صفو 633.
3. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ”سنڌ جا جبل“ ماهوار سوپ ميگزين اپريل-مئي 2006ع.
4. حسين بادشاهه، ”حيدرآباد جي تاريخ“ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2003ع صحفو 52.
5. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ”سنڌ جا جبل“ ماهوار سوپ ميگزين اپريل- مئي 2006ع.
6. بدر ابڙو- قلمي نسخو.
7. بدر ابڙو. ”ڪاوش ميگزين “ 17 مئي 2009ع.
8. سيد ميران محمد شاهه ”گنجي ٽڪر جو سير“.
9. عزيز رانجهاڻي. ”گنجو ٽڪر“ (قلمي)
10. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ”سنڌ جا جبل“ ماهوار سوپ ميگزين، اپريل- مئي 2006ع.
11. ساڳيو

ٻڌي ۽ پائيچاري ذريعي ڏيهن جون ڏيهون آباد ڪرائي ماڻهو ويهاريا. ان وقت هندستان ۾ مغلن جي بادشاهي هئي، جن ڏل جي گهر ڪئي، پاڻ انهن کي چيائون ته فرش خدا جو آهي ۽ منهنجا فقير ان کي ڪيڙي آباد ڪن ٿا، باقي ڏل ڇاجي ڏيون؟ انهيءَ تي مغل بادشاهه ناراض ٿي ويو ۽ ميان سان جنگ ڪرڻ لاءِ فوج جو وڏو لشڪر موڪليو. ٽوڙ جي ميدان تي وڏي خونريز جنگ لڳي جنهن ۾ تاجو فقير، بختاور فقير، يار محمد فقير جهڙا جنگي جرنيل شهيد ٿي ويا ۽ ميان دين محمد کي ڳالهين جي آڙ ۾ ملتان وٺي ويا جتي کيس شهيد ڪيو ويو. ان وقت ضرورت محسوس ٿي ته کيرٿر جبلن اندر هراڙ ۽ ڪڇرڪ ٽڪرين تي رهائشي جايون ٺاهيون وڃن ۽ ڪاري جبل جي ڏمرو لڪ تي هڪ قلعو تيار ڪري چوڪي قائم ڪئي وڃي، جنهن سان بلوچستان کان ايندڙ ڦورن کي به روڪي سگهجي ۽ وقت اچڻ تي اُتي ويهي مغل لشڪر کي به شڪست ڏيئي سگهجي.



کيرٿر جبل جي ڏمرو لڪ تي ٺاهيل ڏمرو قلعي جي اُتر وارو مورچو

ان وقت سڀ کان پهريائين ڪڇرڪ تي پهچڻ لاءِ گس جي ضرورت هئي، ان ڪري سڀ کان اول گس جو منصوبو ٺاهيو ويو، ڪجهه رستو ميان نصير محمد جي ڳوٺ کان چوتري ٽُل تائين ٺهيل هو، ان کان مٿي رستو ٺاهڻ شروع ڪرايو ويو. ان وقت هزارين مزدور ڪم تي مقرر ٿي ويا، پٿر هٽائيندا هيٺاهيون مٿاهيون سڌيون ڪندا، جبل ٽُڪيندا وڌندا رهيا، اهو گس چوتري ڏاٽ کان مروه لڪ چڙهي سيسو ڏوري، بوزاني بٺي، باربوز کان پوءِ ڏمرولڪ ٽپي کيرٿر جي چوٽي تي اچي ٿو. هتي هن لڪ تي قلعو تيار ڪرايو ويو، جنهن جي دروازي بند ڪرڻ سان هيٺيان هيٺ ۽ مٿيان مٿي رهجي ويندا هئا. يعني لهڻ چڙهڻ جي ڪٿان به واٽ نه هوندي هئي. قلعي جي بناوت قلعي جي اتر ۽ ڏکڻ جي ٽڪرين تي ٻه وڏا گول مورچا ٺهيل آهن جنهن جي وچ ۾ ٻه سو ميٽر ڊگهي ديوار ٺهيل آهي، ٻارنهن فوٽ اوچي ۽ مٿي آهي، ديوار جي پوري وچ تي ڏهه فوٽ ويڪرو ۽ پندرنهن فوٽ اپو دروازو ٺهيل آهي، ان دروازي ۾ ڪاٺ جو در لڳل هو جيڪو هن وقت موجود نه آهي پر ان جي چانئٺن جا سوراخ اجا تائين ظاهر بيٺا آهن. ٻئي مورچا 15 فوٽ گول ويڪرا ۽ 20 فوٽ مٿي ڊگها آهن جيڪي 12 فوٽن تائين مٿي دڪيءَ وانگر پريل آهن. انهيءَ مٿان دريون ۽ مورچي جا اهڙا سوراخ ٺهيل آهن جو جبل جي پاڙ کان وٺي پري تائين سلمهون ايندڙ ماڻهو تي نظر رکي سگهجي ٿي، يا دشمن مٿان انهن سوراخن مان گز ۽ تير جو وار ڪري سگهجي ٿو، جيڪو ان وقت انهن جو هٿيار هو. اهڙي طرح ٻئي مورچا هڪجهڙي ماپ ۽ شڪل جا ٺهيل آهن. دروازي جي لڳ ڏکڻ واري ديوار ۾ برسات جي پاڻي جي نيڪال لاءِ ونگ تي هڪ موري پڻ ٺهيل آهي.

هيءُ قلعو سڄو پٿر جي گهڙيل سرن جو ٺهيل آهي، سندس اوساري سيڙهي ۽ چيرولي جي گاري سان ڪئي وئي آهي، اڄ به انهن ديوارن کي مضبوط جهليو بيٺي آهي. هن قلعي جي لڳ اولهه ۾ ٽي فوٽ گول ويڪري کوهي کوٽيل هئي، هن وقت پوريل آهي. اهڙي قسم جي کوهي ٺئن مُکي اندر چوتري ٽل وٽ پڻ موجود آهي. ٿي سگهي ٿو، ان وقت انهيءَ کوهي ۾ پٿرن جي گهڙڻ جا اوزار تيار ڪيا ويندا هئا يا انهيءَ ۾ اوساريءَ لاءِ مصالحو تيار ڪيو ويندو هو. هن لڪ کان پوءِ کيرٿر جبل جون اهي سر سبز حسين چوٽيون اچي وڃن ٿيون جيڪي موسم جي لحاظ کان ڪوهه مري

گلجي جهلو اچي پوي ٿو. گلجي جهلي ڍوري ۾ پاڻي جو چشمو موجود آهي، ان پاڻي جي سانگي هتي مالوند ماڻهن جا لڏا هر وقت موجود هوندا آهن. ان کان اڳتي هلي هن نئن ۾ 'لڙڪندي جو ڍورو' اچي پوي ٿو. هيءُ هڪ وڏو ڍورو آهي، ان ڪري عام ماڻهو هن کي نئن لڙڪنديءَ ڪري به سڏيندا آهن. ان کان پوءِ پلهي جا پڊ، چولين جا ٽپ، پن جو ڪنڊ اچي ٿو. نئن جو وهڪرو پلي ختم ٿي وڃي پر هن ڪنب ۾ پاڻي قدرتي طور تي ٻارنهن مهينا هوندو آهي ۽ پن بيٺل هجڻ ڪري مٿس نالو 'پن جو ڪنب' پيو، هن جي اوپر ۾ هڪ اوائلي قبرستان آهي. قبرستان کان ٿينديءَ ٽنڊي جو طوق ۽ شيهي جي ڪنڊ کان نئن جبلن کان ٻاهر نڪري ميداني علائقي ۾ اچي ٿي، هتي هن نئن تي 'چيڪ ڊيم' ٺهي ٿو جنهن جو ڪم هلندڙ آهي. ان کان پوءِ نئن مکي جا ٽي وهڪرا ٿي وڃن ٿا (1) ٻلوچاڙهه (2) گري چاڙهه (3) منگو ڍورو.

ٻلو چاڙهه جو پاڻي ڳوٺ ٽوڙ، دولتاڻي، ميان نصير محمد ۽ عنايت شاهه تائين بند جي مٿان ٻنا آبلد ڪري ٿو. گري چاڙهه جو پاڻي مري جو ڪوهه، لولو ڪنبو، حامد شاهه ۽ بيگو ديرو تائين بند مٿان ٻنا پري زمينون آبلد ڪري ٿو. منگو ڍورو جو پاڻي راڄو جو ڪوهه، ڪوسن جا ٻنا، راهوجا ۽ ٻرڙا ڳوٺ تائين زمينون آبلد ڪري ٿو.



ڏمرو قلعي جي ڏکڻ وارو مورچو

[هن مضمون جي تياريءَ ۾ نوجوان اينترا پالاجسٽ ۽ سياح ذوالفقار علي ڪلهوڙي کان مدد ورتي وئي. (راقم)]

◙

## نئون ڪتاب




ڪتاب: رهجي ويا ڳڻ
ليکڪ: امان الله شيخ
موضوع: مضمون
ڇپائيندڙ: ساگر پبلشنگ هائوس ڪراچي 2010ع
سائيز: ڊيمي
صفحا: 170
قيمت: -/350 رپيا

هيءُ ڪتاب، سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن لاءِ بيحد ڪمائتو ۽ ساهه سان سانڍڻ جهڙو آهي. ڪتاب ۾ چوڏهن ناميارين شخصيتن متعلق امان الله شيخ صاحب پنهنجي راءِ لکي آهي. هنن مضمونن ۾ انهن عظيم شخصيتن جي ڪيل جدوجهد، آدرشي ڪردار، ڄاڻ ۽ انسان ذات لاءِ ڪيل خدمتن جو ڳوڙهو مطالع ڪيل آهي، نوجوان نسل لاءِ انهن شخصيتن سان ملاقات سان گڏ ڪين اسان جي ملڪ جي تاريخ جو صحيح روپ به ڄاڻ هيٺ ايندو. انگريزن کان آزاديءَ وٺڻ جي هلچل هجي يا ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ جدوجهد هجي، هن ڪتاب ۾ گذريل ستر سالن ۾ ٿيل اٿل پٿل جو چٽو نقشو اڀري اچي ٿو.

**ڊاڪٽر سليمان شيخ**
ڪراچي

◙



نظير حيات سيوهاڻي

تحقيق

# سنڌي مرثيہ جي اوسر ۽ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي

سنڌي ادب دنيا جو قديم ۽ شاهوڪار ادب آهي. هن ادب جي شاعريءَ ۾ مرثيہ جي صنف جي وڏي اهميت رهي آهي. مرثيي جي لغوي معنيٰ آهي: 'اهو نظم جيڪو ڪنهن مري ويل شخصيت جي موت يا ڪنهن دکدائڪ واقعي کان متاثر ٿي لکيو وڃي.' مشرق توڙي مغرب جي سڀني زبانن جي شاعريءَ ۾ صدين کان رزميہ شاعري جي صنف دنيا جيّ مختلف نامور شاعرن پنهنجين پيارين شخصيتن، قومي ۽ تاريخي ڪردارن، مذهبي هيرن، دلير مجاهدن جي وڇوڙن ۽ اهم واقعن تي ڪئي آهي. سهراب جي والده جو پٽ جي قتل ٿي وڃڻ تي شاعريءَ ۾ افسوس، حضرت حسان بن ثابت جا حضور ﷺ جن جي برقعي مٽائڻ تي حسرتِ آيات مرثيہ، حضرت عمرؓ جي پاءُ بابت عرب جي مشهور مرثيہ گو متمم بن نويره جو خيال، ذرتراش جو ڪورون جي تباهيءَ تي اظهار، مستعصر جي ملڪ جي زوال تي حضرت سعدي جي رزميہ شاعري وغيره اهڙيون ثابتيون آهن جن مان پتو پوي ٿو تہ قديم زماني ۾ بہ رزميہ شاعريءَ جو عروج رهيو آهي. ان رزميہ شاعريءَ مان ئي اڳتي هلي مرثيہ صنف باقاعده وجود ورتو.

مرثيہ جي تعريف جي حوالي سان علامہ وحيدالزمان جيڪو اهل حديث جو مرتبي وارو عالم بزرگ هو، پنهنجي هڪ ڪتاب 'لغات الحديث' جلد 2 ۾ لکي ٿو تہ:

"مرثيو ان منظوم ڪلام کي چون ٿا جنهن ۾ ڪنهن فوتيءَ جا حالات ۽ سندس خوبيون بيان ڪرڻ جي لاءِ ماڻهن کي رئارڻ ۽ افسوس ڪرڻ لاءِ چيو وڃي."

عربي 'لغت المنجد' ۾ مرثيہ جي معنيٰ ميت تي روئڻ، ان جون خوبيون ڳڻائڻ، مرثيہ ۾ اشعار نظم ڪرڻ لکيو ويو آهي ساڳئي طرح 'فيروز اللغات' (اردو) ۾ مرثيہ جي هن طرح وضاحت بيان ڪيل آهي:

(1) اهو نظم جنهن ۾ فوتي جا اوصاف بيان ڪيل هجن.

(2) اهو نظم جنهن ۾ شهداء ڪربلا جي مصائب ۽ شهادت جو ذڪر هجي.

(3) روئڻ.

"سنڌي لغات" (جلد 5) ۾ مرثيي جي معنيٰ ۽ مطلب کي هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

مرثيو: (جمع مرثيا) مئل ماڻهوءَ بابت روئي ڪيل بيان (جنهن جي ٻڌڻ سان رحم اچي) ميت جي صفت پار، اوسارو، ماتم، سياپو، روڄ

گريه زاري، پڙڪو وغيره. نظم جو هڪ قسم واقعي ڪربلا بابت دردناڪ نظم.

مٿئين بيان ڪيل مواد جي روشنيءَ ۾ اهو ظاهر ٿيو ته رزميه شاعري پوري دنيا اندر موجود هئي. جيڪا عرب سرزمين ۾ دؤر جاهليت کان به جاري هئي. هن سرزمين تي اسلامي نظام جوڙڻ کان پوءِ سنه 61/60هجريءَ ۾ ڪربلا جي ميدان ۾ ٿيندڙ دردناڪ حادثي کان پوءِ عرب شاعرن ڪربلا جي شهيدن جا اوصاف، شجاعت، صبر ۽ شهادت تي نظم لکيا جن اڳتي هلي مرثيه صنف جو روپ اختيار ڪيو ۽ هاڻ رزميه شاعري جي اُن انداز کي مرثيه چيو وڃي ٿو جن ۾ ڪربلا وارن سان ٿيل عقوبتون دليري ۽ شهادت جو ذڪر هجي يعني اسلامي ادب ۾ مرثيه جو لفظ هاڻي حضرت امام حسينؓ ۽ سندس جانثارن جي شهادت واري واقعي سان ملحوظ ٿي ويو آهي. جنهن کي سنڌ جي ادب ۾ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي معراج تي پهچايو.

سنڌي شاعري جي ابتدا جا اهڃاڻ عرب جي دؤر کان ملن ٿا. سنڌي رزميه شاعري پڻ ايتري پراڻي آهي جيتري عرب رزميه شاعري، هن صنف جي شروعات ڏوهيڙن، ويٺن ۽ اوسارن سان ٿي. عربن جي دؤر ۾ ڪيترائي عرب شاعر سنڌ ۾ آيا ۽ ڪيترائي سنڌي ڏاها ۽ ذهين سنڌي پنهنجن لياقتن ۽ صلاحيتن جي طفيل عربستان پهتا، جن عرب حڪمرانن وٽ اهميت حاصل ڪئي ۽ عربي ادب ۾ پاڻ کي مڃايو. عربن کان سومرن جي دؤر ۾ سنڌي زبان جو ادب وڌيڪ اسريو، ڇاڪاڻ ته سومرن جي مادري زبان سنڌي هئي. هن دؤر ۾ سنڌي رومانوي داستانن ۽ رزميه قصن ۽ واقعن تي سنڌي شاعرن شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سومرن ۽ گجرن جون لڙايون، چنيسر جام هالي ۽ همير سومري جي جنگ تي رزميه ڳاهون، دهلي جي حڪمرانن جون ڪاهون ۽ بين واقعن سنڌي شاعرن کي قومي ڪردار ادا ڪندڙ سنڌي جوڌن جي اوصافن ۽ ايثار جا داستان عام ماڻهن وٽ پيش ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ان دؤر جي هڪ واقعي تي مارجي ويل هڪ جوڌي لاءِ پنهنجي پيڻ جو اظهار هن ريت ملي ٿو:

هوٿيءَ جي ڦٽيءَ کي هوگيور گيور گل،
سڀ مرن سومرا، توءِ ڪونهي ڦٽيءَ تل.

سمن جي دؤر ۾ وري ڪارائڙو سمو هڪ وڏو سورهيه هو. ڪڇ جي حاڪم ۽ سندس وزير سازش ڪري هن کي ڪوٽ ۾ قابو ڪيو، ڪوٽ ۾ قابو ٿيڻ کان پوءِ ڪارائڙي سمي ڪوٽ تي مٿي چڙهي هيٺ ٽپ ڏنو ۽ مري ويو. هن جي مئي پڄاڻا سندس سر وڍي گهر موڪليائون جيڪو سندس پيڻ پينگهي ۾ وجهي لوڏيندي هيءُ پار ڪڍيو:

ڪارايل جي ڪوڏ، مون ننگر سڀ نهارئا،
پينگهي پاٽي لوڏ، سر سمي جام جو.

سمن جي ئي دؤر ۾ دهليءَ جي حڪمران سلطان محمد تغلق بيمار ٿي سنڌ ۾ مئو ۽ سلطان فيروز شاهه جي سنڌ تي چڙهائي وقت سندس لشڪر ۾ بيماري پکڙجي پئي ۽ هو گجرات ڏانهن هليو ويو ته سنڌ جي ماڻهن ٺٽي جي بچي وڃڻ کي اتان جي بزرگ ولي پير پٺي جي ڪرامت سمجهي ۽ سنڌين ۾ هيءُ فقرو مروج ٿيو جنهن کي رجز يا قومي نعرو چئي سگهجي ٿو:

بابرڪت پير پٺو،
هڪ مئو هڪ ٽِٺو.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جو سونهري دؤر هو. هن دؤر ۾ شاهه لطيف جهڙو عظيم صوفي شاعر سنڌ ۾ پيدا ٿيو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيڏاري جا بيت چيا ۽ انهن ۾ واقعي ڪربلا جي ڪردارن کي اجاگر ڪيو. شاهه کان علاوه فقير احسان، خليفي نبي بخش لغاري پڻ ڪيڏاري ۾ شاعري ڪئي. مخدوم عبدالرحمٰن کهڙن واري تي مخدوم غلام محمد بگائي مرثيو

لکيو، مخدوم عبدالله وفات (1736ع) ڪنزالعبرت ۾ قضيه شهادت امام حسين عليه السلام لکيو، جنهن ۾ ڪربلا جو واقعو الف اشباع جي نظم ۾ بيان ڪيل آهي. مخدوم عبدالرؤف هالن واري ڪيترائي مولود ۽ مداحون الف اشباع ۾ رقم ڪيون جن مان ڪن ڪن ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جن جي شهادت جو به ذڪر ڪيو.

سندس هڪ نمونو هن ريت آهي:

من اندر ماتام يارو تن يتيمن جو
ڪربلا جي پڙ ۾ ميان الا اصل هو انجام
ڪسڻ قريبن جو
شهزادن شهادت جو الا جال پيتو جام
مرڻ معصومن جو.

ميرن جي دؤر ۾ سنڌي مرثيه جي تمام گهڻي حوصله افزائي ٿي. هڪ ته مير پاڻ به شاعريءَ جا شوقين هئا، هنن مان مير صوبدار پاڻ فتح نامو منظوم ڪيو. سندن مان مير نصير خان "جعفري" سندس فرزند مير حسن علي ٽالپر، مير عبدالحسين سانگي وغيره سنڌي شاعري ڪئي ۽ سنڌي ۾ مرثيه لکيا. ميرن جو تعلق جنگجو قبيلي سان هو، تنهنڪري رزميه شاعري ڪري پنهنجن ماڻهن کي همٿائيندا هئا، ٻيو ته مير پاڻ شيعه طريقي سان اڪثر عقيدت رکندا هئا، انڪري ڪربلا جي ياد کي ملهائڻ ۽ ڪربلا جي شهيدن تي ٿيندڙ مرثيه خوانيءَ کي پروان چاڙهيائون. سندن دؤر جي سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي جيڪو پاڻ مرثيه گو شاعر هئڻ سان گڏوگڏ وڏو مرثيه خوان هو، سنڌي مرثيه کي معراج تي پهچايو، جيتوڻيڪ کانئس اڳ ۽ سندس دؤر ۾ سنڌي مرثيه شاعري ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان موجود هئي، ليڪن عربي عروض جي وزنن ۽ بحرن جا اڪثر مؤرخ کيس سنڌي مرثيه جو باقاعده باني تسليم ڪن ٿا. ان حوالي سان پاڻ به هن طرح اظهار ڪيو اٿس:

مرثيو سنڌي اڳي هو ڪونه اصلي سنڌ ۾
جي ڪو هو تان پڻ نه هو مشهور رهن پرڪجا

سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي لاءِ اهو به تاثر ڏنو وڃي ٿو ته پاڻ اردو ادب جي شاعرن مرزا دبير ۽ مير انيس کان متاثر هو ۽ انهن جا ڪيترائي مرثيه سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين، ليڪن تحقيق کان پوءِ معلوم ٿيو آهي ته مٿيان ٻئي شاعر کانئس پوءِ جا آهن. سندن ولادتن ۽ وفاتن ۾ هيٺ ڄاڻايل فرق آهي.

سيد ثابت علي شاهه

ولادت: 1153هه/1740ع

وفات: 27 جمادي الثاني 1225هه/1810ع

مير انيس

ولادت: 1220هه/1805ع

وفات: 1291هه/1874ع

مرزا دبير

ولادت: 1218هه/1803ع

وفات: 29 محرم 1292هه/1875ع

مير انيس ۽ مرزا دبير اردو ادب ۾ مرثيه جا بلند ستارا هئا. هندستان ۾ مرثيه گوئي جي آغاز جا پيرا حيدرآباد دکن جي شيعه رياستن طرف وڃن ٿا. رياست گولڪنڊي جا حڪمران شيعه ۽ خود شاعر هئا، جن فارسي ۽ دکني اردو ۾ پنهنجا ديوان مرتب ڪيا، اردو مرثيه گو شاعر ملا وجهي کان پوءِ بيجاپور ۽ گولڪنڊي جي شاهي عاشورخانن ۾ غواصي، لطيف، شاهي، نوري، ڪاظم، افضل مرزا ۽ هاشمي جا نالا ملن ٿا. ان کان پوءِ شاهه قلي خان مرثيه لکيا. هن جي دؤر ۾ اردو شاعر شمس الدين "ولي" جو ستارو عروج تي رهيو، هن کي اردو مرثيي جو 'ڏاڏو آدم' چيو ويو ڇاڪاڻ ته هن صاف، بامقصد ۽ سمجهه ۾ ايندڙ مرثيه لکيا. شروع شروع ۾ هر مرثيه ۾ 12 کان 33 بند لکيا ويندا هئا، پوءِ جي شاعرن انهن ۾ اضافو ڪيو ۽ مير ضمير پنهنجن مرثين کي وڌائي 80 بندن تائين پهچايو. هن مرثين ۾ روايتون پڻ قلمبند ڪيون. رفته رفته اهو تعداد هڪ سؤ کان مٿي پهتو. سيد ثابت علي به ڪجهه

سنڌي مرثين جا بند هڪ سؤ کان مٿي تائين لکيا آهن. مير ببر علي "انيس" ۽ ميرزا سلامت علي "دبير" پنهنجي دور ۾ مرثيہ گوئي جي آسمان تي مشتري وانگر هئا ۽ اهي اڄ اردو ادب ۾ چانيل آهن. مرزا دبير تہ اٽڪل ٻہ هزار مرثيہ لکيا. سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي جو پڻ سنڌي مرثيہ جي حوالي سان ڪافي ڪم ڪيل آهي، جنهن ۾ مرثيہ سان گڏ مداحون، منقبتون، سلام ۽ قصيدا شامل آهن. سيد ثابت علي شاهہ جو عربيءَ ۽ اردو ۾ ڪجهہ ڪلام ملي ٿو ۽ فارسيءَ ۾ پڻ ڪافي شاعري ڪئي اٿائين.

سيوهڻ جائو ۽ سيوهڻ جي ئي مٽيءَ ۾ مدفن سنڌي مرثيہ جي امام شاعر جا وڏا اصل ملتان جا هئا. جن مان سندس ڏاڏو سيد نورمحمد شاهہ عرف سيد ثابوت شاهہ سيوهڻ ۾ لڏي آيو جنهن جي اولاد مان سيد مدار علي شاهہ کي سيوهڻ ۾ هڪ فرزند جائو، جنهن جو نالو سيد ثابت علي شاهہ رکيو ويو. ثابت علي شاهہ کي ننڍي عمر ۾ ئي علمي ۽ منهبي ماحول مليو. هن جي شروعاتي تعليم پنهنجي بابا جي نگرانيءَ ۾ ٿي. پهرين آخوند عبدالرحمان وٽ پوءِ ملي ماڪر وٽ قرآن پاڪ جي تعليم ورتائين. ان کان پوءِ آخوند الياس ۽ آخر ۾ هندستان کان آيل سيد چراغ علي شاهہ وٽ پڙهيو. سندس فڪري اوسر وقت بوقت عمر جي حساب سان وڌندي رهي، ڪيس هڪ پاسي مخدوم نورالحق مشتاق ولد دائود سيوهاڻي جهڙو عربي ۽ فارسيءَ ۾ استاد مليو تہ ٻئي پاسي غلام علي مداح بن محمد بن حسن ٺٽوي جهڙي عظيم شاعر کان ڪيس علم عروض جي رهبري ملي، شعر ادب سان وابستگي ۽ طبع جي رواني وٽس قدرتي ڏات هئي. پاڻ هوش سنڀالڻ سان شعر شروع ڪيو هئائون. منڙو آواز ۽ مرثيہ خواني ڪرڻ سندس شهرت جو سبب بني، ننڍي عمر کان ئي اڳ جي شاعرن جا ڪلام، مرثيہ، مناجات، منقبتون ۽ نعتون پڙهندا هئا. سيوهڻ جا وڏا ۽ اهلِ علم سندن شيرين زبان کان تمام گهڻو متاثر هئا. تعليم مڪمل ڪرڻ ۽ علم عروض تي دست راست ٿيڻ کان پوءِ پاڻ پهريان فارسي، عربيءَ ۾ مرثيہ لکڻ شروع ڪيا. ڇاڪاڻ تہ سيوهڻ ۾ قديم زماني کان محرم شريف توڙي ٻين اهم موقعن تي مجلسن ۽ ماتمي جلوسن ۾ عربي، فارسي ۽ اردو ۾ مرثيہ پڙهيا ويندا هئا. سيوهڻ جي هڪ سيد جي صلاح ملڻ کان پوءِ پاڻ سنڌي زبان ۾ مرثيہ لکڻ شروع ڪيائون ۽ ڏسندي ڏسندي سنڌي ٻوليءَ جي صنف مرثيہ نويسي ۽ مرثيہ خواني جي اعليٰ درجي تي پهتا. مير حڪمرانن وٽ سندن هاڪ ٿيڻ لڳي. مير هن جي قدرداني ڪرڻ لڳا. مير خليل الرحمٰن ٺٽوي ڪين نازڪ بيانيءَ جو سمنڊ سڏيو آهي. هن ادبي لحاظ کان سنڌي شاعري کي ڪيترائي نوان رُخ ڏنا. خاص طور مرثين ۾ نيون نيون جلتون ۽ اسلوب پيدا ڪيا. سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ جو ڪلام سندن دور ۾ ئي قلمي بياضن جي صورت ۾ لکيو رهيو ۽ وقت گذرڻ سان اهو پوريءَ سنڌ ۾ پکڙجندو رهيو. اهڙا قديم نسخا اڄ بہ سندن خاندان وارن ۽ ٻين وٽ موجود آهن. پريس جي ليٿو واري زماني کان سندن ڪلام کي گڏ ڪري ٿورو گهڻو ڇپائيندا رهيا آهن ۽ سندن ڪلام لاءِ انهن جيڪي راءِ ڏني آهي، ان کي مختصر طور پيش ڪجي ٿو:

**ميرزا قليچ بيگ جي راءِ:**

ميرزا صاحب اپريل 1900ع ۾ ماسٽر هريسنگهہ وٽان ليٿو مشين تي سيد ثابت علي شاهہ جو ڪلام ڇپرايو. پاڻ لکي ٿو تہ: "هن جا مرثيہ اڪثر نقل ڪري ماڻهو پڙهندا آهن. مگر گهڻن هنڌن تي اهي غلط آهن ۽ سڀ پوري طرح لکيل نہ آهن، انڪري منهنجيءَ دل ۾ آيو تہ جيترو ٿي سگهي اوترو سندس ڪلام کي صحيح ڪري هاڻوڪي رواجي سنڌيءَ ۾ ڇپائجي". قليچ صاحب سندن ڪلام جي حوالي سان وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"اگرچ ثابت علي شاهہ گهڻن قسمن جو شعر چيو آهي. مگر مشهور سندس مرثين جي ڪري آهي، پهرين تہ جڏهن مرثين جو سنڌ ۾ بنياد بہ هن وڌو. ٻيو وري هن کي اندر جو درد سچو پچو هو. تنهنڪري سندس ڪلام دردناڪ ۽ سوز وارو آهي. ٿيون تہ شعر لسو ۽ دلچسپ اٿس، جنهنڪري ٻڌندڙ تي وڏيڪ اثر پيدا ڪري ٿو. شعر ۽ ٻوليءَ جي صفائيءَ جي نظر تي جيڪڏهن شاهہ پنائيءَ کي فردوسيءَ سان مشابهت ڏجي تہ ثابت علي شاهہ کي سعدي سان ڏئي سگهجي ٿي، اگرچ مضمون سڀني جا عليحده آهن."

ميرزا صاحب شاهہ جي گڏ ڪيل ڪلام جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

"شاهہ صاحب، جيڪو شعر پارسي، سنڌي ۽ هنديءَ ۾ چيو آهي سو تمام گهڻو آهي. سندس ڪليات يا گنج هڪڙو وڏو دفتر آهي. هن جي شعر جو تفصيل هي آهي: 66 مرثيا، 117 منقبتون، 8 جنگ نامہ، فارسي ۽ سنڌي ۾ هجوون ٿي، مذهبي مباحثي جا ڪتاب شعر ۾ يعني ردّ الخوارج، شهاب ثاقب ۽ ردالموات ۽ هڪڙو زيارت نامو تنهن کان سواءِ ڪيترائي قصيدا وغيره."

## هزهائينس مير حسن علي خان ٽالپر جي راءِ:

سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن ۾ جن شخصيتن کي ادب ۽ شعر سخن سان شوق هو، انهن ۾ مير نصير خان، مير عبدالحسين سانگي ۽ مير حسن خان ٽالپر اهڙا نالا آهن جن سنڌي مرثيہ ۾ بهتر ڪم ڪيو. اهي سڀ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ جي ڪلام کان متاثر هئا. مير حسن علي خان سيد ڪربلائيءَ لاءِ هن طرح چيو آهي:

"چئي جيڪي ثابت علي شاهہ ويو
ٻيو سنڌي ۾ ڪنهن شعر اهڙو نہ چيو
ڪلام ان جو مون غور سان جڏهن ڏٺو
ڏٺم ڇڻ ڪنهن قابل مان پلٽي ڪڍيو
هو هن فن ۾ سيد استاد ڪار
خدا جون مٿس رحمتون بي شمار
نہ هو شعر هئي تازگي روح جي
سخن اهڙو ٻيو ڇا ڪو سگهندو چئي."

### حاجي سيد ثابت علي شاهہ "ٿال" المشهدي جي راءِ:

هيءُ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ جي پشت مان هو. هن پنهنجي زماني حيات ۾ يادگار ڪميٽي مرحوم سيد ڪربلائي حيدرآباد جي پليٽ فارم تان شاهہ ثابت جي سوانح حيات ۽ ڪلام کي عام ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪم ڪيو. هن کي علم عروض تي عبور هو. هن صاحب، ثابت علي شاهہ جي ڪلام کي پنهنجي وس آهر ڪتابي صورت ۾ آندو. سندس خيال آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ کان اڳ رزميہ شاعري سنڌي زبان ۾ هئي پر ايتري تہ پراڻي ڍنگ ۾ مختصر هئي جو ان کي باقاعده مرثيہ چئي نٿو سگهجي. سيد ثابت علي شاهہ نہ صرف مرثيہ جو رواج ڏنو پر مرثيہ کي معراج بہ ڏنو. سنڌي زبان کي لفظي ۽ معنوي موتين سان مالامال ڪيو ۽ ان وقت جڏهن سنڌي اڃا درسي لسان جو درجو ۽ حق بہ حاصل نہ ڪري سگهي هئي، رڳو فارسي ئي درسي ادبي ۽ سرڪاري زبان هئي؛ اهڙي وقت هن سنڌي زبان لاءِ ڪم ڪيو.

## مرزا عباس علي بيگ جي راءِ:

حيدرآباد شهر جي مرزا خاندان سان واسطو رکندڙ هن صاحب، سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ جي ڪلام تي ڪم ڪندي سندن ڪلام جو هڪ ڪليات ترتيب ڏنو، جنهن ۾ سيد ثابت علي شاهہ جو سمورو سنڌي ۽ فارسي ڪلام آندو. اهو ڪليات اسلامڪ ڪلچر اينڊ ريسرچ سينٽر ڪراچيءَ وارن ڇپرايو. مسودي تي نظرثاني قاري امان الله مرحوم جن ڪئي. اسلامڪ ڪلچر جي انچارج شعبہ سنڌي جناب اختر رضوي هن ڪليات ۾ لکيو آهي تہ سيد ثابت علي شاهہ سنڌي زبان ۾ عروضي شاعري ۽ مرثيہ گوئي جو پيش امام آهي.

ڪليات جو مقدمو پڻ سيد ثابت علي شاهه تي هڪ اولين تحقيقي مقالي جي حيثيت رکي ٿو. اميد ته هن موضوع تي آئينده ڪم ڪرڻ وارن جي لاءِ اهو پڻ مشعل راهه ثابت ٿيندو.

ميرزا عباس علي بيگ پاڻ به هڪ سٺو شاعر ۽ مرثيه خوان هو. سيد ثابت علي شاهه جي ڪلام سان دلي لڳاءُ جي ڪري هن اهڙو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، سندس محنت ۽ همت ٿيل ڏسي ائين چوڻ بجاءِ ٿيندو ته سنڌي ادب ۾ منقبت، سلام، مرثين ۽ نوحه تي فني ۽ تحقيقي ڀرپور ڪتاب "ڪليات ثابت" آهي. هن ڪليات ۾ ميرزا صاحب سنڌ جي ٻين مرثيه گو شاعرن جا نالا ۽ چونڊ ڪلام جا نمونا پڻ ڏنا آهن. جيڪڏهن ميرزا عباس اهو ڪم نه ڪري ها ته شايد اڄ انهن شاعرن جي نالن کان ڪير به واقف نه هجي.

### آخوند محمد عالم "عالم اول" جي راءِ:

هيءُ ذات جو پنهور هو ۽ سن 1800ع ڌاري خيرپور ميرس ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي ۽ ميرزا مراد علي بيگ سائل جي مرثين کان متاثر ٿي مرثيه لکيا اٿس. آخوند محمد عالم جا مرثيه هن وقت تائين سيوهڻ ۾ پڙهيا وڃن ٿا. هن سيد ثابت علي شاهه جي حوالي سان پنهنجي هڪ مرثيه ۾ آخر ۾ هن طرح اظهار ڪيو آهي:

"سيد ثابت علي جو آهي "عالم" غمگين غلام جنهن جي مرثيي جو هي مرثيو طبع ڪيائين تمام صلو رحمت جو بخشيو ان کي شاهه شهيدان حسنؑ امام ان تي راضي رسول خدا جو يعني مير محمد ڄام موٽي مديني ۾ پسان پيجرو پاڪ رسول پڙهان پوءِ هي مرثيو من منهنجو ٿئي مقبول."

### ڪريم بخش خالد جي راءِ:

سنڌي ادب ۾ هن نقاد جو شمار نالي وارن ۽ تحقيق ڪندڙ فردن ۾ شامل آهي. هن صاحب، 2003ع ۾ روزانه هلال پاڪستان ۾ ڪليات سيد ثابت علي شاهه جي نالي سان هڪ جامع مضمون لکيو. هن جو خيال آهي ته سنڌيءَ ۾ عروضي بحرن تي سڀ کان اول سيد ثابت علي شاهه مناقبت چيا، جيڪو صحيح معنيٰ ۾ سنڌي مرثيه جو مؤجد ۽ سونهون هو. سندس سمورو ڪلام فصاحت ۽ سلاست سان لبريز آهي. ادبي لحاظ کان هن مرثين ۾ نيون جدتون ۽ اسلوب پيدا ڪيا. عربي، فارسي جي آميزش، محاورا، تشبيهون ۽ خيال سيد ثابت علي شاهه اهڙي ته فراوانيءَ سان چيا جو سنڌي شاعريءَ جو رخ ئي بدلائي ڇڏيائين. سندس ڪليات مرثيو، مسدس، مخمس، قصيده، سلام، مثنوي، مناجات جو مطالعو روحاني ونڊر ۽ نفس جي تزڪيه جو سبب بڻجندو.

### ميرزا گل حسن "احسن" ڪربلائي جي راءِ:

ميرزا گل حسن ڪربلائي به سنڌي ادب جي باغيچي جو هڪ اهم گل هو. هيءُ سٺو مرثيه خوان هئڻ سان گڏوگڏ سهڻو شاعر هو. هن جي اولاد مان هن وقت به سنا مرثيه خوان حيدرآباد ۾ مرثيه خواني ڪن ٿا. هن لاءِ اهو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته حيدرآباد جي ميرن جي خاندان وارن ڪيس پنهنجن وڏن جو سمورو ادبي خزانو هن جي حوالي ڪيو جنهن ۾ گهڻو مواد عربي ۽ فارسيءَ جو هو. هيءُ پاڻ به فارسيءَ جو وڏو ڄاڻو آهي. فارسي جو هو. هيءُ پاڻ به فارسيءَ جو وڏو ڄاڻو آهي. فارسي مواد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جا اڪثر ڏاها هن سان رابطو رکندا هئا. پاڻ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ لاءِ هيئن چيو اٿس:

سنڌ جو فاضل ۽ عالم باعمل ۽ پارسا،<br>
شاعر اعظم سُخنوَر صاحبِ زند و ذڪا،<br>
نامِ نامي سيد ثابت علي مشهور هو،<br>
مرثيه گو ذاڪر و، زوار شاهِ ڪربلا.



تحقيق

ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

# گهڻين ٻولين جو شاعر ۽ ماهر

## علامہ هدايت علي نجفي "تارڪ"

علامہ محمد هدايت علي نجفي "تارڪ" سنڌ جي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ جيڪو مقام رکي ٿو، ان کي ڪنهن بہ طرح ۽ ڪڏهن بہ نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي. افسوس آهي جو علامہ "تارڪ" کي اڃ تائين اهو مقام نہ مليو آهي، جنهن جو هو لائق آهي. سچ اهو آهي تہ مرزا قليچ بيگ عالمن جو آفتاب ۽ سنڌي ادب جو شمس آهي، تہ علامہ "تارڪ" عالمن جو مهتاب ۽ سنڌي علم و ادب جو قمر آهي، مرزا قليچ بيگ جو پورهيو پوري ادبي آڪاس ۾ ڦهليل آهي، ان جي برعڪس علامہ "تارڪ" جو ادبي پورهيو اڃ تائين تاريڪيءَ ۾ رهندو آيو آهي جو هن وقت تائين سندس چار ڪتاب مس منظر تي آيا آهن، جنهن جي ڪري علامہ "تارڪ" گمناميءَ جي گوشي مان اڃا نڪري نہ سگهيو آهي. هڪ پاسي مرزا قليچ بيگ ڏارئي ادب جو ترجمن جي صورت ۾ سواد ۽ لطف چکرايو آهي، تہ وري ٻئي طرف علامہ "تارڪ" جو اهڙو پورهيو اڃا تائين اشاعت جو منتظر آهي. جيڪڏهن علامہ "تارڪ" جو مواد ۽ سرمايو ادب جي ميدان تي پيش ٿئي ها تہ هوند ٻين کان گوءِ کڻي چڪو هجي ها، علامہ نجفي پنهنجي عمر جي نهايت ٿوري عرصي ۾ بيحد ڳرو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

علامہ "تارڪ" هڪ ئي وقت ڪيترين ئي ٻولين ڄاڻندو هو يا ائين کڻي چئجي تہ ڪيترين ئي ٻولين تي مَلڪو ۽ مهارت رکندو هو. سو اسان کي علامہ نجفي "تارڪ" جا مسودا ئي اپياس ڪرڻا پوندا جن مان علامہ "تارڪ" جي علم متعلق معلوم ٿي سگهندو. ديوان نجفيءَ جي ديباچي ۾ جمع خان "غريب" لکي ٿو تہ:

> "سنڌس شعر عام خاص جي روح ورونهن ٿي رهيو. عام خانقاهن تي صوفي فقير ڏاڍي سِڪ سان سندس شعر ڳائيندا آهن. همعصر صوفي فقير سندس شعر تسليم ڪندا آهن."

سندس شعر جي باري ۾ جمع خان "غريب" وڌيڪ لکي ٿو تہ:

> "اگرچ سنڌ ۾ گهڻائي شاعر، شعر جي زمين ۽ زماني حال ۾ بہ گهڻائي شاعر شعر چئي رهيا آهن، جن جا شعر ڇاپي هيٺ بہ آيا آهن پر هن فقير صاحب جي شعر جهڙو وزن بحر تي، توحيد ۽ معرفت جي رمز سان در شعر ديوان جي صورت ۾ اڃا تائين نمودار ڪو نہ ٿيو آهي."

میری ملنے سے کیوں ہی گھبراتا
چونکہ رکھتا صفت تیری جان ہوں
کیوں نہ مجھ کو کہے وہ مس گڈ ڈے
آل رائیٹ اک سخندان ہوں

علامہ گهڻين ئي ٻولين جو شاعر آهي. جن مان ڇهن ٻولين ۾ سندس نثر ۽ نظر جڳهو آهي. جنهن جو مختصر تعارف هن طرح آهي:

**عربي:**

عربي ٻوليءَ ۾ علامہ نجفي پورو ديوان ”رموز السالڪين“ جي نالي سان لکيو آهي. نموني طور هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿو:

غزل

لک وجودی حاضرٌ یا ربّنا
منک روحی ناظرٌ یاربّنا
انت معبودی و مسجودی ہداً
للذنوبی غافرٌ یاربّنا
خالقٌ انت الہ العالمین
للعیوبی ساترٌ یاربّنا
انت ربٌ باریٌ قد راحمٌ
فی الضعیفی ناصرٌ یاربّنا
مالک لک بالتقدس عالمٌ
انت قدرا قادرٌ یاربّنا
باطنی کالشمس منک الانوار
کالقمرلی ظاہرٌ یاربّنا
تارک الدنیا وما فیہا نقدٌ
فی ریاضک طائرٌ یاربّنا

**فارسي:**

فارسي ٻوليءَ ۾ نثر کان علاوه علامہ ”تارڪ“ جو فارسيءَ ۾ به ڪافي پڪو پختو ڪلام ملي ٿو. فارسي ٻوليءَ ۾ سندس مڪمل ديوان ”ديوان تارڪ“ جي نالي سان آهي. فارسي ۾ تمام پختگي، شائستگي ۽ رواني نظر ايندي. سندس ڪلام جو نمونو هن ريت آهي:

غزل

بغمِ فراق چون من تو اگر رسيده باشي
بمثال نيمِ بسمل بزمين طپيده باشي
دوجهان بزير پايت بفراز عرش جايت
زهوا و حرص پارا تو اگر ڪشيده باشي
تو اگر زمن بپرسي زجفائي دور دنيا
زهوائي دانہ او بهوا پريده باشي
زچہ روچہ غنچہ اي جان تو بجيب سر گذاري
بمثال سرو رعنا بچمن چميده باشي
بچمن جمال ايدل زتغافلت بترسم
ڪہ بهار رفتہ باشد تو گلي نچيده باشي
نہ ڪشا ندت وظائف نہ رساندت لطائف
ببقا رسيده باشي چو فنا گزيده باشي
بہ خيال ذوق ذڪرش خوبان تو دران زمان بداني
تو اگر رسي بلذت زد گر رميده باشي
ز جمالِ قدر خوبان تو دران زمان بداني
ڪہ بہ پيش طاق ابرو بادب خميده باشي
تو ”بقادري“ صباگو بجواب سخن باقي
ڪہ هر زفقير ”تارڪ“ تو سخن شنيده باشي.

**هندي:**

علامہ ”تارڪ“ هندي ٻوليءَ تي بہ عبور رکندو هو. جنهن ۾ بہ ڪافي شعر چيو اٿس. مذڪوره ٻوليءَ ۾ پڻ سندس جوڙ جيس مشڪل ملندو. سندس هندي ڪلام هن ريت آهي:

مئين هون سياسي مئين هون سنياسي
ديس اگر ڪا واسي ري

مر وجون گرج اهندي فرقت وچ
ناملي سانون ڪج ادا دا خط
وچ پڙها ليڪ چپ ڪي لوڪاڻون
جو هي اي يار با حيا دا خط
نہ ڏتا ڪُڇ جــواب رهندا يـــار
جــڏ پنير اپنـــي مدعا دا خط
ڪر ڪي تعويذ رک تون اپني ڪول
لکيا "تارڪ" ني جو دعا دا خط

**سنڌي:**

علامہ محمد هدايت علي "تارڪ" سنڌي ٻوليءَ جو قادرالڪلام ۽ نهايت پختو شاعر آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ تہ سندس گهڻي ڪان گهڻو ڪلام ملي ٿو، جنهن جو ڪو جواب ئي نہ آهي. سنڌي شعر ۾ هو لاجواب آهي. مڙني شاعرن کان سندس ڪلام نرالو ۽ اجالو آهي. سنڌي ڪلام جو نمونو هن طرح آهي:

غزل

ذات بي رنگيءَ جو آه اسرار دم
زندگيءَ جو ٿو رکي آثار دم
دم منجهان آدم ٿيو آه دم ڪان عدم
ڪري عدم مون آدمي اظهار دم
صورت آدم ۾ معنيٰ دم ٿيو
آه پتلي آدمي ۽ تار دم
دم منجهان ٿيو عالم اجسام خوش
عـالـــم اجـسام ۾ انـــوار دم
سو دمن ڪان آه سو تارڪ پلو
ياد حق ۾ جو ڪٽين يڪبار دم

علامہ نجفيءَ جي ڪلام بابت چند ٻولين جو ذڪر هن تحرير ۾ مون بيان هيٺ آندو آهي. مٿين ٻولين ڪان سواءِ پشتو ٻوليءَ ۾ پڻ علامہ "تارڪ" شعر چيو آهي، پر خوش قسمتي اها آهي جو علامہ تارڪ جي قلمي ذخيري مان ڪجھ ڪتاب محفوظ ڪيا ويا آهن. بدقسمتي اها آهي تہ ڇهن ٻولين ڪان مٿي علامہ "تارڪ" جو ڪلام نہ ٿو ملي. اهڙيءَ ريت پشتو ٻوليءَ ۾ سندس چيل اشعار مان، نموني طور هڪ شعر بہ حاصل نہ ٿيو آهي.

وڏي افسوس ۽ ارمان سان چوڻو ٿو پوي تہ علامہ "تارڪ" جي عمر نهايت ٿوري ٿي، ۽ زندگي ساٺس سال نہ ڏنو، تہ بہ ان گهٽ عرصي ۾ سنڌي ادب ۾ نهايت اٽانگن پيچرن ۽ ڪنبن جي گس تان هلندي گهڻو ئي سرمايو سپرد ڪري ويو آهي. جيڪڏهن علامہ محمد هدايت علي نجفيءَ جي عمر ڪجھ طويل ٿئي ها، تہ جيڪر اجا بہ ڪي مسودا ۽ مخطوطا، ادب جي زمين کي قلم جي نوڪ سان هلائي اسان کي منسوب ڪري ڏئي ها.

عشق جي اک سان غور و خوض ڪري ڏسجي ٿو تہ علامہ "تارڪ" جو ڪم نهايت ججهو، جالارو ۽ وزندار نظر ايندو.

مرزا قليچ بيگ جو هيءُ شعر علامہ "تارڪ" جي ڄمار جي باري ۾ خوب دلالت ڪري ٿو:

اسان جو ڪم گهڻو ۽ عمر ٿوري،
اجل ڪاهي اچي پيو زوري زوري.



(علامہ "تارڪ" جو پنهنجي خوش خطيءَ ۾ لکيل شعر جو عکس)



تحقيق

ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو

# سنڌي عالمن جي فقهي مخطوطن جو تعارف ۽ مطالعو[1]

تاريخي لحاظ کان سنڌ ۽ عرب جا ثقافتي ۽ تجارتي تعلقات قديم زماني کان وٺي قائم و دائم نظر اچن ٿا. اسلام کان اڳ ۾ اهي تعلقات صرف تجارتي ۽ معاشي بنيادن تي قائم هئا. سنہ 93هه/712ع ۾ محمد بن قاسم جڏهن سنڌ فتح ڪئي، ته تاريخ ۾ پهريون دفعو عرب ۽ سنڌ جي سياسي ۽ مذهبي تعلقات جو آغاز ٿيو. سنڌ تي طويل اقتدار واري عرصي ۾ عرب ۽ سنڌ جي مقامي باشندن جي ميل جول جي ڪري، ابتدا ۾ ئي اسلامي علمن ۽ فنن جي ترقي ۽ ترويج جون راهون کلي چڪيون هيون، سنڌ جي هر شهر ۽ واهڻ ۾ اسلامي علمن جا مرڪز ۽ مدرسا وجود ۾ آيا. تصنيف ۽ تاليف جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿيو. سنڌ متزلون طئي ڪيون، خاص ڪري علم حديث ۽ فقہ جي سلسلي ۾ هتان جي عالمن وڏو علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو. خلص مطلق العنان ۽ شخصي حڪومتن دوران جڏهن هتان جي عالمن ۾ پنهنجي مرتبي ۽ مقام جي ڪميءَ جو خشو پيدا ٿيو ته انهن سنڌ کان نقل مڪاني ڪري هند ۽ حجاز مقدس ۾ علم جي شمع کي روشن رکيو. قديم تاريخي تذڪرا سنڌ جي محدثن، مفسرن ۽ فقيهن جي علمي ۽ تحقيقي ڪارنامن سان ڀريا پيا آهن. (1) امام ابومعشر نجيح بن عبدالرحمان السندي (170هه/786ع)، ابوالعباس احمد بن صالح منصوري، خلف بن محمد ديبلي (م 340هه/961ع) ۽ احمد بن محمد منصوري (م 380هه/1001ع) وغيره جو شمار سنڌ جي اولين فقيهن ۾ ٿئي ٿو بلڪ احمد بن صالح منصوريءَ جو شمار سنڌ ۾ دائودي ظاهري فقهي مسلڪ جي امام طور ٿئي ٿو ۽ ان جي مسلڪ جي بنياد تي سنڌ ۾ حديث تي عمل ڪيو ويندو هو(2). سن (700هه/1300ع) ۾ عربي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ سنڌ جا اصلي باشنده سومرا اقتدار ۾ آيا. هن دور ۾ جيتوڻيڪ علم فقه جي سلسلي ۾، بين اسلامي علمن جي عالمن، محدثن، مفسرن ۽ فقيهن قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ماحول جي مطابق پيش ايندڙ مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ علمي مَسندن کي آباد ڪيو ۽ هر طريقي سان پنهنجي علميت ۽ روحانيت سان نه صرف سموري برصغير کي روشن ڪيو، بلڪ علم ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ اهڙا ته اڻ مِٽ نشان ڇڏيا آهن، جن کي انساني تاريخ وسارڻ کان قاصر آهي.

علمي لحاظ کان اها هڪ مڃيل حقيقت آهي، ته سنڌ جي هزار سالن کان مٿي واري عرصي دوران عربي دور حڪومت کان وٺي اڄ تائين سنڌ جي باشندن مختلف حڪمرانن کي ڏٺو. زماني جي انقلابن ۽ تبديلين کي مُنهن ڏنو ليڪن هڪ ڳالهه جيڪا سنڌ جي تاريخ ۾ نمايان طور تي نظر اچي ٿي، سا هيءَ آهي، ته هتان جي هر دور ۽ هر زماني ۾ اسلامي علمن جي مختلف فنن خوب ترقيءَ جون

---

[1] راقم طرفان هيءُ مقالو، اداره تحقيقات اسلامي، بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد ۾ تاريخ پهرين آگسٽ کان 3- آگسٽ 2009ع تائين منعقد ڪيل "جنوبي ايشيا ۾ اسلامي فڪر اور اداري" جي عنوان سان علمي سيمينار جي موقعي تي اردو ۾ پڙهيو ويو. (راقم)

جي پيٽ ۾ علمي ۽ تحقيقي ڪم اوترو نه ٿيو آهي، ان هوندي به مولانا برهان الدين بڪري (م 609هه/1212ع)، املر صدرالدين بڪري (م 669هه/1271ع)، ۽ مولانا ظهيرالدين بڪري علم فقهه ۽ اصول ۾ مجتهدانه راءِ رکندڙ هئا(3). سن (752هه/1351ع) ۾ سنڌ ۾ سمه دور حڪومت جو آغاز ٿيو. هيءُ دور علمي ۽ ادبي لحاظ کان هڪ روشن دور تصور ڪيو وڃي ٿو. هن دور ۾ بين الاقوامي مزاج جي مطابق سنڌ جي عالمن تصنيف ۽ تاليف جي شروعات ڪئي. هن دور ۾ مخدوم محمود فخرپوٽو (م 987هه/1550ع)، قاضي ابراهيم ديبلي، مخدوم محمد سيوستاني، قاضي شرف الدين سيوستاني (م 998هه/ 1588ع)، مخدوم رڪن الدين (م 949هه/1488ع)، مخدوم ميران بن يعقوب، مخدوم شهاب الدين سهروردي (م 894هه/1488ع)، مخدوم عباس هگورو (م 998هه/1589ع)، علم فقهه ۽ اصول جا وڏا محقق ميجيا وڃن ٿا. (4) سمن جي آخري دور ۾ سنڌ ۾ اندروني خلفشار ۽ ارغون و ترخان دور جي شروع ۾ انتشار ۽ بيچيني جي ڪري سنڌ جا ڪيترائي علمي خاندان نقل مڪاني ڪري گجرات، دهلي، شام ۽ حجاز مقدس منتقل ٿي ويا(5). انهن ۾ درٻيلي جو قاضي عبدالله درٻيلوي (م 984هه/1566ع)، شيخ مبارڪ پٽائي (م 978هه/1570ع)، مخدوم عثمان بوبڪائي (م 983هه/1575ع)، شيخ فريد بڪري ۽ شيخ ابراهيم ٺٽويءَ جا نالا علم فقه جي اشاعت ۾ نمايان نظر اچن ٿا(6). ان کان علاوه سنڌ اندر مخدوم بلاول باغباني (م 929هه/ 1522ع)، قاضي ڏتو سيوهاڻي، مخدوم عبدالڪريم بوبڪائي (م 949هه/1542ع)، مخدوم رڪن الدين ٺٽوي (م 949هه/ 1542ع) ۽ مخدوم مصلح الدين لاري ٺٽوي (م 978هه/1570ع) جي فقهي بصيرت علم مشهور آهي. هن ئي دور جي مخدوم عبدالوهاب پوراني (م 990هه/1582ع) جي "فتاويٰ پوراني" کي بعد ۾ اچڻ وارن سنڌ جي ڪيترن ئي بلند مرتبي وارن عالمن ۽ فقيهن پنهنجي فتوائن ۾ سند طور نقل ڪيو آهي(7).

اسلامي دنيا ۾ مشهور اوائلي بنيادي فقهي تصنيفات ۽ انهن جون علمي ۽ تحقيقي شرحون، حاشيه ۽ تعليقات لکيا ويا. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ جي بلند مرتبي وارن فقيهن پڻ وڏو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. علامه حصفڪي "تنوير الايمان" جي شرح "الدرمختار" تاليف ڪئي. هيءَ شرح فقهي حلقن ۾ تمام گهڻي مشهور ٿي، سنڌ جي هڪ فقيه عالم ابوالطيب السنديءَ "تنوير الايمان" جي شرح "قوة الانظار" جي نالي سان ٻن جلدن ۾ تصنيف ڪئي(7). درمختار جي مقبوليت کي ڏسي علامه ابن عابدين شاميءَ "ردالمختار" جي نالي ان جي شرح لکي، ته سنڌ جي مخدوم محمد عابد سنڌيءَ "طوالع الانوار" جي نالي سان ٻن جلدن ۾ پڻ درمختار جي شرح لکي(8). ان کان علاوه مخدوم عبدالواحد سيوستانيءَ پڻ "رش الانوار" جي نالي سان شرح تاليف ڪئي(9). برصغير جي هڪ مشهور عالم قاضي جڳن گجراتي (م 902هه/1514ع) "خزانة الروايات" نالي هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو، جنهن ۾ قاضي صاحب ڪيتريون ئي غير معتبر، غيرمستند ۽ ناقابلِ اعتماد روايتون شامل ڪري ڇڏيون(10). سنڌ جي مخدوم محمد جعفر بوبڪائيءَ انهيءَ ڪتاب ۾ شامل سمورين غيرمستند ۽ غير معتبر روايتن کي خارج ڪري ان جي جاءِ تي مضبوط ۽ مستند روايتن جو اضافو ڪري "المتانة في مرمّة الخزانة" جي نالي سان وڏي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان فقهي ڪتاب تصنيف ڪيو. ان لحاظ کان مخدوم جعفر جو هيءُ فقهي مجموعو قاضي جڳن جي ڪتاب جي تصحيح ۽ ترميم آهي(11). مشهور مغل حڪمران اورنگزيب عالمگير "فتاويٰ عالمگيري" جي تدوين لاءِ برصغير جي بلند مرتبه عالمن ۽ فقيهن کي منتخب ڪيو(12). ان سلسلي ۾ سنڌ جي قديم علمي مرڪز ٺٽو جي شيخ نظام الدين نورمحمد بن شڪرالله ٺٽوي ۽ شيخ ابوالخير ٺٽوي کي فتاويٰ جي تدوين، پيچيده ۽ مشڪل مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ معاونت ڪرڻ جو شرف حاصل آهي(13).

سنڌ ۾ ڪلهوڙن حاڪمن جو دور علمي، ادبي ۽ تحقيقي لحاظ کان بهترين دور شمار ٿئي ٿو. هن دور ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمد معين ٺٽوي، مخدوم قائم ٺٽوي ۽ مخدوم قاضي قاسماڻي وغيره معاشرتي تعليم جي ضرورت کي سامهون رکي فقهي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا. ان دور جي علمي حلقن ۾ ان تحريڪ پڻ زور ورتو، ته اسلامي علمن ۽ فنن کي مادري سنڌي زبان ۾

تصنيف ۽ تاليف ڪيو ويو(14). ان تحريڪ جا اثر نہ صرف هن دور تائين قائم رهيا، بلڪ ان جو اثر ٽالپر دور ۾ بہ قائم رهيو. اهوئي سبب آهي، جو ٽالپور ۽ انگريز دور ۾ پڻ ڪيترائي فقهي مجموعا ۽ تحريرون عربي، فارسي ۽ سنڌي مادري زبان ۾ تصنيف ۽ تاليف ڪيون ويون. آزاديءَ کان پوءِ نشر ۽ اشاعت جي جديد سهولتن جي ڪري قديم علمي ۽ فقهي تصنيفات جي ٻيهر اشاعت سان گڏوگڏ جديد معاشرتي تقاضائن مطابق پيش ايندڙ مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ ڪافي تحقيقي مواد پڻ شايع ٿي چڪو آهي. ڪيترائي قديم عربي، فارسي ۽ اردو فقهي ڪتاب سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿي شايع ٿي چڪا آهن. نہ صرف ايترو بلڪ علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ درس نظاميءَ جي بنيادي ڪتاب "قدوري" تي علمي ۽ تحقيقي حاشيو لکي، قديم سنڌي عالمن ۽ فقيهن جي ياد تازي ڪئي آهي(15). ماضي قريب ۾ ملڪ ۾ اسلامي فقه جي بنياد تي مختلف قانوني توسيع جي سلسلي ۾ اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي چيئرمن جي حيثيت سان ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي جي خدمتن کان پاڪستان جا علمي ۽ سياسي حلقا بخوبي واقف آهن. سنڌ جي عالمن جي علمي ۽ فقهي ڪاوشن تي هيءُ مختصر تعارف ان ڳالهہ کي واضح ڪري ٿو، تہ اسلامي علمن ۽ فنن جي سمورن شعبن وانگر اسلامي قانوني فڪر جي ارتقا ۾ سنڌ جي فقيهن تمام وڏو علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي، سنڌ جي اسلامي حڪمرانيءَ جي سمورن دورن ۾ سنڌ جي عالمن ۽ فقيهن جون تصنيفون اسلامي فقه جي ارتقا ۾ مهميز جي حيثيت رکن ٿيون. اسان هن مختصر مقالي ۾ سنڌ سان واسطو رکندڙ عالمن ۽ فقيهن جي انهن تحريرن ۽ فتوائن جي مجموعن جو مختصر تعارف ۽ مطالعو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي اڃان تائين قلمي شڪل ۾ پاڪستان خاص طرح سنڌ ۽ حجاز مقدس جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ذاتي ڪتبخانن جي زينت بڻيل آهن ۽ انهن متعلق مواد آسانيءَ سان دستياب ٿي سگهيو آهي. يا ان تائين آساني سان رسائي حاصل ٿي سگهي آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي قديم خانداني ڪتبخانن ۾ علم فقه متعلق جيڪو مواد موجود آهي، ان کي سامهون رکندي، ان ڳالهہ جي اعتراف ڪرڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو، تہ سنڌ جي عالمن جي فقهي قلمي تصنيفن جي سلسلي ۾ هيءَ پهرين قسط آهي، جيڪا پيش ڪئي وڃي ٿي.

**(1) غاية التحقيق و نهاية التدقيق في مسائل اُبتُلي بها اهل الحرمين** (عربي)

مڪة المڪرمہ ۽ مدينة المنوره اسلامي دنيا جي لاءِ هميشہ کان ڪشش ۽ تعلق جو سبب رهيا آهن. سنڌ جي عالمن جا علمي ۽ روحاني رابطا انهن پاڪ شهرن سان فطرتي طور تي قديم زماني کان قائم ۽ دائم رهيا، ليڪن انهن رابطن ۾ تيزي سنڌ تي ارغون ۽ ترخان دور حڪومت ۾ آئي ۽ اهو سلسلو ڪلهوڙن جي دور تائين جاري رهيو. انهن دورن ۾ سنڌ جا ڪيترائي عالم، فقيه ۽ صوفي بزرگ نقل مڪاني ڪرڻ تي مجبور ڪيا ويا ۽ اهي اهڙي طرح هتان ويا، جو وري سنڌ ڏانهن واپس ٿي نہ آيا(16). ان سلسلي ۾ درٻيلي جا عالم فقيه ۽ پاٽ جا صوفي مڪة المڪرمہ مدينة المنورہ گجرات ۽ دکن ڏانهن نقل مڪاني ڪري ويا ۽ اتي وڃي علمي ۽ روحاني مسندون آباد ڪيائون(17). انهيءَ نقل مڪانيءَ جي ڪري سنڌي عالمن ۽ فقيهن جو مختلف مسلڪي مسئلن سان واسطو پوڻ فطرتي هو. خاص ڪري مڪي ۽ مديني جي شافعي فقهي مسلڪ سان تعلق رکندڙ امام جي پٺيان نماز جي ادائگيءَ ۾ شافعي ۽ حنفي فقيهن ۾ اختلاف نمايان هو. انهيءَ فقهي اختلاف کي سامهون رکندي سنڌي عالمن پڻ فقهي رسالا ۽ تحريرون تصيف ۽ تاليف ڪيون. ان ڏس ۾ اولين تحرير، جيڪا اسان کي دستياب ٿي آهي، سا شيخ رحمة الله درٻيلوي (م 993هه/ 1585ع) جي تصنيف "غاية التحقيق و نهاية التدقيق في مسائل اُبتُليَ بها اهل الحرمين" آهي. شيخ رحمة الله سنڌ جي قديم علمي مرڪز درٻيلي مان هجرت ڪري احمد آباد گجرات کان ٿيندو مدينہ شريف پهتو ۽ اتي هميشہ لاءِ سڪونت اختيار ڪيائين(18). هن رسالي ۾ شيخ رحمت الله مختلف مسلڪي امامن جي پٺيان نماز پڙهڻ متعلق مختلف فقيهن جي راين جي روشنيءَ ۾ تمام گهڻو

علمي ۽ تحقيقي انداز ۾ بحث ڪيو آهي. شيخ صاحب هن رسالي کي ڇهن فصلن ۽ آخر ۾ خاتمہ ۾ تقسيم ڪيو آهي. ان دوران علمي ۽ فقهي بحث ڪندي پنهنجي راءِ جي موافقت ۾ اسلامي علمن جي ڪيترن قديم مستند ڪتابن کي پيش ڪيو آهي. ان ڏس ۾ جامع الصغير، الڪافي، نهايہ، فتاويٰ خانيہ، فتاويٰ تاتار خانيہ، المحيط، مجمع الفتاويٰ، جامع المضمرات، المجتبيٰ ۽ اللؤلئوليات وغيره جا حوالا جاءِ بجاءِ ملن ٿا. هيءُ مخطوطو 36 صفحن تي مشتمل آهي. شيخ رحمت الله درٻيلويءَ جو تصنيف ڪيل هيءُ قلمي نسخو الڪبير اڪيڊمي ڪوٺڙي محمد ڪبير ضلع نوشهرو فيروز ۽ ٻيو نسخو مڪتبہ المحموديہ مدينة المنوره ۾ موجود آهي. الڪبير اڪيڊميءَ ۾ موجود نسخي جو ڪاتب عبدالحڪيم بن محمد حنفي ۽ ڪتابت جو سال 1181هه درج ٿيل آهي(19). جڏهن تہ مڪتبہ محموديہ واري نسخي جو ڪاتب محمد ابراهيم ۽ ڪتابت جو سال 1157هه درج آهي(20).

(2) **الحجة القويه في جواب الرسالة الحلفيه** (عربي)

هيءُ قلمي مخطوطو طلاق جي باري ۾ محاوراتي لفظن جي ادائگيءَ سان طلاق جي واقع ٿيڻ متعلق آهي. هن مخطوط جو مصنف مخدوم محمد جعفر ٻوبڪائي (م 1205هه/1596ع) آهي. مخدوم ٻوبڪائي هيءُ ڪتاب پنهنجي همعصر عالم قاضي قاسماڻيءَ جي ڪتاب جي رد ۾ تصنيف ڪيو. قاضي قاسماڻيءَ سنڌي زبان ۾ استعمال ٿيندڙ محاورن جي ادا ڪرڻ سان طلاق نہ هئڻ جي فتويٰ ڏني هئي. ان ۾ رد ۾ مخدوم محمد جعفر هيءُ رسالو تصنيف ڪيو. مخدوم ٻوبڪائي ڪتاب جي شروع ۾ هڪ عالمانہ مقدمو لکيو آهي ۽ ان کان پوءِ قاضي قاسماڻيءَ جي هر دليل لاءِ "مذاڪره" جو عنوان ڏئي، ان جو جواب تحرير ڪيو آهي هن مخطوطي جي هڪ خوبي هيءُ بہ آهي، تہ مخدوم صاحب پنهنجي دور جي مروج سنڌي محاورن کي هوبهو انهيءَ انداز ۾ نقل ڪيو آهي، جنهن انداز ۾ ان زماني ۾ ادا ڪيا ويندا هئا. ان سان مخدوم ٻوبڪائيءَ جي دور جي مروج سنڌي زبان جي صَرف ۽ نحوَ متعلق معلومات حاصل ٿئي ٿي(21). مخدوم صاحب پنهنجي هن رسالي ۾ علم فقه ۽ اصول جي جن ڪتابن تان حوالا اخذ ڪيا آهن، تن مان چند هيءُ آهن: خزانة الفقہ، التجنيس والمزيد، خزانة الفتاويٰ، فتاويٰ نسفيہ، المحيط، التوضيح، التلويح، شرح التحرير، فتح القدير، فتاويٰ خانيہ وغيره. 36x16سم جي سائيز ۾ 74 صفحن تي مشتمل هيءُ قلمي مخطوطو پنجاب يونيورسٽي لئبريري ۾ موجود آهي(22).

(3) **قرنه في حڪم الحلف باالمرنه والهرنه** (عربي)

هيءُ رسالو پڻ سنڌي زبان ۾ محاوراتي حلفيہ جملن جي ادا ڪرڻ متعلق آهي، تہ انهن جي ادائگيءَ سان طلاق واقع ٿئي ٿي يا نہ. سنڌ جي عالمن جي فقهي ذخيرن ۾ اهڙي قسم جي حلفيہ جملن جي ادائگيءَ سان طلاق ٿيڻ جي باري تمام گهڻيون فتوائون ملن ٿيون. ان سلسلي ۾ ڪجهہ فقيهن لفظن جي حقيقي مفهوم کي بنياد بنايو آهي، تہ ڪن وري ان کي نيت سان منسلڪ ڪيو آهي. هيءُ رسالو مخدوم جعفر ٻوبڪائيءَ جي تصنيف آهي. مخدوم صاحب انهيءَ مسئلي کي نيت جي اعتبار کان مختلف صورتن ۾ تقسيم ڪيو آهي ۽ هر صورت کي سامهون رکي، ان لاءِ شرعي حڪم ٻڌايو آهي. طلاق جي موضوع تي هيءُ رسالو مخطوطي جي شڪل ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪليڪشن ۾ سنڌ آرڪائيو ڪراچي ۽ مخدوم ٻوبڪائي جي پنجن رسالن مان پهرئين نمبر تي آهي، جيڪو پنجاب يونيورسٽي لاهور ۾ هڪ مجموعي جي شڪل ۾ موجود آهي(23).

(4) **التنميق في توقيت المِرءة في التطليق** (عربي)

طلاق جي باري ۾ هيءُ رسالو 10 صفحن تي مشتمل آهي ۽ مخدوم جعفر ٻوبڪائي جي تصنيف آهي. مخدوم صاحب هن مختصر رسالي ۾ علم فقه ۽ اصول جي جن ڪتابن تان حوالا نقل ڪيا آهن، سي هيءُ آهن: الفصول العماديہ، مجموعہ النوازل، الذخيره، المحيط، هدايہ، قنية المنيہ، خزانة الفتاويٰ، فتاويٰ سراجيہ، مختار الفتاويٰ، خزانة الفقيه، فتاويٰ ڪتابيه ۽ خلاصة الفتاويٰ وغيره. هيءُ رسالو پنجاب يونيورسٽي ۾ موجود مخدوم ٻوبڪائي جي فتوائن جي مجموعي ۾ ٻئي نمبر تي آهي(24).

(5) البيان المُبرم في قول السنود ڇڏي او ڇڏيم (عربي)

هيءُ رسالو طلاق جي متعلق آهي. هن ۾ پڻ مخدوم جعفر بوبڪائي حلفيہ لفظن جي ادائگيءَ سان طلاق جي ٿيڻ ۽ نہ ٿيڻ متعلق بحث ڪيو آهي. 16 صفحن تي ڦهليل هن مختصر رسالي ۾ مخدوم جعفر فتح القدير، التحرير، البدائع الصنائع، حل الوقايہ، الفصول العماديہ، فصول استروشي، شرح الوقايہ، الزيادات، التلويح، الذخيره، فتاويٰ بزازيہ، فتاويٰ نسفيہ ۽ جواهر الفتاويٰ وغيره تان مواد نقل ڪيو آهي. پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ موجود مخدوم بوبڪائيءَ جي فتوائن ۾ هيءُ رسالو ٽئين نمبر تي آهي(25).

(6) ڪميّةُ الواقع (عربي)

هيءُ طلاق متعلق رسالو پڻ مخدوم جعفر بوبڪائيءَ جو تصنيف ڪيل آهي. مخدوم صاحب هن رسالي ۾ قنية المنيہ، جواهر الفتاويٰ، فتح القدير، الواقعات الحسابيہ، ڪشف الاسرار لاصول البزدوي، التلويح شرح التوضيح ۽ بياض مخدوم حامد اڱهي تان حوالا نقل ڪيا آهن. هيءُ رسالو پڻ پنجاب يونيورسٽي ۾ موجود مخدوم بوبڪائي جي فتوائن جي مجموعي ۾ چوٿين نمبر تي آهي(26). ان سان گڏوگڏ انهيءَ منڪوره مجموعي ۾ ڇئن صفحن تي مشتمل طلاق متعلق هڪ فتويٰ پڻ شامل آهي. انهيءَ فتويٰ ۾ مخدوم صاحب خزانة الفقه، خلاصة الفتاويٰ، فتح القدير، التوضيح، الڪافي، جامع الڪبير، فتاويٰ نسفيہ، فتاويٰ بزازيہ ۽ فتاويٰ خانيہ تان حوالا نقل ڪري سند طور ڪتب آندا آهن(27).

مٿين منڪوره رسالن کان علاوه مخدوم جعفر جي هڪبئي مخطوطي جو ذڪر پڻ سنڌ جي ادبي تذڪرن ۾ ملي ٿو. انهيءَ مخطوطي جو ذڪر مشهور محقق پير حسام الدين راشديءَ ”تاريخ مظهرشاهي“ جي مقدمي ۾ مخدوم صاحب جي تصنيفات ۾ ڪيو آهي(28). ان علاوه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مخدوم صاحب جي مشهور تصنيف ”حاصل النهج“ جي انگريزي مقدمي ۾ انهيءَ مخطوطي جو شمار ان جي تصنيف طور ڪيو آهي(29). ليڪن افسوس هيءُ منڪوره مخطوطو ناپيد آهي ۽ زماني جي دست برد جو شڪار نظر اچي ٿو.

(7) بياض عيسيٰ جندالله پاٽائي (عربي)

هن مخطوطي جو مؤلف مخدوم عيسيٰ جندالله پاٽائي (م 1031ھ/1621ع) آهي. مخدوم عيسيٰ جا وڏا سنڌ تي همايون جي لشڪر ڪشي دوران شورش ۽ بدامني جي انديشي جي ڪري هندستان جي گجرات جي طرف هجرت ڪري ويا. شيخ عيسيٰ پنهنجي علمي مرتبي ۽ تصوف جي ڪمال درجي جي ڪري، جنهن اعليٰ درجي تي فائز هو، ان کي سلمهون رکندي، ”تاريخ فرشتہ“ جي مصنف محمد قاسم فرشتہ، مخدوم پاٽائي جي علميت ۽ مرتبي جي ساراهہ هنن لفظن ۾ ڪئي آهي. دو عيسيٰ است فرخنده در نسل آدم يڪي ابن قاسم يڪي ابن مريم(30). عربي زبان ۾ شيخ عيسيٰ پاٽائي جو هيءُ فقهي مخطوطو ٻن حصن تي مشتمل آهي. هڪ جلد 634 ۽ ٻيو 319 صفحن تي مشتمل آهي. 16x27س.م جي سائيز ۾ هيءُ مخطوطو سنڌ يونيورسٽي جي مرڪزي علامہ آءِ.آءِ قاضي لائبريري ۾ موجود آهي (31).

(8) القول الحسن في الجواز الاقتدا باالامام الشافعي في النوافل والسنن (عربي)

مختلف مسلڪي امام جي پٺيان نماز جي باري ۾ هيءُ رسالو درٻيلي جي بلند مرتبي واري عالم ۽ فقيه علامہ حميد درٻيلوي (م 1009ھ/1600ع) جو تصنيف ڪيل آهي، علامہ حميد فضيلت ۽ ڪمال جي صفتن سان آراستہ يگانہ روزگار عالم ۽ فقيه هو. نقلي ۽ عقلي علمن تي ڪيس وڏي مهارت حاصل هئي. پنهنجي خاندان سان هجرت ڪري مدينه منوره ۾ درس ۽ تدريس سان لاڳاپيل رهيو(32). علامہ صاحب هيءُ رسالو شافعي مسلڪ سان واسطو رکندڙ امام جي پٺيان نماز پڙهڻ جي جواز ۾ تاليف ڪيو. علامہ صاحب پنهنجي راءِ جي تشريح ۽ تائيد ۾ صحيح مسلم، صحيح بخاري، فتح القدير، تفسير طبري، المضمرات وغيره تان حوالا نقل ڪيا آهن. هن رسالي جو هڪ نسخو ڪتب خانہ درگاهہ پير ڳوٺ ۽ ٻيو نسخو مڪتبہ الملڪ عبدالعزيز مدينة المنوره ۾ موجود آهي ۽ 11 صفحن تي ڦهليل آهي.

درگاهه پير ڳوٺ واري مخطوطي جو ڪاتب عبدالرحمان بن حسين ۽ ڪتابت جو سال 1218هه درج آهي، جڏهن ته مدينة المنوره ۾ موجود مخطوطي ۾ ڪاتب جو نالو نه لکيل نه آهي، البت ڪتابت جو سال 1011هه درج ٿيل آهي(33).

(9) رسالہ قنية المعارف في حكم الاقتدا بالمخالف (عربي)

هيءُ مختصر فقهي رسالو مخدوم محمد اڪرم نصرپوريءَ جي تصنيف آهي، مخدوم محمد اڪرم جي ابتدائي زندگيءَ جي باري ۾ سنڌ جا اوائلي ادبي تذڪرا خاموش آهي. "امعان النظر في توضيح نخبة الفكر" سندس مشهور تصنيف آهي. علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ مخدوم محمد اڪرم جي انهيءَ بلند مرتبہ تصنيف کي ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو(34). مخدوم نصرپوري جو هيءُ مختصر رسالو مختلف مسلڪي امامن جي اقتدا ۾ نماز جي مسئلن جي باري ۾ آهي. 21 صفحن تي مشتمل هن مختصر فقهي مخطوطي ۾ جواهر اخلاطي، فتاويٰ غياثيہ، زخيره برهانيہ، معراج الدرايہ فتاويٰ تاتار خانيہ ۽ غاية البيان وغيره جا حوالا ملن ٿا. هن رسالي جو هڪ نسخو مڪتبہ الملڪ عبدالعزيز مدينة المنوره ۽ ٻيو مخطوطو آرڪائيو ڪراچيءَ ۾ موجود آهي، جيڪو شروع کان ناقص آهي(35). مدينة المنوره ۾ موجود مخطوطي جي آخر ۾ ڪتابت جو سال 1011هه درج ٿيل آهي(36).

(10) مظهر السراجي (عربي)

اسلامي فقه ۾ علم ميراث کي خاص اهميت حاصل آهي. "فرائض سراجيہ" اسلامي دنيا جي مشهور عالم ۽ فقيهہ محمد بن عبدالله الرشيد سجاوندي (م 749هه/1348ع) جي تصنيف آهي. محمد بن عبدالله پنهنجي زماني جي "سراج الملت والدِين" جي لقب سان مشهور آهي. اسلامي دنيا جي وڏن عالمن ۽ فقيهن "فرائض سراجيہ" جون شرحون لکيون آهن. مظهر السراجي پڻ "فرائض سراجيہ" جي شرح آهي، جيڪا سنڌ جي هڪ وڏي مرتبي واري عالم ۽ فقيهہ مخدوم احمد بن برهان قريشي تاليف ڪئي. مخدوم احمد قريشي سلطان شاهہ حسن بن شجاع جي زماني جو عالم ٿي گذريو آهي. "مظهر السراجي" علم ميراث جي باري ۾ جامع ڪتاب آهي. مخدوم احمد شرح ڪندي فقه حنفي جي باني فقيهن امام ابو حنيفہؒ ۽ امام يوسفؒ ۽ ٻين متاخرين فقيهن جي ڪتابن ۽ راين کي نقل ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ غير احناف فقيهن امام مالڪؒ ۽ امام شافعيؒ جي فقهي راين کي پڻ سند طور پيش ڪيو آهي. هيءَ شرح مخطوطي جي شڪل ۾ مرڪزي علامہ آءِ.آءِ.قاضي لائبريري سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ موجود آهي. (37). 19x14 س.م جي سائيز ۾ هيءُ مخطوطو 103 صفحن تي ڦهليل آهي. آخر ۾ نقص هئڻ سبب ڪاتب ۽ ڪتابت جي سال متعلق ڪجهه چئي نہ ٿو سگهجي.

(11) قوت الانظار شرح تنوير الايمان (عربي)

"تنور الايمان" فقه حنفيءَ جو مشهور ڪتاب آهي. جنهن جو مصنف علامہ علاؤالدين حفصڪي آهي. علامہ حفصڪي تنويرالايمان جي شرح "درمختار" جي نالي سان پڻ تصنيف ڪئي. اهڙي طرح علامہ ابن عابدين وري در مختار جي شرح "حاشيہ در مختار" جي نالي سان لکي. هن حاشيي اسلامي دنيا ۾ وڏي شهرت ماڻي. ليڪن علمي لحاظ کان درمختار ۾ جيڪا عبارت استعمال ڪئي وئي، سا تمام گهڻي دقيق ۽ ڏکين لفظن تي مشتمل آهي. ان لحاظ سان "درمختار" کي "تنويرالايمان" جي شرح نہ ٿو چئي سگهجي. سنڌ جي مشهور عالم ۽ فقيهہ علامہ ابو طيب السنديءَ "قوة الانظار" جي نالي سان "تنوير الايمان" جي شرح نهايت ساده ۽ سليس ٻوليءَ ۾ ڪئي آهي. علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي راءِ آهي تہ "قوة الانظار" درمختار کان وڌيڪ واضح، سليس ۽ بهتر آهي(38). علامہ ابو طيب شرح بيان ڪندي صحيح حديثن کي سند طور ڪتب آندو آهي. "قوة الانظار" ٻن جلدن ۾ آهي، جلد اول 674 صفحا ۽ جلد ٻيو 704 صفحن تي مشتمل آهي. قوة الانظار جو هڪ مخطوطو پشاور يونيورسٽي ۾ ۽ ٻيو مدينة المنوره جي ڪتب خانہ محموديہ ۾ موجود آهي، ليڪن هيءُ مخطوطو نامڪمل آهي ۽ باب المغنم و قسمة تائين آهي(39).

(12) البشارة في اثبات عدم الاشارة في التشهد (عربي)

هيءُ فقهي مخطوطو سنڌ جي بلند مرتبي واري عالم قاضي قاسماڻي جو تصنيف ڪيل آهي. قاضي

قاسمائيءَ جي متعلق احوال کان سنڌ ۽ هند جا ادبي تذڪرا خاموش آهن. صرف هن مخطوطي جي دستياب ٿيڻ سان معلوم ٿئي ٿو، ته قاضي قاسمائي پنهنجي دور جو وڏو فقيه ۽ علم عقلي ۽ نقليءَ جو جامع ۽ فاضل هو. برصغير پاڪ و هند ۾ نماز جي دوران التحيات ۾ شهادت جي آڱر جي اشاري جي باري ۾ اختلاف رهيو آهي. لطف الله نسفيءَ "خلاصہ ڪيداني" جي نالي سان هڪ فقهي ڪتاب تاليف ڪيو جنهن ۾ نماز جي مسئلن تي روشني وڌي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ لطف الله نسفي التحيات دوران آڱر جي اشاري کي حرام قرار ڏنو آهي(40). ان کان علاوه قاضي ثناءالله پاڻي پتي پنهنجي فارسي درسي ڪتاب "مالا بُدمنه" ۾ اشاري ڪرڻ کان منع ڪيو آهي(41). افغانستان جا پختون امام رباني مجدد الف ثاني جا تمام گهڻا معتقد هئا. جڏهن انهيءَ به اشاري نہ ڪرڻ جي فتويٰ ڏني، تہ هيءُ مسئلو اڃان وڌيڪ اختلافي صورت اختيار ڪري ويو(42). قاضي قاسمائي سنڌ جو پهريون عالم ۽ فقيه آهي، جنهن پڻ اشاري نہ ڪرڻ جي فتويٰ ڏني. قاضي قاسمائيءَ جي انهيءَ فتويٰ کان پوءِ سنڌ جي علمي ۽ فقهي حلقن ۾ هيءُ مسئلو شدت اختيار ڪري ويو. سنڌ جي ڪيترن عالمن قاضي قاسمائيءَ جي رد ۾ رسالا تاليف ڪيا. قاضي قاسمائيءَ جو هيءُ مختصر فقهي رسالو 9 صفحن تي مشتمل آهي. 15x24س. م جي سائيز ۾ هيءُ مخطوطو بيت الحڪمت همدرد يونيورسٽي ڪراچيءَ جي لائبريري ۾ موجود آهي. هن مخطوطي ۾ قاضي لائبريري پنهنجي فقهي راءِ جي تشريح ۽ تائيد ۾ فتويٰ مجمع خاني، المحيط، مختصر القدوري، فتح القدير، الهدايہ، الوقايہ، شرح الوقايہ، فتاويٰ سراجيہ، جامع المضمرات، غرورالافڪار ۽ فتاويٰ قاضيخان جا حوالا ڏنا آهن. هن مختصر مخطوطي جي آخر ۾ ڪاتب پنهنجو نالو عبدالجبار ۽ ڪتابت جو سال 1209ھ ڄاڻايو آهي(43).

(13) **البشارة لاهل الاشارة** (عربي)

نماز جي دوران التحيات ۾ "اشهد ان لآ اله الا الله" پڙهڻ وقت شهادت جي آڱر جي اشاري جي سنت هجڻ جي باري ۾ هيءُ مختصر فقهي مخطوطو شيخ محمد حيات سنڌيءَ جي تصنيف آهي. هيءُ رسالو قاضي قاسمائيءَ جي رد ۾ آهي. 23x14 س. م جي سائيز ۾ هيءُ مختصر رسالو ڇهن صفحن تي مشتمل آهي. مخدوم محمد حيات پنهنجي فتويٰ جي موافقت ۽ قاضي قاسمائيءَ جي رد ۾ 24 حديث ۽ فقه جي ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن، جن مان ڪجهه هيءُ آهن. ڪتب صحاح ستہ، سنن دارمي، صحيح ابن خذيمہ سنن سعيد بن منصور، المستخرج، شرح معاني الآثار، شرح ابن سڪن، شرح المنيه، فتح القدير، المعجم الڪبير ۽ بدائع الصنائع وغيره. هيءُ مخطوطو پنجاب يونيورسٽيءَ لاهور ۾ موجود آهي (44).

(14) **رسالہ رد الاشارة في التشهد** (عربي)

هيءُ مختصر فقهي رسالو پڻ قاضي قاسمائيءَ جي رد ۾ تاليف ڪيل آهي. تحفة الڪرام جي مصنف هن رسالي جي مؤلف مخدوم عبداللطيف دربيلوي جي علميت ۽ بزرگيءَ جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي(45). هن مخطوطي ۾ مخدوم عبداللطيف، قاضي قاسمائيءَ جي رد ۾ قرآن پاڪ، حديث ۽ حنفي فقہ جي امامن جي قولن کي نقل ڪيو آهي. انهيءَ دوران فتاويٰ غياثيہ، فتاويٰ المضمرات، التجنيس والمزيد، خلاصة الڪبريٰ واقعات الحساميہ ۽ فتاويٰ تاتارخانيہ کي سند طور ڪتب آندو آهي. هيءُ مخطوطو بيت الحڪمة لائبريري همدرد يونيورسٽي ڪراچي ۽ مڪتبہ محموديہ مدينة المنوره ۾ موجود آهي(46).

(15) **رسالہ في بيان صِحةِ الاشارة والبِشارة** (عربي)

هيءُ مختصر رسالو التحيات ۾ اشاري جي باري ۾ مخدوم محمد جان دربيلويءَ جي تصنيف آهي. سنڌ ۾ التحيات دوران تشهد جي اشاري متعلق جيڪو علمي بحث شروع ٿيو هو، هيءُ مخطوطو ان جو نتيجو آهي. مخدوم محمد جان پنهنجي وقت جو وڏو فقيه ۽ علم عقلي ۽ نقلي جو وڏو ماهر هو(47). سنڌ جي قديم قلمي فتوائن جي گڏيل مجموعن ۾ حاشين تي مخدوم محمد جان جون فتوائون جاءِ بجاءِ نظر اچن ٿيون. هن مختصر فقهي رسالي ۾ مخدوم دربيلوي التحيات دوران اشاري متعلق علمي بحث

مختار الفتاويٰ ۽ شرح ابو المڪارم وغيره ڊيمي سائيز جي هن مخطوطي جي هر صفحي تي 19 سٽون لکيل آهن.

(19) **قرة العين في البُڪاءِ علي الحسين** (عربي)

مخدوم محمد مُعين ٺٽوي (م 1161هه/1748ع) پنهنجي وقت جو وڏو عالم، فقيه صوفي ۽ شاعر هو. سندس والد محمد امين پڻ وڏو عالم ۽ درويش صفت بزرگ هو. مخدوم محمد معين مختلف علمن جي تحصيل ٺٽي ۾ ڪئي. شاهه ولي الله محدث دهلوي جي علميت جي هاڪ ٻڌي دهلي ويو ۽ ڪانئس فلسفه، حديث ۽ ٻين علمن جي تحصيل ڪيائين. ڪيترن مسئلن تي تحقيق ڪندي، مخدوم معين، شاهه ولي الله کان مختلف رستو اختيار ڪندو هو ۽ انوکي ۽ مجتهدا نه انداز ۾ پنهنجي راءِ کي پيش ڪندو هو. شاهه ولي الله سندس انهيءَ مجتهدا نه طريقه ڪار کي ڏسي، کيس چوندو هو. "فَقَدْ رَكِبْتَ عَضَنْفِراً" يعني بي شڪ تون تحقيق جي ڏس ۾ شينهن تي سوار ٿي ويو آهين (58).

مخدوم محمد معين ڪافي مسئلن تي سنڌ جي بلند مرتبي وارن عالمن ۽ فقيهن کان جدا مسلڪ رکندو هو. مثلاً صوفين سڳورن جي ڪشف کي شرعي حجت وانگر شرعي دليل مڃيندو هو. صحيح حديث جي مقابلي ۾ ڪنهن امام جي تقليد کي تسليم نه ڪندو هو. اصحابن سڳورن ۾ حضرت عليؓ جي فضيلت جو قائل هو (59). امام حسينؓ جي ماتم کي جائز سمجهندو هو ۽ ٻارنهن امامن ۽ اهل بيت جي معصوميت جو قائل هو. انڪري سنڌ جي عالمن سان سندس تحريري مناظرا ٿيندا رهندا هئا. سنڌ جي ڪيترن عالمن ۽ فقيهن سندس تصنيفات ۽ تحريرن جي رد ۾ ڪتاب لکيا، جن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمد حيات سنڌي، مخدوم عبداللطيف ٺٽوي وغيره سرِ فهرست آهن (60).

مٿيون ذڪر ڪيل مخطوطو امام حسينؓ جي شهادت تي ماتم ڪرڻ جي جواز ۾ مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي تصنيف آهي. مخدوم صاحب پنهنجي راءِ جي موافقت ۾ قرآني آيتن ۽ حديثن کي پيش ڪيو آهي. ان جي وضاحت ۾ پنهنجو مخصوص مجتهدا نه انداز اختيار ڪندي، ماتم جي جواز کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هيءُ مخطوطو 112 صفحن تي مشتمل آهي ۽ مڪتبہ محموديہ مدينہ منوره ۾ موجود آهي (61).

(20) **بياض مخدوم محمد معين ٺٽوي** (عربي)

فقهي مسئلن تي مشتمل هيءُ مخطوطو مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي تصنيف آهي. مخطوطي جي شروع ۾ اصول فقه ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ اجتهاد جي ضرورت ۽ اهميت تي عالمانہ بحث ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ مختلف بابن جي ترتيب تي مسئلي جي باري ۾ بحث ڪندي تمام ضروري مسئلن جو فقهي حل پيش ڪيو ويو آهي. مثلاً: "ڪتاب الطهارة" ۾ وضو، تيمم وغيره جي مسئلن کي الڳ الڳ عنوانن سان بيان ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح "ڪتاب الصلوٰة" ۾ اذان، جماعت، امامت، صلوٰة استسقا، وضع اليدين، قراة الفاتحہ، قراة سوره، اذڪار الرڪوع والقومہ، رفع اليدين في الرڪوع والسجود، جلسہ الاستراحة التشهد، سجود السهو، وتروالنوافل، عيدين، جنائز، سفر ۽ صلوٰة الخوف وغيره جي مسئلن جي متعلق پنهنجي اجتهاد سان فقهي حل پيش ڪيا آهن. مخدوم صاحب ساڳيو ئي طريقو زڪوٰة حج ۽ ٻين رڪنن جي وضاحت ۾ اختيار ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ فتح القدير، صحاح ستہ، مستدرڪ حاڪم، نوَ وِي، شرح مسلم، تقريب الي العراقي، شرح علي القاري علي المشڪوٰة، شرح وقايہ، جامع المفصولين، شرح مؤطا الزُرقاني، ۽ دراسات البيب (62). وغيره جا حوالا جاءِ بجاءِ نقل ڪيا اٿائين. هيءُ مخطوطو مخدوم محمد معين جي هڪ شاگرد رشيد جمع ڪيو آهي ۽ ڪٿي به پنهنجو نالو ظاهر نہ ڪيو آهي. 350 صفحن تي مشتمل هيءُ نسخو قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو ضلع نوشهروفيروز ۾ موجود آهي.

(21) **مظهرالانوار** (عربي)

اسلام جي ٽئين رُڪن روزي جي متعلق هن جامع ۽ ضخيم مخطوطي جو مصنف مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

(م 1174هه/1759ع) آهي. مخدوم محمد هاشم جو شمار سنڌ جي وڏي مرتبي وارن عالمن، محققن، فقيهن ۽ محدثن ۾ ٿئي ٿو. عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ سندس تقريباً 125تصنيفون دستياب ٿي چڪيون آهن. انهيءَ لحاظ کان "سنڌ جو سُيوطي" سڏجي ٿو (63). مخطوطي جي مقدمي ۾ مخدوم صاحب ڪتاب جي تصنيف جو سال 1125هه/1713ع درج ڪيو آهي. انهيءَ لحاظ سان ان وقت مخدوم صاحب جي عمر 31 سال هئي. سمورو مخطوطو 10x4 انچ جي سائيز ۾ 210 صفحن تي ڦهليل آهي. مخدوم محمد هاشم سموري مخطوطي کي چئن بابن ۾ ورهايو آهي ۽ وڌيڪ هر باب کي مختلف فصلن ۾ ترتيب ڏنو آهي اهڙي طرح ڪتابُ روزي جي اهميت ۽ تشريح سان شروع ٿئي ٿو ۽ ليلة القدر جي بيان تي تڪميل کي پهچي ٿو. مخدوم صاحب روزي جي مسئلن کي بيان ڪندي اسلامي علمن ۽ فنن جي 300 عربي ۽ فارسي ڪتابن تان حوالا نقل ڪيا آهن ۽ ان جو ذڪر مقدمي ۾ تفصيل سان ڪيو اٿئين (64). مقدمي ۾ ڏنل فهرست جي مطالعي سان "مظهر الانوار" جي اعليٰ علمي ۽ تحقيقي معيار جو ثبوت ملي ٿو. مخدوم صاحب جي هن عالمانه ۽ محققانه تصنيف جي باري علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي راءِ آهي، ته "رمضان المبارڪ جي روزي متعلق عربي زبان ۾ هيءُ هڪ مستقل تصنيف آهي. اسلامي دنيا ۾ اڄ تائين انهيءَ موضوع تي اهڙو جامع ڪتاب اڃا تائين تصنيف نه ٿي سگهيو آهي(65)." هيءُ ڪتاب اڃا تائين قلمي شڪل ۾ ڪتب خانه خنياروي شريف ضلع نواب شاهه ۽ علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي. مخطوطي جي آخر ۾ ڪاتب جو نالو نه آهي، البت ڪتابت جو سال 9 ذو الحجه 1243هه/1827ع درج ٿيل آهي (66).

مخدوم محمد هاشم جي دور ۾ سنڌ اندر ديني ڪتابن کي مادري سنڌي زبان ۾ تصنيف ڪرڻ جي تحريڪ شروع ٿي، ته اڪثر سنڌي عالمن ۽ فقيهن سنڌي زبان ۾ تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو شروع ڪيو (67). انهيءَ ڏِس ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ عام سنڌي پڙهندڙن جي لاءِ "مظهر الانوار" جو خلاصو" زادالفقير" جي نالي سان پنهنجي دور جي مروج قديم سنڌي نظم ۾ تاليف ڪيو، جيڪو 1312هه/1894ع ۾ مجتبائي پريس لاهور مان شايع ٿيو. زادالفقير جا قلمي نسخا اڄ به سنڌ جي قديم ڪتب خانن ۾ موجود آهن.

(22) **فاڪهة البُستان** (عربي)

اسلامي فقه جي تاريخ ۾ قديم فقيهن ذبح ۽ شڪار جي متعلق لازوال ڪتاب تاليف ڪيا آهن. مشهور محقق ۽ مؤرخ ابن نديم پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "الفهرست" ۾ انهن تصنيفن جو وڏي تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي (68). ان کان علاوه صِحاح سته جي فقهي شرحن مشارق الانوار، ڪنزالعمال، فتاويٰ سراجيه ۽ فتاويٰ عالمگيري وغيره ۾ ذبح ۽ شڪار جي باري ۾ باب موجود آهن. سنڌ جي ڪلهوڙا دور حڪومت ۾ سنڌو درياءَ ۽ ان سان لاڳاپيل ندين ۽ ڍنڍن وغيره تي پکين ۽ مڇيءَ جو شڪار عام هو. بلڪ انهن ندين ۽ ڍنڍن جي چوڌاري آباد ماڻهن جو گذر سفر پکين ۽ مڇيءَ جي شڪار تي هو. سنڌ جي عالمن ۽ فقيهن پنهنجي دور جي حالتن ۽ ضرورتن جي مناسبت سان ضروري مسئلن ۽ عوام جي طرفان پڇيا ويندڙ سوالن جي روشنيءَ ۾ انهيءَ موضوع تي ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا آهن (69). "فاڪهة البستان" انهيءَ سلسلي ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي هڪ ضخيم تصنيف آهي. مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب 1128هه/1713ع ۾ تصنيف ڪيو. 10x7 انچ جي تختي تي مخدوم ٺٽويءَ جي هيءَ تصنيف قلمي شڪل ۾ 312 صفحن تي مشتمل آهي. هڪ حصو "ڪتاب الذبائح" ۽ ٻيو "ڪتاب الصيد" تي مشتمل آهي. اهڙي طرح هر ڪتاب اٺن فصلن تي مشتمل آهي. ڪتاب ۾ ذبح جي عقلي ۽ شرعي جواز، حضور ﷺ طرفان خود ذبح ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جو تفصيل، ابلجة الذبائح جا شرط، لفظ "الذڪاة" جو لغوي ۽ شرعي تفسير ۽ آخر ۾ زميني ۽ درياهي حلال جانورن جي الف ب وار فهرست ڏنل آهي. انهيءَ لحاظ کان ذبح ۽ شڪار جي مسئلن تي عربي زبان ۾ هيءَ جامع ۽ پنهنجي نوعيت جي هڪ منفرد تصنيف آهي. مخدوم صاحب "مظهرالانوار"

وانگر ساڳئي ڪتابن جي فهرست "فاڪهة البستان" جي مقدمي ۾ به درج ڪئي آهي. انهيءَ فهرست ۾ اسلامي علمن ۽ فنن تي لکيل قديم علمي ۽ تحقيقي ڪتابن سان گڏ سنڌ جي مشهور فقيه مخدوم عبدالوهاب پوراني (70). ۽ مخدوم جعفر بوبڪائي جي "المتانة ۽ شيخ عبدالرشيد ٺٽويءَ جي "عجائب المخلوقات" جا نالا به درج ڪيا آهن. مخدوم محمد هاشم پنهنجي عربي تصنيف "فاڪهة البستان" جو خلاصو "راحة المؤمنين" جي نالي سان قديم سنڌي نظم ۾ 1135هه/122ع ۾ پڻ تاليف ڪيو، ته جيئن عام سنڌي پڙهندڙ ذبح ۽ شڪار متعلق شرعي معلومات حاصل ڪري سگهي. راحة المؤمنين مجتبائي پريس لاهور مان 1312هه/1895ع ۾ شايع ٿيو. فاڪهة البُستان جا قلمي نسخا ڳوٺ ياسين، پير جهنڊو، سنڌالاجي ڄامشورو ۽ قاسميه لائبريري ڪنڊيارو ضلع نوشهروفيروز ۾ موجود آهن (71).

(23) **السيف الجليُّ علىٰ سابّ النبي ﷺ** (عربي)

ناموس رسالت جي موضوع تي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو تصنيف ڪيل هيءُ واحد قلمي مخطوطو مدرسه مجدديه نعيميه ملير ڪراچيءَ جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي. هيءُ نسخو ٽن بابن تي مشتمل آهي. ليڪن افسوس ته نسخي جي ناقص هجڻ جي ڪري صرف 25 صفحن تي ٻه باب شامل آهن ۽ ٽيون باب موجود نه آهي. پهرئين باب ۾ هن اهم ۽ نازڪ مسئلي تي مختلف امامن جي فتوائن کي سند طور نقل ڪيو ويو آهي، جن جي روشنيءَ ۾ حضور ﷺ جي شان ۾ هر قسم جي گستاخي ڪرڻ وارو واجب القتل آهي. ان سلسلي ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ شيخ تقي الدين السبڪي، قاضي عياض، ابوبڪر بن منذر، امام مالڪ، ابوالليث سمرقندي، امام شافعي، امام ابو حنيفه، امام ابو يوسف، امام محمد، امام نو وِي ۽ امام اوزاعي جي فتوائن کي شامل ڪيو آهي. ٻئي باب ۾ گستاخ رسول ﷺ جي متعلق حضور ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جي فيصلن کي حوالي طور نقل ڪيو آهي. انهيءَ دوران مخدوم صاحب ابن الاشرف، ابي رافع ۽ ابن خطل جي متعلق حضور ﷺ جي احڪامن کي سند طور بيان ڪري واضح انداز ۾ روشني وڌي آهي، ته جيئن ڪوبه غير مسلم ۽ بي ادب گستاخ مسلمان انهيءَ قسم جي جرات نه ڪري سگهي. جيئن ته هيءُ نسخو ناقص آهي، ان ڪري اهو معلوم نه ٿو ٿي سگهي ته باقي ورقن تي ڪهڙي نوعيت جو مواد شامل آهي. مخدوم محمد هاشم هن نسخي جي شروع ۾ تصنيف جو سال 12 شعبان 1134هه/1721ع ڄاڻايو آهي (72).

(24) **حياة الصائمين** (فارسي).

رمضان المبارڪ جي روزي جي مسئلن جي باري ۾ هن مختصر مخطوطي جو مؤلف مخدوم محمد هاشم ٺٽوي آهي. مخدوم صاحب عربي زبان ۾ "مظهرالانوار" جي نالي سان 1125هه/1713ع ۾ روزي جي مسئلن متعلق ڪتاب لکيو هو. حياة الصائمين ان جو فارسي ترجمو آهي. فرق صرف ايترو آهي، جو ڪجهه بابن ۾ مخدوم صاحب اختصار کان ڪم ورتو آهي. مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب 1133هه/1720ع ۾ تصنيف ڪيو. هيءُ ضخيم فارسي مخطوطو 490 صفحن تي ڦهليل آهي. 11x8 انچ جي سائيز ۾ هر ورق تي 14 سٽون موجود آهن. مخطوطي جي آخر ۾ ڪاتب جو نالو مفتي محمد سعيد الله انصاري ۽ ڪتابت جو سال 8 جمادي الآخر 1336هه/1817ع ڄاڻايل آهي (73). حياة الصائمين جا قلمي نسخا درگاه خنياروي شريف، الڪبير اڪيڊمي ڪوٽڙي محمد ڪبير، مٽياري، هاليجي شريف، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو ۽ مدرسه مجدديه ملير ۾ موجود آهن.

(25) **رد رسالہ قرة العين في البُڪاءِ علي الحسين** (عربي)

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو هيءُ رسالو سنڌس همعصر عالم مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي رد ۾ آهي. مخدوم معين ٺٽي جو هڪ وڏي بلند مرتبي وارو عالم، محقق ۽ فقيه هو. هن اهل سنت جي عقيدي جي برعڪس محرم مهيني ۾ امامن سڳورن، خاص ڪري حضرت امام حسينؓ جي شهادت تي ماتم ڪرڻ، ڪارا ڪپڙا پائڻ ۽ ٻين رسمن کي جائز قرار ڏنو هو ۽ ان جي متعلق هڪ رسالو تاليف ڪيو هو. مخدوم محمد هاشم هن ڪتاب ۾ مخدوم معين جو رد ڪيو آهي ۽ عالمانه انداز ۾ مختصر ۽

مدلل انداز ۾ تاليف ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ قرآن، حديث ۽ فقه حنفي جي امامن جي فتوائن جي روشنيءَ ۾ نهايت واضح انداز ۾ روشني وجهندي عام ماڻهن ۽ پنهنجي همعصر عالمن ۽ فقيهن کي متوجه ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو انهيءَ دور جي بين عالمن مخدوم محمد حيات سنڌي، مخدوم عبداللطيف ٺٽوي ۽ مخدوم ابراهيم ٺٽويءَ پڻ مخدوم معين جي رد ۾ رسالا ترتيب ڏنا(74).

مخدوم محمد هاشم جو هيءُ رسالو 16 صفحن تي مشتمل آهي. 14x6 انچ جي سائيز ۾ هر صفحي تي 14 سٽون درج آهن. رسالہ ۾ مخدوم محمد هاشم جي مُهر سان گڏوگڏ تصنيف جو سال 1134هه/1731ع ڄاڻايل آهي (75). هن رسالي ۾ تصديق ڪندڙ جي حيثيت ۾ مخدوم محمد حيات جي صحيح بہ موجود آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءُ رسالو مخدوم محمد حيات جي علم ۽ مطالعي هيٺ رهيو آهي (76). هيءُ مخطوطو قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو ۾ موجود آهي.

**(26) نورالعين في اثبات الاشارة في التشهدين** (عربي)

نماز ۾ التحيات پڙهڻ دوران شهادت جي آڱر جي اشاري متعلق فقيهن ۾ اختلاف رهيو آهي. هيءُ مسئلو فقه حنفي جي ڪتابن ۾ تہ موجود نہ آهي، ليڪن امام ابو حنيفہ جي شاگرد امام محمد بن حسن (م 189هه/804ع) پنهنجي مشهور ڪتاب "مؤطا" ۾ التحيات ۾ اشاري ڪرڻ کي حديث نبويءَ جي روشنيءَ ۾ ثابت ڪندي لکيو آهي، تہ هيءُ امام ابو حنيفہ جو بہ قول آهي (77). انهيءَ بنياد تي اڪثر حنفي فقيهن پڻ فتوائون لکيون آهن مخدوم محمد هاشم پڻ انهيءَ مسئلي جي تحقيق ۽ جواز کي ثابت ڪرڻ لاءِ حديث نبوي ۽ حنفي امامن ۽ فقيهن جي راين جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ڪتاب ۾ عقلي ۽ نقلي دليل پيش ڪيا آهن، تہ جيئن ان تي عمل ڪري سگهجي ۽ ڪنهن قسم جي خطا ۽ غلطي کان بچي سگهجي. هن مخطوطي ۾ شرح سفرالسعادة درالمختار، هدايہ، فتح القدير، جامع الاصول، مواهب الرحمٰن، مختصرالوقايہ، سنن الڪبريٰ بيهقي کان علاوه سنڌ جي بلند مرتبي وارن فقيهن مخدوم عبداللطيف دربيلوي ۽ مخدوم محمد جعفر بوبڪائي جي "المتانة" تان حوالا اخذ ڪيا آهن. هيءُ مخطوطو 118 صفحن تي مشتمل آهي. 11x7 انچ جي تختي تي هر ورق تي 17 سٽون موجود آهن. ڪتاب بابن، فصلن ۽ عربي عبارتن لاءِ ڳاڙهي مس استعمال ڪئي آهي، مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب 1138هه/1721ع ۾ تصنيف ڪيو. آخر ۾ ڪاتب پنهنجو نالو عبدالڪريم خيرپوري ۽ ڪتابت جو سال 1321هه/1725ع ڄاڻايو آهي (78). هيءُ نسخو الڪبير اڪيڊمي ڪوٽڙي محمد ڪبير، ڳڙهي ياسين ۽ درسگاهہ چوٽيارين ۾ موجود آهي.

**(27) ڪشف الغطاعمّا يَحِلُ ويحرُمُ من النوح والبُڪاء** (عربي)

هيءُ رسالو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ پنهنجي همعصر عالم ۽ محقق مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي رد ۾ تاليف ڪيو. مخدوم معين پنهنجي رسالي ۾ ماتم ڪرڻ، ڪارا ڪپڙا پهرڻ، تڪيہ ڪرڻ وغيره جي جواز ۾ "قرة العين في البُڪا علي الحسين" تاليف ڪيو هو. مخدوم محمد هاشم اهل سنت جي عالم جي حيثيت ۾ هيءُ رسالو ان جي رد ۾ مرتب ڪيو، جنهن ۾ قران پاڪ، حديث، فقه لغت، تاريخي حوالن ۽ عقلي ۽ نقلي دليلن سان مخدوم معين جي راءِ جو جواب ڏنو آهي. مخدوم محمد هاشم انهيءَ کان پهريائين هڪ رسالو "قرة العين" جي نالي سان پڻ لکيو، جنهن جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون، هيءُ رسالو انهيءَ کان وڌيڪ تفصيل سان ترتيب ڏنو ويو آهي. هيءُ رسالو 27 صفحن تي ڦهليل آهي. 12x8ج انچ جي سائيز ۾ هر صفحي تي 28 سٽون موجود آهن. مخدوم صاحب هيءُ رسالو 1142هه/1729ع ۾ تصنيف ڪيو. هن رسالي جا قلمي نسخا ڳڙهي ياسين، ٽنبو سائينداد عبدالله گندرو سونڊا ۽ سنڌالاجي ڄامشورو ۾ موجود آهن (79).

**(28) رفع الغطا عن مسئلة جَعل العَمامة تحت الرِداءِ** (عربي)

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي دور ۾ ڪجهہ حلقن ۾ هيءَ ڳالهہ مشهور هئي، تہ نماز جي حالت ۾ عمامه يعني پٽڪي جي مٿان چادر ويڙهڻ سنت آهي ۽ جهڙي طرح مٿي اگهاڙي ڪرڻ سان نماز پڙهڻ

مڪروهه آهي، اهڙي طرح پٽڪي جي مٿان چادر نه ويڙهڻ واري جي طرف الله تعاليٰ رحمت جي نظر سان نٿو ڏسي. انهيءَ من گهڙت سوچ جي باري ۾ ڪجهه ماڻهن مخدوم صاحب کان سوال به ڪيا. مخدوم صاحب انهن سوالن ۽ عمومي سوچ جي نشاندهي ڪندي، ان کي رد ڪيو آهي. مخدوم صاحب هيءُ رسالو 1146هه/1733ع ۾ تاليف ڪيو. جنهن ۾ 41 فقه، اصول فقه، تفسير ۽ حديث جي ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. هن رسالي جي هڪ خوبي اها به آهي، ته مخدوم صاحب جن ماخذن کي نقل ڪيو آهي، تن جا مخفف متعين ڪيا اٿائين. مثلاً حديث جي مشهور ڪتاب مُسلم جو جتي حوالو ڏنو اٿائين، اتي ان جو مخفف ”م“ لکيو اٿائين. ۽ جتي ابو دائود جو حوالو ڏنو اٿائين، اتي ”د“ لکيو اٿائين(80). هيءُ مختصر رسالو 9 صفحن تي مشتمل آهي. 19x40 انچ جي تختيءَ تي هر صفحي تي 16 سٽون درج آهن. مخطوطي جي آخر ۾ ڪاتب جو نالو عبدالرحمٰن ۽ ڪتابت جو سال 26 جمادي الاول 1348هه/1948ع ڄاڻايل آهي(81).

### (29) الطريقه المحمديه في حقية القطع باالا فضلية (عربي)

هيءُ مخطوطو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي تصنيف آهي. مخدوم صاحب هڪ ضخيم ڪتاب ”السنة النبويه في حقيّه القطع الافضلية“ مخدوم محمد معين جي رد ۾ تاليف ڪيو هو. جيڪو هن وقت دستياب نه آهي. هيءُ ذڪر ڪيل مخطوطو انهيءَ ناپيد ڪتاب جو اختصار آهي. هن مخطوطي ۾ مخدوم محمد هاشم، مخدوم معين جي دليلن جي جواب ۾ قرآن، حديث، فقه علم ڪلام ۽ رجال جي مشهور ڪتابن تان حوالا پيش ڪيا آهن. اهڙِ طرح اعليٰ تحقيقي انداز ۾ مخدوم محمد هاشم اهل سنت جي دفاع ۾ خلفاءِ راشدين جي ترتيب کي ثابت ڪيو آهي. هيءُ مخطوطو 229 صفحن تي مشتمل آهي. آخر ۾ ڪاتب جو نالو محمد اسماعيل افغان ۽ ڪتابت جو سال 1333هه/1914ع درج آهي(82). هيءُ مخطوطو ڪتب خانه پير جهنڊو جي ذخيري ۾ نيشنل ميوزيم ڪراچيءَ ۾ موجود آهي(83).

### (30) الحجة القوية في حقية القطع بالافضلية (عربي)

هيءُ مخطوطو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ، مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي تصنيف ”الحجة الجلية في رد من قطع بالا فضلية“، ”السنة النبويه القطع بالا فضلية“ ۽ ”الطريق المحمديه القطع بالافضلية“ جو خلاصو آهي. مخدوم محمد هاشم هن مخطوطي ۾ پنهنجي انهن ٽنهي ڪتابن جي تصنيف جا به سبب ذڪر ڪيا آهن. هڪ اهل سنت عقيدي جي تحقيق ۽ قرآن و حديث جي روشنيءَ ۾ خليفن سڳورن جي ترتيب ۽ افضليت کي ظاهر ڪرڻ ۽ ٻيو اهل تشيع جي موقف ۾ پنهنجي همعصر عالم مخدوم محمد معين جي ڪتاب جو رد بيان ڪرڻ. ان لحاظ کان هيءُ مخطوطو ٻن فصلن ۾ ورهايل آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ قران، حديث، فقه اصول، ڪلام ۽ رجال جي مشهور ڪتابن جي حوالن کي جاءِ بجاءِ نقل ڪيو آهي ۽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته خليفن سڳورن جي افضليت ۾ عقل ۽ اجتهاد کي ڪوبه دخل نه آهي ۽ حضور ﷺ جي طرف کان اهائي ترتيب ٻڌايل آهي. هيءُ مخطوطو 79 صفحن تي ڦهليل آهي. 18x2 انچ جي سائيز ۾ هر صفحي تي 13 سٽون اُڪريل آهن. آخر ۾ ناقص هجڻ جي ڪري ڪاتب ۽ ڪتابت جو سن معلوم نه ٿو ٿي سگهي. مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب 17 شعبان 1164هه/1750ع ۾ تصنيف ڪيو. هيءُ نسخو ڪتب خانه معروفيه مٽياريءَ ۾ موجود آهي(84).

### (31) بياض هاشمي (عربي/ فارسي)

هن ضخيم فقهي مخطوط جو مؤلف محمد هاشم ٺٽوي آهي. سنڌ جا قديم عالم ۽ فقيهه فقهي ۽ ديني مسئلن، اهم ۽ ناياب عبارتن ۽ تحقيقي نُڪتن کي فقهي ترتيب سان اهڙي طرح مرتب ڪري، ڪتابت ڪندا هئا، جو اهو قلمي مسوده هڪ ضخيم قلمي ڪتاب جي شڪل اختيار ڪندو هو. اهڙي قسم جو قلمي مواد، مرتب ڪرڻ واري عالم ۽ فقيه جي نالي سان ”بياض“ سڏجي ٿو. سنڌ جي وڏي مرتبي وارن عالمن ۽ فقيهن جي نالن سان اهڙي قسم جا بياض عام طور تي مشهور ۽ دستياب آهن(85). مخدوم محمد هاشم پنهنجي هن فقهي بياض کي آسان بڻائڻ جي لاءِ فقهي ترتيب سان هيٺين بابن ۾

تقسيم ڪيو آهي. ڪتاب العلم، ڪتاب الطهارة، ڪتاب الزڪوٰة، ڪتاب الصوم، ڪتاب النڪاح، ڪتاب الايمان، ڪتاب الحدود، ڪتاب الشرڪه، ڪتاب الوقف، ڪتاب البيوع، ڪتاب الصلح، ڪتاب الغضب، ڪتاب الصيد والذبائح، ڪتاب الرهن، ڪتاب الوصايہ وغيره.

"بياض هاشمي" مخدوم ٺٽويءَ جي سموري زندگيءَ جي تحقيقي مطالعي جو نچوڙ ۽ درس و تدريس دوران اهم ۽ ناياب مسئلن ۽ مقامن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ قرآن، حديث، فقه، تاريخ ۽ تصوف جي متعلق سوين مسئلا موجود آهن. مخدوم محمد هاشم پنهنجي اعليٰ ذهني لياقت، غور و فڪر ۽ ڳوڙهي مطالعي جي بنياد تي، اسلامي علمن ۽ فنن تي تصنيف ڪيل معتبر ڪتابن جي روشني ۾ مسئلن جو حل پيش ڪيو آهي. بياض هاشميءَ ۾ جن علمي ۽ فقهي ڪتابن تان مواد اخذ ڪيو ويو آهي، تن مان ڪجهه جا نالا هن ريت آهن. فتاويٰ تاتارخانيہ، المبسوط، شرح وقايہ، شرح بانت سعاد، فتاويٰ نورالدين، المختار، جواهر القاري، خزانة المفتين، جامع المفضولين، فتاويٰ سراجيہ، بزازيہ، مرقاة، عالمگيري ۽ فتاويٰ سمرقندي وغيره. انهن بيان ڪيل مشهور فقهي ماخذن کان علاوه سنڌ جي وڏي مرتبي وارن عالمن ۽ فقيهن جي فتوائن ۽ ڪتابن جا حوالا پڻ بياض هاشميءَ ۾ جاءِ بجاءِ ملن ٿا. انهن ۾ مخدوم محمد جعفر بوبڪائي، مخدوم حامد اگهمي، قاضي فريد ٺٽوي، شيخ محمد قائم، شيخ محمد شفيع ۽ شيخ عنايت الله مفتيان شهر ٺٽو وغيره. مخدوم محمد هاشم پنهنجي بياض ۾ مختلف مسئلن تي بحث ڪندي، وڏي مرتبي وارن فقيهن جي راين کي پيش ڪندي، آخر ۾ پنهنجي محققانہ راءِ کي بيان ڪري پنهنجو نالو درج ڪيو آهي ڪجهه فتوائن جي پڇاڙي تي "محمد هاشم عفي عنه ۽ ڪجهه تي "هٰذا ما حققه الفقير الراجي اليٰ رحمت الصبور محمد هاشم بن عبدالغفور عفي عنه" بہ لکيو آهي. بياض هاشميءَ ۾ اڪثر مواد عربي زبان ۾ آهي. البت ڪجهه سوال ۽ جواب فارسي ۽ چند قديم سنڌيءَ ۾ پڻ آهن. بياض هاشميءَ جي علمي حيثيت سنڌ جي هر مڪتبہ فڪر جي نظر ۾ مجيل آهي. ان ڪري ان جا قلمي نسخا سنڌ جي اڪثر قديم ذاتي ۽ سرڪاري ڪتب خانن ۾ موجود نظر اچن ٿا. سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لئبرريءَ ۾ موجود بياض هاشميءَ جو قلمي نسخو 35x15 س. م جي سائيز ۾ 639 صفحن تي ڦهليل آهي. خط نسخ ۽ نستعليق ۾ ڪتابت ڪيل هن نسخي ۾ ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جو سال ڄاڻايل نہ آهي (87).

(32) **فيض الغني في تقدير ساع النبي ﷺ** (فارسي)

صدقہ فطر ۽ ان جي مسئلن جي متعلق هيءُ مختصر فقهي مخطوطو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو تصنيف ڪيل آهي. هن رسالي ۾ ٻن ڳالهين تي بحث ڪيو ويو آهي. اول حضور ﷺ جي زماني ۾ اناج کي ماپڻ لاءِ جيڪو ماپو استعمال ٿيندو هو، ان جي هيئت ڪهڙي هئي ۽ قديم فقيهن ۾ امام مالڪؒ، امام شافعيؒ ۽ امام ابو حنيفہؒ ان متعلق ڪهڙي طرح ڪهڙي ڳالهين کي ترجيح ڏني آهي. مخدوم محمد هاشم 1128ھ/1715ع ۾ ٺٽي شهر جي بازار مان اناج جو ماپو گهرائي ان جي ماپ ۽ وزن جي باري ۾ تحقيق ڪئي ۽ ان کي نوٽ ڪيو. 1135ھ/1722ع ۾ مخدوم صاحب جڏهن حج جي ارادي سان مڪي شريف پهتو، تہ اتي علامہ عبدالڪريم هندي حنفي جي ذريعي سان اتي مروج ماپي جي وزن ۽ ماپ جي تحقيق ڪئي ۽ ان کي نوٽ ڪيو. 1136ھ/1723ع ۾ جڏهن جڏهن پاڻ پيهر مديني شريف آيا، تہ اتي بازار مان مروج ماپو گهرائي، ان جو وزن ۽ ماپ ڪري ان کي نوٽ ڪيائون. انهيءَ دوران ڪين مديني جي اهل علم وٽان اهو پتو پيو، تہ مديني جي رهواسين وٽ حضور ﷺ جي زماني جا ماپ ۽ تور جا برتن موجود آهن، جن سان اهي روزي جو فطرو، فديو ۽ ڪفارو ادا ڪندا آهن. مخدوم صاحب انهن برتنن جي ماپ ۽ وزن جي تحقيق ڪئي ۽ پاڻ وٽ محفوظ رکيو. 1137ھ/1724ع ۾ ٺٽي ۾ شيخ عنايت الله واعظ سان گڏجي، مڪي ۽ مديني جي بازارن ۾ استعمال ٿيندڙ برتنن ۽ حضور ﷺ جي دور جي برتنن ۽ ٺٽي ۾ مروج برتنن جي وزن ۽ ماپ جو پاڻ ۾ موازنو ڪري، سنڌ ۽ ٺٽي جي عوام لاءِ فطري جي

صحيح ادائيگي واري ملپ ۽ وزن کي مقرر ڪيائين. "فيض الغني في تقدير صاع النبي ﷺ" ۾ انهيءَ تحقيقي انداز کي بيان ڪيو ويو آهي. ان سان معلوم ٿئي ٿو، تہ مخدوم صاحب هر مسئلي جي حل جي لاءِ ڪهڙي قدر نہ علمي تحقيق جي اعليٰ معيار کي اختيار ڪندو هو (87). 9 صفحن تي مشتمل هيءُ مختصر رسالو پنجن فصلن تي مشتمل آهي. 8x5 انچ جي سائيز جي هيءُ رسالو مخدوم صاحب 1137هه/1724ع ۾ تاليف ڪيو. هر صفحي تي 19 سٽون موجود آهن. مخدوم صاحب انهيءَ مذڪوره رسالي جو ٻيو نالو "ڪشف السر عن تقدير صدقة الفطر" بہ تحرير ڪيو آهي. هيءُ مخطوطو پير جهنڊو، سنڌالاجي ڄامشورو، معروفيہ ڪتبخانو مٽياري ۽ مدرسہ نعيميہ ملير موجود آهي (88).

**(33) رفع الفِرية والمِريه** (عربي)

هيءُ فقهي مخطوطو ڏيتي ليتي ۽ قرض جي متعلق سوالن ۽ جوابن جي صورت ۾ آهي. هن مخطوطي جو مصنف مخدوم ابوالحسن ڏاهري (م 1164هه/750ع) آهي. مخدوم ابوالحسن نماز جي متعلق مثنوي جي انداز ۾ "سراج المصلي" جي نالي سان هڪ ضخيم ڪتاب تاليف ڪيو هو (89). "سراج المصلي" جا خطي نسخا سنڌ جي قديم ڪتبخانن ۾ اڪثر موجود نظر اچن ٿا. "رفع الفِريہ والمِريه" ۾ مخدوم ابوالحسن ڏيتي ليتي ۽ قرض جي متعلق پڇيل 43 سوالن جا جواب تحرير ڪيا آهن. ان سلسلي ۾ مخدوم ابوالحسن قديم فارسي ۽ عربي فقه ۽ اصول جي مشهور ڪتابن کان علاوه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم قائم ٺٽوي جي فتوائن کي پڻ سند طور پيش ڪيو آهي. هيءُ مخطوطو 80 صفحن تي مشتمل آهي. هيءُ مخطوطو درگاهہ الله آباد ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز ۽ مولانا امير محمد سڪندري ڳوٺ عالم آباد تعلقہ ڪپرو ضلع سانگهڙ جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. درگاهہ شريف واري مخطوطي جي ڪاتب جو نالو حافظ ڪامل ۽ ڪتابت جو سال 1232هه/1816ع ڄاڻايل آهي(90).

**(34) بياض ڪريمي** (عربي/ فارسي)

مخدوم عبدالڪريم متعلوي (م1261هه/1845ع) مٽياريءَ جو هڪ وڏي مرتبي وارو عالم ۽ فقيه ٿي گذريو آهي. سموري تعليم پنهنجي والد مخدوم محمد عثمان متعلويءَ کان حاصل ڪيائين. والد جي وفات کان پوءِ سندس مسند تان درس ۽ تدريس جو سلسلو شروع ڪيائين ۽ پنهنجي شاگردن جو هڪ وڏو حلقو پيدا ڪيائين (91). علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي راءِ مطابق مخدوم عبدالڪريم ۽ سندس شاگرد مخدوم محمد، فقهي تحريرن ۾ بي نظير عالم هئا. سنڌ ۾ ڪابہ فقهي تحرير، جنهن تي مخدومين يعني مخدوم عبدالڪريم ۽ مخدوم محمد جي صحيح هوندي هئي، ان کي حرف آخر سمجهيو ويندو هو. شهداد ڪوٽي فقيه مخدومين جي فتوائن کي سند طور نقل ڪندا هئا (92). مخدوم عبدالڪريم جي ٽڙيل پکڙيل فتوائن کي هن بياض ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي. 28x18 س. م جي تختي تي هيءُ فقهي بياض 155 صفحن تي مشتمل آهي ۽ مڪتبہ معروفيہ مٽياريءَ ۾ موجود آهي (93).

**(35) مجموعه فتاويٰ متفرقہ:**

هن مختصر مخطوطي ۾ مٽياريءَ جي متعلوي عالمن ۽ فقيهن جي فتوائن کي جمع ڪيو ويو آهي. اڪثر فتوائون مخدوم محمد عثمان، مخدوم عبدالڪريم ۽ مخدوم محمد اڪرم متعلويءَ جون تحرير ڪيل آهي. 24x16 س. م جي سائيز ۾ هيءُ قلمي فتوائن جو مجموعو 66 صفحن تي مشتمل آهي ۽ مڪتبہ معروفيہ مٽياريءَ ۾ موجود آهي (94).

**(36) تعليقات الدرالمختار شرح تنوير الابصار** (عربي)

اسلامي دنيا ۾ جيڪي اولين فقهي ڪتابن جون شرحون، حاشيہ ۽ تعليقات لکيا ويا، تن ۾ علامہ حصفڪي " جي تاليف ڪيل "تنويرالابصار" جي شرح "الدرالمختار" فقهي حلقن ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. سنڌ جي قديم عالمن پڻ ان ڏس ۾ طبع آزمائي ڪئي. ان سلسلي ۾ مٽياريءَ جي متعلوي عالمن پڻ قلم کنيو. هن مخطوطي ۾ متعلوي عالمن جي تحرير ڪيل تعليقات کي هڪ هنڌ سهيڙي جمع ڪيو ويو آهي. هيءُ نسخو مڪتبہ معروفيہ ۾

موجود آهي. 17x27 س. م جي سائيز ۾ سمورو نسخو 257 صفحن تي ڦهليل آهي (93).

(37) **بياض مجمع المسائل** (عربي)

هيءُ ضخيم فقهي مخطوطو مخدوم محمد عارف شڪارپوريءَ جي تصنيف آهي. مخدوم محمد عارف انتهائي عارفاڻ زندگي بسر ڪئي ۽ پنهنجي فقيراڻي طبعيت سبب شُهرت کي ناپسند ڪندو هو. 1266هه/1840ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ويو. شڪارپور جي امين شاهه چشتيءَ جي قبرستان ۾ مدفون آهي(96). مخدوم محمد عارف جي فتوائن جو هيءُ فقهي مجموعو 35 بابن ۾ ورهايل آهي. مخدوم صاحب مجموعي جي شروعات باب الطهارة سان ڪئي آهن ۽ ان ڪان پوءِ باب الصلوٰة ڏنو آهي. باب الصلوٰة سان لاڳاپيل مسئلن جي سلسلي ۾ باب المفسدات الصلوٰة و المڪروهات، باب السجود السهو، باب السجود التلاوة، صلوٰة المرض، صلوٰة المسافر، صلوٰة الجمعة، صلوٰة العيدين، صلوٰة الڪسوف، صلوٰة الاستسقا، باب الجنائزو فيه مسائل ڪيفية التڪفين وغيره جا باب پڻ شامل ڪيا اٿائين. اهڙي طرح باب الحج، باب النڪاح، باب البيوع، باب الزڪوٰة، باب الوقف، ۽ ڪتاب الشهاده وغيره سان واسطو رکندڙ مسئلن کي عنوان ڏئي، هر مسئلي تي سير حاصل بحث ڪيو اٿائين. ان سلسلي ۾ پنهنجي راءِ جي موافقت ۾ جامع الرموز، عيني، فتح القدير، مختارالفتاويٰ، درمختار، عالمگيري، مبسوط، شرح الوڪايه، قدوري، جامع الفتاويٰ، مفاتيح المسائل ۽ بحررائق وغيره جهڙن اسلامي علمن ۽ فنن جي ڪتابن جا حوالا نقل ڪيا اٿائين. ڪيترن مسئلن جي تشريح ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي فتوائن کي سند طور پيش ڪيو اٿائين. هيءُ مخطوطو 460 صفحن تي مشتمل آهي. ڪاتب جو نالو الله رکيو بن مرحوم قاضي جان محمد ساڪن قلعه ڪرن ۽ ڪتابت جو سال 1312هه ڄاڻايل آهي (97). هيءُ مخطوطو قاسميه لائبريري ڪنڊيارو ۾ موجود آهي.

(38) **بياض محمد متعلوي** (عربي)

مخدوم محمد متعلوي ولد محمد اڪرم ٽالپرن جي دور جو وڏو عالم ۽ فقيه ٿي گذريو آهي. ابتدائي تعليم مخدوم محمد عثمان متعلويءَ کان حاصل ڪيائين. سندس وفات کان پوءِ باقي علمن جي تحصيل مخدوم عبدالڪريم متعلويءَ جي مدرسي ۾ حاصل ڪيائين (98). مخدوم محمد جي فتوائن جو مجموعو مڪتبه معروفيه مٽياريءَ ۾ موجود آهي. هن مجموعي ۾ مخدوم محمد جي فتوائن کان علاوه مٽياري جي ٻين عالمن جي فتوائن کي به سهيڙي جمع ڪيو ويو آهي. 24x16 س. م جي سائيز ۾ هيءُ سمورو بياض 522 صفحن تي ڦهليل آهي (99).

(39) **بياض فضل الله پاٽائي** (فارسي)

هيءُ مخطوطو مخدوم فضل الله پاٽائيءَ (م 1294هه/1877ع) جي تصنيف آهي. مخدوم فضل الله سنڌ جي صديقي خاندان سيوهڻ، پاٽ ۽ برهانپور وارن جو جد امجد آهي(110). هيءُ مخطوطو 10x16 س. م جي تختيءَ تي 533 صفحن تي مشتمل آهي. مخدوم فضل الله مخطوطي جي شروع ۾ هڪ عالماڻ مقدمو لکيو آهي. ان ڪان پوءِ هيٺين عنوانن سان تعلق رکندڙ مسئلن کي سوال ۽ جواب جي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. مثلاً: ڪتاب الايمان، ڪتاب الصلوٰة، ڪتاب الطهارة، ڪتاب النڪاح، ڪتاب الطلاق، ڪتاب الحدود وغيره. مخدوم فضل الله هر مسئلي جو شافي جواب تحرير ڪندي، تقريباً 87 عربي، فارسي زبان جي معتبر تفسيرن، حديث ۽ فقه حنفي جي ماخذن کي سند طور پيش ڪيو آهي. جن ۾ ڪجهه جا نالا هيءُ آهن. الطحطاوي، منية المصلي، سراج الوهاج، درمختار، حسب المتقي، ڪفاية الهدايه، رد المختار، خزانة المفتين، المجتبيٰ، تحفة الاخبار، فتاويٰ فاريه، البرهان القاطع ۽ جامع المفصولين وغيره. ان ڪان علاوه مخدوم صديقيءَ سنڌ جي مشهور ۽ معروف فقيهن مخدوم جعفر بوبڪائي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم عبدالواحد سيوستاني جي فتوائن جا حوالا پڻ ڏنا آهن. مخدوم فضل الله هر مسئلي جي آخر ۾ اڪثر ڪري "والعلم عندالله قد صح الجواب ذالڪ فضل الله.

يؤتيه من يشآءُ“ تحرير ڪيو آهي. مخطوطي جي آخر ۾ ڪاتب جو نالو محمد صالح ۽ ڪتابت جو سن 1322هه ڄاڻايل آهي (101). هيءُ مخطوطو پروفيسر ڊاڪٽر محمد روشن صديقي کي پنهنجي خانداني وڏڙن جي قديمي ذخيري مان دستياب ٿيو ۽ مخدوم سليم الله صديقي جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي (103).

(40) **مجموعۂ تحريرات در آخر ظهر** (عربي)

جمع ۽ ظهر جي نماز جي تحقيق جي باري ۾ هيءُ فقهي تحريرن جو مجموعو مولانا عبدالغني ڪٺهري، علامہ فضل الله پاٽائي، سيد علي محمد شاهہ دائرائي ۽ مٽياريءَ جي متعلوي عالمن جي فتوائن تي مشتمل آهي. مولانا عبدالغني جمع جي ڏينهن ظهر نماز جي ادا ڪرڻ جي برعڪس فتويٰ ڏني. جنهن جي رد ۾ جمع جي ڏينهن ظهر نماز جي ادا ڪرڻ جي تائيد ۾ علامہ فضل الله پاٽائي فتويٰ ڏني. علامہ فضل الله جي رد ۾ مٽياريءَ جي متعلوي عالمن فتويٰ جاري ڪئي. مولانا عبدالغني وري انهن جي رد ۾ هڪ ٻئي فتويٰ ڏني. سيد علي محمد دائرائي بہ مفتي اشرف ريگستانيءَ جي رد ۾ ظهر جي عدم جواز جي فتويٰ ڏني، جيڪا پڻ هن مجموعي ۾ شامل آهي. هيءُ علمي ۽ تحقيقي بحث مباحثي تي مشتمل فقهي مجموعو 27 صفحن تي مشتمل آهي ۽ ڪتبخانہ معروفيہ مٽياريءَ ۾ موجود آهي (103).

(41) **احسن الدلائل عليٰ بعض المسائل** (عربي)

صديقي پاٽائي علمي خاندان جي قديم قلمي ذخيري مان هيءُ مخطوطو پروفيسر ڊاڪٽر محمد روشن صديقي کي دستياب ٿيو ۽ هن وقت وٽس موجود آهي، هن مخطوطي ۾ مختلف سنڌي عالمن ۽ فقيهن جي فتوائن کي گڏ ڪيو ويو آهي. هن مخطوطي تي مرتب جو نالو مخدوم محمد عمر درج آهي. سمورو مخطوطو ڏهن بابن تي مشتمل آهي. سڀ کان پهريان مقدمو ڏنو ويو آهي، ان کان پوءِ التسمية عندالوضو به عدم سنت تثليت مسح الرأس، الاذکار الوضو، غسل الجمعه، کيف تعمل المرأة في الحيض والمبلسة عليها عادتها اذا ستمر دمها، السود الاعظم والجماعة، مسحة الرقبه، عدم کفاية مسح العمامہ عن مسح الراس. ان لحاظ کان مخطوطي ۾ 60 فقهي مسئلن جا جواب تحرير ڪيل آهن. هيءُ مخطوطو 184 صفحن تي مشتمل آهي(104).

(42) **بياض عبدالوالي متعلوي** (سنڌي)

نماز جي مسئلن متعلق قديم سنڌي زبان ۾ هيءُ ضخيم مخطوطو پروفيسر محمد پنهل ڏهر جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. 11x30 انچ جي سائيز ۾ هيءُ مخطوطو 732 صفحن تي مشمل آهي ۽ هر ورق تي 17 سٽون اٿس. مخدوم عبدالوالي متعلويءَ جو تعلق مٽياريءَ جي علمي خاندان سان آهي. مٽياريءَ ۾ ئي درس ۽ تدريس سان وابستہ رهيو. علمي ۽ نقلي علمن تي وڏي مهارت رکندڙ هو. متعلوي خاندان جي وڏي بلند مرتبي وارن عالمن ۽ فقيهن کي سندس شاگرد هئڻ جو شرف حاصل هو. سن 1312هه/1894ع ۾ وفات ڪيائين(105).

نماز جي مسئلن تي مشتمل هن ضخيم مخطوطي ۾ مخدوم عبدالوالي قرآن، حديث، عربي ۽ فارسي عبارتن کي، پنهنجي قديم سنڌي نظم ۾ وڏي مهارت سان استعمال ڪيو آهي. ماخذن ۾ درمختار، شرح وقايہ، شرح المنيہ، شرح المواهب الدنيہ، سيرت شامي، شرح منية المصلي، جامع الرموز، فتاويٰ قاضيخان، فتح القدير، ڪنز الدقائق، عالمگيري، فتاويٰ ظهيري، خزانة الروايات ۽ بحر المحيط وغيره تان حوالا نقل ڪيا اٿائين. ان کان علاوه بياض ۾ مخدوم عبدالواليءَ پنهنجي فقهي دليلن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالواحد سيوستاني ۽ مخدوم عبدالعزيز متعلوي جي فتوائن کي پڻ سند طور ڪتب آندو آهي. هيءُ مخطوطو مخدوم عبدالواليءَ پاڻ ڪتابت ڪيو آهي، ليڪن ڪتابت جو سال نہ ڄاڻايو اٿائين(106).

(43) **مجمع الفتاويٰ** (عربي)

فقهي مسئلن تي مشتمل هيءُ مخطوطو مخدوم حسن الله پاٽائي (م 1329هه/ 1911ع) جو تاليف ڪيل آهي. مخدوم حسن الله پنهنجي وقت جو وڏو عالم، استاد، مناظر، ۽ محقق فقيه هو. پنهنجي سموري زندگي درس و تدريس ۽ فتويٰ نويسيءَ ۾

گذاريائين. گھڻو ڪري پنهنجي تحرير ۾ پنهنجي خانداني فقيهن جي راءِ کي ترجيح ڏيندو هو. مخدوم عبدالواحد سيوستاني سندس ڏاڏو هو. اڪثر ان جي فيصلن ۽ فتوائن کي فوقيت ڏيندو هو. اهوئي سبب آهي، جو سندس فتوائن ۾ مخدوم عبدالواحد جي ”فتاويٰ واحدي“ جا حوالا جاءِ بجاءِ ملن ٿا، هندوستان جي دارالحرب جو قائل هو. انڪري انهن عالمن سان سندس وڏا مناظرا ٿيا، جيڪي دارالسلام جا قائل هئا. مولانا دين محمد وفائي جي راءِ مطابق جيڪڏهن مخدوم حسن الله جي ڪجهه مسئلن تي سنڌ جي عالمن سان تحرير ڪيل اختلافي فتوائن کي گڏ ڪري مرتب ڪيو وڃي ته ڪيترن ئي ضخيم جلدن ۾ ڪتاب مرتب ٿي سگهي ٿو(107).

مجمع الفتاويٰ 12x16س.م جي سائيز ۾ 200 صفحن تي مشتمل آهي ۽ پروفيسر مخدوم محمد روشن صديقيءَ جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي(108). سمورو مخطوطو ويهن بابن تي ڦهليل آهي. جن ۾ ڪتاب الطهارة، ڪتاب الصلوٰة، صوم، حج، نڪاح، ايمان، حدود، سرقه، جهاد، بيوع، وڪاله، ذبائح، الصيد ۽ وصايا وغيره شامل آهن. مخدوم حسن الله موضوع جي مناسبت سان مشهور عربي ۽ فارسي تفسيرن، حديث ۽ فقه جي ڪتابن مان حوالا نقل ڪري، دليل طور پيش ڪيا آهن.

(44) **مجموعه فتاويٰ آخر ظهر التحقيق في الصلوٰة الجمعه في القريٰ** (عربي/ فارسي)

جمع ۽ ظهر جي نماز جي تحقيق جي باري ۾ هيءُ فتوائن جو مجموعو مخدوم سليم الله صديقيءَ جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. هن مخطوطي ۾ مولانا غلام رسول ۽ مولانا مير محمد نورنگيءَ جون فتوائون شامل آهن ۽ ان کان پوءِ مخدوم حسن الله پاٽائيءَ جي فتويٰ به موجود آهي. مولانا غلام رسول ۽ مولانا ميرمحمد جون فتوائون فارسيءَ ۾ ۽ مخدوم حسن الله پاٽائيءَ جي فتويٰ عربي زبان ۾ آهي. 25x13س.م جي سائيز ۾ هيءُ مخطوطو 120 صفحن تي مشتمل آهي. هر صفحي تي 15 سٽون اٿس ۽ آخر ۾ ڪاتب جو نالو عبداللطيف مهيسر چاٽايل آهي(109) مخدوم حسن الله جي انهيءَ فتويٰ جو سنڌي ترجمو پڻ قلمي شڪل ۾ سنڌالاجيءَ ۾ موجود آهي، جيڪو 30 صفحن تي ڦهليل آهي. هيءُ ترجمو مولانا غلام حسين وليڏاڻيءَ ڪيو آهي. ڊيمي سائيز جي هن نسخي جي هر ورق تي 17 سٽون موجود آهن. سنڌالاجيءَ ۾ موجود هن سنڌي مخطوطي کي ”رساله توضيح المسائل“ جو نالو ڏنو ويو آهي(110).

(45) **بياض پيرمحمد** (عربي)

فقهي مسئلن تي تاليف ڪيل هن مخطوطي جو مصنف مخدوم پير محمد هالائي آهي. مخدوم پير محمد ٻارهين صدي هجريءَ جو هڪ وڏو عالم، مدرس، فقيه ۽ مهمان نواز بزرگ هو. هالا ۾ اچڻ وارن درويشن ۽ بزرگن جي مهمان نوازي ڪرڻ جي ڪري مشهور هو. آخر عمر ۾ حج جو سفر ڪيائين. مڪه مڪرمه ۾ وفات ڪري ويو(111). مخدوم پير محمد جي ابتدائي تعليم ۽ تصنيف جي باري سنڌ جا تذڪره نويس خاموش آهن. مخدوم پيرمحمد پنهنجي هن بياض کي 30 بابن ۾ ورهايو آهي ۽ عنوان جي مناسبت سان پيچيل مسئلن کي درج ڪيو آهي. بياض ۾ شامل ڪجهه باب هن طرح آهن: ڪتاب البيوع، باب الجنازه، باب الاقال، باب الحواله باب االقضا، باب الشهادة، باب الوڪاله، باب الدعويٰ، ڪتاب الاقرار، ڪتاب الصلح ۽ باب المزارعه وغيره مخدوم پير محمد پنهنجي هن بياض ۾ سنڌ جي جن عالمن ۽ فقيهن جي فتوائن کي دليل طور پيش ڪيو آهي، تن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمد جعفر بوبڪائي، مخدوم مينڌلو نصرپوري، مفتي نعيم، مفتي عزت الله، فتح علي جتوئي، مخدوم محمد سنائي، مخدوم حامد اگهمي، مخدوم عبدالباقي متعلوي، مخدوم محمد سجاح هالائي، مخدوم ابوبڪر، مخدوم عبدالڪريم، مخدوم محمد عثمان متعلوي، مخدوم دائود، مخدوم مجيب، عبدالغني بوبڪائي، محمد المعالي نوشهرائي ۽ مخدوم عبدالرؤف هڱورجائي شامل آهن. انهيءَ کان علاوه ٻين ماخذن ۾ بحرالرائق، مفتاح، مختار الفتاويٰ، حياة الصائمين، فتاويٰ بزازيه، فتاويٰ قاضيخان، عالمگيري، درمختار، محيط، سراجيه، شمائل، ڪنزالدقائق ۽ ڪتب صحاح سته وغيره شامل

آهن. 10x12س.م جي سائيز ۾ هيءُ مجموعو 474 صفحن تي مشمل آهي هيءُ قلمي مخطوطو محمد پريل بيدار ساڪن نزد روهڙيءَ جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي(112).

**(46) الفتاويٰ المحمديہ في احڪام الاحمديہ** (عربي)

فقهي مسئلن تي هن ضخيم مخطوطي جو مؤلف مولانا الحاج محمد بن اسماعيل هالائي آهي. مولانا جا وڏا اصل قديم علمي مرڪز بوبڪ ۾ رهائش پذير هئا، جتان لڏي هالا ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. پنهنجي دور جي بلند مرتبي وارن عالمن ۽ فقيهن کان تعليم حاصل ڪيائين. فراغت کان پوءِ هالا ۾ پنهنجو مدرسو قائم ڪري درس ۽ تدريس جو سلسلو جاري رکيائين(113).

مولانا محمد هالائي فتوائن جي هن مجموعي کي ٻن جلدن ۾ تقسيم ڪيو آهي پهريون جلد ڪتاب العلم والتعليم، ڪتاب العقائد، ڪتاب الطهارہ، ڪتاب الصوم ۽ ڪتاب الحج تي مشتمل آهي ۽ ٻيو جلد ڪتاب النڪاح، ڪتاب الايمان، ڪتاب البيوع، قضا، شهادت، وڪالت، الدعويٰ، اقرار، صلح ۽ اجاره وغيره جي موضوعن سان وابستہ فقهي مسئلن متعلق آهي. مولانا هالائي مقدمي ۾ مجموعي جي تاليف جو سبب ڄاڻائيندي لکيو آهي تہ: ”مان عام ماڻهن جي فائدي ۽ وقت بہ وقت پيش ايندڙ مسئلن کي سامهون رکي، انهن جي ڪافي ۽ شافي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ڏس ۾ عقلي ۽ نقلي دليلن سان گڏ قديم ۽ همعصر عالمن ۽ فقيهن جي راين کي پڻ نقل ڪيو آهي تہ جيئن عام ۽ خاص ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن(114). مولانا محمد هالائي جي انهيءَ مجموعي ۾ منية المصلي، بحرالرائق، المحيط السرخشي، درالمختار، فتح القدير، مواهب اللطيف، الطحاوي وغيره سان گڏ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبداللطيف هالائي، مخدوم حامد اڳهمي، مخدوم عالم متعلوي، مخدوم عبدالواحد سيوستاني ۽ مخدوم محمد متعلوي وغيره جي فتوائن کي پڻ نقل ڪيو آهي. حافظ شبير احمد استاد شعبہ عربي سنڌ يونيورسٽي مولانا محمد هالائي جي علمي ۽ فقهي خدمتن تي تحقيقي مقالو لکي، 1993ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪئي آهي. فتاويٰ محمديہ جو هيءُ قلمي مخطوطو ڪيس مولانا محمد هالائي جو پوٽيرن وٽان مليو، جنهن جو عڪس وٽس موجود آهي. 10x12انچ جي سائيز ۾ هيءَ جلد 1432 صفحن تي مشتمل آهن. آخر ۾ ڪاتب جو نالو فقير احمد عفي عنه ڄاڻايل آهي، البت ڪتابت جو سن لکيل نہ آهي(115). فتاويٰ محمديہ جو هڪ ٻيو نسخو سنڌي زبان ۾ الحاج محمد بن اسماعيل هالائي جي پونيرن وٽ پڻ موجود هو، ليڪن ان تائين راقم جي رسائي نہ ٿي سگهي. انهيءَ سنڌي فتويٰ جو هڪ ٻيو نسخو مڪتبہ معروفيہ مٽياري ۾ موجود آهي. 26x18س.م جي سائيز ۾ هيءُ مخطوطو 276 صفحن تي مشتمل آهي. مخطوطي جي آخر ۾ ڪتابت جو سن 1322ھ ۽ ڪاتب جو نالو محمد شاھ بن غلام محمد شاھ بن تاج محمد شاھ درج ٿيل آهي(116).

**(47) مجموعہ شش مسائل و تحريرات** (سنڌي)

ولادت، عقيقہ، شادي ۽ جنازي جي رسمن جي باري ۾ هڪ رسالو مولانا محمد اسماعيل دهلوي ”مسائل اربعين في بيان سنة المرسلين“ جي نالي سان عربي زبان ۾ تحرير ڪيو هو، جنهن جو رد مولانا سعيد احمد مجددي ”تحقيق الحق المبين“ جي نالي سان فارسيءَ ۾ تاليف ڪيو. مولانا الحاج محمد بن اسماعيل هالائي (م 1333ھ/1904ع) انهن مٿين رسالن جو خلاصو ”مجموعہ شش مسائل“ جي نالي سان سنڌي زبان ۾ تحرير فرمايو. مولانا هالائي پنهنجي هن فقهي خلاصي ۾ اسلامي علمن ۽ فنن جي 42 ڪتابن تان حوالا اخذ ڪيا آهن، جن ۾ ڪجھ جا نالا هي آهن: ”خزانة الروايہ، درالمختار، ذخيره، شرح المناسڪ، دراسات اللبيب، از مخدوم محمد معين ٺٽوي، شرح حصص الحصين، شرح وقايا، فتاويٰ قاضيخان، فتح القدير، مضمرات ۽ هدايہ وغيره. هيءُ مخطوطو 47 صفحن تي ڦهليل آهي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي مرڪزي علامہ آءِ.آءِ.قاضي لائبريري جي مخطوطن جي ذخيري ۾ موجود آهي(87)

مخطوطي جي آخر ۾ ڪاتب جو نالو مولانا محمد القرنائي ۽ ڪتابت جو سال 1330هه درج ٿيل آهي(117).

(48) **فتاولي قاضي لعل محمد متعلوي** (عربي)

قاضي لعل محمد متعلوي (م 1353هه/1934ع) انگريز دور ۾ مٽياريءَ جو قاضي هو. سنڌ جي دور دراز علائقن سان واسطو رکندڙ ماڻهو، ڪانئس خط و ڪتابت جي ذريعي مسئلا پڇندا هئا. قاضي صاحب فقه حنفيءَ جي روشنيءَ ۾، سوالن جا جواب تحرير ڪري ڏانهن موڪليندو هو(118). مڪتبه معروفيه مٽياريءَ ۾ قاضي لعل محمد جي فتوائن جو ضخيم مخطوطو موجود هو. مولانا محمد معروف مٽياريءَ انهيءَ مخطوطي تان انتخاب ڪري 83 فتوائون هڪ هنڌ نقل ڪيون آهن. هن وقت اصل نسخو ناياب آهي. ضخيم مخطوطي تان گهڻ فتوائن نقل ڪرڻ جو سبب اهو هو، ته اصل نسخو زبون حالت ۾ هو، ان ڪري ان جو ڪافي مواد ضايع ٿي چڪو هو. نئون نسخو مڪتبه معروفيه ۾ موجود آهي ۽ 132 صفحن تي مشتمل آهي (119).

(49) **شروط الصلوٰة** (سنڌي)

هيءُ مخطوطو پڻ قاضي لعل محمد متعلويءَ جو تصنيف ڪيل آهي. هن مخطوطي ۾ قاضي لعل محمد طهارت جي مسئلن کي ننڍي عمر جي ٻارن لاءِ الف اشباع جي طرز تي بيان ڪيو آهي. هيءُ رسالو قلمي شڪل ۾ مڪتبه معروفيه ۾ موجود آهي. 12x16 س.م جي سائيز ۾ هيءُ نسخو 14 صفحن تي مشتمل آهي. هر صفحي تي 13 سٽون آهن (120).

(50) **مجموعه فتويٰ علماءِ سنڌ** (عربي/ فارسي)

فتوائن جو هيءُ مجموعو سنڌ جي وڏي مرتبي وارن علمن ۽ فقيهن جي مختلف مسئلن بابت ڏنل فتوائن متعلق آهي. هن مجموعي جو سهڙيندڙ مولانا محمد صادق مورائي آهي (121). مولانا محمد صادق سنڌ جي علمن جي ٽڙيل پکڙيل فتوائن کي سهيڙي انهن کي ترتيبوار بابن ۾ ورهايو آهي. ان ڏس ۾ هر باب سان تعلق رکندڙ مسئلي جي باري ۾ ڏنل فتويٰ کي ان باب ۾ يڪجاءِ ڪيو آهي. ان لحاظ کان هيءُ مجموعو 12 بابن ۽ اٺن فصلن ۾ ورهايل آهي. ان ڏس ۾ هر موضوع جي عنوان مطابق سنڌ جي مختلف فقيهن جي فتوائن کي سهيڙيندي فتويٰ جي آخر ۾ جنهن ماخذ تان فتويٰ نقل ڪئي اٿئين، ان جو حوالو پڻ ڏنو اٿئين. مثلاً: ”من بياض الله رکيو ڏيپارجائي“ يا ”من بياض هاشمي“ وغيره انهيءَ سان اهو صاف طرح سان معلوم ٿئي ٿو ته جن فقيهن جي بياضن تان مولانا محمد صادق فتوائون نقل ڪيون آهن، سي بياض ضرور سندس نظر مان گذريا هوندا ۽ سنڌ جي ڪتبخانن ۾ موجود هوندا. ليڪن افسوس! انهن مان اڪثر زماني جي دست برد جو شڪار نظر اچن ٿا: ”بياض هاشمي“ ۽ ”بياض واحدي“ کان سواءِ باقي مجموعن جو ڪو به پتو ڪونه ٿو پوي. مولانا محمد صادق هن مجموعي ۾ جن فقيهن جي فتوائن کي سهيڙيو آهي، تن ۾ ڪجهه جا نالا هي آهن: مخدوم عبدالواحد سيوستاني، مخدوم عارف سيوستاني، مخدوم محمد سيوستاني، مخدوم محمد جان دربيلوي محمد صادق گچيرائي، مخدوم پير محمد ڏيپارجائي، مخدوم عبدالباقي متعلوي مخدوم عثمان متعلوي، مخدوم عبدالحليم سيوستاني، مخدوم محمد ٽيپلائي، عبدالهادي نوشهرائي، مخدوم معظم ڏيپارجائي، مخدوم عبدالڪريم متعلوي قاضي محمد حنيف نوشهرائي، مخدوم الله رکيو ڏيپارجائي، مخدوم عبدالحي نوشهرائي، مخدوم جنيد سلڪن ڳوٺ مناهيجو، محمد باقر گچيرائي، مخدوم عبدالملڪ دربيلوي قاضي نعمة الله سنائي، مخدوم ابوالحسن ڏاهري عبدالخالق نوشهرائي، مخدوم محمد يامين ٺڪرائي ۽ مخدوم حسن ٺٽوي وغيره هيءُ مخطوط 609 صفحن تي مشتمل آهي. هن ضخيم مخطوطي کان علاوه مولانا محمد صادق طرفان سهيڙيل ٻه مختصر فقهي مخطوطا پڻ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ موجود آهن. جن ۾ هڪ ”مختصر فتاويٰ“ 28 صفحا ۽ ٻيو فتويٰ شرعيه 22 صفحن تي مشتمل آهي (122).

(51) **نفع الخلائق ترجمه ڪنزالدقائق** (سنڌي)

ڪنزالدقائق فقه حنفيءَ جو معتبر ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو مؤلف شيخ عبدالله بن محمود حافظ الدين النسفي (م 710هه/1310ع) آهي. اسلامي دنيا جي

مشهور فقيهن ان جون ڪيترين ئي شرحون لکيون آهن. ان سان فقهي دنيا ۾ هن ڪتاب جي اهميت نمايان ٿئي ٿي. سنڌ جي علمي پلاٽائي صديقي خاندان جي بلند مرتبي واري عالم مخدوم محمد روشن صديقي اول (م 1942ع) ڪنزالدقائق جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي. هيءُ مخطوطو ستن بابن ۾ ورهايل آهي ۽ 500 صفحن تي ڦهليل آهي. هيءُ مخطوطو پروفيسر ڊاڪٽر محمد روشن صديقيءَ جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي (123).

(52) **فتاويٰ مهيريہ** (سنڌي)

هيءُ قلمي فتوائن جو مجموعو مولانا علي محمد مهيري (م 1367هه/1947ع) جي تصنيف آهي. مولانا علي محمد جو تعلق سنڌ جي ضلع بدين سان آهي. علم عقليہ ۽ نقليہ ۾ وڏي مهارت رکندڙ هو. ٿر ۽ ڪوهستان جا ماڻهو ڪانئس شرعي فيصلا ۽ فتوائون حاصل ڪندا هئا (124). مولانا مهيريءَ جون فتوائون منتشر حالت ۾ سندس خاندان وٽ محفوظ آهن. مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو انهن منتشر فتوائن کي فوٽو ڪاپي ڪرائي، بابن جي ترتيب تي مرتب ڪيو آهي. اهڙي طرح سمورين فتوائن کي چئن جلدن ۾ ترتيب ڏئي، پنهنجي ذاتي ڪتبخانہ قاسميہ لئبرري ڪنڊيارو ۾ محفوظ ڪيو آهي جيڪا هڪ وڏي علمي ۽ ديني خدمت آهي. مولانا ڊاڪٽر سومرو صاحب سمورين منتشر فتوائن جا ٻہ جلد بابن جي ترتيب تي يڪجا ڪيا آهن ۽ ٻہ جلد مختلف ماڻهن طرفان پڇيل سوالن جا جواب ڪٺا ڪري هڪ هنڌ جمع ڪيا آهن. فتاويٰ مهيريہ ۾ اڪثر مواد مادري زبان سنڌيءَ ۾ آهي. ليڪن جن عربي ۽ فارسي فقه ۽ اصول جي ڪتابن جا حوالا مولانا مهيريءَ نقل ڪيا آهن، تن جي عربي ۽ فارسي عبارت کي بہ هوبهو نقل ڪيو اٿائين. مولانا مهيريءَ جي هن فتوائن جي مجموعي ۾ درمختار، فتح العزيز، شرح سفرالسعادة، ڪشف الغمہ، شرح مشڪوٰة، فتح القدير، بحرالمحيط، شرح الوقايہ ۽ بحرالرائق وغيره جا حوالا ملن ٿا. انهيءَ کان علاوه سنڌ جي وڏي مرتبي وارن فقيهن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم عبدالڪريم متعلوي جي بياضن جا حوالا پڻ نظر اچن ٿا. فتاويٰ مهيريہ بابن جي ترتيب تي جلد اول 217 ۽ جلد ٻيو 231 صفحن تي مشتمل آهن.

(53) **رسالہ حرمت غنا و سماع** (فارسي)

شراب ۽ موسيقي جي حرام هئڻ جي باري ۾ هيءُ فقهي مخطوطو مولانا علي محمد مهيريءَ جي تصنيف آهي. مولانا مهيريءَ مختلف فقيهن جي فتوائن جي روشنيءَ ۾ غنا ۽ سماع جي حرام هئڻ کي ثابت ڪيو آهي. هيءُ مخطوطو 19 صفحن تي مشتمل آهي ۽ قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو ۾ موجود آهي.

(54) **بياض قلزم المسائل** (جلد اول تاسوم) (عربي/ فارسي/ سنڌي)

مولانا غلام حسين وليدائي ولد محمد يوسف جي ولادت 1305هه/1887ع ۾ ڳوٺ وليد تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. ديني تعليم جي تحصيل کان پوءِ درس ۽ تدريس جو شغل اختيار ڪيائين. ڪيس فتويٰ نويسي، تصنيف ۽ تاليف سان تمام گهڻو لڳاءُ هو. درس نظاميءَ جي عربي ۽ فارسي ڪتابن جا سنڌي زبان ۾ ڪافي ترجما ڪيائين. ان کان علاوه شرح وقايہ ۽ هدايہ جهڙن مشهور فقهي ڪتابن جا پڻ ترجما ڪيائين (125). قديم سنڌي عالمن جي طرز تي فقهي مسئلن متعلق "قلزم المسائل" جي نالي سان ٽن جلدن ۾ ضخيم بياض پنهنجي هٿ سان ڪتابت ڪيائين. انهن بياض کي فقهي ترتيب تي مختلف بابن ۾ ورهائي، ان سان لاڳاپيل مسئلن متعلق جيڪي ڪانئس فقهي مسئلا پڇيا ويندا هئا، تن جا جواب ۽ فتوائون پنهنجي بياض ۾ بہ درج ڪندو ويندو هو. ان دوران سنڌ جي قديم ۽ همعصر عالمن جو فتوائون پڻ پنهنجي فتويٰ سان گڏ، لاڳاپيل مسئلي سان گڏ نقل ڪيون اٿائين. ان لحاظ سان سندس بياض ۾ اتر سنڌ خاص ڪري ضلع لاڙڪاڻي جي عالمن ۽ فقيهن جي

فتوائن جو وڏو ذخيرو قلمبند ڪيل آهي. اسان جي راءِ ۾ جيڪڏهن علمي ۽ تحقيقي لحاظ کان مولانا وليدائي جي بياض ۾ شامل اتر سنڌ جي فقيهن جي فتوائن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، انهن کي مرتب ڪيو وڃي، ته هوند ويجهڙائي واري انگريزي دور جي اتر سنڌ جي فقيهن جي هڪ مُستند تاريخ تيار ڪري سگهجي ٿي. قلزم المسائل جلد اول 424 صفحا، جلد دوم 648 صفحا، جلد سوم صرف ڪتاب البيوع تي مشتمل آهي ۽ 306 صفحن تي مشتمل آهي. اهي ٽئي قلمي مخطوطا انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو جي ريسرچ لائبريريءَ جي زينت بڻيل آهن (126).

(55) **شرح ڪنزالدقائق** ( جدل ٻيو) (سنڌي)

ڪنزالدقائق فقه حنفيءَ جو مشهور ڪتاب آهي. مولانا غلام حسين وليدي ان جو پڻ سنڌي زبان ۾ تحت اللفظ ترجمو ڪيو آهي. ترجمي دوران ڪن جاين تي اصل ڪتاب جون عربي عبارتون پڻ ڏنيون اٿائين. 13x8 جي سائيز ۾ هيءُ مخطوطو 262 صفحن تي ڦهليل آهي ۽ سنڌالاجي ۾ موجود آهي (127). ترجمي جي آخر ۾ مترجم طرفان هيءَ عبارت درج ٿيل آهي. ”الحمد لله وحدهُ والصلوٰة عليٰ نبيه وآله و صحبه، جو ٻيو جلد ڪنز جو، جُزي ٿيو هٿان عاجز فقير غلام حسين وليدي جي تيار ٿيو (128). “

(56) **شرح مالابدمِنهُ** (سنڌي)

مالا بُد مِنه فارسي زبان ۾ مشهور فقهي درسي ڪتاب آهي. ان جو مؤلف برصغير جو مشهور عالم، مفسر ۽ فقيه قاضي ثناءالله پاني پتي آهي. سنڌ جي ڪافي عالمن ان جا سنڌي ترجما ڪيا آهن، جن مان ڪجهه شايع به ٿي چڪا آهن. مالا بُد منه جي هيءَ سنڌي شرح مولانا عطا محمد ڪلهوڙي لکي آهي. مولانا عطا محمد لاڙڪاڻي تعلقي جي وليد ڳوٺ جو رهاڪو هو ۽ مولانا غلام حسين وليدي جي پونئيرن مان هو. مولانا صاحب ترجمي جي شروع ۾ پنهنجو تعارف عطا محمد ڪلهوڙو خلف غلام حسين وليديءَ جي نالي سان ڪرايو آهي. هيءُ قلمي مخطوطو 24 صفحن تي مشتمل آهي ۽ سنڌالاجي ڄام شورو ۾ موجود آهي (129).

**پُڄاڻي:**

اها هڪ واضع حقيقت آهي، ته ڏکڻ ايشيا ۾ سنڌ کي صدين کان وٺي علم و ادب، تهذيب و ثقافت، تاريخ وسياست ۾ اولين حيثيت حاصل رهي آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ اسلامي علمن ۽ فنن متعلق جڏهن به ڪو مؤرخ، عالم ۽ اديب قلم کڻندو ته کيس هن خطي جي تاريخ جي ابتدا سنڌ کان ئي شروع ڪرڻي پوندي. ڇاڪاڻ ته سنڌ کي ڏکڻ ايشيا ۾ ”باب الاسلام“ جو شرف حاصل آهي ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ اسلامي علمن ۽ فنن جو تذڪرو سنڌ جي ذڪر کان سواءِ اڌورو نظر ايندو.

سنڌ جي سرزمين اسلام جي آمد کان وٺي عالمن، اديبن، شاعرن، صالحن ۽ صوفين جي آماجگاهه رهي آهي، جن پنهنجي علميت ۽ روحانيت سان سموري ايشيا کي روشن ڪيو. اسلامي سمورن علمن ۽ فنن سان گڏوگڏ علم فقه جي سلسلي ۾ هتان جي عالمن ۽ فقيهن تمام وڏو علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو آهي. ان ڏس ۾ ڪافي مواد ڇپجي چڪو آهي ۽ ڪافي اڃان تائين مخطوطن جي شڪل ۾ سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ موجود آهي. ان سلسلي ۾ هيءُ پيش ڪيل مطالعو ڀهرين ڪوشش آهي. اميد ته سنڌ جا سڄاڻ عالم ۽ اديب قلم کڻي انهيءَ کوٽ کي پورو ڪرڻ ۾ معاون بڻجندا.

## حوالا، حاشيا ۽ واڌارا


(1) ٽالپور محمد جمن ڊاڪٽر ”سنڌ جا اسلامي درسگاهه“، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سنڌ 2008ع ص 63.

(2) ڊاڪٽر محمد اسحاق: ”علم حديث ۾ پاڪ و هند ڪا حصا“، مترجم شاهد حسين رزاقي، اداره ثقافت اسلاميه لاهور، 1977، ص 241

(3) سيد عبدالقادر: ”حديقة الاولياء“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1957ع ص 35-25

(4) مير محمد معصوم بکري: ”تاريخ معصومي“، مترجم: اختر رضوي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1959ع ص 240-302

(5) سيد مطيع الله برهانپوري: "برهانپورڪي سنڌي اولياء"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ 1988ع ڏسو مقدمو از سيد حسام الدين شاهه راشدي، ص، ب—ج.

(6) سيد طاهر محمد نٿوي: "تاريخ طاهري" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1964ع ص. 34-116.

(7) مير علي شير قانع: "مقالات الشعراء" (فارسي)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1957ع ص 360-884.

(8) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي: "مدينه منوره کي ڪتبخاني اور علماء سنڌ"، الولي، شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ مئي 1964ع ص 33.

(9) وفائي دين محمد: "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد دوم، سوم (اردو) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ 2005ع ص. 479.

(10) مخدوم عبدالواحد جي هيءَ شرح زماني جي دست برد جو شڪار ڏسجي ٿي. علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ سنڌ جي بلند مرتبي واري عالم ۽ فقيه علامه جعفر بوبڪائي جي جڳ مشهور فقهي تصنيف "المتانة في مرمة الخزانة" کي ايڊٽ ڪيو ۽ ان جي شروع ۾ هڪ عالمانه مقدمو پڻ لکيو آهي، ان دوران علامه قاسمي صاحب، مخدوم بوبڪائي جي فقهي انداز جو جائزو پيش ڪندي فقهي نُڪتن کي سمجهايو آهي انهيءَ مناسبت سان حاشي تي "رش الانوار" جا ڪجهه ٽڪرا نقل ڪيا اٿئين. علامه قاسميءَ کي "رش الانوار" مڪمل حالت ۾ ته دستياب نه ٿي سگهيو البت ان جا چند ورق ڪيس مخدوم عبدالواحد جي خانداني علمي ذخيري مان هٿ آيا، جن کي "المتانه" جي ايڊيٽنگ دوران حاشيي تي پيش ايندڙ مسئلن جي مناسبت سان درج ڪري علمي لحاظ کان محفوظ ڪيو آهي. "ڏسو مخدوم جعفر بوبڪائي ۽ ان جو علمي ۽ ادبي خدمتون" پي ايڇ ڊي ٿيسز قلمي، ص 484.

(11) علامه عبدالحئي الحسيني: "نزهة الخواطر" جلد 4، مقبول اڪيڊمي لاهور، ص. 62.

(12) ڀٽي محمد اسحاق مولانا: "برصغير هند و پاڪ ۾ علم فقه"، اداره ثقافت اسلاميه لاهور، 1973، ص 225.

(13) ايضاً، ص 225

(14) سيد حسام الدين شاهه راشدي: "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" مرتب: غلام محمد لاکو، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو سنڌ 1992، ص. 42.

(15) ميمڻ محمد صديق: "سنڌ جي ادبي تاريخ" جلد پهريون، آر-ايڇ احمد اينڊ سنز ڄام شورو سنڌ 1976ع ص. 11.

(16) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي عصر حاضر جي علم معقول ۽ علم منقول جو يگانه روزگار عالم هو. ولي الله اڪيڊميءَ جو ڪيترن سالن تائين ڊائريڪٽر رهيو. سنڌ جي مدرسن مان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ اڪثر عالمن کي سندس درس ۾ شامل ٿيڻ جو شرف حاصل رهيو. ان ڪري سنڌ ۾ علامه قاسميءَ کي "استاد العلماء" جي حيثيت حاصل رهي. علامه صاحب جي علمي ۽ تحقيقي خدمتن کان نه صرف سنڌ ۽ سمورو پاڪستان بلڪ عرب ۽ عجم جا علمي حلقه بخوبي واقف هئا.

(17) "برهانپورڪي سنڌي اولياء"، ڏسو مقدمو ص. ب

(18) "ايضاً"، ص. ج.

(19) "تذڪره گلزار ابرار"، جلد 6 ص. 15.

(20) الڪبير اڪيڊمي ۾ موجود هن مخطوطي جو هڪ عڪسي نسخو قاسميه لائبريري ڪنڊيارو ضلع نوشهروفيروز ۾ موجود آهي.

(21) عبدالقيوم بن عبدالغفور ڊاڪٽر: "فهرس مخطوطات علماء سنڌ في مڪتبات الحرمين" (عربي)، ص. 57

(22) بلوچ عبدالله مولانا: "مخدوم جعفر بوبڪائي ۽ ان جون خدمتون" پي- ايڇ- ڊي لاءِ لکيل مقالو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، سنڌ 2000ع ص. 484.

(23) ايضاً

(24) ايضاً

(61) لاکو غلام محمد ڊاڪٽر: "ڪلهوڙا دور حڪومت"، انجمن اتحاد عباسيه پاڪستان ڪراچي سنه 2004ع ص 283-284

(62) فهرس مخطوطات علماء سند في مكتبات الحرمين الشريفين، ص 64

(63) دراسات اللبيب مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي مشهور تصنيف آهي، هيءُ ڪتاب حديث تي عمل ڪرڻ متعلق آهي، ان سان گڏوگڏ مخدوم معين ان ۾ فقه حنفيءَ جي تائيد پڻ ڪئي آهي. هندستان جي جماعت اهلحديث سن 1866ع ۾ "دراسات للبيب" کي پهريون دفعو شايع ڪرايو هو. ان کان پوءِ مولانا عبدالرشيد نعماني ان کي ايڊٽ ڪيو ۽ 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ان کي شايع ڪيو. مخدوم محمد معين پنهنجي انهيءَ بياض ۾ پيش ايندڙ مسئلن جي وضاحت ڪندي هن ڪتاب جا حوالا جابجا پيش ڪيا آهن.

(64) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سوانح حيات و خدمات ص 244

(65) مخدوم محمد هاشم مقدمي ۾ "مظهرالانوار" جي جن ماخذن جو ذکر ڪيو آهي، سي 24 صفحن تي ڦهليل آهن. هن مخطوطي جي وڏي خوبي اها آهي ته ان ماخذن جي نالن سان، ان جي مصنفن ۽ مؤلفن جو ذکر به تفصيل سان ڪيو ويو آهي.

(66) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح و خدمات ص 245

(67) مخدوم محمد هاشم: "مظهرالانوار"، قلمي، ص 210

(68) ميمڻ محمد صديق: "سنڌي ادب جي تاريخ" جلد ٻيو، ص 11

(69) ابن نديم: "الفهرست"، مترجم محمد اسحاق ڀٽي، اداره ثقافت اسلاميه لاهور، 1964ع ص 487-504

(70) مهر غلام رسول مولانا: "تاريخ ڪلهوڙا" جلد دوم، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنه 1964ع ص 10-11

(71) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- سوانح حيات و خدمات ص 247

(72) ايضاً، ص 255

(73) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "السيف الجليُ عليٰ ساب النبي ﷺ، قلمي، ص 490

(74) مخدوم محمدهاشم ٺٽوي: "حياة الصائمين" قلمي، ص 490

(75) تذکره مشاهير سنڌ جلد اول، ص 155

(76) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "رد رساله قرة العين في البُڪاء علي الحسين"، قلمي، ص 16

(77) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سوانح حيات و خدمات ص 379

(78) امام محمد بن حسن شيباني: "مؤطا امام محمد"، مترجم خواجه عبدالوحيد سعيد اينڊ سنز ڪراچي، ص 608

(79) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "نورالعين في اثبات اشارة في التشهدين"، قلمي، ص 18

(80) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح حيات و خدمات ص 272

(81) اهڙوئي طريقو هندستان جي مشهور بادشاهه سلطان غياث الدين بلبن ڏانهن منسوب ڪيل "الفتاويٰ الغائيه" ۾ به اختيار ڪيو ويو آهي. وڌيڪ ڏسو برصغير هندو پاڪ ۾ علم فقه ص 14

(82) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "رفع الغطا عن مسئلة جعل العمامه تحت الرداء"، قلمي، ص 9

(83) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "الطريقة المحمديه في حقيقة العظمة الافضيلة"، قلمي، ص 229

(84) خزينة المخطوطات ص 115

(85) ايضاً، ص 468

(86) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- سوانح حيات و خدمات ص 388

(87) ايضاً، ص 388

(88) ايضاً، ص 395

(89) ايضاً، ص 395

(90) مخدوم ابوالحسن ڏاهري جو ڪتاب "سراج المصلي"، محترم غلام محمد ڏاهريءَ ايڊٽ

پروفيسر شيخ محمد فاضل چوي ٿو:

”وچولو علائقو اصل ۾ انگريزن جي سياسي قوت هو، جي انگريزن جو مرڪز خيرپور ۽ سکر هجي ها ته پوءِ حيدرآباد جي عالمن کان درسي ڪتاب نه لکرائجن ها بلڪ اترادي محاورو ئي معياري درجو ماڻي ها(3).“

درحقيقت ڪوبه هڪ لهجو معياري ٿي نٿو سگهي. هتي معيار مان مراد اهو لهجو آهي جيڪو سڀني لهجن لاءِ قابلِ قبول هجي . اهو بحث ئي اجايو آهي ته فلاڻو لهجو صحيح آهي ۽ فلاڻو غلط. فلاڻو پڪو لهجو آهي ۽ فلاڻو ڪچو. اهي جاهلاڻيون ۽ ناسمجهي جون ڳالهيون آهن. باقي هر ماڻهوءَ ۾ قدرتي طور اهو جذبو موجود هوندو آهي ته هو پنهنجي علائقي جي ۽ لهجي جي تعريف ڪري پر اڪيڊمڪ رويو اهو ناهي. خاص طورسان ريسرچ ۾ جذبن ۽ خواهشن کي پاسيرو رکيو ويندو آهي. پهرين ته مان اهو چوندس ته ڪنهن به لهجي کي بولي چوڻ غلط آهي، جيئن اسان جا عالم اترادي بولي، ماچر، ڪڪرالي، ۽ ڪاري جي بولي، شڪارپور جي بولي وغيره نالي ڪتاب لکيا آهن ۽ سنڌي بوليءَ جي بااختيار اداري به انهن کي جيئن جو تيئن ڇاپيو به آهي. اصل ۾ اتي بولي نه پر لهجو لکڻ گهرجي ها. سڀني لهجن جي مرڪزي بولي سنڌي آهي.

سنڌيءَ جا ڪيترا ئي لهجا آهن. اسان جي عالمن جي انهن تي هڪ راءِ ناهي، پر عام طور پنج لهجا مڃيا وڃن ٿا.

1. اترادي
2. لاڙي
3. ٿري
4. ڪوهستاني
5. وچولو

انهن لهجن اندر وري ٿوري ٿوري فرق سان ننڍا ننڍا لهجا (Sub dialects) آهن. مثال طور شڪارپوري ماڇيلي، اباوڙو، خيرپوري ۽ لاڙڪاڻي جي لهجي ۾ ٿورو ٿورو فرق هوندو آهي، اهڙي طرح لاڙ ۾ شاهه ڪريم کان دڙي بني کان سجاول تائين هڪ لهجي جي طرز آهي پر ٺٽي ۾ وري الڳ لهجي جي طرز موجود آهي. ڪينجهر جي مهاڻن جي ڳالهائڻ جي انداز ۾ وري فرق واضح آهي، ان کان سواءِ ڪوڪڙي، پيل، ڪونچڙا، ميگهواڙ ۽ مهاڻن جون ڪجهه ذاتيون وري الڳ الڳ لهجي ۽ طرز مطابق ڳالهائين ٿا .

ٿري لهجي جون حدون عمر ڪوٽ کان وٺي ڇيلار ۽ جيسلمير تائين آهن بلڪ ٿر ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، اڌ حصو هندستان ۾، ۽ اڌ حصو سنڌ ۾ آهي، ٿر کي ڍٽ به چون ٿا، جنهن جو مطلب ريگستاني علائقو آهي، انهيءَ ڪري ٿري لهجي کي ڍاٽڪي لهجو به سڏيو ويندو آهي . ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته ٿري ۽ ڍاٽڪي الڳ الڳ آهن.

مان سمجهان ٿو ته اصل ۾ ڍاٽڪي ئي ٿري آهي، باقي اتي جيڪو لهجو ڳالهائجي ٿو اهو لاڙي آهي. ٿر جو اصل لهجو ڍاٽڪي آهي. اڃا به هريجن ملرواڙي ڳالهائيندا آهن. جنهن ۾ گجراتي به گاڏڙ آهي. جي.اي.گريئرسن جي خيال مطابق:

”مارواڙي ۽ سنڌي جو مڪسچر آهي پر ڍاٽڪي الڳ بولي ناهي، هي گجراتي ۽ مارواڙيءَ جي ثقافتي پٽي آهي، سنڌ جي بوليءَ ۽ ثقافت جو به مٿس اثر آهي(4).“

اسان ٿر ۽ ڍٽ کي ٻن الڳ الڳ معنائن ۾ ڪونه ٿا وٺون، ٿري کي هندستان ۾ ڍٽ چوندا آهن. ٿريءَ کي ڍاٽي ۽ ٿري لهجي کي ڍاٽڪي چوندا آهن.

ٻي طرف ڪوهستان جون حدون وري جهمپير، ٺٽي ۽ چار شوري کي ڇهن ٿيون، ٿاڻو بولا خان، ٿاڻو احمد خان، مال ماڙي، گڏاپ، حب، دريجي، سري، مول، ويندي خضدار تائين، سڀ علائقا ڪوهستان ۾ اچن ٿا. ڪوهستاني لهجي ۾ وري ٻيا ننڍا لهجا موجود آهن، جيئن چورڪو، جدگالي، پالارڪو وغيره

لاڙي ۽ اترادي لهجن ۾ صوتياتي فرق:

صوتيو، بوليءَ جي آواز جو علم آهي، جيڪو لفظن ۾ معنوي فرق پيدا ڪري ٿو، لاڙ جي لهجي ۾ گهڻن اسمن ۾ ”الف“ جو اچار اچي ٿو، پر اتر ۾ الف جو اچار ڪاٽي وڃي ٿو، اتر ۾ الف جو صوتيو

## حوالا

1. حوالو در حوالو: حافظ حبيب سنڌي " ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو. حيدرآباد سنڌ 1994ع، ص 14.
اصل ڪتاب: عزيز جعفراڻي "تاريخ سجاولي محمد بن قاسم لائبريري سجاول، ص 50.
2. ڀيرومل "سنڌيءَ ٻوليءَ جي تاريخ" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1996ع، ڇاپو ٻيو ص96 .
3. شيخ محمد فاضل پروفيسر "ماٿيلي- اباوڙي جي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1972ع، ص 14.
4. جي.اي.گريئرسن "برصغير جي ٻولين جو لساني جائزو" مترجم: ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 2000ع ، ص 62 .
5. تنوير عباسي "شاهه لطيف جي شاعري" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2000ع، ص 117
6. محمد علي مانجهي " ڪلاچي" ريسرچ جرنل ، ڪينجهر جا ڳاهه ۽ سر ڪاموڏ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر يونيورسٽي آف ڪراچي .جلد 3. شمارو 4. ص 15.
7. غلام محمد شاهواڻي پنهنجي رسالي ۾ سر آسا ۾ "سوئيرو" جي معنيٰ سئي ڪان ٻه سنهو لکي آهي. ڏسو شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي جو،

جن ڪتابن مان مدد ورتي ويئي انهن جا نالا هن ريت آهن:

• ڊاڪٽر هدايت پريم" اترادي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد 1992ع.
• ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد "شڪارپور جي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ 1994ع.
• ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم "ٿريلي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد 1994ع.
• ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي صورتخطي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد 1992ع.

نوٽ : شاهه جا سيئي بيت "شاهه جو رسالو" ٻانهي خان شيخ واري رسالي تان ورتا ويا آهن، جنهن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر 2003ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

## نئون ڪتاب



ڪتاب: آجپي جي گيت جهڙي شاعري
موضوع: شاعري
شاعر: عبدالحڪيم 'ارشد'
ڇپائيندڙ: مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/حيدرآباد
سنڌ 2011ع
سائيز: ڊيمي
صفحا: 224
قيمت: 220 رپيا



مجاهد حسين سولنگي

تحقيق

# سنڌي شاعريءَ ۾ قدرتي، حيواني ۽ انساني آوازن ۽ اشارن جو استعمال

سنڌي ٻوليءَ جي عالمن ۽ اديبن وقت بوقت ٻوليءَ ۽ ادب جي مختلف رخن بابت قلم کشائي پئي ڪئي آهي. انهن مان ڪن صاحبن ٻوليءَ جي نظرين، لپين، سٽاء، صرف نحو، لفظن جي بيهڪ ۽ ڪارج بابت علمي خيال ۽ ثبوت حمايت يا مخالفت ۾ بيان ڪري نيون راهون ڪوليون آهن جنهن ڪري ٻولي ۽ ادب جي نون پهلوئن ۽ عنوانن کي ظاهر ڪرڻ سان سنڌي ٻولي جي خوبين ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ڪيو ٿو وڃي جيڪو ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ هڪ سٺو سنوڻ آهي. آءٌ به هن مقالي وسيلي سنڌي شاعريءَ ۾ موجود آوازي لفظن جي نشاندهي، اهميت ۽ ڪارج بيان ڪرڻ ۽ ٻولي جي خوبي کي ظاهر ڪرڻ جي نماڻي ڪوشش ڪريان ٿو.

ماحول ۾ موجود حيواني، انساني ۽ فطري آواز ۽ اشارا پنهنجي دلڪشيءَ سبب انساني ننڍڙو ٻار جنهن زماني ۾ ڳالهائڻ سکندو آهي تڏهن ڪتي کي ڏسي چوندو آهي ته ڀئوان ڀئوان ۽ ٻلِيءَ کي ڏسي چوندو آهي ته مياءُ مياءُ. اهڙيءَ طرح اهڙا ڪيترائي لفظ دنيا جي ٻولين ۾ موجود آهن. تنهن ڪري گمان ڪيو ويو آهي ته انسانن ائين ڳالهائڻ سکيو آهي.“ (جتوئي علي نواز، علم السان ۽ سنڌي زبان، سنڌ الاجي، 44، 32، 1996ع)

متئين نظريي سان عالم ڪيتري قدر متفق آهن. اها هڪ الڳ ڳالهه آهي. باقي انسان جي زندگيءَ ۾ ننڍي ٻار کي ڳالهارائڻ لاءِ اهڙن آوازن جو سهارو ورتو ويندو آهي. اسان جي وايو منڊل ۾ موجود اهڙا هزارين آواز ۽ حواسي اشارا اڄ اسان استعمال ڪري پنهنجي ڳالهه يا بيان کي ٻين تائين حواسن تي مختلف نمونن سان اثر انداز ٿين ٿا جن کي بعد ۾ انسانن به اظهاري صورت ۾ آڻي پنهنجي مقصد ۽ اظهار کي عوام الناس تائين رسائڻ جو وسيلو بڻايو آهي جنهن ڪري اهي آواز ۽ اشارا ٻولي ۽ ادب ۾ سمائجي سونهن جو سبب بڻيا آهن، جن کي انسان استعمال ڪري رهيو آهي. وايو منڊل ۾ موجود آوازن ۽ اشارن کي ڪن عالمن ته انسانن جي ٻولي سکڻ جو سبب ڄاڻايو آهي. انهيءَ حوالي سان پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته:

”ٻو وو جي نظريي مطابق اهو گمان ڪيو ويو آهي ته انسانن منڍ ۾ حيوانن جي آوازن جو نقل ڪرڻ سکيو هوندو ۽ اتان ڳالهائڻ سکيو. اسان جو مشاهدو آهي ته

پهچائڻ جو وسيلو ٻڌايو آهي. مثال اسحاق راهيءَ جو هڪ مشهور ڪلام آهي ته:

گل اهڙيءَ طرح ٿا هوا ۾ لڏن، ڪو ها ٿو ڪري ڪو نه ٿو ڪري
ڳلهيون ته الائي ڪهڙيون اٿن، ڪو ها ٿو ڪري ڪو نه ٿو ڪري

مٿئين بيت ۾ شاعر هوا ۾ گلن جي لڏڻ واري منظر ڪشي پيش ڪئي آهي، جڏهن گل هوا جي زور تي پنهنجو ڪنڌ هيٺ مٿي ڪن ٿا ته شاعر اهڙن حواسن جي زور تي محسوس ٿيندڙ اشارن کي هائو جي مقصد ۾ ورتو آهي پر اهي گل پنهنجو ڪنڌ هيٺ مٿي ڪرڻ بدران هوا جي ڪنهن جهونڪي تي هڪ طرف کان ٻئي طرف توڙڻ ٿا ته شاعر انهن کي انڪار جي معنيٰ سان ظاهر ڪري ٿو. حقيقت ۾ اهو شاعر جو حقيقت پريو پيغام آهي جيڪو ڏسڻ جي حواس سان تعلق رکي ٿو. اهو اسان جي ذهن ۾ هاڪار ۽ ناڪار جي مفهوم کي چٽي ٿو. جنهن ڪري اهو منظر اسان جي اکين اڳيان چڪر ڪاٽيندو محسوس ٿئي ٿو. پر جڏهن ته ڪي سريلا ۽ مٺا آواز اسان جي ڪنن تائين پهچن ٿا ته اسان جي دل ۾ هوبهو انهن آوازن وارن جانورن يا پکين جو ذهن جي پردي تي عڪس چٽجي وڃي ٿو. انهيءَ حوالي سان تنوير عباسي لکي ٿو ته:

"آوازي عڪس ڪنين ٻڌل آوازن جي تاثر کي اهڙي نموني بيان ڪرڻ جو فن آهي جو ٻڌل آواز جي يادگيري ٻيهر پيدا ٿي پوي ۽ اهو آواز ۽ ان جو تاثر ٻيهر ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳي، عڪس کي ٺاهي وجهي ٿو." (عباسي تنوير، شاهه لطيف جي شاعري، 176، 2000ع)

مطلب ته مختلف آواز اسان جي ذهن تي پنهنجي پنهنجي لحاظ سان عڪس کي جنم ڏين ٿا، ائين آهي ته انهن ۾ ڪي سريلا ته ڪي اڻ وڻندڙ هجن ٿا.

مقصود گل پنهنجي هڪ غزل ۾ محبوب جي عڪس جي سهاري جيئڻ جو ڏس ٿو ڏئي ته:

اندر ۾ ڪو عڪس اتاري جيئندي آ،
دلڙي منهنجي پيار پناري جيئندي آ،
تاريخ جيڪي جيڪي عڪس ڏنا،
تن مان اجرا عڪس اجاري جيئندي آ.
(مقصود گل، ته ماهي مهراڻ 144، 2004ع)

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا آوزي لفظ 11 صدي هجريءَ کان يعني شاهه لطيف جي زماني کان وٺي موجوده دور جي جديد شاعريءَ ۾ لکتي انداز سان استعمال ٿي رهيا آهن جيڪي ٻولي جي ڪشاده دلي، ٻولي جي سونهن ۽ تاثر جو عملي ثبوت آهن، مثال:

سَرَ جو سَچِيو سَچَٽين، ٻيهَرَ ٻاڻُ ٻَري،
ڇمڪِيو سو ڇوهَہ مان، ڪَڙ ڪَڙ ڪانُ ڪَري،
جيرا جِگر ٻُڪِيُون لنگهي پيو پَري،
لِڳو ڇِيءَ جَڙي، تاڻِيان تِيرُ نہ نِڪري!

ٻَرُ مِڙوئي ٻوءِ، ڇِپَر ڇاڻُون مُڪِيُون،
ٻَهہ ٻَهہ ٿي ٻَنبورَ ۾ هَنڌ مڙيئي هُوءِ.
راڙِيُن وَري روءِ، گُونڊَرَ لڳا گوڙِئين.

ڪُڪُرُ ٿيو بادَلَ ڪي، تہ سارَنگَ ساڻُ ڪَجَن،
وِڄُون وَسَڻُ آئيون ٿَهہ ٿَهہ مينهن ٿِمَن.
(عباسي تنوير، شاهه لطيف جي شاعري 144، 173 ،94 2000)

مٿين بيتن جي سٽن ۾ ڪڙ ڪڙ، 'ٻهہ ٻهہ' ۽ 'ٿهہ ٿهہ' لفظ آهن جيڪي اسان جي فطرت ۾ موجود آهن. ڪڙ ڪڙ جنهن کي ڪرڪر به چئجي، ڪنهن شيءِ کي وڏڻ مهل ڪرڪر جو آواز ٿئي يعني تير جا پويان پر ڪر ڪر ڪندا اندر لهندا ويا، 'ٻهہ ٻهہ' هبڪار سان واسجي وڃڻ ۽ 'ٿهہ ٿهہ' وڏڦڙي مينهن جي وسڻ جو آواز آهي. انهن لفظن جي ٻڌڻ سان اسان جي دل ۾ دماغ ۾ ڪنهن شيءِ جي وڄڻ، خوشبوءِ جي ڦهلجڻ ۽ وڏ ڦڙي مينهن جي وسڻ جو خيال يا عڪس ڦري رهيو آهي پر

ريل ڪري ٿي، ڇُڪ ڇُڪ ڇُڪ
تيز ڀڄي ٿي، ڌُڪ ڌُڪ ڌُڪ

موٽر ڊوڙي، فر فر فر
تيل انهيءَ ۾ ڀر ڀر ڀر

ڪڪڙُ ڪري ٿو، ڪڪڙُو ڪو
صبح ٿيڻ جو ڏس ڏي هو

(امداد حسيني، ٻهرئين ڪلاس جو درسي ڪتاب، 58)

درتي ڪنهن ٺڪ ٺڪ ڪئي پئي رات ڀر،
بس هوا هئي، ڪوئي بي سڏڪيو نہ هو.

(گوپ ڪمل، ڪلاچي، 106، جون 2010ع)

منهنجي ٿوري ۽ ناقص مطالعي آهر آوازي يا اشاري جي الفاظن جو استعمال سنڌي شاعري جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ گيت جي صنف ۾ وڌيڪ ميٺاج، ترنم ۽ دل تي اثر ڪندڙ ٿئي ٿو. چاڪاڻ تہ" گيت موسمن، پينگهن ۽ لوڏن، وڇوڙي، اوسيئڙي ميلاپ جا ٿيندا آهن تہ جدا جدا ڏڻن، تهوارن موقعن جا بہ هوندا"(تاج جويو، سنڌي گيت، 4، 1980ع) اهڙيون حالتون ۽ ڪيفيتون انساني زندگي سان گهري نموني واڳيل هونديون آهن جنهن ڪري شاعرن اهڙن الفاظن جو استعمال بنا ڪنهن رنڊڪ ۽ هٻڪ جي ڪندي خوشي ۽ لطف حاصل ڪيو آهي، جيڪا علمي، ادبي ۽ سٽريل ٻوليءَ جي نشاني پڻ آهي.

نچوڙ:

مٿئين مختصر اڀياس مان خبر پئي تہ ڪائنات ۾ موجود سمورن آوازن ۽ اندازن کي سنڌي شاعريءَ جي مختلف صنفن پر خاص ڪري گيت جي صنف جي زمري ۾ آڻي انسان پنهنجي تهذيب، تاريخ، اٿڻ ويهڻ، ريت رسم، وڻج واپار، عشق محبت، اڌمن اوسيئڙن جي بيان لاءِ ڪتب آندو آهي جنهن سنڌي ٻولي ۽ ادب کي طرحين طرحين خاصيتن وارو بڻائي علمي ۽ ادبي لحاظ کان خوشحال ۽ سگهارو ڪري ڇڏيو آهي:

حوالا:


1. جتوئي، علي نواز، پروفيسر "علم السان ۽ سنڌي زبان" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامر شورو- سال 1996ع.
2. 2 عباسي، تنوير- "شاهہ لطيف جي شاعري" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو- سال 2000ع
3. گل مقصود- (غزل) تہ ماهي مهراڻ- سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو- جلد 54- سيارو 2004ع.
4. بيوس تاجل- "ڪنڌي اڪ ڦلاريا" سنڌي ساهت گهر حيدرآباد- سال 1992ع.
5. جويو، تاج- "سنڌي گيت" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامر شورو- 1980ع
6. ساڳيو نمبر5-
7. حداد محمد علي- (مرتب)- "حلمي جو ڪلامر" حلمي يادگار ڪاميٽي خيرپور- سال 1986ع
8. بخاري استاد- "لهري لهري ۾ لالاڻ" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو- سال 1998ع)
9. امداد حسيني ۽ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي- ايڊيٽر- (امداد حسيني جو نظم) سنڌي درسي ڪتاب ٻهرئين ڪلاس لاءِ- ڪاشف بڪ ايجنسي ڪراچي- سال......
10. ميمڻ، سليم، پروفيسر- ايڊيٽر- گوپ ڪمل جي غزل جو بند- ڪلاچي- شاهہ عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي، جون 2010ع
11. ساڳيو نمبر 5 ص- 4


نوٽ : شاهہ لطيف جا بيت ڪتاب "شاهہ لطيف جي شاعري" مان ورتا ويا آهن.



تحقيق

نظام الدين ڪلهوڙو

# پهاڪا ۽ سنڌي ادب

پهاڪو، لوڪ ادب جي هڪ اهم صنف آهي. اسان جو عوامي ادب، جنهن کي لوڪ ادب سڏيون ٿا، اهو اصل ۾ اسان جو قديمي، قيمتي، فطري ۽ بنيادي ادب آهي، هن ۾ عوام جي عادتن، حالتن ۽ طبي طور طريقن، سماجي روين ۽ سماج ڏانهن جوابدارين جو بيان رقم ٿيل هوندو آهي. پهاڪو، لوڪ ادب ۾ نہ رڳو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي، پر اڳئين جڳ کي جاچڻ لاءِ بہ ڄڻ تہ آرسي آهي، جنهن ۾ عام سماجي حالتن کي ڏسڻ کان پوءِ گذريل زماني جي تصوير بہ چٽيءَ طرح چڪاسي سگهجي ٿي.

اسان جي قديم ۽ فطري زبان سنڌي ٻوليءَ جي پهه پچار مان پتو پوي ٿو تہ هيءَ ٻولي چوٽين ۽ پهاڪن سان ائين سينگاريل آهي، جيئن نيرو آڪاس تارن سان، ڄڻ ڪو شاهي تاج ڪنهن وينجهار ويهي، جواهرن سان جڙيو آهي. هنن املهہ موتين ۽ جواهرن جي حُسن جي پچار پوءِ ڪبي، پهريائين هن ڳالهہ کي پهيون تہ پهاڪو خود آهي ڇا؟

## پهاڪي جي معنيٰ، مفهوم ۽ ڪارج:

پهاڪو، لفظ اصل ۾ آهي: پهہ + ڪيو. يعني، ويچار ڪيو ۽ فيصلو ڪيو. جيئن شاهہ صاحب چيو آهي تہ:

"پتنگن پهہ ڪيو، مڙيا متي مچ"

پتنگن پهہ ڪيو. يعني، پڪو ارادو يا آخري فيصلو ڪيو. عام طرح سان بہ پهہ پچائڻ جي معنيٰ آهي، پُور پچائڻ يا خيال پچائڻ، يعني عقل هلائڻ،غور فڪر ۽ ڳڻ ڳوت ڪرڻ. حقيقت ۾ هن لفظ جو بنياد آهي- "پهہ" : يعني خيال ۽ رٿ. جنهن مان ٿيو: پهاڪو.

دراصل اڳئين جڳ ۾ ڪنهن ڏاهي، ڪو پيچيدهہ مسئلو پهي، ان جو ڪو آسان حل ٻڌايو تہ اُهو پوءِ عوام لاءِ "پهاڪو" بڻجي پيو. مثال طور: "سوٽي هجي ساڻ، تہ ڳنڍ گوهي نہ ڪري." اهڙيءَ طرح ئي ڪنهن اوکيءَ ويل جي چئن چڱن ڳنڍجي ڪو مُنجهيل معاملو پاڻ ۾ ويهي پهيو ۽ اتفاق راءِ سان ان جو ڪو دائمي حل ڪڍيو هوندو، تہ اهو پوين لاءِ مڃيل پهاڪو مقرر ٿي ويو. پهاڪي جي معنيٰ آهي: ڳٽيل ڳوتيل ڳالهہ، سوچيل سمجهيل نقطو ۽ توريل تڪيل فيصلو. يعني مڃيل اصول، قاعدو يا قانون. جنهن جي جامع لفظن ۾ ڪا مصلحت، ڪا دانائي، ڪا نصيحت ۽ هدايت هجي. شاهہ لطيف بہ پهاڪن جي اهائي معنيٰ ورتي آهي. سسئيءَ جي واتان هڪ وائيءَ ۾ چوايو اٿس، تہ:

"آتڻ وڃهي اڳ ۾، پُڇندس پوءِ پهاڪو."

يعني تہ اول آتڻ کي ئي ساڙي ختم ڪري، پوءِ جي پاڙي پتي کان پهہ پڇبو، تہ ڪوبہ آتڻ ۾ ويهڻ جو ڏس ۽ صلاح ئي ڪونہ ڏيندو.

اهڙيءَ طرح پهاڪي بابت اها ڳالهہ بہ واضح آهي تہ:

"پهاڪو يا چوڻي اُها آهي، جنهن ۾ ڪو عقل يا ڏاهپ جو نقطو يا ڪا حقيقت ٿورن،پر سُنن لفظن ۾ ڄاڻايل هجي."

مثال طور: "اَنڌو هاٿي، لشڪر جو زيان."

مطلب ته انڌو هاٿي پنهنجي ئي لشڪر کي لتاڙي ماريندو آهي، تيئن بيوقوف دوست کان نقصان پهچڻ جو انديشو رهي ٿو.

پهاڪا، دراصل ادبي ۽ سٽريل ٻوليءَ ۾ نه فقط زيب و زينت ۽ سونهن پيدا ڪندا آهن، بلڪ سندن استعمال جي ڪري ٻوليءَ جي وسعت ۽ معيار کي پڻ بلند ڪندا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو شاهوڪار ۽ سربلند ٻولي، پهاڪن سان سينگاريل هوندي آهي، جنهن ۾ پهاڪا، حقيقتن ۽ واقعن جو ڏيک ڏيندا آهن، مگر اهي مخفي سرمايي سان پريل پڻ هوندا آهن، جن کي ٻوليءَ جي حسن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. جڏهن به ڪنهن قوم يا ملڪ جي ماڻهن ۾ ڪي تاريخي واقعا ۽ ڳالهيون عام ۽ خاص جي زبان تي اچي وڃن ٿيون، ته ان ۾ موقعي مطابق چيل گفتا ۽ جملا مشهور ٿي وڃن ٿا ۽ انهن چوڻين کي "پهاڪا" چئبو آهي. پهاڪو، لفظن جو اهو عقلي مجموعو ٿئي ٿو، جيڪو خيال جي دانائيءَ کي متحد ڪري، هڪ سٽ يا جملي ۾ قيد ڪري، ان کي حياتِ جاودان عطا ڪري ٿو ۽ انهيءَ جي هر هنڌ "هاڪ" ٻڌجي ٿي. پهاڪا سماج ۽ ادب جا مغزيات آهن.

مٿين بيانن کان سواءِ، اها به حقيقت نروار ڪجي ٿي ته، "پهاڪو" اصل ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: ضرب المثال، ڏاهپ جو قول، ڪهاوت، مثال، نظير، سياڻپ، دانائي يا ڪنهن واقعي جو ٿورن لفظن ۾ اشارو، رستو، واٽ ۽ نصيحت وغيره.

ٻوليءَ جي زينت ۽ زيب آهن- چوڻيون ۽ پهاڪا. سندن سڻاءَ اهڙي پُر ڪشش ۽ دلپذير ٿئي ٿي، جو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچندي ڪين ويرم ئي نه ٿي لڳي. پهاڪا نه رڳو ٻوليءَ جي جاگير ٿين ٿا، پر ٻين ٻولين ۾ ٿوري گهڻي مٽ سٽ سان پنهنجو مقام پاڻ پيدا ڪري ٿا وٺن. سنڌي زبان ۾ جيڪي به چوڻيون ۽ پهاڪا رائج آهن، اهي پنهنجي رعنائي ۽ دلربائيءَ سبب ان ئي ڌرتيءَ جي ماحول ۽ سماج اندر سونهن ۽ سوڀيا جو بهترين نمونو بڻيل آهن، جن مان اسان کي هڪ طرف عقلي نُڪتا ملن ٿا، ته ٻئي طرف منجهائنئن انساني معاشري جي ريتن ۽ رسمن جي تصوير به پليءَ پٽ نظر اچي ٿي.

ڪيترائي پهاڪا، ٻين ٻولين جا، اسان جا سنڌي زبان ۽ معاشري ۾ داخل ٿيا آهن، ڪي ترجمي جي صورت ۾ بتدريج سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ پنهنجو مان ۽ مرتبو حاصل ڪري ويا آهن ته ڪي وري (هوبهو) اصل شڪل و شباهت ۾ چوڻيون ۽ پهاڪا پڻ استعمال ٿين ٿا، گويا انهن پهاڪن جي اثر ڪري سنڌي علم و ادب ۾ وڌيڪ گهرائي ۽ وسعت پيدا ٿي آهي، بلڪ اهي پهاڪا، سنڌي ثقافت ۽ تهذيب، سماج ۽ معاشري جي لغوي خزني ۽ سرمائي جو حصو بڻيل آهن، جن ۾ دانائي، سياڻپ، قابليت ۽ حڪمت جا جوهر به شامل آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي پهاڪا، سنڌي سماج، عوام الناس، تاريخ ۽ سياست جي عڪاسي ڪن ٿا، ۽ اهي سنڌي ٻولي، ادب، رهڻي، ڪهڻي، اقتصاديات ۽ نفسيات جي دلالت به ڪن ٿا. سندن تعلق سنڌي تمدن ۽ معاشرت سان گهرو ۽ گهاٽو آهي، ۾ پهاڪا انساني ذهن جا اُملهه سرمايو ۽ زندهه قوم جا ڪارائتا قانون پڻ آهن. تنهن ڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته پهاڪا نه فقط انساني ماحول، تهذيب، ٻوليءَ جي نزاڪت ۽ شاهوڪاريءَ جا ڪارفرما اصول آهن، پر اهي عوامي زندگيءَ ۽ سياڻن انسانن جا افاديتي ڪردار پڻ آهن، تن کي بلند مرتبو ۽ درجو حاصل آهي.

بهرحال، پهاڪا انسان جي زندگي، نفسيات، رهڻي، ڪهڻي، لباس، کاڌ، خوراڪ علم و ادب عقل سان واسطو رکن ٿا، مگر اهي انسان جا ڪرداري قانون ۽ دستور العمل به ٿين ٿا، جن ۾ انساني دانائي جو واهپو، عرق ريزي، مشاڪت ۽ صلاحيت جو عمل

زندگيءَ جي مڪمل عڪاسي ڪن ٿا، جن مان اسان کي گهڻو ئي لاڀ حاصل ٿئي ٿو.

سنڌيءَ ۾ ”پهاڪو“ ان کي چئبو آهي، جيڪو ڪنهن واقعي يا پس منظر تي آڌاريل هجي، ڪنهن ڏاهي يا داناءَ جو قول هجي ۽ ان جي ڪتب آڻڻ سان ڳالهه جو مفهوم اهڙو آسان ۽ عام فهم ٿي وڃي جهڙو مُنڊيءَ تي ٽِڪ، جيئن:

”انٽن رکيا روزا ته، ڏينهن به ٿيا وڏا.“

ان پهاڪي جي معنيٰ آهي ته سُست ماڻهو ڏجي ڏجي ڪو ڪم ڪندو، سو به ڪيس ڏکيو پوندو.

**پهاڪي جي قدامت ۽ اوسر:**

پهاڪا ان زماني کان چالو ٿيا آهن، جڏهن انسان گڏجي رهڻ شروع ڪيو ۽ گڏجي رهڻ ڪري مسئلا پيدا ٿيا ۽ انسان ذات، پنهنجن معاملن ۽ مسئلن کي سوچڻ ۽ سنوارڻ شروع ڪيو. اهي مسئلا، اڪيلي سر به، ڪي سياڻا سنواريندا رهيا ته وري باهمي سمجهوتي سان به حل ٿيندا پئي آيا آهن. مثال طور: ڪنهن عام ماڻهوءَ يا راڄ جي چڱي مڙس، ٻي شادي ڪرڻ چاهي هجي ۽ ڪنهن پرئي مڙس يا چڙياريءَ کان صلاح ورتي هُجيئن، پوءِ ڪنهن فيصلو يا صلاح ڏيندي چئي ڏنو هُجي ته”ٻن ترارن جاءِ، ناهي هڪ مياڻ ۾“.

اهو ٻن ترارن وارو پهاڪو شاهه لطيف وري هيئن استعمال ڪيو آهي:

خودي ۽ خداءِ، ڪيئن ماٽيندا من ۾،
ٻن ترارن جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾.

ڪنهن به پهاڪي لاءِ اڄ پڪ سان چئي نه سگهبو، ته اهو ڪنهن چيو ۽ ڪهڙي زماني ۾ چيو. حڪيم سُقراط، وتائي فقير، شيخ چلي، بيربل، شيخ سعدي ۽ لقمان حڪيم جا نقل، روايتون، واقعا، ناصحانا ۽ فلسفيانه نقطا ۽ ٽوٽڪا ته گهڻا آهن پر ڪوبه پهاڪو انهن ڏانهن منسوب نه آهي. جو ته اهي بلڪل ئي قديم زماني کان ۽ عوام وٽان ئي چالو ٿيا آهن. جڏهن انسان ذات، اڃا پنهنجي اُتر ڏنڌي يعني اُتر ڪيتيءَ جو مس آغاز ڪيو هو. پوڪ بابت اهڙو ئي پهاڪو سنڌيءَ ۾ به اُسريو:

”سٽ پڇي سنڙي ۽ سؤ پڇي جُئار،
جي تنهن ان هاري تڪڙو ٿئي، ته لاهن اڙون نهار.

يعني: ڳاڙهي ڪُنڊ جوئر سٽ ڏينهن ۾ ئي پڇي راس ٿئي. باقي سنڌي سنگ واري اڇي جوئر، سا ته سؤ ڏينهن کان به پوءِ لهي، پر جي هاري ان لاءِ آتو ٿئي، ته وڃي لاهن جي پاڙن وٽ نسريل سنگ نهاري.

مطلب ته اهي پهاڪا، هزارين پيڙهين جي تجربن جو نتيجو آهن ۽ ايامن جي آزمائشن کان پوءِ وڃي مقبول ٿيا آهن. هاڻي وڃي سند جي حيثيت حاصل ڪئي اٿن. شام جي قديم يهودين ته هميشه ئي پهاڪن جي پاڪائي ۽ برڪت کي منهبي حيثيت سان پئي مڃيو آهي. چاڪاڻ ته اهي عبراني چوڻيون حضرت سليمان عليه السلام (973 مسيح) جا حڪيمانه قول آهن. جيڪي سڄي دنيا ۾ سياڻي ”سليمان جا سخن“ سڏجن ٿا. جڏهن ته انهن ۾ ڪيترائي اهڙا پهاڪا به قبول ڪيل آهن جيڪي حضرت سليمان عليه السلام کان اڳ اُر، نيپور ۽ بابل ۾ هلندڙ هئا. سڀ کان پهرين عراق ۾ سميري زبان جي ”پهاڪن جو مجموعو“ نيپور شهر ۾ اٽڪل 1834 قبل مسيح ڌاران مليو.

عربي ادب جي تاريخ ته پهاڪن سان ئي شروع ٿئي ٿي. مگر چيني ادب ۾ پهاڪا عيسوي سن کان به گهڻو پوءِ قلمبند ڪيا ويا آهن ۽ اسان جي سنڌي ادب ۾ ته اڃا فقط شروعات ٿي رهي آهي جيتوڻيڪ ڪن اديبن ٿورا گهڻا پهاڪا گڏ ڪري ڇپايا به آهن، پر انهن جي ”پاڙ“ پٽري ڪيل ئي ڪانهي، رڳو هر هڪ پهاڪي جي الڳ الڳ سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. پهاڪن تي ڪيل اهڙي ڪم ۾ سرفهرست ديوان ڪوڙي مل جو ڪم آهي، جنهن جا گڏ ڪيل پهاڪا ”سنڌي پهاڪا“ نالي سان 1898ع ۾ ڇپيا. 1905ع ۾ ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻي جو ”گلشڪر“ 1925ع ۾ ميرزا قليچ بيگ جو ”پهاڪن جي حڪمت“، پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ”سنڌي پهاڪن جي پيڙهه“ ۽ ”گلقند“ ٻن ڀاڱن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جڏهن ته غلام اصغر جو ”سنڌي ڪنمنڙا“ محاورن جو ڳٽڪو 1956ع ۾ شايع ٿيو ۽ عبدالڪريم سنديلي ”پهاڪن جي پاڙ“ 1966ع ”اصطلاحن

وڏين تبديلين جي باوجود جيڪڏهن موجوده سماجي حالتن ۾ ڪو خاص ڦيرو ڪونہ ٿو اچي تہ اڳ جا قائم ٿيل پهاڪا پراڻا هجن، توڙي نوان، حڪيمانہ قول ۽ سياڻن جا ٻول آهن، جن ۾ جهوني جڳ جون جهلڪيون بہ موجود آهن، تہ عام تهذيب ۽ تمدن جي تصوير بہ تمام چٽيءَ طرح سان چٽيل آهي.

وري ٻئي طرف هي بامقصد ۽ پُر معنيٰ پڻ آهن. جن ۾ هر قدم تي ڪانہ ڪا هدايت ۽ رهبري بہ موجود آهي.

پهاڪا انسان ذات جي ڪيترين ئي پيڙهين جي لاڳيتي سوچ، ويچار جو ثمر ۽ ايام جي غور فڪر جو ڳويا نچوڙيل عرق ۽ انساني عقل جو چڪايل جوهر آهن. تنهن ڪري هر "پهاڪو" چڻ تہ سڄي قوم جو ئي گڏيل فيصلو آهي. انهيءَ ڪري ئي هن جي دائمي حيثيت بہ ڳويا لوهہ تي ليڪو آهي يا ڪٽي هيڻ چئجي تہ چڻ انسان ذات جو اڻ لکيل آئين، زباني قانون ۽ فطري دستور آهي، سو بہ ائين آهي، جو مُنڊيءَ تي ٺپ، مثلاً:

"پرائي امانت ڌرتي بہ نہ ٻوهي."

هِيءُ پهاڪو ڏيکاري ٿو تہ اڳي جڏهن بئنڪون ڪين هيون، تڏهن اسان جا ماڻهو ڌرتيءَ ۾ ڌن پوُريندا هئا. ڌرتي سندن رقم ڪائي ڪانہ ويندي هئي. هيءُ پهاڪو سيکاري ٿو تہ:

"امانت ۾ خيانت نہ ڪجي."

اهڙيءَ طرح پهاڪن ۾ وڏي فلاسفي سمايل آهي ۽ ساڳئي وقت، اهي اسان جي تهذيب يا سڀيتا جي ساک آهن. اسين ڳالهہ ڳالهہ تي ڪو پهاڪو پنهنجي ڳالهہ ڪي ٽيڪ پراڻڻ يا ڪنهن نقطي جي وضاحت خاطر ثبتيءَ ۽ سند طور پيش ڪندا آهيون.

مثال طور: ڪنهن ماڻهوءَ کي گهڻو اولاد آهي ۽ وڏا ٿي سڀ نااهل ۽ بيڪار ثابت ٿين ٿا ۽ پنهنجي پيدا ٿيڻ کي ماءُ پيءُ جي غلطي ٿا سمجهن تہ جيڪر هُو نہ ڄمن ها، نہ ڏکيا ڏينهن ڏسن ها. ان تي ڪنهن سياڻي ڪيڏو نہ ٺهڪندڙ نقطو بيان ڪيو آهي تہ:

"ماءُ ڄڻيندي پٽڙا، ڀاڳ نہ ڏيندي ونڊي."

يا وري ماڻهو پيٽ جي دوزخ ڀرڻ لاءِ نيچ کان نيچ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي تہ اهڙي موقعي تي ڪنهن سياڻي جو هيءُ سخن پنهنجو مٽ پاڻ آهي تہ:

"بک بڇڙو ٻول، داناءَ ديوانا ڪري."

پهاڪن ۾ عوام جون نسلي خاصيتون ۽ دماغي لياقتون، سندن طبعي لاڙا ۽ فطري رجحان، ملڪي ماحول ۽ راڄ نيتي وايو منڊل(سياسي نظام) گذر معاش جا طور طريقا ۽ قديم تاريخي اُهڃاڻ سمايل آهن. پهاڪا پراڻا هجن توڙي نوان، سڀئي معنيٰ خيز ۽ پُر مقصد آهن، جي عاقلن جا قول ۽ سياڻن جا ٻول آهن.

"راڄا ات رهاڻيون، مؤرخ ات بحث."

هي قديم زماني ۽ انساني حڪمت جا عجيب اُهڃاڻ آهن، جن تي پراڻي زماني جي بنيادي فلاسافي توڙي جديد فلسفي جو بنياد رکيل آهي، جيڪو ٻولي توڙي سماج جي تاريخي ارتقاء ۽ لسانيات جي اڀياس لاءِ تاريخي ۽ ثقافتي مواد مهيا ڪري ٿو. هي پهاڪا ، چڱن جون چوٽيون آهن، جن ۾ اوَس چڱائي ۽ سماج کي سمجهڻ لاءِ صحيح حڪمت عملي آهي. هاڻي اسان اهو ڏسون ٿا تہ پهاڪن جو تعلق شاعريءَ سان ڪيتري قدر آهي؟

## پهاڪا ۽ شاعري:

پهاڪن جي پهہ پچار مان هڪ اهم نُڪتو نروار ٿئي ٿو، جو پڻ سوچڻ جي لائق آهي. پهريل ڳالهہ ۾ اهو ئي پهہ آهي، جنهن کي جيڪر جديد شاعريءَ وارو "شعور" چئجي. ڳويا اهي پهاڪا انهيءَ ڪري قديم شاعري ۽ بنيادي سگهڙ پائيءَ جو بہ سهڻو نمونو آهن.

قبائلي پيشوا توڙي خاندان جا بزرگ پنهنجن پوين کي پنهنجو موروثي علم ۽ سندن ذاتي آزمودا يا ڪي خاص هدايتون اهڙين ئي موزون چوٽين ۾ بر زبان ياد ڪرائيندا هئا. اهڙي ضرورت جي مدنظر هي پهاڪا بلڪل ئي مختصر، مائيدار ۽ موزون لفظن ۾ پوتل آهن، انهيءَ ڪري تہ ياد ڪرائڻ ۾ سهنجائي ٿئي. گهڻو ڪري تہ سڀني پهاڪن ۾ قافيو آهي ئي آهي ۽ ڪيترا تہ ٺهيل ئي وزن تي آهن،

اچا به جيڪڏهن اسين جاچي ڏسنداسين ته ڪن شاعرن جي ڪلام جون ڪي تڪون ۽ سٽون اڄ به پهاڪي طور پيون ڪم اچن! اگرچ اهي پهاڪا اڳي ئي هلندڙ هوندا ۽ پوءِ جي شاعرن وري ساڳيا ئي پهاڪا نئين سر ويهي پنهنجي ڪلام اندر جڙيا آهن، جيئن شاهه جو هيءُ بيت آهي ته:

سِڪ ناهي سُٽري ڪَڻ پروڙي پيرَ،
ڪُسڻ ڌاران ڪيرُ، ڪري سُڌ سِڪڻ جي.

هن بيت جي پهرئين سٽ عام طور تي پهاڪو ٿي استعمال ٿيندي آهي جڏهن ته اها پڪ آهي ته پهاڪا شاهه صاحب کان گهڻو اڳ ئي هلندڙ هئا. مطلب ته انهن پهاڪن کي شاهه صاحب پوءِ پنهنجي ڪلام ۽ شاعريءَ ۾ آندو آهي. شاهه ڪيترائي اڳ رائج ٿيل پهاڪا ڪلام ۾ آندا آهن، جيئن ته:

وڪر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي،
ويچيندي ولات ۾ ذرو ٿئي نه ضاءِ،
سا ڪا هڻ هلاءِ، اَگهه جنهن جي اُڀين.

اهڙيءَ طرح شاهه صاحب انسان جي سُهڻي سيرت، اخلاق ۽ سٺي برتاءَ جي ڳالهه بيان ڪري ٿو ته:

هو چوني تون مَ چؤ، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

شاهه جون هيئيون سٽون پهاڪي طور استعمال ٿين ٿيون ته:

يار سڏائي سيڪو جاني، زباني،
آهي آساني، ڪم پئي ٿي ڳَل پوي.

اها ڳالهه ذڪر جي قابل آهي ته ڳوڙها ڳاڙي ڏک جو اثرائتي نموني اظهار ڪرڻ، ته انساني فطرت جو ڳڻ آهي، مگر "مٿو پٽڻ" رڳو سنڌي ثقافتي زندگيءَ جو انفرادي ڳڻ آهي، جيڪو شاهه صاحب استعمال ڪري، پنهنجي وسيع سنڌي ثقافت جي مطالعي جو ثبوت پيش ڪيو آهي، جيئن ته هو چوي ٿو:

مران مٿو پٽيان نهاريان نيٽانِ،
سُخن جي سندانِ، آئون نه جئندي اُن ري.

حقيقت پسنديءَ جي حيثيت ۾، هيءُ پهاڪو به جديد شاعريءَ جو نمونو ۽ اهڃاڻ آهي:

اڌ ڪي ڇڏي سڄي ڏانهن ڀُڪي،
تنهن ڪي سڄو ته نه ملي،
پر اڌ کان به سڪي.

نه صرف اڳئين دور جي ڪلاسيڪي شاعرن ئي پهاڪن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جيئن جو تيئن ڪم آندو آهي، پر موجوده دور جي وڏن ۽ جديد شاعرن به پهاڪن کي، استعمال ڪري انهن جي ڪارج مان حظ حاصل ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح شيخ اياز به پنهنجي شاعريءَ ۾ پهاڪي جو استعمال خوبصورت انداز سان ڪيو آهي ته:

ويهه ونگي نڪ سان،
چپن لائي چُن،
اڄ چا کان ڪاپائتي؟

اهڙن ئي نمونن سنڌ جي ٻين جديد شاعرن به پهاڪن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ائين جڙيو آهي، جيئن مُنديءَ تي ٽِڪ، جيئن ته:

اگهڻو ڪائو ڪَڄُ،
ٻليون پونديون ڪانچ ۾،
جي تون چوندين سچ.

انهيءَ ڪري عوام جا اڳواڻ ۽ وقت جا سڄاڻ ماڻهو ته سدائين انهن کي عوام جي ڀلي خاطر، نئين ڏڳ لائڻ لاءِ پنهنجي تنوارن ۽ جهونگارن ۾ جيئرو رکندا پئي آيا آهن:

ڀلي ٻڪ ڀرم جي شال نه وڃي شان،
الله ڏيئي ايمان، ته گوڏا ڏيئي گذارجي.

لسانيات جا ماهر بخوبي واقف آهن ته پهاڪا سنڌي زبان ۾ اڳ موجود هئا، پر ڪيترن ئي شاعرن متعدد پهاڪا پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن جنهن سان هيڪاري ٻوليءَ توڙي شاعريءَ ۾ رواني، سونهن ۽ سليقائي اچي ويئي آهي. سٽريل ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ پهاڪن جو خزانو، سيپيتا جو ڪم ڏيندا آهن. انهن جي حيثيت ۽ اهميت معاشري جي اپياس برابر آهي. تنهن ڪري ائين به چئي سگهجي ٿو ته پهاڪن جو سلٽ نه رڳو علمي، ادبي ٻولي ۽ شاعريءَ سان آهي، مگر سندن تعلق سماجي، تاريخي مطالعي ۽ انساني زندگيءَ سان پڻ گهرو آهي.

دراصل پهاڪن ۾ بيشمار نصيحت ۽ سبق آموز نُڪتا شامل هوندا آهن، پوءِ اهي پراڻا هجن يا

131 ۽ 132، صفحو 407، سنڌيءَ ۾ ”مرشد جي وفات تي مرثيو“ ۽ پڻ فارسيءَ ۾ مرثيو ”بماتم مرشديم“ ص 430) ڇاڪاڻ ته حضرت شاهه عبداللطيف جي ڏاڏي جي درگاهه ڪريمي جو سجاده نشين هو، پر سندس حقيقي مرشد حضرت شاهه عبداللطيف هو، جيئن ته پنهنجي ڪلام ۾ بار بار ايئن چيو اٿس.“

اهو ڪيئن ممڪن آهي ته شاهه عبدالڪريم ۽ شاهه عبدالطيف جهڙن شاعرن جي خاندان ۾ بيا اعليٰ پائي جا شاعر پيدا نه ٿيا هجن پر جيئن ته مون چيو ته هو زماني جي اٿل پٿل ۾ لٽجي ويا. البت صاحب ڏنو شاهه جو حوالو ڪٿي نه ڪٿي ضرور ملي ٿو پر سندس گهڻو ڪلام منظرِ عام تي اچي نه سگهيو.

ننڍپڻ ۾ ريڊيو تان عابده پروين جي آواز ۾



شگفته شاهه

تحقيق

# صاحب ڏنو شاهه بلڙيءَ وارو ۽ سندس ڪلام

ننڍپڻ جي خوبصورت يادن ۾ ڪيئي يادون بلڙي شاهه ڪريم جي ناناڻي حويليءَ جون به آهن. والده ان وقت جي درگاهه ڪريميءَ جي گادي نشين پير حيدر شاهه جي نياڻي هئي. وقت جي ڌڙ ڪيترين ئي شخصيتن جي يادن کي لٽي عوام کان اوجهل ڪري ڇڏيو آهي. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي محققن اهڙن ڪيترن ئي لڪيل جواهرن کي ڳولهي هٿ ڪيو آهي پر اڃان به بيشمار گوهر اسان جي اکين کان اوجهل آهن. صاحب ڏنو شاهه، بلڙيءَ شاهه ڪريم جي گاديءَ جو سجاده نشين هڪ وڏو شاعر، انهن مان هڪ آهي جنهن جي ڪلام تي تحقيق ٿيڻ گهربي هئي جو هو نه فقط مير عبدالحسين سانگيءَ جو همعصر شاعر هو پر سندس قريبي دوست هو جنهن کي هن”مرشد“ پڻ سڏيو آهي. ”ڪليات سانگي“ ۾ سندس حياتيءَ جو احوال لکندي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صفحي 23 تي حاشيي ۾ لکيو آهي ته:

”پير صاحب ڏني شاهه، بلڙيءَ واري کي به سانگي مجازي طور مرشد سڏيو آهي (ڏسو صفحو

جڏهن به ”من گهرئي مشتاق سان، جيئري جدائي ڪيم ڪر..“ ڪلام نشر ٿيندو هو ته امڙ ۽ ماسيون ٻڌائينديون هيون ته ’اها اسان جي ڏاڏي(منهنجي پڙ ناني) جي ڪافي آهي.‘

ظاهر آهي ته ڪريمي خاندان جي ماڻهن جي ڪنن ۾ صاحب ڏني شاهه جي شاعريءَ جا پڙلاءِ پيل هئا. صاحبڏني شاهه جي اصل ڪلام جي قلمي نسخي وڃائڻ بابت پڻ مختلف ڳالهيون مشهور هيون. مختصر اهو ته اصلي نسخو ڪٿي آهي، ان جي ڪا خبر ڪانهي. سندس خاندان جي ڪيترن ئي فردن توڙي تحقيق ڪندڙن اهو ڳولهڻ / اصل ڪلام هٿ ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي پر ڪا خاص ڪاميابي نه ٿي جنهن سبب سنڌي ادب جي هڪ اهم ڪڙي گُم رهي.

اڳتي هلي صاحب ڏني شاهه جي ننڍي فرزند غلام شاهه ڪريميءَ اها ڪوشش ڪئي ۽ ڪافي ڪامياب به نظر اچي ٿو پر پنهنجي زندگيءَ ۾ شايد هو زماني جي نا قدري ۽ وسيلن جي گهٽتائيءَ سبب اهو

ڪلام ڇپائي نہ سگهيو. ڪيتري ئي عرصي بعد سندس پونئرن وٽان اهو ڪلام هٿ آيو آهي جيڪو غلام شاهہ ڪريميءَ جي هٿ اکرن سان لکيل آهي. ان کان اڳ جو ان ڪلام بابت ٻڌائجي، آءٌ ٻڌائڻ چاهيندس تہ غلام شاهہ ڪريمي، صاحب ڏني شاهہ جي ٻي گهرواريءَ مان فرزند هو جيڪا (غلام شاهہ ڪريمي جي تحريرن موجب) ايراڻ هئي ۽ ايران جي شاهي خاندان "صَفَويہ" مان هئي جنهن سلطنت عاليہ جو باني ابوالملوڪ شاهہ اسماعيل هو. هُنَ هِنَ سڄي خاندان جو شجرو پڻ لکي محفوظ ڪيو آهي. هوءَ ڪراچيءَ ۾ رهندي هئي. انڪري غلام شاهہ جي، پيدائش کان وٺي تعليم ۽ تربيت ڪراچيءَ ۾ ٿي. غلام شاهہ 1936ع ۾ ڊي.جي سنڌ ڪاليج مان فارسيءَ ۾ بي.اي.آنرز ڪئي ۽ شيرازي ميموريل پرائز حاصل ڪيو ۽ ڊي.جي ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ٿي رهيو ۽ بعد ۾ او.ايس.ڊي، نيپا چورنگي رهيو. هو خود سنڌيءَ جو هڪ پڪو پختو شاعر هو ۽ سندس ڪيترو ئي شعر ڇپيل آهي. شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو پڻ سندس ذڪر شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي ڪلام جي 1958ع جي ديباچي ۾ ڪيو آهي:

"مان سيد غلام شاهہ ڪريمي ڪراچيءَ جو شڪرگذار آهيان جو "رضا" وارو نسخو ڪجھ وقت تائين مطالعي لاءِ ڏنائين."

'شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام' ۾ ڏنل شجري ۾ شاهہ ڪريم جي گادي جي سجاده نشين جو سلسلو جڏهن سيد عالي، سيد ميان محمد صالح شاهہ ۽ ميان حيدر شاهہ(سجاده نشين سيد قنبر علي شاهہ جا ٽي فرزند) تائين پهچي ٿو تہ ٻڌايل آهي تہ ٽئي لاولد هئا. ان لاءِ سيد صاحب ڏنو شاهہ کي سجاده نشين بڻايو ويو جيڪو سيد محمد صالح شاهہ جو سالوهو. (ساڳي ڳالهہ مون ناني امان ۽ ماسين کان اڳ ٻڌي).

سيد صاحب ڏنو شاهہ جو شجرو "ساداتان متعلويءَ"جي صفحي 10 ۽ 11 تي "شجره سادات بلڙي واله خاندان حضرت شاهہ عبدالڪريم" ۾ هن ريت ڏنل آهي:

شاهہ عبدالڪريم
سيد دين محمد (صاحب سجاده)
↓
سيد عبدالولي شاهہ
↓
سيد سمبعہ
↓
سيد عبدالرحمان
↓
سيد باقر
↓
سيد سمبعہ
↓
سيد محمد ڪاظم
↓
سيد عبدالحڪيم
↓
سيد محمد ڪاظم
↓
سيد عبدالحڪيم
↓
سيد ولي محمد
↓
پير صاحب ڏنو شاهہ (سجاده نشين)

صاحب ڏنو شاهہ بابت ڪجھ احوال اسان کي "ڪليات سانگي" مان ملي ٿو. صفحو 60 تي تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب عبدالحسين سانگيءَ جي همعصر شاعرن ۾ 'سيد صاحب ڏنو شاهہ' جو ذڪر ڪري ٿو، جن جي ڪلام ۾ 'فارسيءَ'بجاءِ 'سنڌي ماحول' روشن ٿيو. صفحو 84 تي وري ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي تہ:

"سانگي نہ فقط پاڻ غزل کي ڳائي ۽ اوج تي پهچايو مگر ٻين غزل گو شاعرن کي پڻ متوجهہ ڪيو ۽ نئين عروضي شاعري جي ذوق جو منڊل مچايو. گدا، ماتم، حامد، قليچ، صاحب ڏنو شاهہ ۽ حيدري هڪٻئي کي وڏيڪ ويجها ۽ هڪ ٻئي جي سُخن کان آشنا هئا."

**سانگيءَ جي ڪلام ۾ صاحب ڏني شاهه بابت شعر:**

(ڪليات سانگيءَ مان ورتل)

وري ورهين کان پوءِ آيو آهي "صاحب ڏنو" سائين
ڏسي مُنهن پاڪ مرشد جو، اکين کي ٺار ٿيو آهي
گلِ گلزار حيدر جي اچڻ کان اڄ اسان جو گهر
معطر سو سڄو ئي غيرتِ گلزار ٿيو آهي.
اچي پوءِ ويو ڪراچيءَ ڏي، وري آيو ته ايندي سان
ميون ملوڪ هاٿي ڏس، وري تيار ٿيو آهي
چوي ٿو پير کي پلپل وطن ڏي وارجن واڳون
اسان جو يار هو هاٿي، وري اغيار ٿيو آهي
گران خاطر ٿا ڏسجن سڀ، جي آهن پير سان حاضر
خدا جاڻي فقيرن تي، هي ڪهڙو بار ٿيو آهي
وٺي هيءَ مصرع موزون سانگي کي مرشد جي
حُسن جي فوج جو سهڻو سپهه سالار ٿيو آهي."

(ديوان پهريون (صفحو: 68)

تجئين هن ضعيف سان سئين "صاحبڏنا"
ساٿي پنيان وارث ور جي آهيان وندر وڪاٿي.

(ديوان ٻيو صفحو(177)

اي مرشد منهنجا يار ٿجي، اچي پنهنجي مريد جي ماڙ ڪجي،
چئو مون کي سائين "صاحبڏنا" ايند غنچه دهن دلدار ڪڏهن.

(ديوان ٽيون صفحو: 297)

صاحبڏنا سائين مرشد ڪامل، ياد پون ٿيون پيارا پل پل،
محب منا منٺار، وارث تنهنجون وايون وايون.

صاحبڏنا سائين تنهنجون رهاڻيون، جنهن ۾ واهه جون،
راتيون وهاڻيون.
روئان زار زار، ياد عجيب سي آيون آيون،
صاحبڏنا منهنجا مرشد سائين، دل گهريا دلدار،
لڪ لهن تنهنجون لايون لاتيون.

(ڪافيون — صفحو 407)

"صاحبڏنو" هو صاحبِ سجاده، ڪريم
مرحوم منهنجو مرشدِ ڪامل خدا نما
جا لطف هو طبعيت نازڪ خيال کي
هو فيض بخش سيد بلڙيءَ ۾ باخدا
جنت ڏي ٿي رواني سواري شاهه جي
تنهن وقت کان ٿي طبع رسا منهنجي نارسا.

(ديوان ٽيون- صفحو 190)

صفحو 430 کان 432 تائين سنڌي ۾ "مرشد جي وفات تي مرثيو" ته سمورو صاحبڏني شاهه سان سندس محبت ۽ عقيدت جي عڪاسي ڪري ٿو. ساڳي ڳالهه "بماتم مرشديم" فارسي ۾ آهي جيڪو صفحو 515-516 تي ڏنل آهي.

صفحي 21 تي سانگيءَ جي وفات جو احوال لکندي ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته:

"مئي سنه 1924ع ۾ سانگي بيمار ٿي پيو. انهيءَ پڇاڙي واري بيماري ۾ ميون غلام حيدر ڪريمي ۽ پير علي بخش پٽائي ڪانئس پڇڻ آيا ته سنڌن آجيان لاءِ اٿڻ لڳو."

ميون غلام حيدر ڪريمي صاحبڏني شاهه جو فرزند ۽ منهنجو نانو هو.

**غلام شاهه ڪريميءَ جو سهيڙيل ڪلام:**

صاحب ڏني شاهه (غلام شاهه ڪريمي سندس ننيو فرزند هو) جي ڪلام سهيڙڻ بابت، غلام شاهه جي هٿ جي هڪ تحرير ۾ لکيل آهي ته:

"سانگي مرحوم جو دور سنڌي شاعريءَ ۾ وڏي اهميت وارو آهي. انهيءَ سهڻيءَ ۽ ناميار سٽ ۾ جيڪي شاعر اڄن ٿا تن ۾ (والد مرحوم) پير سيد صاحبڏنو شاهه ڪريم پوٽو، بلڙي واري جو هڪ خاص مقام آهي مگر فلڪ ڪج رفتار (زماني جي اڻنگي چال) مرحوم جي هن اهميت کي جائز هنڌ تائين پهچڻ نه ڏنو ويتر جو مرحوم جو بياض سندس وفات کانپوءِ وڃائجي ويو. والد بزرگوار 1914ع ۾ وفات ڪئي. بياض وڃائجي وڃڻ کانپوءِ ڪي سال گذري ويا مگر صاحبڏنو شاهه جو ڪلام ڪن جهونن جي واتان ٻڌڻ ۾ پئي آيو. آخر 1936ع ڌاري جڏهن بياض جي دريافت جا امڪان گهٽ ٿيندا ويا ۽ ٻي پاسي وري موت انهن

جهونن کي دنيا جي سفر کان ٿڪل مسافرن وانگر پنهنجي هنج ۾ سمهاري ڇڏيو ته مون اهو پهه ڪيو جيتري قدر ٿي سگهيو ته جن ماڻهن کي والد مرحوم جو ڪلام ياد هو، حاصل ڪري لکي وٺان.

اهو ڪم بظاهر سؤلو ٿي لڳو پر ڪجهه منهنجي پنهنجي ذاتي مشڪلن ۽ ڪجهه وري ٻهراڙي جي دوستن مريدن جي اڪثريت جو ناخوانده يا نيم خوانده هئڻ ڪري ڪلام اڻ پورو يا غلط سلط پئي مليو.

اول الذڪر ذاتي مشڪلن ۾ هڪ مشڪل اها هئي ته والده مرحومه(ايران جي شاهي صفوي خاندان مان شهزادي محمد رضا آصف صفوي جي نياڻي هئي) جنهن جي مادري زبان فارسي هئي. والد مرحوم جڏهن وفات ڪئي ته آءٌ فقط ستن مهينن جو هوس. مون کي ماءُ ۽ ناناڻن ڪراچيءَ ۾ نپايو تنهنڪري سنڌي النسل هوندي به 20- 21 ورهين تائين پوري سنڌي نه ايندي هئم. والد مرحوم جو هڪڙو ۽ شايد پهريون ڪلام زباني والده مرحومه کان ٻڌم ته گهڻو سمجهي ڪو نه ٿي سگهيس تاهم دل کي آساس پئي آيو. ڪافي هئي:

"عمر ياد آيا مون اڄ هن اباڻا،
هَن نيڻ جن لاءِ نِيَر ۾ نماڻا."

اباڻي محبت ۽ پيءُ جي وڇايل ڪلام کي سمجهڻ ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ آءٌ سنڌي سکڻ کي جنبي ويس..."

غلام شاهه ڪريميءَ جي هٿ اکرن سان لکيل صاحبڏني شاهه جي ڪلام جو تفصيل هي آهي:

| | |
|---|---|
| ڪافيون | 104 (98 سنڌي، 6 سرائيڪي) |
| غزل | 24 |
| جاڳو | 02 |
| مولود | 06 |
| مدح | 01 |
| بيت | 14 |
| (مشڪوڪ ڪلام) | |
| بيت | 2 |
| غزل | 2 |

صاحبڏني شاهه جي ان سهيڙيل ڪلام جي خاص ڳالهه ته، ڪافي ته آهي ئي 'لوڪ' صنف، پر غزلن ۾ به 'لوڪ رنگ' نظر اچي ٿو. اڪثر غزلن اڳيان سُر به ٻڌايل آهن جيئن "سورٺ" درباري، ڪانڙو، جوڳ مغلي –ڀيروي، ۽ ٻهاگ – پوپالي.... وغيره.

هاڻي ضرورت آهي ته محقق هن ڪلام کي تڪين تورين ۽ پوءِ اهو ڪلام ڇپايو وڃي ته جيئن سنڌي ادب جي تاريخ جي هن اهم ڪڙيءَ کي ڳنڍيو وڃي.

**سيد صاحب ڏنو شاهه ٻلڙي واري جي ڪلام مان انتخاب:**

**1. جاڳو**

اُٿي جاڳو لِلهِ يارو، وڃي ٿو ماهه رمضان جو،
پُريل بَرڪت سان هِي يارو وڃي ٿو ماهه رمضان جو،

گُليام جنهن ۾، رَحمت جا، سَدا رب جي عنايت جا،
وڃائي سو اَدا! وارو، وڃي ٿو ماهه رمضان جو.

ڇڏيو اي مومِنو! غفلت، رَکو اسلام سان الفت،
چڱو آهي اهو چارو، وڃي ٿو ماهه رمضان جو.

نمازن جا ۽ روزن جا، شغل جنهن ۾ هئا ٿيندا،
لڳو ٿي دين جو نعرو، وَڃي ٿو ماهه رمضان جو.

گنر وڃي وقت جو ٿيندو، وري سو ڪينَ هٿ ايندو،
—— ٿئي آرو، وڃي ٿو ماهه رمضان جو.

دنيا ساري کي روشن ڪيو، وڃي هاڻي لَهندو سو،
عجب اسلام جو تارو وڃي ٿو ماهه رمضان جو.

صاحبڏني جي يا سَرور، بَحق پنجتن اطهر ڪَريو محشر ۾ موچارو، وڃي ٿو ماهه رمضان جو.

مجلس ترقي اردوءَ جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ ۽ پلازه ٺاهڻ لاءِ احمد نديم قاسميءَ تي زور پريو پاڻ پنهنجي ادبي اداري کي بچائڻ لاءِ پلاٽ جو هڪ انچ به ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. ان صوبائي وزير، احمد نديم قاسميءَ تي ڪرپشن جا الزام هڻندي، هڪ ڪاميٽي ٺاهي، اُن ڪاميٽيءَ جي ڪم ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي، پريس ڪانفرنس ڪندي احمد نديم قاسميءَ نه رُڳو پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، پر چيائين: ”هڪ رپئي جي به ڪرپشن ثابت ٿي، ته نه رڳو مان اها رقم پري ڏيندس پر جي ان وچ ۾ مري ويس ته منهنجو پويون نسل به توهان کي حساب ڪتاب ڏيندو.“ وزيراعليٰ پنجاب پرويز الاهي، احمد نديم قاسميءَ کي پرچائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي، پر احمد نديم قاسميءَ انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ٿورن ئي ڏينهن ۾ اردوءَ جو هيءُ باڪردار اديب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، پر پنهنجي ڪردار تي منتيڙو ڏيڻ نه ڏنائين. احمد فراز جو ئي مثال وٺو، پنهنجو مشهور نظم ”پيشه ور قاتلو“ چئي گجهن هٿن سان مهاڏو اٽڪائيندي، پنهنجي قلم کي ڪاريهر واريون اکيون ڏنائين. ضياء جي دور ۾ ضياء الحق کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ”گورڪن“ چئي ڇڏيائين. آخر ۾ مشرف جي ڪاري آمراڻي دور ۾ به نه رڳو ستاره امتياز جو اعليٰ اعزاز واپس ڪيائين پر مزاحمتي شعر چئي، پنهنجي ڪردار ۽ روشن خيال ترقي پسند مزاحمتي شاعريءَ جو ڳاٽ اوچو رکيائين. سوال هيءُ آهي ته ڇا موجوده دور ۾ اسان جي ڪنهن اديب يا شاعر پنهنجن ادارن کي بچائڻ لاءِ اهڙو ڪو مثال قائم ڪيو آهي؟ سنڌ جي سرموڙ شاعر استاد بخاريءَ ۾ اها خوبي هئي، جو سڄي زندگي نه ڪو عهدو ورتائين، نه وري چندا وصول ڪيائين، نه ئي وري پنهنجي ترقي پسند ۽ روشن خيال شاعريءَ تان هٿ ڪنيائين.

زهر سقراط ٿي پيئندس نه ڇڏي پونءِ پڇندس،
ڇو ته هن پونءِ جو ڪجهه لوڻ چکي بيٺو آهيان.
(استاد)

ڀٽائيءَ کان ٻي سؤ سال پوءِ سنڌجي ڪُکِ هڪ دفعو ٻيهر سائي ٿي. هيءَ صدي شيخ اياز جهڙي لمر ڪلاڪار کي پيدا ڪرڻ لاءِ بيچين هئي، اياز جي شاعري ”سهڻو ڪير ميار اويار، سنڌڙيءَ تي سرڪير نه ڏيندو.“ جي روپ ۾ سڄي سنڌ ۾ پڙاڏو ٿي گونجندي رهي. اياز کان پوءِ به ويهين صدي بيچين رهي، ۽ جڏهن وڃي اسان جي عوامي، انقلابي ۽ قومي شاعر استاد بخاري جو جنم ٿيو تڏهن وڃي هن صديءَ سک جو ساهه کنيو. استاد 60 واري ڏهاڪي ۾ ئي پنهنجي مشهور نظم ”اي ڪاش جهڙ هجان هان!“ وسيلي سڄي سنڌ ۾ ڄاڻيجي ويو(1). استاد جو هيءُ نظم عالمي ليول جو نظم آهي. هندستان جي مشهور سنڌي اديب اي. جي. اُتم، پنهنجي رسالي ’نئين دنيا‘ ۾ استاد جي هن نظم جي وڏي ساراهه لکي هئي. هن نظم جي ذريعي ئي استاد جو باقاعده تعارف سنڌ جي عوام سان ٿي چڪو هو. جيئن شيخ اياز پنهنجي ڪتاب ”وڄون وسڻ آيون“ ۾ پنهنجي شاعري ذريعي سڄيءَ سنڌ مٿان سدابهار گيتن، واين، نظمن ۽ بيتن جو مينهن وسائي ڇڏيو بلڪل ايئن استاد ”اوتون جوتون“ ذريعي سنڌ جي ڌڙڪندڙ دلين ۾ اهڙي لوت اوتي، جو سنڌس فڪر جون جنتون اصل صفا طوفان بڻجي آيون، جيئن اڄ ڪلهه شاعرن جا ملهن وانگر ملاکڙا ڪرايا پيا وڃن، ايئن استاد به ضرور سوچيو هوندو ته ملهن وانگر ٽئين جوڙ کان سفر شروع ڪجي، پوءِ ٻئي جوڙ کان ٿيندي وڃي پهرين جوڙ جي شاعرن ۾ شمار ٿجي، پر استاد ٽئين جوڙ وارو ڏاڪو ڪراس ڪري، ٻئي جوڙجي شاعرن ۾ شروع کان ئي شامل ٿي چڪو هو. انهن ئي ڏينهن کان ٿورو پوءِ، مرحوم رشيد ڀٽي لکندو رهيو هو ته ”هن دور جي سڄي شاعري شيخ اياز جو پڙلاءُ ۽ پڇو آهي“. ظاهر آهي اها ڳالهه جهڙي تهڙي اديب نه بلڪ سنڌ جي هڪ تمام وڏي سمجهدار ليکڪ ۽ نقاد ڪئي هئي، ان جي ئي جواب ۾ سنڌيءَ جي هڪ ٻي نقاد ۽ شاعر ذوالفقار راشدي لکيو هو ته ”اِهو ايئو آمرانه رمارڪ آهي جو قبولڻ جوڳو ناهي، ڇو ته استاد بخاري ۽ امداد جي شاعري شيخ اياز جو پڙلاءُ نه آهي(2).“

ٿوري ئي وقت ۾ استاد جي شاعريءَ تي جڏهن مثبت تبصرا ٿيندا رهيا، پتو تڏهن وڃي پيو جو استاد پهرين جوڙ جي شاعرن ۾ شامل ٿي ويو. اسان جي مانائتي شاعر راشد مورائي هڪ ادبي پروگرام ۾ تقرير ڪندي چيو هو ته ”جيتري تنقيد اياز تي ٿي آهي، ايتري تنقيد استاد تي ٿئي ته ڏٻ پڇائي نه سگهندو.“ راشد مورائيءَ جي

"راقم جي راءِ موجب اهڙي قسم جي ڦير گهير جي اجازت هئڻ گهرجي. شيڪسپيئر جهڙن شاعرن جي شعرن ۾ اڄ ڏينهن تائين تبديليون ڪيون وڃن ٿيون. شيخ اياز کان جيڪي ٻوليءَ جون چُڪون ٿيون آهن، انهن کي جيڪڏهن درست ڪيو وڃي ته ڪهڙي اربع خطا ٿي پوندي. ڊاڪٽر عبد الجبار جوڻيجي جي ٻي تنقيد "سندس مداحن فقط ڳائجڻ واري ڪلام کي پڙهي بلڪ ٻڌي تضاد پيدا ڪيا آهن. دراصل ڳائجڻ واري شاعريءَ جي حوالي سان ڳالهه نڪتي آهي ته راقم کي چڱيءَ طرح ياد آهي، ڪي ڏهه ٻارنهن سال اڳ جڏهن نوجوان فنڪار ضامن علي اڃا فنڪار ٿي نه اُڀريو هو، انهن ئي ڏينهن ۾ استاد بخاري جي ورسيءَ ۾ ڪمپيئرنگ ڪندي راقم "تون پلي دلربا ناز ڪر دير ڪر." پڙهيو هو ته ورسيءَ ۾ آيل ماڻهن هن تحت اللفظ پڙهيل گيت تي ڀرپور داد ڏنو هو، ڪيترائي منٽ تاڙيون وڄنديون رهيون. اُن جو مطلب اُهو نڪتو ته استاد جي شاعري ڳائڻ/پڙهڻ سان ساڳيو اثر ڇڏيندي. هن وقت اليڪٽرانڪ ميڊيا، توڙي محفلن ۾ 60 سيڪڙو شاعري، استاد جي ڳائجي ٿي. سنڌ ۾ هن وقت اڻ پڙهيل ۽ ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن جو تعداد وڌيڪ آهي، انهن وٽ استاد جو اهو پيغام راڳداري وسيلي ئي پهچي سگهيو آهي. هن وارتا ۾ استاد جو ايمان پختو هوندو هو، ۽ استاد ان تي ڀرپور نموني عمل ڪيو. راقم کي اهو سمجهه ۾ نه آيو آهي ته اسان جي نقادن ڳايل شاعريءَ کي گهٽ ڪري ڇو پيش ڪيو آهي. جڏهن ته سنڌ جي نامور فنڪاره عابده پروين ۽ شيخ غلام حسين پنهنجي ڪڏيل انٽرويو ۾ چيو هو ته:

"هن وقت دنيا ۾ جيڪو موسيقيءَ جو لائوڊ ٽرينڊ هلي پيو، اهو سافٽ ردم سڀنبو آهي، اهو پوئٽري جي ڪري ٿئي ٿو. اهو ردم پوئٽري تي به ڊپينڊ ڪري ٿو، اها ڪهڙي سُرتي پوئٽري آهي(7)."

استاد پاڻ به سريلو ڳائڻو هو، سندس پاءُ سيد حاڪم علي شاهه به سٺو ڳائي سگهندو آهي، بلڪ ائين چئجي ته استاد جو تقريباً سمورو خاندان راڳداريءَ ۾ دلچسپي رکندو آهي. استاد جو اهو وڏو وڙ سمجهيو وڃي ٿو، جو هو منظور سخيراڻيءَ لاءِ به ائين چوندو هو: "مون منظور کي ۽ منظور مون کي ڳائي مشهور ڪيو آهي." منظور جهڙن فنڪارن کي پيدا ڪرڻ ۾ استاد جي ڌنن ۽ شاعريءَ جو وڏو هٿ هو. استاد علم موسيقيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪري، پنهنجي لِرِيڪل شاعريءَ جون 200 کان وڌيڪ ڌنون پاڻ تيار ڪري، سنڌ ۾ فنڪارن جي هڪڙي وڏي کيپ پيدا ڪري ڇڏي آهي. لاڙڪاڻو، دادو هاٽي جام شورو ۽ ڪوٽڙي به استاد جي انهن ڌنن جي ڪري راڳداريءَ جا خاص مرڪز بڻيا آهن. استاد جي گهڻي شاعري موسيقيءَ جي راڳڻين تي تيار ڪيل آهي، ان ڪري راقم جي اها راءِ آهي: استاد جي مشهور گيت "بعضي بعضي(8)." سميت ٻيا ڪيترا ئي سريلا ٻول آهن، جن کي پڙهڻ کان پوءِ پاڻ مرادو توهان جي دل اتلون پئي ڪائيندي ته هن گيت کي چئجي نه پر ڳائجي، پر ڳائڻ سان گڏ جهومي پئجي، رقص ڪجي. شيخ غلام حسين جي چيل ڳالهه جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن اڄڪلهه لائوڊ موسيقيءَ جو سچو نظام شاعريءَ جي سهاري تي بيٺو آهي، ته پوءِ استاد بخاريءَ جي ڳايل شاعري سنڌ لاءِ نه رڳو هڪ تحفو آهي بلڪ هڪ انمول سوغات آهي، جنهن تي جيترو فخر ڪجي گهٽ آهي.

هڪ دفعو وري لهجي واري ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي، چئو ڪنو هلان ته لاڙ جو عوامي شاعر مرحوم حاجي احمد ملاح جڏهن اڃا حال حيات هو ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تقرير ڪندي هڪ پروگرام ۾ چيو هو ته:

"جيستائين مولوي احمد ملاح زنده آهي تيستائين سنڌي ٻوليءَ جي لغت مڪمل ٿي نه سگهندي."

راقم اهو محسوس ڪيو هو ته اها راءِ وزندار ضرور آهي پر اها هڪ اڌوري راءِ آهي، ۽ پوءِ اهو ئي ٿيو، گذريل سال نيوز اينڊ اوپينين رسالي کي انٽرويو ڏيندي، ڊاڪٽر بلوچ چيو ته:

"جيستائين اياز جي شاعري سمجهڻ جي ڳالهه آهي ته ان لاءِ سنڌي ٻولي جي ڄاڻ گهرجي. هن پنهنجي شعر ۾ سنڌي ٻولي کي ڪارائتي نموني ڪتب آندو آهي، پر اُها به حقيقت آهي ته اياز شهر جو ماڻهو هو، سنڌي ٻوليءَ جو ڊڪشن، جنهن کي اصطلاحي ٻولي چئون، ان کان بيخبر هو. هن جي شاعريءَ مان اهڙيون

چُڪون ڪڍي سگهجن ٿيون، جيڪي ڪو پار به ڪونه ڪندو. هاڻي اُهو شاعر جنهن کي ٻولي تي قبضو ناهي، اُهو وڏو شاعر ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اياز جي ٽهي جا ٻيا به شاعر ڏاڍا سٺا شاعر رهيا آهن، مثال: بردو سنڌي، بهترين شاعر هو، پر ڪو ماڻهو هن جو نالو ڪونه ٿو وٺي. منهنجي راءِ آهي ته گهٽين ڳالهين ۾ اياز کان وڏو شاعر استاد بخاري هو، هن کي ٻوليءَ جي وڏي ڄاڻ هئي، اياز کي فقط ڪميونسٽ پارٽي وارن اڀاريو(9).“

ڊاڪٽر بلوچ سنڌ ۾ تحقيق، لطيفيات،لوڪ ادب ۽ لغت نويسيءَ ۾ تمام وڏو ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سندس ڏنل هر راءِ تي قابلِ قدر غور ڪيو ويندو آهي، پر سندس ڏنل هيءَ راءِ به اجا تشنه آهي، اڳتي هلي امداد حسيني،حليم باغي، اياز گل ۽ ٻين نوجوان شاعرن جي شاعريءَ جو مطالعو ڪندو ته پاڻ ئي پنهنجي اڌوري راءِ کي مڪمل ڪندي، اهو ضرور چوندو ته، جيستائين سنڌ سنڌي شاعر ۽ ٻوليءَ جا وينجهار موجود هوندا، تيسائين سنڌي ٻوليءَ جي لغت مڪمل ٿي نه سگهندي.

استاد بخاري، اصل نالو احمد شاهه ولد حاجن شاهه جو جنم دادوءَ جي اتر طرف هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي غلام چانڊيي ۾ 16 جنوري 1929ع تي ٿيو. دراصل ادبي تاريخن ۽ ٻين ڪتابن ۾ استاد بخاريءَ جي جنم جو سال 1930ع لکيو ويو، جيڪو غلط آهي. ماڻهوءَ جي شخصيت تي سندس نالي جو اثر مڪمل نه ته به چاليهون حصو ضرور پوندو آهي، ائين استاد بخاريءَ تي به نالي سان گڏ تخلص رکڻ جو چڱو خاصو اثر پيو آهي. استاد جو پهريون نالو ’پنهل‘ هو ۽ پوءِ جڏهن اسڪول ۾ داخل ٿيو ته داخلا واري رجسٽر ۾ ’احمد شاهه‘ لکرايو ويو. شاعرجي شاعريءَ ۽ شخصيت تي تخلص جو تمام گهرو اثر ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته شاعر جڏهن پنهنجي لاءِ ڪنهن لفظ جي چونڊ ڪري ته ضرور ان لفظ جو ڪو مقصد يا مفهوم ته هوندو ، ڪيترن ئي سالن کان ڳول ڳولان ۽ ڪوٽ ڪوٽان ڪري، استاد جا ست اٺ تخلص گڏ ڪيا اٿم، جڙتو تخلص رکندڙن تي استاد پاڻ چوٽون ڪندو رهيو آهي(10).

استاد پنهنجو پهريون تخلص ’اي. ايس بخاري‘ رکيو جڏهن ته استاد اڃا 12 سالن جو مس هو، ٻيو تخلص ’بخاري دادوي‘، ٽيون تخلص ’ستايل‘، چوٿون تخلص ’سڪايل‘، پنجون تخلص. ’آسي‘، ڇهون تخلص، ’دردي‘(11) ۽ ستون تخلص ’استاد بخاري‘ رکيو. استاد جا تخلص، به استاد جي شاعري وانگر ارتقا جي مرحلن مان گذرندا رهيا آهن. استاد جي شاعريءَ جوغور سان مطالعو ڪبو ته سيني تخلصن جا شعر به سندس ڪلام ۾ ججهي تعداد ۾ موجود آهن. استاد جو آخري تخلص جيڪو پوءِ سڄي عمر سنڌ ۾ سندس اصل سڃاڻپ جو سبب بڻيو، ان تخلص کان به گهڻا ڇرڪجي ويا. استاد پنهنجي شاعري وسيلي نه رڳو پنهنجي قوم جو مان، شان ۽ ڳاٽ اوچو رکيو، پر پنهنجي تخلص کي قوم سامهون دل سان قبول ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو.

استاد بخاريءَ ماڪ هير جهڙي شاعري به ڪئي آهي، پربنيادي طرح استاد لائوڊ شاعري يعني ڇوهه ۽ وهڪري واري شاعري جو قائل آهي. اُهو وهڪرو جيڪو سمنڊ جي لهرن جي صورت ۾ ڪنارن جون سرحدون پار ڪندو آهي. استاد اهڙي وهڪري جو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي لفظن ۽ فڪرن جا درياء وهي اچي لهن ٿا. تڏهن ته سمنڊ کي استاد، پنهنجي تڙپ جو ساڪي بڻائي ڇڏيو آهي. استاد کي زندگيءَ تمام ٿورڙي مهلت ڏني، ان ڪري، استاد ”شعر ڪنهن جو شرر تير ڪنهن جوتڪو.“ واري ٻوڙ ۾ شامل ٿي ويو. استاد وٽ وقت تمام گهٽ ۽ مقابلو سخت هو، ان ڪري ئي استاد جي شاعري، ”نيڻ لڙايون، وقت ڪٽي آ“ وارين سرحدن تي پٽڪندي رهي آهي پر پوءِ به استاد وقت جو وڏو پارکو ۽ قدردان شاعر آهي(12). استاد کي وقت جي تڪڙ ايڏو اچي ورايو جو پاڻ ”جهڙو تهڙو ’رف‘ لکي وٽ لکي وٽ“ جو قائل ٿيندو ويو. ان جو مقصد تنقيد جي دعوت ڏيڻ ۽ قوم کي تڪڙو پيغام ڏيڻ به هو. اهو هڪ اهڙو ڀيانڪ ڀاڏ وارو ڏينهن آيو، جو سنڌو درياء جي نيچرل خوبصورتي کي تباهه ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو يعني ڪالاباغ ڊيم جو اعلان، سو حساس دل شاعر ۽ قوم جي هر پل جو ضامن شاعراُستاد بخاري ۽ ان جو قلم، شاعريءَ جي پاور فل اسٽائل ۾ سراپا احتجاج بڻجي ويو(13). استاد کي جنهن شيءِ تي وڏ کان وڏ ناز هو، اها ڪهڙي شيءِ هئي؟ اها سندس شاعري هئي. ماڻهن کي ته اولاد، مال ۽ ملڪيت پياري هوندي آهي، پر



تحقيق

پروفيسر ڊاڪٽر قادر بخش مگسي

# لاڙ جو هڪ لاڪيڙو شاعر

## (احمد فقير مستان لغاري)

احمد ولد حافظ سونو خان ولد عارف ذات جو لغاري بلوچ هو. سندس ڏاڏو محمد عارف اصل ۾ سنڌ جي اتر واري پاڱي جو رهاڪو هو. هو اُتان لڏي لاڙ جي ڳوٺ محمود لغاري، ديهه ٻاهڙڪي، تپو لاڪاٽه تعلقه ٽنبو محمد خان ۾ اچي رهيو. محمد عارف کي سونو خان نالي هڪ پٽ هو جيڪو ويهن سالن جي ڄمار کي پهتو ته کيس ديني تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳيو. انهن ڏينهن ۾ ڳوٺ سيري لڳ نانگو شاهه، تعلقو ٽنبو محمد خان ۾ ديني تعليم لاءِ هڪ مدرسو قائم ٿيل هو، جتي حافظ حيات زنئور وٽ سوني خان ٻن سالن ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو. مدرسي ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ تعليم پرائيندا هئا. تعليم پرائڻ دوران سوني خان جي ڏيجاڻي نالي هڪ ڇوڪريءَ سان لنئون لڳي وئي. محبت جو روحاني رشتو ڪافي سال هلندو رهيو. جڏهن ڏيجاڻي جوان ٿي ته مائٽن ڪيس مدرسي ۾ تعليم پرائڻ کان روڪي ڇڏيو. جڏهن نينگري ڏيجاڻي مڪتب کان بند ٿي وئي ته سوني کي هڪ ڏينهن جي جدائي به سالن جي برابر محسوس ٿيڻ لڳي. هن دلي چوٽ لڳڻ سببان حافظ سوني جي مزاج جو رنگ بدلجڻ لڳو. هو دل جي درد جون حقيقتون شاعريءَ جي روپ ۾ نروار ڪرڻ لڳو. سندس ڪلام جو گهڻو حصو عوامي حلقن ۾ مشهور ٿيو.

حافظ سونو وڏي همت وارو ۽ بردبار انسان هو. هن ڪڏهن به همت نه هاري. حالتن جو مقابلو ڪري به ڏيجاڻيءَ سان شادي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اها نينگري ذات جي گوپانگ هئي. شادي ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجي اباڻي ڳوٺ محمود لغاريءَ مان لڏي، ڳوٺ لڪاڏنو ساريجو، لڳ رپه، ضلعي بدين ۾ وڃي رهيو. جتي قرآن شريف جي تعليم ڏيڻ سان گڏ هارپو ڪري پيٽ گذر ڪندو هو. هو ڪجهه سالن بعد اُتان لڏي ڳوٺ ڪاٽ ٻانيڻ لڳ مويا ۾ اچي رهيو. اتي به هو قرآن شريف جي تعليم ڏيندو رهيو. آخر 30-1929ع ڌاري سونو خان انتقال ڪري ويو. حافظ سوني کي علي محمد، احمد، محمد ۽ عيسيٰ نالي چار پٽ پيدا ٿيا. جن مان احمد نالي هڪ پٽ اڳتي هلي احمد فقير "مستان" جي نالي سان مشهور ٿيو.

**ولادت، تعليم ۽ تربيت:**

احمد فقير 'مستان' ڳوٺ محمود لغاري ديهه ٻاهڙڪي ۾ تقريباً سن 12-1911ع ۾ ڄائو. اتي ئي پليو نپنيو ۽ وڏو ٿيو. هو قرآن شريف پنهنجي والد حافظ سوني وٽ پڙهيو. سندس والده پڻ قرآن شريف جي تعليم کان روشناس هئي. تنهن پڻ سندس تعليم پرائڻ جي عمل ۾ هر ممڪن مدد ڪئي. سندس تعليم ۽ تربيت پنهنجي ئي گهر ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ جي زيرِ نظر ٿي.

احمد فقير 'مستان' پوري طرح پرائمري تعليم حاصل نہ ڪئي. تنهن هوندي بہ چڱي خاصي تعليم حاصل ڪئي هوندائين. ڇاڪاڻ تہ سندس ڪلام جي مطالعي مان سندس فطري ذهانت جو پرتوو پوي ٿو. هن فطري ذوق سببان گهڻو مشاهدو حاصل ڪيو. ڪنهن بہ انسان جي شخصيت جي پروان چڙهڻ ۾ جن شين کي خاصي اهميت حاصل آهي، تن ۾ هڪ تعليم آهي، جا انسان جي شعور جا دروازا کولي کيس بيدار ڪري ٿي ۽ ٻي هوندي آهي- تربيت، جنهن سان انسان جي اصلاح ٿئي ٿي. جنهن ڪري فرد معاشري اندر باوقار حياتي گذاري ٿو. منهنجي نظر ۾ مٿيون ٻئي شيون احمد فقير 'مستان' کي خالق جنر ڏيڻ تي هڪ هنڌ پنهنجي ئي گهر ۾ ميسر ڪري ڏنيون هيون. جنهن ڪري سندس شخصيت ۽ ڪردار مثالي بنجي ويو. هن اهڙي ماحول ۾ پرورش پاتي، جيڪو ديني توڙي دنوي لحاظ کان اتم هو.

**شادي:**

احمد فقير 'مستان' جڏهن جوان ٿيو تہ سندس شادي ڳوٺ سومرو لغاري، ميراڻي موري لڳ ماتلي مان ٿي. جنهن مان کيس علي حسن، لقمان ۽ محمود خان نالي ٽي پٽ ۽ ٻہ نياڻيون پيدا ٿيون، سندس اولاد ۽ گهر واري حال حيات آهن.

**لباس:**

احمد فقير 'مستان' طبعيت ۾ سادو ۽ سخي قسم جو انسان هو. ننڍڙي ڏاڙهي رکندو هو. مٿي تي اڇي ٽوپي پائيندو هو. هميشہ هٿ ۾ لٺ کڻندو هو. پنهنجي لباس کي هر وقت پاڪ صاف رکندو هو.

**وفات:**

احمد فقير 'مستان' جي صحت هميشہ صحيح ۽ سالم رهندي هئي پر آخري ڏينهن ۾ ٿورو ڪمزور ٿي چڪو هو. کيس بخار بہ رهندو هو. هن کي پنهنجي جان جي تڪليف جو پنهنجي انتقال کان ٻہ ڏينهن اڳ هڪ غزل لکي پنهنجي اولاد کي ڏنائين ۽ وصيت ڪندي چيائين تہ "هي غزل منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجي ڪاندين کي پڙهي ٻڌائجو." ان غزل جو مقطع آهي تہ:

خاڪ آهيان خاڪ ٿيندس، ڇا ٻڌايان ذات ٻي.
لوڪ ۾ مون کي لکين. 'احمد' لغاري ٿا چون.

احمد فقير 'مستان' سال 1997ع ڏاري ڳوٺ سومرو لغاري ۾ انتقال ڪري ويو. کيس ڳوٺ لڳ "گلابي قبرستان" ۾ دفن ڪيو ويو.

**احمد فقير 'مستان' جي شاعري:**

احمد فقير 'مستان' کي شاعريءَ جو فن پنهنجي والد بزرگ سوني خان کان ورثي ۾ مليو. ننڍي هوندي کان وٺي هن پنهنجي پيءُ جون ڪافيون ۽ بيت مختلف ڳائڻن کان پئي ٻڌا. احمد فقير 'مستان' جي وڏي ڀاءُ جو پٽ غلام حسين جيڪو اڄ بہ زنده آهي، پڻ شادين مرادين خواه عام محفلن ۾ سوني خان جا ڪلام پيو ڳائيندو هو. اهو سمورو ڪلام احمد فقير 'مستان' جي نظر مان پئي گذريو. جنهن کان متاثر ٿي پاڻ بہ گهڻيون ڪافيون ۽ بيت لکيائين.

احمد فقير 'مستان' پنهنجي پيءُ کان علاوه جن ٻين قادر الڪلام شاعرن جي شاعريءَ کان گهڻو متاثر ٿيو سي ٻہ وڏا شاعر، هڪ مولانا حاجي احمد ملاح ۽ ٻيو حمل فقير لغاري هئا. 'مستان' مولانا حاجي احمد ملاح جو تہ فڪري طرح بہ پوئلڳ هو. گهڻو ڪري وحدانيت، رسالت، اخلاق ۽ ظرافت مولوي حاجي احمد ملاح جا پسنديده ۽ دلچسپ موضوع رهيا هئا. تہ فقير 'مستان' پڻ انهن ئي موضوعن کي پنهنجي فڪري سرمايي سان سينگاريو. توحيد بابت مولانا حاجي احمد ملاح چوي ٿو:

رب غني غفار ڏي ٿو، هر مهڪ جيڪي مڱو،
ذات ڏيهہ ڏاتار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
دولتون ۽ دان دف وارن تي، ناهن يڪ دفعي،
بلڪ باروبار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.

احمد فقير 'مستان' پڻ نهايت عمدي نموني سان بيان ڪندي چيو:

آءٌ نہ اوکي مان گذاريان، سڏ سچي سبحان کي،
مان نکي ماريان جياريان، سڏ سچي سبحان کي،
منجهہ مرض مشڪل ميان، محتاج آءٌ آهنجي مثال،
پاڪ پرور کي پڪاريان، سڏ سچي سبحان کي.



شريف "شاد" سومرو

تحقيق

# نياز هماينيءَ جي طويل نظم نگاري

سنڌ ڌرتي سوين سرجڻهارن کي جنم ڏنو آهي، اهڙن تخليقڪارن مان شڪارپور جي سرزمين مردم خيز مٽيءَ مان نياز هماينيءَ به جنم ورتو.

نياز همايوني جو اصل نالو مشتاق احمد آهي، پر نياز حسن "نياز" هماينيءَ جي نالي سان گهڻو مشهور آهي. همايون ڳوٺ جي نسبت همايوني سڏجي ٿو. نياز هماينيءَ جو جنم 12- اپريل 1930ع ۾ ٿيو، جيڪو زندگيءَ جا ٻاهتر بهار ڏسي سگهيو يعني 3- جنوري 2003ع ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو، ٻاويهه ڏينهن اٺ مهينا ۽ ٻاهتر سال زنده رهيو.

نياز همايوني بنيادي طور هڪ مدرسي جو پڙهيل حڪيم هو. هن جو ڌنڌو حڪمت هو، جنهن لاءِ هن دواخانو به کوليو. رستم شهر ۾ به دواخانو کوليائين پر اتي به سال کن رهيو، پوءِ اتان واپس وڃي حيدرآباد ۾ مطب قائم ڪيائين. جتي ساري ڄمار گذاريائين.

تحريڪ آزاديءَ دوران سندس نالو شاعر طور اڀريو. قومي، سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ باقاعده متحرڪ رهيو. شاعر جي حيثيت سان هڪ قومي شاعر طور اڀريو. جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نرالو انداز اختيار ڪيو، جيڪو سندس سڃاڻپ بڻجي ويو. خاص طور تي سنڌ جي تاريخي ڪردارن کي شاعريءَ ذريعي نروار ڪيو، سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي سبب فارسيءَ مان سنڌ جي تاريخ جا ڪتاب ترجمو ڪيا. جيڪو سنڌي قوم تي سندس وڏو احسان آهي. نياز هماينيءَ جي تصنيف ۾ تاليف ۽ ترجمي جي حوالي سان ويهارو کن ڪتاب ڇپيل آهن، ۽ ايترائي سندس ڪتاب اڃا ڇپجڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن.

نياز همايوني سنڌي شاعريءَ ۾ خاص طور تي نظم ۾ وڌيڪ نروار آهي. جنهنڪري کيس نظم جو بادشاهه شاعر ڪوٺجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. سندس قومي شاعري سنڌيءَ جو عظيم سرمايو آهي. سندس تاريخي نظم يادگار رهندا. خاص طور تي هن طويل نظم ۾ وڏي ڪاميابي ماڻي آهي. سندس طويل نظم، فن ۽ فڪر جي لحاظ کان نهايت شاندار آهن، ٻوليءَ ۾ ميناج، سادگي، سلوڻائي ۽ تجنيس حرفي سندس نظمن جو سينگار آهن.

طويل نظم جي مختصر لفظن ۾ وصف هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿي: نظم هر حال ۾ نظم هئڻ گهرجي، جنهن کي طوالت ڏيڻ سان طويل نظم جڙي ٿو. طوالت هڪ خاصيت ۽ صفت آهي، جيڪا شاعريءَ جي ٻين صنفن سان به لاڳو ڪري سگهجي ٿي، پر غزل سان لاڳو نٿي ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ ته غزل ۾ بندن جي حد مقرر آهي ۽ انسان جي اندروني احساسن جو عڪس آهي.

غزل ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهه بند ۽ وڌ ۾ وڌ ويهه بند هئڻ گهرجن. باقي نظم جو ميدان وسيع آهي. نظم خارجي دنيا

نياز جي شاعريءَ ۾ اجتماعي مسئلا جرڪندي محسوس ٿين ٿا. هن ذاتي معاملن ڪان هٽي، انفراديت کي پنهنجي اچلائي سماج جي گڏيل مسئلن کي موضوع بڻايو آهي. هو تحريڪ آزاديءَ جو نمائنده شاعر رهيو.

"اُميد ۽ آس جو اُهو طلوع ۽ غروب، نياز جي شاعريءَ جي هر صنف ۾ جادوگريءَ جي حد تائين نشانبر آهي. نياز جا طويل نظم تاريخي حيثيت رکن ٿا. جن لاءِ پڻ طويل تبصري جي ضرورت آهي، پر مجبوري سبب ائين ڪري نٿو سگهجي(8)."

"نياز همايوني گهڻي ڀاڱي وڏا ۽ طويل نظم سرجيا آهن. جن ۾ وطن سان محبت ۽ انقلاب لاءِ چاهت جو رنگ غالب آهي. هيءُ نه رڳو جنگ آزاديءَ جو شاهد شاعر آهي، پر اياز وانگر جديد شاعريءَ کي نئين رنگ بخشيندڙ شاعرن ۾ پڻ شمار ٿئي ٿو. نياز فارسيءَ جو وڏو عالم هوندي به پنهنجن نظمن ۾ نج سنڌي تشبيهن جو استعمال ڪري ٿو. هن جي اڪثر نظمن ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب سان والهانه پيار نظر اچي ٿو ۽ ان لحاظ ڪان هن جا طويل نظم تاريخي حيثيت رکن ٿا. سندس طويل نظمن ۾ زبان شِسته ۽ بيان شائسته سان گڏ بي پناهه رواني هن جي فن جي خصوصيت آهي(9)."

مثلث جي هيئت ۾ نياز همايوني جا طويل نظم ٻيا به ملن ٿا. جنهن ۾ "مڪلي منهنجي جيجل مڪلي" قابلِ ذڪر آهي. جنهن جا 78 بند آهن ۽ ٻه سو 34 مصراعون آهن. پر تاج جويو جو ايڊٽ ڪيل ۽ ترتيب ڏنل نياز جو مجموعو "دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت" (2009ع) ۾ 70 بند ڏنا آهن ۽ ڪيترن بندن جي قافين ۽ لفظن کي ڦيرايو آهي. هي طويل نظم نه ماهي مهراڻ ۾ 1963/1ع جي پرچي ۾ "نئون هنگلاج" جي عنوان سان ڇپيل آهي. جيڪڏهن تاج جويو صاحب ٿوري تڪليف وٺي انهيءَ سان ڀيٽي شامل ڪري ها، ته اهي 8 بند به رهجي نه وڃن ها!

هي طويل نظم نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي مجموعي "ڌرتيءَ جا گيت" ۾ ڏنل آهي. هي طويل نظم بحراثلم شانزده محذوف تي آڌاريل آهي، جنهن جو وزن "فعلن" آهي. هڪ مصرع ۾ ڇهن بجاءِ 8 (مثمن) محذوف ڪري رکيو ويو آهي. يعني مقرر وزن کي ٻيٽو ڪري رکيو ويو آهي، طويل بحر جوڙي هڪ نئون طريقو ايجاد ڪيو ويو آهي. منهنجي تحقيق موجب، انهيءَ تجربي ۾ نياز اڪيلو شاعر آهي.

"مڪلي منهنجي جيجل مڪلي" نياز همايونيءَ جو تاريخي طويل نظم آهي، جنهن ۾ مڪليءَ جي عظمت، قدامت، اهميت ۽ افاديت تي روشني وڌل آهي. طويل نظم ۾ نياز انوکا تجربا ڪيا آهن. هونئن به طويل نظم اهو ئي لکي سگهندو آهي، جنهن جو ٻوليءَ تي عبور هوندو آهي. ٻوليءَ تي دسترس رکندڙ نياز نج سنڌي لفظ ڪتب آندا آهن. توڙي جو فارسي ۽ عربي ٻولين جي به ڄاڻ رکندو هو. هن نظم جا ٻه بند پهريون ۽ آخري ڏجن ٿا:

"مڪلي منهنجي جيجل مڪلي،
تو ۾ مون هنگلاج ڏٺو،
محل ڏٺو مون تخت بنا،
۽ تاج بنا سرتاج ڏٺو،
آيل تنهنجي قسمت ۾،
مون تاوَڻ ۽ تاراج ڏٺو.

•

گهڙي سندي گهڙيال ٿي،
جاتي گلزاريون ڪيون لک الا،
هيج ڪري هل وڏا ٿي،
سڀ کي ٻارن وانگي ٻک الا،
ڪن پل ۾ ات ڏسڻ ۾ آيا،
ڪاريءَ وارا ڪک الا(10)."

مثلث هيئت ۾ نياز همايونيءَ جو طويل نظم "پرهه ڦٽيءَ ڪان پوءِ"، جنهن جا 115 بند آهن. هن طويل نظم ۾ هڪ لوڪ ڪهاڻي منظوم ڪئي وئي آهي. هيءُ نظم به نياز جي ڪتاب "ڌرتيءَ جا گيت" ۾ شامل آهي.

"هيءُ طويل نظم ون يونٽ واري دور سان تعلق رکي ٿو، ليڪن هن جو مقصد صرف انهيءَ دور جي حالت تائين محدود نه هو، ان ڪري نظم جي مستقل افاديت جي پيشِ نظر هن جي ٻيهر شايع ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي(11)."

سهاڳو آهي. نياز سنڌي شاعريءَ ۾ طويل نظم جو عظيم شاعر آهي. جنهن جي هر مصرع ساٿيهه جي ساک پري ٿي. حب الوطنيءَ جو عظيم مثال پيش ڪيو آهي. بنيادي طور نياز قوم پرست شاعر آهي. هن قوم ۽ ڌرتيءَ سان بي پناهه محبت جو مثال قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ هو قوم کي اڳتي وڌڻ جو سنيهو سمجهائي ٿو.

هيءُ طويل نظم سندس عظيم ڪارنامو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو عظيم سرمايو آهي. اهڙو ورثو جيڪو فنا ٿيڻو ناهي، جنهن کي ابديت حاصل آهي جيسائين دنيا رهندي، تيستائين نياز جي ملڪي محبت جو پڙاڏو پيو ٻڌبو. هتي سندس طويل نظم جا ٻه پهريون ۽ آخري بند ڏجن ٿا:

"آءٌ انڌيرو تون سُجهندو،
مان اوڳائي، تون ڄاڻ پرين!
مون کي سوچ ۽ سُرت ڏئين ٿو،
مهر ڪري تون پاڻ پرين!
تنهنجيءَ رم جهم راس ڪيا،
سڀ مانداڻا ۽ ماڻ پرين!
"يار نياز" جي مامِ مٿاهين،
منڙي تون دلجاءِ ڪجاڻءِ!
جهڙ ڦڙ ٽيندي جَنجل جهرندا،
جندڙي تون دلجاءِ ڪجاڻءِ!
اُپريو ڄاڻ سُکن جو سج او سنڌڙي!
تون دلجاءِ ڪجاڻءِ(20)!"

انهن طويل نظمن کان علاوه نياز جا ٻيا ٻه طويل نظم آهن، "هاءِ جيجل مارئي!"، "عظيم استاد، عظيم انسان- لينن." انهن جو ذڪر ڪرڻ به لازمي آهي.

مثلث هيئت ۾ نياز جو طويل نظم، "عظيم استاد، عظيم انسان: لينن" به اسان جو ڌيان ڇڪائي ٿو. هن نظم جا هڪ سؤ بند آهن، يعني ٽي سؤ مصراعون، هي طويل نظم، تاج جويو جي مرتب ڪيل ڪتاب: "دِل ۽ ڌرتيءَ جا گيت" جي آخر ۾ ڏنو آهي. هن طويل نظم ۾ نياز همايوني، ڪامريڊ لينن روسي انقلاب جي اڳواڻ کي عظيم پيٽا ڏني آهي، ڪامريڊ لينن روسي انقلاب جو باني ۽ عظيم انسان دوست هو. هن جي بيشمار خوبين کي بيان ڪيو ويو آهي. لينن جي قول ۽ فعل ۾ تضاد نه رهيو آهي. انهيءَ نُڪتي، نياز همايونيءَ کي به متاثر ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته نياز پاڻ به قول ۽ فعل جو سچو انسان هو. لينن جي تعليم ۽ جدوجهد کان نياز ڏاڍو متاثر هو، تڏهن ته کيس منظوم پيٽا ڏني اٿس. انهيءَ عمل مان، نياز جي بين الاقوامي سوچ ۽ وسيع فڪر جي پروڙ پوي ٿي، جنهن جو بنيادي نُڪتو انسانيت آهي.

مان سمجهان ٿو ته لينن کي ايڏي وڏي پيٽا سنڌ مان ڪنهن به نه ڏني آهي، ۽ اها به منظوم! نياز 22- جون 1969ع کان 24- جون 1970ع جي عرصي ۾ هيءُ طويل نظم جوڙيو. هڪ سال عرصي ۾ جوڙيل هيءُ طويل نظم عالمي طور يادگار رهندو. هت انهيءَ نظم جا ٻه بند، پهريون ۽ آخري ڏجن ٿا:

"اُنهيءَ جي ياد محترم آهه،
اُن سان پنهنجو پيار رهندو،
جو آدميت جي عشق ۾،
سر فدا ڪرڻ لئه تيار رهندو،
اُنهيءَ تان آهه حسن صدقي،
۽ ان جو دل ۾ وقار رهندو،
اُصول سان گڏ عمل سندس،
تا قيام دنيا ۾ زنده آهي!
انهيءَ جي تحريڪ سان صداقت،
تمام دنيا ۾ زنده آهي!
عظيم استاد، عظيم انسان،
مدام دنيا ۾ زنده آهي(21)!"

سنڌ جي ڏاهي، قوم پرست ۽ ترقي پسند شاعر نياز همايونيءَ جو طويل نظم: "هاءِ جيجل مارئي" جي عنوان سان، سندس مجموعي "ڌرتيءَ جا گيت" ۾ ڇپيل آهي. هن نظم جا 30 بند آهن، جيڪي

## حوالا


1. رضوي سجاد باقر ڊاڪٽر. ”مغرب کے تنقیدی اصول“، ڇاپو ٻيو، جون 1994ع، ص 232-233، ڇپائيندڙ: مقتدره قومي زبان اسلام آباد
2. ايضاً، ص 243
3. ايضاً، ص 246
4. سيد عبدالله ڊاڪٽر، اِشارات تنقيد- ڇاپو ٻيو، فيبروري 1993ع ص 119، ڇپائيندڙ: مقتدره قومي زبان اسلام آباد
5. قادري شبير احمد "جدید نظم کی اہم موضوعات" (مقالو) روزانه جنگ، مڊويڪ ميگزين: ’جهان ادب‘، 1- ڊسمبر 2004ع، ص 14
6. سيد عبدالله ڊاڪٽر، ”اشارات تنقيد“، ڇاپو ٻيو فيبروري 1993ع، ص 262
7. همايوني نياز ”پرهه جي مکڙي“ (منظوم افسانو) ماهوار نئين زندگي ڪراچي جلد 16 اپريل 1963ع، ص 35،37
8. عاجز محمد صالح ”انسان دوست محب وطن شاعر“ (مهاڳ) ترتيءَ جا گيت (شاعري) نياز همايوني، ڇاپو پهريون 1977ع
9. جويو تاج ”سنڌي نظم جي مني صدي“ (مقالو) (حصو پهريون) ماهوار لهرون ڪراچي جنوري- فيبروري 1997ع ص-47
10. همايوني نياز، ترتيءَ جا گيت (شاعري)، ڇاپو پهريون 1977ع، ص 149-167، ڇپائيندڙ: تخليق پبليڪيشن حيدرآباد
11. ايضاً، ص 182
12. همايوني نياز، ”ترتيءَ جا گيت“ (شاعري)، ڇاپو پهريون، 1977ع، ص 183-200
13. جويو تاج، ”سنڌي نظم جي مني صدي“ (مقالو) (حصو پهريون) ماهوار لهرون ڪراچي، جنوري- فيبروري 1997ع، ص 47
14. ميمڻ غفور ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر“، ڇاپو پهريون، فيبروري 2002ع، ص 485، ڇپائيندڙ: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي.
15. همايوني نياز، ”ترتيءَ جا گيت“ (شاعري) ڇاپو پهريون، 1977ع، ص 168
16. همايوني نياز، ”ترتيءَ جا گيت“ (شاعري) ڇاپو پهريون 1977ع، ص 179
17. ماهوار نئين زندگي ڪراچي، فيبروري 1963ع، ص 40
18. جويو تاج، ”سنڌي نظم جي مني صدي“ (مقالو) ماهوار لهرون ڪراچي جنوري- فيبروري 1997ع، ص 47
19. همايوني نياز، ”ترتيءَ جي دل ڌڙڪي ٿي“ (طويل نظم) تہ ماهي مهراڻ (شاعري نمبر) ايڊيٽر: غلام محمد گرامي، ڇاپو ٻيو 1990ع ص 503-505، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
20. همايوني نياز، ”سانيهه جي ساک“ (طويل نظم)، ڇاپو پهريون، اپريل 1975ع، ص 7، ڇپائيندڙ: نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي.
21. ايضاً، ص 23-92
22. همايوني نياز، دل ۽ ترتيءَ جا گيت (شاعري) مرتب: تاج جويو، ڇاپو پهريون 2009ع، ص 475-491، ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
23. همايوني نياز، ترتيءَ جا گيت (شاعري) ڇاپو پهريون، 1977ع، ص 149، ڇپائيندڙ: تخليق پبليڪيشن حيدرآباد
24. ساڳيو، ص 156



پنهنجي والد صاحب جن کان ورتائون. هُني (تعلقو قنبر) ۾ مولانا قمرالدين ۽ مولانا محمد ايوب کان فارسي سکيائون. قنبر لڳ ڳوٺ رب رکيو لاکي ۾ مولانا تاج محمد مگسيءَ کان بہ درس ورتائون. مولانا عبدالله 'عبد' چانڊيو بہ سندن استاد رهيو. حضرت سائين پيروارن ظاهري علم جي تڪميل سال 1947ع ۾ "قاسم العلوم" گهوٽڪيءَ ۾ حضرت علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن وٽ ڪئي.

تڪميل جي فوراً بعد ڪراچيءَ جي ڪڏي واري مدرسي 'مظهرالعلوم' ۾ پنهنجي استاد مولانا قاسمي صاحب جن سان گڏ ٽن سالن تائين تدريسي خدمتون سرانجام ڏنائون. ستن سالن تائين 'انوارالعلوم' ڪنڊياري ۾ پڙهائيندا رهيا.

باطني علم جي تڪميل لاءِ طريقي قادريہ ۾

عبدالرزاق ڪلهوڙو

تحقيق

# مولانا عبدالڪريم قريشي (پيروارا): شخصيت ۽ ڪردار

اسان جي سنڌ سونهاري تي هر دور ۾ الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان علماء، فقهاء، محدثين ۽ صلحاء جو وسيع حلقو رهيو آهي، جن قال الله تعاليٰ وقال الرسول ﷺ جن جي پرچار ۾ پنهنجي زندگي گهاري ڇڏي آهي. انهن باڪمال روحاني ۽ علمي شخصيتن ۾ امام العصر حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي پيروارا نورالله مرقده بہ شامل آهن. حضرت سائين پيروارا ظاهر توڙي باطن ۾ ڪامل ۽ مڪمل، قول ۽ عمل ۾ سچا، خداوندي احڪامات تي دل و جان سان عمل ڪرڻ وارا، شريعت جا پابند ۽ پروانا، نهايت پرهيزگار ۽ متقي بزرگ هئا.

حضرت سائين پيروارا، 22- سيپٽمبر 1341هہ/ 1923ع ۾ ڳوٺ پير شريف، تعلقي قنبر ۾ تولد ٿيا. سندن والد بزرگوار مولانا محمد عالم قريشي ۽ ڏاڏو مولانا عبدالله قريشي پنهنجي دور جا ڪامل ۽ ولي الله بزرگ هئا. حضرت سائين پيروارن ابتدائي تعليم

مولانا حمادالله هاليجويءَ جا دستِ بيعت ٿيا. حضرت سائين پيروارن پنهنجي مرشد جي حڪم تي سال 1957ع ۾ پنهنجي ڳوٺ پير شريف، تعلقي قنبر ۾ مدرسي "سراج العلوم" جو بنياد رکيو.

ايشيا کنڊ جي ڪنڊ ڪڙڇ جي مشهور عالمن ۾ حضرت سائين پير وارن جو اسم گرامي بيحد عزت ۽ احترام سان ورتو وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو امام شاهہ ولي اللهؒ، شاهہ عبدالعزيز، شاهہ عبدالقادر، شاهہ رفيع الدين، شاهہ عبدالغني، شاهہ محمد اسحاق، شاهہ اسماعيل شهيد، مولانا رشيد احمد گنگوهي، مولانا محمد قاسم نانوتوي، شيخ الهند مولانا محمودالحسن، مولانا غلام محمد دينپوري، مولانا سيد حسين احمد مدني، مولانا سيد تاج محمود امروٽي، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا مفتي محمود، مولانا حمادالله هاليجوي جن جو روحاني سلسلہ بزرگ پيروي سان ملي ٿو.

مولانا صاحب جن پڪا ديوبندي، امام ابوحنفي جي فقه ۽ قادري طريقي جا پيروڪار هئا. مولانا صاحب جون ڪيل اڻ ڳڻيون اسلامي خدمتون ميسارڻ جهڙيون ناهن. سندن عظمت جو معيار هيءُ آهي ته انسان اول ڪان آخر تائين پنهنجي عظيم مقصد تي ثابت قدم هجي ۽ مولانا صاحب جن ان معيار تي بلڪل پورا ۽ ثابت قدم رهيا. سندن زندگي عام نه پر هڪ خاص ۽ مثالي بڻجي پئي.

مولانا صاحب جن جي علمي ۽ عملي ڪمال، ڪيترين مرده ۽ بيمار دلين کي شفاء ڪامله ۽ تقويت ڏئي ڇڏي. ڪائنئن جنهن به مريد کي ذڪر جي ذري عطا ٿي، تنهن جي قلبي ۽ دماغي ڪيفيت، حقانيت واري فلاسافيءَ سان هر وقت سرشار رهي.

مولانا بزرگ سليم الطبع عالم هئا. سندن عالماڻو انداز دلڪش، گفتار فصيح ۽ بليغ، زبان ۾ سچائي، صفائي، لطافت ۽ بيحد نزاڪت هئي. ڪين علمي ذوق ڏاڍو پختو ۽ پائدار هو. گفتگو ۾ اهڙو اثر ۽ بيان جو سحر سمايل هو جو ڪيتريون ڪمزور، ڪنن ۽ گمراهه دليون به توحيد ۽ مجاهدانه واري ايمان ۽ جذبي سان لبريز ۽ آشنا ٿيون. بزرگ پيروي هر موضوع تي تقرير ڪرڻ، ڳالهائڻ ۽ لکڻ جي اعليٰ صلاحيت ۽ دسترس رکندڙ هئا. علمي گفتگو ۽ سحر انگيز تقريرن پٿر دلين کي به ميڻ جيان نرم ڪري ڇڏيو ۽ حقيقي اسلام واري نور سان منور ڪري ڪين ايمان جي پختگيءَ جا راز ٻڌايا.

مولانا صاحب پنهنجي سموري زندگيءَ کي ڪتاب الله ۽ سنت نبوي جي فلاسافيءَ تي استوار ڪيو. سندن اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، زندگي گذارڻ جو سمورو طور طريقو، سنت ۽ شرعيت مطابق هو. ننڍي توڙي وڏي، مسلم توڙي غير مسلم سان ميٺ، محبت ۽ شفقت سان پيش ايندا هئا.

مولوي عبدالهادي بروهي حيدرآباد واري ٻڌايو ته هڪ دفعي مان سائين پيروارن سان گڏ سائين قاسمي صاحب وٽ ويم، سائين قاسمي صاحب سان سندن رهائشگاهه تي ملياسون، سائين پير وارا وهڻ ڪان پوءِ باربار اٿي پيا ٻيهن. مون چيو الائي ڇا آهي؟

پوءِ ڏٺم ته دروازي جي سامهون سائين قاسمي صاحب جن جو ننڍڙو پوٽو ڪيڏي پيو، ان جي احترام لاءِ بزرگ پيروي اٿن پيا. حد ٿي وئي جو امام العصر، استاد جي پوٽي جي اعزاز لاءِ اٿي پيا ٻيهن. حضرت سائين قاسمي صاحب جن ٻڌائيندا هئا ته مون سان ڪجهه دوست گڏ هئا، اسان اُتر سنڌ جي دوري تي نڪتاسون، پنهنجي جيپ خراب ٿي پئي، ان ڪي ٺهرائي فارغ ٿياسين، ته تقريباً رات جا 12 ساڍا 12 ٿين پيا. قنبر ڪان پير ڏانهن نياپو موڪليو ته اوهان جو استاد آيو آهي. بزرگن کي نياپو مليو ٻاهر آيا، مليا. مانيءَ جي باري ۾ پڇيائون، اسان چيو ته جيڪي موجود هجي، تڪليف ڪرڻ جي اجازت نه آهي. گهر ويا ۽ ٽي مانيون، پليٽ ۾ ٿورا چانور ۽ ڪجهه ٻوڙ جي رس رهو ڪٽي آيا، ڪاڏو هڪ ماڻهوءَ جو هو اسان ٽن چئن ڄڻن ڪاڌو پر پوءِ به بچي پيو. برڪت پئي، الله تعاليٰ پنهنجن پيارن سان اهڙو برتاءُ ڪندو آهي. پوءِ رات جو سمهي پياسون، صبح جو موڪلائڻ مهل هڪ شيشي ۾ دوا ڏنائون، سائين قاسمي صاحب جن فرمايو ته بزرگ حڪمت ڪندا آهن ۽ مون ڪان طب پڙهي اٿن. مون چيو ته هيءُ ڇا آهي؟ چيائون ته اڌ رنگ (فالج) جي دوا آهي. مون چيو ته اها اسان ڇا ڪنداسون، اسان سڀ تندرست آهيون، پر زور ڪري ڪٽايائون ته ڪم ايندوَ. جڏهن دادو ٽپياسون ته منهنجي اک ڦرڪڻ لڳي، اسان سان اڪين جو ڊاڪٽر گڏ هو، ان کي ڏيکاريم، چيائين: اهو اک جي بيماري ڪري ته نه آهي، بلڪ ڪا ٻي بيماري آهي. پوءِ جڏهن ڪراچي پهتاسون، اسپتال ويم ته معلوم ٿيو ته فالج ٿيو آهي. پوءِ انگريزي دوا سان گڏ بزرگن جي ڏنل دوا به استعمال ڪيم.

مولانا محمد صالح حيدرآباد وارو ٻڌائي پيو ته جڏهن مون کي خبر پئي ته سائين پير وارا قرآن پاڪ جو ترجمو لکن پيا، ته مون دل ۾ سوچيو: سائين وڏا عالم آهن، ڪو علمي ڪم ڪن، ترجمو ڪرڻ ته سولو ڪم آهي. مون جهڙو به ترجمو ڪري وٺندو پر جڏهن ترجمو شريف ڇپجي پڌرو ٿيو، ته دنگ رهجي ويم. حيدرآباد جا سمورا عالم ترجمو ڏسي

حيران ٿي ويا. حيدرآباد جي هڪ دوست ٻڌايو ته سائين پير وارن جو ڄام شوري ۾ پروگرام رکيل هو، حاضرين مجلس ۾ ڪافي ڊاڪٽر هئا، سائين جن انساني اعضاء جي متعلق بيان ڪيو. سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا ته هڪ ديني عالم ميڊيڪل وارين ڳالهيون ڪيئن پيو ٻڌائي.

مولانا نذر محمد مصطفوي لکي ٿو ته: سائين بزرگ پير وارن جي لاڏاڻي کان پوءِ هڪورجا ويم، اتي حافظ عبدالرؤف ميمڻ سان سائين جن متعلق ڳالهيون نڪتيون. حافظ صاحب فرمايو ته استاد درمحمد صاحب ڪنهن به عالم کي وَٽُ نه ڏيندو آهي، پر مان پير شريف ڏسندو هئس ته بزرگ پير وارن جي آڏو گوڏا کوڙي وهندو هو. ميان محمد خان جتوئي ٻڌايو ته سائين جن وٽ هڪ ڀهراڙيءَ جو ماڻهو آيو، چيائين: سائين منهنجي مينهن بيمار آهي، تعويذ ڏيو. سائين جن فرمايو: ها پٽ، تعويذ ڏيون ٿا، الله ڇاڪ ڪندو. چيائين: نه سائين، توهان جي هٿ ۾ آهي. سائين جن ان تي سخت ناراض ٿيا ۽ غصي ۾ چيائون: منهنجي هٿ ۾ ڪجهه به نه آهي، جيڪو ڪندو سو الله. پوءِ هڪدم پنهنجي گهران پنهنجي بيمار ٻڪري گهرايائون، جيڪا ڇُري پُري ئي ڪونه پئي. ان شخص کي چيائون: ”هيءَ منهنجي ٻڪري ڏس بيمار آهي ڇُري ئي ڪونه ٿي، تنهنجي مينهن ته ڇُري ٿي، جيڪڏهن منهنجي هٿ ۾ هجي ها ته مان پنهنجي ٻڪري کي ڇاڪ نه ڪريان ها، سڀ ڪجهه الله جي هٿ ۾ آهي.“ ساڳئي دوست ٻڌايو ته سائين جن وٽ هڪ ماڻهو آيو، چيائين، ته سائين مون کي پنهنجي پيءُ جي قبر ڳولائڻي آهي، ڪيترو مٽي ڪرايانس؟ سائين جن فرمايس: پٽ! منهنجي والد صاحب جي قبر آهي، اها ڏسي اچ، ان جيتري ڳولاءِ. سبحان الله! الله سائين، بزرگن کي اها بصيرت ڏني هئي جو پيو پلي ڪلاڪ مٿو هڻي پر سائين پير وارا صرف هڪ حرف ۾ سمجهائي ڇڏيندا هئا.

حضرت سائين پير وارا پنهنجي دور جا وڏا فقيهه هئا، کين ديني تعليم ڏيڻ جو وڏو جذبو ۽ وڏو شوق هو. سندن تعليم ۾ صبح جي نماز بعد قرآن جو درس ڏيندا هئا. سندن درس ۾ شهري، طالب ۽ فقير هوندا هئا، 9 بجي کان پوءِ گهر ڏانهن اٿي ويندا هئا، گهر وٽي تعليم ڏيندا هئا، پوءِ تقريباً 1 بجي کان دارالحديث سراج العلوم ۾ سبق پڙهائيندا هئا. تان ته سرديءَ جي موسم ۾ ظهر جي آذان اچي ويندي هئي. وري ٽين قسط ظهر نماز پڙهي شروع ڪندا هئا، عصر نماز تائين. عصر نماز کان مغرب نماز تائين الله تبارڪ و تعالىٰ جو ذڪر ڪندا هئا. مغرب نماز کان پوءِ جهري ذڪر جون پنج تسبيحون ڪرائيندا هئا. ذڪر کان پوءِ طالب مطالعي تي هليا ويندا هئا. سائين جن مسجد ۾ مهمانن ۽ شهري ماڻهن سان گڏ ويهندا هئا. ان کان پوءِ گهر هليا ويندا هئا ۽ مهمانن جي ماني وغيره جو اهتمام فرمائيندا هئا. پوءِ عشاء جي نماز پڙهائيندا هئا. نماز کان پوءِ ڪجهه وقت ويهندا هئا، تنهن کان پوءِ گهر هليا ويندا هئا ۽ اتي آرام فرمائيندا هئا، تقريباً رات جو 3 وڳي اٿندا هئا ۽ تهجد نماز پڙهندا هئا. اهو سائين جن جو روزانو معمول هو. دوران تعليم ڪافي وقت تائين اڪيلا استاد هوندا هئا. سندن علم جي وسعت ۽ مهارت تمام گهڻي هئي جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن لدني علم سان تعبير ڪرڻو پوندو هو. حضرت سائين جن شيخ التفسير شيخ الحديث ۽ جامع المعقول والمنقول هئا. ابتدائي تعليم دوران وعظن ۽ تقريرن ۾ گهڻو ڪري خميس جي ڏينهن ويندا هئا پر جي هفتي جي وچ ۾ ويندا هئا ته طالبن کان موڪل وٺي ويندا هئا. تعليم دوران ڪنهن به طالب کي گهٽ وڌ نه ڳالهايائون. ڪنهن طالب تي ڪاوڙ يا غصو ڪندا هئا ته فقط ايترو چوندا هئا: ”تون ته ڪو بادشاهه ماڻهو آهين!“ اهي سندن انتهائي شدت جا لفظ هئا. هر مهيني جي اندر ٻه ٽي ڏينهن طالبن کان پاڻي نه گهرندا هئا، پوءِ معلوم ٿيندو هو ته حضرت سائين جن کي روزو آهي. انتهائي پرهيزگار ۽ متقي هئا. اڪثر ڪري ماٺ رهندا هئا. انتهائي سخي ۽ فياض هئا، ڪنهن جي اڳيان حاجت نه کڻي ويندا هئا. دنيوي جاه و عزت کي حقير سمجهندا هئا، گلا غيبت کان پري هئا. جڏهن به ڪنهن جو ذڪر ٿيندو هو ته ڀلائيءَ سان ذڪر ڪندا هئا. سياست جي ميدان ۾ وڏا شهسوار هئا. سن 1969ع ۾ جمعيت العلماءاسلام جي ڪم جي جڏهن شروعات ٿي، ته حضرت مفتي محمود دادوءَ ۾ آيو،

جو وجود پاون، پانهن، سيرن ۽ واڻ سان ٺهي ٿو ۽ ڪٺ ڪي انهن کان سواءِ ڪو مستقل وجود نہ آهي. هن وقت روم جا عيسائي ڪيٿولڪ چرچ سان وابستا آهن. ٻيا پراٽسٽنٽ توحيد ۾ تثليث جا قائل آهن، يعني خدا هڪ آهي مگر ”اقانيم ثلاثہ“ ان جا مظهر آهن، انهن ٻنهي فرقن جو پاڻ ۾ گهڻو اختلاف آهي. عيسائي مذهب وارا حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي خدا يا خدا جو پٽ يا ٽن خدائن مان هڪ ڪري مڃيندڙ هئا. انهن کي جواب مليو تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي فناء ايندو. الله حيُ قيوم آهي پوءِ عيسيٰ خدا (نعوذ بالله) ڪيئن ٿي سگهي ٿو! قيوم جي معنيٰ آهي: ”جهلي بيهندڙ“ يعني مڇيءَ کي پاڻيءَ ۾، پکيءَ کي هوا ۾، ماڻهوءَ کي زمين تي ۽ ڪِرڙيءَ کي ڇت تي ڪنهن خاص اصول تحت هلائي ٿو. عيسائين وٽ پوپ کي وڏو درجو حاصل آهي تہ جيئن سياست ۾ حصو نہ وٺي. انهن وٽ دين ۽ سياست بہ الڳ شيون آهن. اقتراب (ويجهڙائي) جو واسطو الله جي عبادت سان ۽ ارتفاق (سهوليت) جو واسطو ماڻهن جي معاملات سان آهي. سياست ۾ اطاعت هوندي آهي. تنهنڪري ان کي علماء ئي هلائيندا آهن.

هر زماني ۾ حق ۽ باطل جو فيصلو ڪندڙ الله تعاليٰ آهي. ان جو علم محيط آهي. سڀ گنهگار ۽ مومن ان جي علم ۾ آهن، تڏهن حق هو تہ ايڏو وڏو فيصلو ڪندڙ ڪتاب بہ هجي جنهن جا نہ مڃيندڙ سخت عذاب جا مستحق هجن. ساڳيو عذاب غير الله کي پوڄيندڙ، غلط رستي تي هلندڙ ۽ الله تعاليٰ کي ڇڏي ٻئي جي فيصلي تي هلندڙن لاءِ پڻ آهي. جيڪڏهن ٻئي ڪنهن کي ايڏو تصرف ۽ طاقت ناهي تہ اهو (نعوذ بالله) الله يا ابن الله ڪيئن ٿي سگهي ٿو. پٽ ۽ پيءُ ساڳيءَ جنس مان هوندا آهن. جيڪڏهن الله کي پٽ هجي ها تہ اها ڳالهہ قادر مطلق ۽ ان جي پٽ ٻنهي لاءِ عيب آهي. ڪنهن کي سندس درجي کان گهٽ ڪرڻ بہ ان جي بي حرمتي ۽ مٿي ڪرڻ بہ بي ادبي آهي. پاڻيءَ جي قطري تي تصوير چٽڻ الله جو ئي ڪم آهي. پنهنجي علم، قدرت ۽ حڪمت سان پيٽ ۾ نقشو بنائي ڏيءُ، پٽ، سهڻو ۽ ڪوجهو ڪري ڪڍي ٿو. اتي الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن جو بہ ڪنٽرول ۽ قدرت نہ آهي. جيڪو پاڻ ماءُ جي پيٽ واري اونداهيءَ ۾ رهيو هجي ۽ ڪائيندو پيئندو هجي. اهو (نعوذ بالله) الله يا الله جو پٽ ڪيئن ٿي سگهي ٿو. هي بہ الله جي قدرت ۽ حڪمت مان آهي تہ بنا پيءُ ماءُ جي ٻچو پيدا ڪري، سوا پيءُ جي پيدا ڪري يا سوا ماءُ جي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي پيدائش الله تعاليٰ جي امر ۽ خاص انداز ۾ ٿي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان اڳ ٻار جي ڄمڻ جا ٽي طريقا هئا. هڪ بنا پيءُ ماءُ جي حضرت آدم عليہ السلام، ٻيو بنا ماءُ جي حوا. ٽيون پيءُ ۽ ماءُ کان جيڪو عام ڄم وارو طريقو هن وقت تائين هليو اچي ٿو. چوٿون طريقو رهيل هو بنا پيءُ جي رڳو ماءُ مان ٻار جو ٿيڻ، جيڪو حضرت عيسيٰ عليه السلام جي صورت ۾ رونما ٿيو. حضرت آدم عليه السلام انسان هو. انسان مذڪر ۽ مؤنث جي صورت ۾ پيدا ٿئي ٿو. اڳ آدم ۾ اجزاء رجوليت ۽ اجزاء انوثيت ٻئي موجود هئا. الله تعاليٰ آدم مان وري حوا پيدا ڪئي، تڏهن آدم جيڪو پهريان ٻنهي قسمن جي اجزاء جو مجموعو هو، ان مان نسواني اجزاء ڇڪجي بيبي حوا ۾ آيا، هاڻي آدم محض اجزاء رجوليت جو حامل، يعني مرد ٿيو. حوا محض اجزاء انوثيت جي حامل، يعني عورت ٿي پئي. لازمي طرح اهڙي قسم جي انفڪاڪ وقت ڪجهہ جزا ڇڪجي بہ ويندا ۽ ڪجهہ رهجي بہ ويندا آهن. ممڪن آهي تہ انفڪاڪ وقت نسواني اجزاء سان گڏوگڏ ڪجهہ اجزاء رجوليت بہ بيبي حوا ۾ اچي ويا هجن ۽ اهي نسل بہ نسل بيبي مريم تائين پهتا ۽ انهن اهڙي صلاحيت ورتي جو بنا جفت جي ٻار پيدا ٿيو يعني اهي اجزاء بنا پيءُ جي ماءُ مان روڙجي حضرت عيسيٰ عليه السلام جي صورت ۾ ظاهر ٿيا.“

مولانا صاحب کائڻ پيئڻ ۽ لباس ۾ تمام سادگي اختيار ڪندا هئا. اونهاري ۾ سفيد رنگ جو سادو سوٽو بافتي جو پهريان اڪثر پهريندا هئا. گوڏ پيڏين کان مٿي، هٿ ۾ حاسو ۽ مٿي تي هميشہ سفيد رنگ جي دستار ٻڌندا هئا. قد جا پورا، ڪڻڪ رنگا. سُنهاري ڏکهي ۽ سفيد، نهندڙ ۽ وٺندڙ. ويهندا هئا تہ نہ اجايو ڳالهائيندا هئا ۽ نہ کلندا هئا. کلندا تہ صرف مشڪندا هئا. ڪائنن ڪو سوال ڪندو هو تہ آهستي ۽ نرم لهجي ۾ ان کي تشريح

ڪري سمجهائيندا هئا ۽ وري خاموش ٿي ويندا هئا. مريدن کي جُهڪڻ نہ ڏيندا هئا ۽ هميشہ اهائي تلقين ڪندا هئا تہ سواءِ الله تعاليٰ جي، ڪنهن بہ ٻئي جي آڏو ٽوڙڙو جهُڪڻ ۽ نوڙڻ بہ حرام ۽ شرڪ ۾ داخل آهي. پاڻ سڄي عمر شريعت جي خلاف فوٽو ڪڍائڻ کي بہ پسند نہ ڪيائون. تصوير ڪشيءَ جا سخت مخالف هئا ۽ سڄي حياتي پنهنجو فوٽو نہ ڪيرايو.

بلڊ انفيوشن (انتقال خون) مسئلي بابت سندن چوڻ هو تہ خون جو گلاس ماٺهو ائين نہ ٿو پي سگهي تہ انجيڪشن وغيره جي ذريعي ڪيئن حلال ٿي سگهي ٿو. البت اهڙي حالت ۾ جائز ٿي سگهي ٿو جڏهن سچ پچ اهو يقين ٿي وڃي تہ رت نہ ملڻ جي صورت ۾ اهو مريض هڪدم مري سگهي ٿو، تہ پوءِ ڪنهن حد تائين گنجائش ڪڍي سگهجي ٿي. پر جي ڪنهن مريض کي رت جي بجاءِ متبادل ٻئي شيءِ يا ڪا دوا ڊاڪٽر تجويز ڪن ۽ مريض ان دوا وسيلي صحتياب ٿي سگهڻ جهڙو آهي تہ رت جي ٿيلهي ان مريض لاءِ ناجائز آهي. هڪ دفعي خود مولانا صاحب جن کي پيٽ ۾ ڪجهہ عارضو ٿي پيو، جنهن جو حل آپريشن هو. مولانا صاحب جن پهريان تہ آپريشن کان صاف انڪار ڪيو. آخر ڊاڪٽرن جي گهڻي اصرار تي انهيءَ شرط سان راضي ٿيا، تہ بلڊ ۽ نشي وغيره کان سواءِ آپريشن ڪيو ويندو. انهيءَ شرط تي ڊاڪٽر حيران رهجي ويا. ٻڌايو وڃي پيو تہ هلڪي ڦلڪي آپريشن نہ هئي بلڪ ميجر آپريشن هو. ڊاڪٽرن جو چوڻ هو تہ هنن نہ ڪڏهن اهڙو آپريشن ڪيو ۽ نہ اهڙو مريض ڏٺو.

مولانا صاحب فتوائن ڏيڻ ۾ بہ بلڪل حاضر دماغ هوندا هئا. صدر ايوب جي دور ۾ ڊاڪٽر پرويز کي اسلامي تحقيقات جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر پرويز جي دعوا هئي تہ وڏن جانورن جي ذبح جو ذڪر تہ قرآن مجيد ۾ موجود آهي پر ننڍن جانورن جي ذبح جو ذڪر ڪٿي بہ ڪونهي، تنهن ڪري ننڍا جانور بغير ذبح جي ئي حلال آهن. پر مولانا صاحب جن ڪين ننڍن جانورن جي ذبح جو ذڪر قرآن مجيد ۾ موجود ڏيکاريو.

وما اکل السبع الا ما ذکيتم.

ترجمو: "۽ اهو جنهن کي درندي جانور کاڌو مگر جنهن کي ذبح ڪيو وڃي." درندي جانور ۾ ٻلي ۽ باز بہ اچي وڃن ٿا، اهي ٻئي ننڍن جانورن جو شڪار ڪندا آهن. جيئن جهرڪي وغيره. معلوم ٿيو تہ انهن جي وات مان ڇڏايل ننڍڙو جانور بہ ايستائين حرام آهي جيستائين ذبح نہ ڪيو وڃي.

حضور پاڪ ﷺ جن تي ڪرنل قذافيءَ فلم تيار ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ان لاءِ دنيا جي وڏن عالمن قذافيءَ کي سخت منع ڪئي پر ڪيس قائل ڪري نہ سگهيا هئا. مولانا صاحب کي جڏهن خبر پئي تہ هڪدم قذافيءَ ڏانهن چوڏهن صفحن جو عربيءَ ۾ خط لکيو ۽ فلم جي نفيءَ ۾ دلائل ڏئي فتويٰ صادر ڪئي. لبيا حڪومت فوراً مولانا صاحب ڏانهن لکي موڪليو تہ اوهان جي فتويٰ ڏسڻ بعد فلم کي ترڪ ڪيو ويو آهي.

مولانا صاحب پنهنجي مدرسي ۾ درس نظامي مڪمل طرح پڙهائيندا هئا. علم حديث ۾ حديث شريف جا يارنهن ئي ڪتاب، شمائل ترمذي، جامع ترمذي، مشڪواة المصابيح، شرح معاني، الاثار الطحاوي، موطا امام محمد، موطا امام مالڪ، سنن ابي ماجا، سنن النسائي، سنن ابو دائود، صحيح مسلم ۽ صحيح بخاري. علم صرف ۾: ارشاد الصرف، دستور المبتدي علم نحوَ ۾: نحو مير، هداية النحوي، ڪافيا، الفيا، جامي مع عصام عبدالغفور مع حاشيا، ملا عبدالحڪيم، ملا نور محمد ملتق، متن متين. علم ادب ۾: مفتاح العربيا، نفحة العربہ مقامات حريري، متبني حماسا، بانت سعاد، ڪامل مبرد.

علم معاني ۾: مختصر المعاني، مطول.

علم تاريخ ۾: مقدمہ ابن خلدون.

اصول فقه ۾: اصول الشاشي، نورالانوار، توضيح تلويح، مسلم الثبوت.

علم فقه ۾: نورالايضاح، قدوري، ڪنزالدقائق، شرح وقايا هدايا مقامات شامي.

علم جاميٽري ۾: اقليدس.

حسابن ۾: خلاصة الحساب.

علم هيئت ۾: تصريح، شرح چغمني، سبع شداد.

علم طب ۾: ميزان الطب، قانونچہ.

علم عروض ۾: محيط الدائره.

علم منطق ۾: صغريٰ، وسطيٰ، ڪبريٰ، ايساغوجي قال اقوال، مير ايساغوجي، مرقات، تهذيب قطبي، مير قطبي، سلم العلم، ملا حسن، ملا جلال، قاضي مبارڪ، مير زاهد.

علم فلسفي ۾: هدايا، سعيديا، ميبذي، صدرا، شمس بازغا.

علم ڪلام ۾: شرح عقائد، شرح موافق خيالي.

علم ميراث ۾: سراجي ۽ تڪميل حضرت امام شاهه ولي الله جي انن ڪتابن، حجة الله البالغا، البدورالبازغا، تفهيمات الاهي همعات، سطعات، لمحات، خيرالڪثير ۽ عبقات سان ڪرائيندا هئا.

هندستان جي ڪنهن عالم کي جڏهن مولانا جي ڪتابن متعلق درس ڏيڻ جي خبر پئي ته ڪيس حيرت جي حد نه رهي، چيائون، ديوبند ۾ به هاڻي اهڙا عالم ناهن رهيا جيڪي مڪمل درس نظامي پڙهائين....!

**تصنيفات:**

(1) انتساب
(2) ترجمة القرآن (سنڌيءَ ۾)
(3) تفسير سورة فاتحہ سورة البقره
(4) المساجد الله
(5) التنوير لتحليق والتصوير (عربي)
(6) ارشادالعباد في تحقيق مسئلة الضاد
(7) انسان جي عظمت
(8) اسلامي نظام جي دعوت
(9) فضائل الصحابہ
(10) اسلامي تهذيب
(11) اسلامي اخلاق (حصو پهريون)
(12) اسلامي اخلاق (حصو ٻيون)
(13) سورة رعد جو تفسير
(14) جهاد ۽ ان جي تياري
(15) ترجمو ۽ تفسير شمائل ترمذي ۽ ٻيون تحريرون.

**علمي فيض ۽ سنڌن روحي اولاد:**

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي قدس سره وٽ هزارين شاگرد پڙهيا. انهن مان هڪ سؤ کن اهڙا بانصيب شاگرد آهن، جيڪي حضرت سائين جن وٽ باقاعده فارغ التحصيل ٿي دستار فضيلت حاصل ڪئي. حضرت سائين ٻير وارن جو جسماني اولاد (5 ئي صاحبزادا) ته ماشاءالله سندن ئي شاگرد آهن، پر سندن روحاني اولاد سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ ٻين ملڪن ۾ پکڙيل آهي. جن جا نالا هن طرح آهن:

(1) مولانا عبداللطيف ميمڻ ڪنديارو (ولادت: 1928ع وفات: 1998ع).
(2) مولانا جان محمد سهتو بن محمد سليمان سهتو، بختيار پور لڳ ڪنديارو.
(3) مولانا عبدالمجيد بن محمد سومر ٿهيم، ٻير شريف، قنبر.
(4) مولانا قاري محمد (لعل محمد) بن امام بخش براهوي باجوڙي، باغبان، خضدار.
(5) مولانا عطاءُالله مگريو بن الهڏنو مگريو (اصل ڳوٺ نوڙهي، ضلع دادو) مهتمم: مدرسہ دارالعلوم الشرعيہ قنبر.
(6) مولانا حبيب الله بن عبدالعزيز چنا، ڳوٺ مومن وڏو، ڳڙهي ياسين.
(7) مولانا حافظ منظور احمد بن عبدالهادي سومرو، ڪنديارو.
(8) مولانا عبدالقادر بن ڪرم الله براهوي، بلوچستان.
(9) مولانا نثار احمد پتافي مدينة العلوم پنو عاقل.
(10) مولانا محمد علي بن مولانا درمحمد پنهور، گهرڪڻ، ضلع دادو.
(11) مولانا عبدالمجيد چنا، باغ چنا، لڳ گهوٽڪي.
(12) مولانا عبدالقادر چاچڙ، گهوٽڪي.
(13) مولانا عبدالقادر الحسيني، جيوا بلوچستان.
(14) مولانا عبدالڪريم بن مولوي عبدالجبار براهوي، گونيڪو زهري، بلوچستان.
(15) مولانا غلام محمد بن محمد عثمان ملاح، دادو.
(16) مولانا مير محمد بن محمد مراد هنجراهه ميرڪ لڳ هگورجا، ضلع خيرپور ميرس.

(17) مولانا غلام رسول بن محمد خميسو گلال، ماڏو فريدآباد، دادو.
(18) مولانا عبداللطيف بن حاجي حبيب الله کوسو. ڳوٺ دوست محمد کوسو، ضلع سانگهڙ.
(19) مولانا عبدالواحد بن واحد بخش کوسو، ڳوٺ دوست محمد کوسو، ضلع سانگهڙ.
(20) مولانا محمد عظيم بن مير محمد براهوي، سوراب، بلوچستان.
(21) مولانا خير محمد بن محمد عمر ديروي، ميهڙ.
(22) مولانا محمد صديق بن حاجي دين محمد لاکو، ڳوٺ حاجي صديق لاکو، ڪنڊيارو.
(23) مولانا محمد قاسم بن محمد ادريس سومرو، ڪنڊيارو.
(24) مولانا حافظ نور احمد بن جان محمد قريشي، منتظم جامع سراج العلوم، پير شريف.
(25) پروفيسر غلام علي تنيو بن محمد سالڪ تنيو، پير شريف.
(26) مولانا غلام رسول بن محمد يعقوب سومرو، لاڙڪاڻو.
(27) مولانا علي گوهر بن اولاري فقير تونيو، پير شريف.
(28) مولانا محمد موسيٰ بن استاد يار محمد ڪنڊياروي.
(29) مولانا لياقت علي بن حاجي عبدالرزاق کوسو، ڳوٺ دوست محمد کوسو، سانگهڙ.
(30) مولانا عطاءالله بن محمد يعقوب کوسو، ميان خان، اوستہ محمد، سبي، بلوچستان.
(31) مولانا محمد عيسيٰ بن عبدالخالق کوسو، پير بکر سکر وارو.
(32) مولانا سيد عبدالغفور شاهه، خانپور، شڪاپور.
(33) مولانا مير حسن بن امير بخش، فريد آباد، ميهڙ.
(34) مولانا حبيب الله کوهارو بن محمد عثمان کوهارو، ڳوٺ سنگهڙ، تعلقہ خيرپور ناٿن شاهه.
(35) مولانا عبدالستار عرف بشير احمد بن عبدالهادي، پير شريف.
(36) مولانا عبدالعزيز قريشي، حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي پير وارن جا فرزند.
(37) مولانا سعيد احمد لاشاري بن امير بخش لاشاري.
(38) مولانا عبدالغفار بن حاجي عبداللطيف جمالي، ٻچل شاهه مياڻي، سکر.
(39) مولانا سلطان احمد بن عبدالحليم جمالي، ٻچل شاهه مياڻي، سکر.
(40) مولانا عبدالستار بن غلام رسول براهوي، جيوا بلوچستان.
(41) مولانا نورمحمد بن محمد رفيق جمالي، ڪوٺ مير محمد، خيرپورميرس.
(42) مولانا سراج احمد بن تاج محمد کوسو، چامڙا، سکر.
(43) مولانا حافظ محمد هارون بن استاد يار محمد ڪنڊياروي.
(44) مولانا عبدالله بن استاد يار محمد ڪنڊياروي.
(45) مولانا خان محمد بن سانوڻ چاچڙ، ڳوٺ علي نواز ڪلهوڙو، خانپور، ضلع شڪارپور.
(46) مولانا حافظ نظام الدين بن شاهه محمد تنيو، پير شريف.
(47) مولانا ثناءالله بن ڪريم بخش ابڙو، تاج پور جمالي، نصيرآباد، بلوچستان.
(48) مولانا صبغة الله بن حسن شاهه پندران قلات، بلوچستان.
(49) مولانا عبدالرحمان بن خان محمد براهوي.
(50) مولانا جميل احمد بن امير بخش براهوي ماداب سوراب، بلوچستان.
(51) مولانا خدا بخش بن غلام رسول زهري، بلوچستان.
(52) مولانا عبدالعزيز بن ڪريم بخش براهوي، رتوديرو.
(53) مولانا منظور احمد بن عبدالمجيد چنو، گهوٽڪي.
(54) مولانا عبدالستار بن مير محمد پٽي، ڳوٺ سکيو مناهيجو، سڪرنڊ.
(55) مولانا غلام محمد بن حاجي غلام رسول تنيو، پير شريف.
(56) مولانا حافظ عبدالواحد بن نورمحمد قلندرائي، نوتڪ- خضدار.



آزاد انور ڪانڌڙو

تحقيق

# شاهه پنجو سلطان ۽ عبدالله شاهه گودڙيو

## [ڪلهوڙا دور جا ٻه عظيم جرنيل]

سمن جي سنڌ ۾ حڪومت کان پوءِ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جو سنڌ تي قبضو رهيو. سنڌ جي نامياري دانشور محمد ابراهيم جويي هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

”سنڌ ۾ سنڌ جا ماڻهو تقريباً پورا ٻه سؤ سال ارغونن، ترخانن ۽ دهليءَ جي مغل حڪومت جي هيٺيي ۽ رت پياڪ تسلط هيٺ پيسبا رهيا. سندن تهذيبي زندگيءَ جو ساهه سندن دشمنن جي مُٺ ۾ گهٽبو ۽ ٻوسٽبو رهيو. سندن ذهني ۽ جسماني صلاحيتون بند هيون، ۽ انهن جي هر سگهاري اظهار تي مٿن هنيليون ۽ ٻيا قياس سنگينون اُپيون ٿي ٿِي ويون. ائين ئي ميان آدم شاهه ڪلهوڙي نئين سياسي فڪر هيٺ ميانوال تحريڪ جي روپ ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. جنهن سندس شهادت کان پوءِ اڳتي هلي پنهنجو سفر ڪامياب ڪري سنڌ کي غلاميءَ مان نجات ڏياري“. ڪلهوڙا اقتدار جي سرواڻ ميان نصير محمد ڪلهوڙي خيرپور ناٿن شاهه جي ڪاڇي واري علائقي ۾، ”ڳاڙهي“ نالي ڳوٺ ۾ قيام ڪيو ۽ پنهنجي هڪ انقلابي عبوري حڪومت قائم ڪئي.

مولائي شيدائي ”جنت السنڌ“ ۾ لکيو آهي ته:

”ميان صاحب 25- سالن جي عرصي ۾ فقيرن جي هڪڙي قسم جي حڪومت ڪري ڪئي، ميان صاحب جي پوري زندگيءَ ۾ سنڌ تي مغل راڄ قائم رهيو. پر ان باوجود ميان نصير محمد ڪلهوڙي پنهنجي علائقي ۾ پنهنجي رياست قائم ڪري رکي، جيتوڻيڪ ان کي ڪنهن ٻه عهد نامي تحت ڪنهن ملڪي اعلان تحت ڌار رياستي تشخص ملي نه سگهيو. پر هو مغلن سان مهاڏو اٽڪائيندا رهيا. ميانوال تحريڪ جي جدوجهد جي حوالي سان مغل حڪمرانن سان اٽڪندا رهيا ۽ ڪيتريون ئي جنگيون ٻه ڪيائون.“

ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي ميانوال تحريڪ ۾ ڪيترائي جرنيل، بهادر سپاهي ٿي گذريا، جن ۾ ميهڙ تعلقي جا ٻه بهادر جرنيل: عبدالله شاهه گودڙيو ۽ شاهه پنجو سلطان ڏهوٽ سرفهرست آهن. وقت جي ڪيڏي نه ستم ظريفي آهي، ته سنڌ ۾ توڙي دادو ضلعي يا ميهڙ تعلقي اندر آزاديءَ جي تحريڪ جي انهن پروانن جو ذڪر هڪ عظيم جرنيل طور گهٽ پر هڪ اولياء ۽ بزرگ طور وڌيڪ ڪيو وڃي ٿو. ماڻهو سندن درگاهن تي آسون ۽ اميدون کڻي اچن ٿا ۽ هڪ اولياء جي حوالي سان پيڙائون ڏين ٿا. پر شاهه پنجو سلطان ۽ عبدالله شاهه گودڙيي جي آزاديءَ واري عظيم ڪردار کان اڻ واقف آهن. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي، ته اهي ٻئي بزرگ آزاديءَ جا پروانا ۽

جرنيل هئڻ سان گڏ ساڳئي وقت وڏا بزرگ ۽ اولياء به هئا. پر انهن سنڌ جي سرحدن ۽ سنڌ جي سرزمين جي آزاديءَ ۽ بقا لاءِ مغل حاڪمن سان سنڌي تحريڪ جي سرواڻ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي اڳواڻيءَ ۾ وڏيون جنگيون ڪيون.

## شاهه پنجو سلطان

شاهه پنجو سلطان ڏھوٽ قبيلي سان تعلق رکندڙ ٻڌايو وڃي ٿو. هو ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي وڏن فقيرن/جرنيلن ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. ميان نصير محمد جي اسيري وقت شاهه پنجو سلطان، گاجي شاهه سان گڏجي جدوجهد جي اڳواڻي ڪئي. نالي واري محقق پروفيسر عبدالله مگسي لکيو آهي ته:

"شاهه پنجي سلطان جي ڪوشش سان سنڌ جي انهن علائقن ۾، جتي مياڻوال تحريڪ پنهنجي اوج تي هئي. مغلن جي عدالتي سرشتي کي مفلوج ڪيو ويو، چون ٿا ته هن بزرگ دهليءَ جي سٽن قاضين کي عورتون بڻائي ڇڏيو."

بين لفظن ۾ شاهه پنجي سلطان پنهنجي حڪمت ۽ فراست سان مغل قانون کي عورت جيان ڪمزور ۽ نستو ڪري وڌو، جنهن ڪري مغلن جون سٽ عدالتون بند ٿي ويون. تنهن ڪري عوام انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه پنجي جي برپا ڪيل عوامي عدالتن ۾ فيصلي ڪرائڻ کي ترجيح ڏيڻ لڳو. شاهه پنجي سلطان جي حسب نسب، ڄمار، وفات بابت ڪا به وڌيڪ معلومات ناهي ملي سگهي، سندس مقبرو ميهڙ تعلقي جي شاهه پنجو سلطان جي نالي سان ئي قائم ڳوٺ ۾ آهي. جيڪو ان وقت درياءَ جو اهم ۽ مکيه بندر هو. چيو وڃي ٿو ته ميان نصير محمد ڪلهوڙي انهيءَ اهميت جي ڪري ئي شاهه پنجي سلطان کي اتي منتظم مقرر ڪيو، جيڪو علائقو اڄ شاهه پنجو سلطان جي نالي سان سڃجي ٿو. تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيو ويو آهي ته ميان نصير محمد ڪلهوڙو جڏهن شاهي قيدخاني مان فرار ٿي سنڌ پهتو هو، ته پاڻ ڳاڙهي ۾ پنهنجي عبوري، انقلابي حڪومت قائم ڪري ڪجهه علائقن تي قبضو ڪيو ۽ ميان صاحب، شاهه پنجي سلطان جي قابليت، انتظامي، عدالتي، سياسي بصيرت ۽ مهارت تي ڪيس "سلطان" جو لقب ڏئي ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاهه جي ميداني، ڪڇي ۽ ڪاڇي واري علائقي تي ڪيس پنهنجو نائب مقرر ڪيو، ته جيئن دريائي پتڻ تي سندن قبضو برقرار رهي ۽ ڪو به رخنو نه پوي. دريائي پتڻ تان محصول وٺڻ جا اختيار به شاهه پنجي سلطان وٽ هئا. سنڌ جي عظيم جرنيل شاهه پنجي سلطان جو ذڪر ميان صاحب جي آزيءَ ۾ به هن ريت ملي ٿو:

بسم الله
الله توآهر!
چئو سائيو! الله توآهر!!
آزي ڪيون ٿا، الله جي در تي:
ان جي پاڪ رسول،
۽ پنجتن پاڪ جي صدقي،
صدقي سيني بزرگن، ولين ۽ شهيدن جي
صدقي شهيد ميان آدم شاهه جي،
صدقي ميان شاهل محمد جي،
صدقي ميان دين محمد جي،
صدقي ميان نصير جي،
صدقي ميان يار محمد جي،
ميان نورمحمد،
ميان غلام شاهه،
ميان سرفراز،
ميان غلام نبي،
ميان عبدالنبي شاهه جي،
صدقي شاهه گودڙيي جي،
**شاهه پنجي،**
سيني سڳورن، ولين ۽ شهيدن جي،
اڇو ته سائيو آزي ڪريون،
چئو الله توآهر!

ڪلهوڙا تحريڪ ۾ آزي جيتوڻيڪ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي وقت کان شروع ٿي پر ان ۾ تحريڪ جي سرواڻن شهيد ميان آدم شاهه، ميان شاهل محمد، ميان دين محمد، ميان نصير محمد، ميان يار محمد، ميان نورمحمد، ميان غلام شاهه، ميان

33 فوٽ ۽ موڪر ۾ 13 فوٽ آهي، ايڏي وڏي تربت سنڌ ۾ ڪٿي بہ ڪانهي، ايڏي وڏي تربت جي لاءِ ڪجهہ روايتون آهن. ساڳئي وقت ان وڏي تربت جي ڀن پاسن کان قبرون موجود آهن. هڪ قبر تہ اوڀر، اولهہ رکيل آهي. جڏهن تہ سنڌ ۾ قبرون، اتر ڏکڻ هونديون آهن. عام ماڻهن جي روايت آهي تہ اهي قبرون شاهہ گودڙيي جي يارن جون آهن. جوهر بروهي ٻڌائي ٿو، تہ اهي قبرون نہ آهن بلڪ شاهہ گودڙيي جي تربت جي چوڌاري پٿرن جو ڪوٽ ڏنل هو. ان پٿرن واري ڪوٽ جي ٻاهران ان وقت درگاهہ جي سجاده نشين فقير محمد حسن چانڊيئي ڪوٽ ڪٽايو ۽ اهي آثار پراڻي ڪوٽ جا اڃا باقي آهن. نامياري محقق حڪيم عبدالحميد چانڊيئي پنهنجي ڪتاب ”اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو“ ۾ برک محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي سان ڄاڻايو آهي تہ: قبرن جي ڏکڻائي انهيءَ ڪري آهي تہ هي قبرون پٿر وجهي ڍڪيون ڪيون ويون آهن، پٿرن وجهڻ جو سبب اهو آهي مبادا قبرون گم ٿين يا زمين ۾ پيهي نہ وڃن.“

عبدالله شاهہ گودڙيو ميان وال تحريڪ جي سرواڻ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو خليفو هو ۽ ميان نصير محمد جي معتبر خليفن، خاص فقيرن ۽ جرنيلن مان هو. ميان صاحب کيس ميهڙ تعلقي جي فريدآباد جي جابلو لڪ جي نظرداريءَ لاءِ مقرر ڪيو هو. شاهہ گودڙيي جي درگاهہ لڳ، اتر ۾ هڪ ٽڪري آهي. جنهن کي چوياري چيو ويندو آهي، ان چوياريءَ کان اڌ ڪلوميٽر اوڀر طرف هڪ ٽل نهيل آهي، جنهن کي نشان چيو ويندو آهي. عقيدتمندن چواڻي: شاهہ گودڙيو پنهنجي يارن سان ان چوياري تي ويهي سامهون جبل جي ٽل تي چڊي سان نشان وٺندو هو. اهڙو گول پٿر شاهہ گودڙيي جي قبر وٽ سيرانديءَ ۾ رکيو ويو آهي. جڏهن تہ کيرٿر جبل ۾ هن وقت اهڙا گول پٿر اڃا بہ ملن ٿا. حقيقت هن ريت آهي تہ: اهي ٻئي جايون ان وقت مورچي جو ڪم ڏينديون هيون جو اتي ويهڻ سان پري پري تائين نگاهہ پوندي هئي ۽ دشمن جي چرپر معلوم ٿيندي هئي. چو تہ ان جڳهہ کان فقط ٻہ ڪلوميٽر اولهہ طرف ڪراچي کان قلات ويندڙ تاريخي رستو آهي، جيڪو سنڌو درياءَ جي اولهہ واري وهڪري کان بہ اولهہ طرف آهي. شاهہ گودڙيو ان رستي جي نگرانيءَ لاءِ ميان نصير محمد پاران سپهہ سالار مقرر هو. شاهہ گودڙيي سان اُنن جو ڏڳ بہ منسوب هو، جيڪو اڄ کان 50 سال اڳ بہ قائم هو ۾ هاڻي اهو ختم ٿي ويو آهي، جتي پاڻ پنهنجا فرض سرانجام ڏيندو رهيو ۽ ڪيترائي فوجي جوان مياںوال تحريڪ ۾ ڀرتي ڪري موڪليندو هو. ميان جي آزيءَ (مياںوال تحريڪ وارن جي دعا) ۾ بہ سندس ذڪر ملي ٿو.

بسم الله
الله تو آهر!
چئو سائيو! الله تو آهر!!
آزي ڪيون ٿا، الله جي در تي:
ان جي پاڪ رسول،
۽ پنجتن پاڪ جي صدقي،
صدقي سيني بزرگن، ولين ۽ شهيدن جي،
صدقي شهيد ميان آدم شاهہ جي،
صدقي ميان شاهل محمد جي،
صدقي ميان دين محمد جي،
صدقي ميان نصير جي،
صدقي ميان يار محمد جي،
ميان نور محمد،
ميان غلام شاهہ،
ميان سرفراز،
ميان غلام نبي،
ميان عبدالنبي شاهہ جي،
صدقي **شاهہ گودڙيي،**
شاهہ پنجي،
سيني سڳورن، ولين ۽ شهيدن جي،
اڄو تہ سائيو آزي ڪريون،
چئو الله تو آهر!

عبدالله شاهہ گودڙيي ميان وال تحريڪ ۾ نهايت بهادريءَ سان پنهنجون ذميواريون نڀايون. هن شاهہ پنجي سلطان، گاجي شاهہ، فوجو فقير، فتو پخالي، يارو ريڊار وانگر ميان نصير محمد ڪلهوڙي سان گڏ ميان وال تحريڪ ۾ مغلن کان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي ۽ ميان نصير محمد جي

ناجائز قبضا وغيره سِر فهرست شامل آهن. ظاهر آهي تہ گهر کي باھ لڳل هوندي تہ گيت ڪير ڳائيندو، هر ڪو اهو چاهيندو تہ پهريان باھ وسائجي، اهو ئي سبب هو ان دور جو.

ادبہ تلخ حقيقتن تي مشتمل باھ جا گولا وسائيندڙ هو، جنهن مان ان وقت جي قومي توڙي سماجي صورتحال جو جائزو وٺي سگهجي ٿو. غلام رباني آگرو ان دور جي صورتحال کي هن طرح بيان ڪري ٿو تہ:

"ون يونٽ ٺهيو تہ سنڌي اديبن ۾ تاءُ پيدا ٿيو، هوائي جهاز کي اڏامڻ لاءِ مخالف ڌر جي هوا کپي، سنڌ جي ماحول ۾ قوميت جو رنگ آيو. آرٽسٽ کان وڌيڪ حساس ڪير بہ نہ ٿو ٿئي. سنڌ ۾ هر هنڌ جديد سنڌي افساني ۽ شعر و شاعريءَ جن شمعون روشن ٿي ويون. سرڪار سنڌي ٻوليءَ کي ڇٽڻ لاءِ شريف ڪميشن کان غلط سفارشون ڪرايون، جن سنڌ ۾ باھ تي پيٽرول هارڻ جو ڪم ڪيو، مٿ جيترن سنڌي اديبن شاعرن پنهنجي سوين ساٿين ۽ ڪارڪنن جي مدد سان ايوب خان سرڪار کي اهڙو سوڙهو ڪيو جو ايوب خان آرڊيننس جاري ڪري سنڌي ٻوليءَ خلاف پنهنجو آرڊر واپس ورتو. سندس انهيءَ شڪست ون يونٽ ڊاهڻ جي راھ بہ هموار ڪئي. خلق جو آواز خدائي نغارو آهي(2)."

ان وقت سنڌي مختصر ڪهاڻي ۾ ڪهڙا لاڙا هئا، ان جو اندازو ان وقت ليکڪن جي لکيل ڪهاڻين مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.

جمال ابڙي، سنڌي ڪهاڻي کي نوان موضوع، فڪر، ۽ نئين فهم ۽ فراست پيدا ڪندڙ ڪردار ڏنا، جيتوڻيڪ سندس ڪهاڻيون ڳاڻيٽي جي لحاظ کان ٿورڙيون آهن پر جي انهن جي ادبي تور تڪ ڪبي تہ اهي جديد ادبي فڪر، موضوع، ٻولي ۽ سنڌي سماج جي ڀرپور عڪاسي ڪندي نظر اينديون.

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هيءُ پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن ادب ۾ حقيقت نگاري واري پهلو کي وڌيڪ روشن ڪيو. سندس ڪهاڻين جا ڪردار عام رواجي ماڻهو جيڪي اسان جي عام سماجي زندگيءَ جو حصو آهن. پاڻ انهن ماڻهن جي ڏکن سکن ۽ مجبورين کي ڪهاڻي جي مختصر ڪئنواس تي اهڙي تہ اثرائتي انداز سان چٽيو اٿس جو اهي ڪردار ادب جي تاريخ جو اٽر حصو بنجي ويا ۽ انهن جو اثر ان کان پوءِ تمام گهڻن ڪهاڻي نويسن تي رهيو. غلام رباني آگرو سندس افسانوي فن جي ميتا هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو تہ:

"جمال ابڙو سنڌي افساني جو امام آهي. جمال کان وڏو افسانہ نگار مون کي نہ ڪانئس اڳ، نہ پوءِ سُجهي ٿو، اهو منهنجو ذاتي رايو آهي(3)."

جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ پيار، محبت، ميلاپ وڇڙڻ جا عام رواجي ڪردار گهٽ نظر ايندا، ان جي بنسبت، ان جا ڪردار پنهنجي آس پاس جي ماحول ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي، رسم رواج، ٻولي، ڏکن، دردن جي ڀرپور عڪاسي ڪندي نظر ايندا. 'پيراڻي' پڙهي ڏسو تہ انهن ۾ اسان کي جبلن تي رهندڙ ماڻهن جي بک ۽ بدحاليءَ جو اندازو ٿي ويندو تہ ڪيئن اهي ماڻهو پيٽ گذر لاءِ پنهنجي اولاد کي وڪڻن ٿا، بغير اهو سوچڻ جي تہ خريدار ان کي ڪهڙي حالت ۾ رکندو. هن ڪهاڻيءَ ۾ پيءُ ۽ ماءُ جو پنهنجي ابهم ۽ معصوم ٻچڙن کان وڇڙڻ جو بيان اهڙو تہ ڏک رسائيندڙ لفظن ۾ ڪيو اٿس جو ڪهاڻي پڙهڻ واري جي اکين ۾ ازخود ڳوڙها ڀريو اچن. مثال طور هيءُ جملو پڙهي ڏسو:

"پيٽ تي پيل پيراڻي کي لالو جي پيءُ جهليو. پيراڻي جي پيءُ جي نڪ ۽ اکين جو پاڻي سندس ڏاڙهي مان ٿي ٽميو ۽ ڦٽڪندڙ زال کي پئي جهليائين، لڏ رواني ٿي، پيراڻي اوڀاسين ۾! ابا! امان! پڪاريو. ماڻس کي

كيو پر انهن كان هميشه لاءِ نجات حاصل ڪرڻ جا ذريعا پڻ ٻڌايا. جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي خاص خوبي اها آهي ته اهي نه صرف حالات واقعات جي ترجماني ڪن ٿيون پر انهن ۾ ٻوليءَ جو استعمال پڻ منفرد جملن ۾ تشبيهن اندر اهڙي ته رواني سان ملي ٿو جو پڙهڻ وارو ان جي ۾ انگيزيءَ ۾ گم ٿيو وڃي ۽ گهڙي پل لاءِ پاڻ کي ان ماحول جو ئي حصو سمجهي ٿو. سنڌس ڪهاڻي 'سينڌ' جو ئي ڪٿي مثال وٺو، جنهن ۾ سماج جي ناسور- 'ڪارو ڪاري' جي ور چڙهندڙ ناري جي ڪردار ۾ جتي سنڌس لاش رکيل آهي، ان ماحول جو ذڪر ڪيڏي نه دردناڪ انداز ۾ ڪيو اٿس ته:

"ڪپري شهر جي خيراتي اسپتال ۾ لاش، گهر ٻاهران مٽيءَ ۾ ڏڏڙ ۾، ڪارا ڳنڍيل وار، چوٽي سينڌ سميت ڏوڙ ۾ جهڪ ۾ پٽي ليٽڙيا. اندر پنگي ۾ ڊاڪٽر، مکين جي پون پون، ننگو لاش، اگهاڙي ڇاتي، سنڌ جي جائي، ڪنهن جي لڄ، سڀ جو ننگ، ست ڏارين آڏو ننگي پئي هئي، هٽ روندڙا، پير ڦٽيل، اکيون حيرت، حسرت ۽ هيبت کان ڦاٽل، سپاجهي، سلوري، سگهڙ، ڪونئرو، ڪسهڻي، پيار جي راهه ۾ هڪ ٻي قرباني، ڪسڻ قبول ڪيائين سينڌ جي پت نه وڃايائين، ٺهڪڙا ڏيئي چار آگريون سينڌ تي رکي انجام ٻڌائين، پر ٺهڪڙا ڪهاڙين جي ڪڙڪن ۾ ٻدلجي ويا، آگريون ڪيجي ويون، سينڌ ڪوڙجي ويئي(7)."

پڙهڻ واري کي سڄي ڪهاڻي جو تاثر انهن شروعاتي جملن ۾ ماحول جي منظر نگاريءَ مان مليو وڃي. ان کان علاوه هيءَ ڪهاڻي تلخ حقيقتن تان پڻ پردو کڻي ٿي. جنهن ۾ ننڍڙن ننڍڙن جملن، محاورن جي اندر ماحول جي اهڙي ته سحر انگيز عڪاسي ٿيل آهي جو پڙهڻ وارو ان جي سحر ۾ گهڙي پل لاءِ گم ٿيو وڃي. اهڙو اسلوبِ بيان جو هنر شايد ئي ڪنهن پيش ڪيو هجي!

غلام نبي مغل، سنڌس افسانن جي تعريف ڪندي لکي ٿو ته:

"ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ کي فني توڙي معنوي حيثيت صحيح طور حاصل ٿي. جمال ابڙو انهن سيني جو مهندار آهي، جنهن جديد فني بنياد تي ٻڌل حقيقتن ۾ زندگي جي تلخ واقعن کي پنهنجي اصلي روح سان نهايت اثرائتي نموني پيش ڪيو(8)."

**مهرباني**: هن ڪهاڻيءَ ۾ شريف ماڻهو جي پوش اندر شيطان کي ٻاهر ڪڍي، سنڌس اصل روپ کان واقف ڪرائي ٿو.

**فرشتو**: هن ڪهاڻي بابت پاڻ لکي ٿو ته:

"اها مارشل لا جي دور ۾ لکي، جنهن ۾ فوج تي ستو سنئون حملو ٿيل هو(9)."

اسان جو معاشرو شروعات کان وٺي پيرن، مرشدن، فقيرن، درگاهن ۽ اوتارن هٿان تباهه برباد ٿيندو رهيو آهي. هن معاشري ۾ مثل ماڻهو مٿان هميشه جيئرن کي قربان ڪرڻ جي روايت کي عقيدي جو نالو ڏنو وڃي ٿو، 'منهن ڪارو'. اهڙي ئي سماج جي پٽرائي ڪندي نظر اچي ٿي. جنهن ۾ قبر پرستي اجاريل ۽ زندگي جي گل کي مرجهايل ڏيکاريو ويو آهي.

پشو پاشا: هن ڪهاڻيءَ، جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. هن اها ڪهاڻي ڇو لکي؟ ان بابت هو چوي ٿو ته:

"مون "پشو پاشا"، "بلو دادا" ۽ "شيدو ڏاڙيل" کان متاثر ٿي لکي، ڇو ته انسان جو مقام منهنجي نظر ۾ تمام گهڻو بلند آهي. منهنجو پشو نه ڏاڙيل آهي، نه داداگير، پر هڪ ستو سنئون انسان آهي(10)."

'پشو پاشا'، سنڌي سماج جي ڪوڙهه ۾ ورتل ڪردار وڏيرا شاهي جي ظلم جو داستان بيان ڪري ٿو.

بين ڪردارن ۽ پشو جي ڪردار ۾ هيءُ فرق آهي. جو هو انفرادي ڪوشش ڪان اجتماعي جدوجهد تي وڌيڪ زور ڏيئي ٿو، ڪنهن وڏيري، سيٺ يا سرمائيدار کي اڪيلي سر مارڻ سان نظام نه بدلبو. نظام جي تبديليءَ لاءِ انهن ظالم قوتن کي ختم ڪرڻو پوندو. پر اهو اڪيلي سر ممڪن نه ٿيندو بلڪ سڀني کي گڏجي انقلابي جدوجهد ڪرڻي پوندي، تڏهن وڃي اهو نظام تبديل ٿيندو. سندس افسانن ۾ هن افساني تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. ليڪن حقيقت نگاريءَ سان گڏ ڪردار نگاريءَ کي به واهه جو اُجاريو آهي! هن ڪهاڻي جي جيتري تعريف ڪئي ويئي اوتري هن تي تنقيد به ٿي. مشهور نقاد رسول بخش پليجو ان تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته:

"'پشو پاشا' مان پڙهندڙن کي اهو تاثر ويهي ٿو ته ملڪ جي نظام بدلائڻ لاءِ صرف هڪ ڇيڳري جهنگلي الهڙ ۽ ضدي پهلوان جي ضرورت آهي جو ڪنهن من موهڻي ناري جي عشق ۾ نوڪر ڪائي بغاوت تي آماده ٿي وڃي ۽ پوءِ زوردار تقريرن سان قوم کي ميدانِ جنگ ۾ آڻي بيهاري، سياسي تنظيم اقتصادي ۽ سياسي نظرين ۽ تحريڪن جي بکيڙي ۾ پوڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي(11)."

ان تنقيد جو جواب جمال ابڙي هن طرح ڏنو ته:

"جا اجا اهو وقت نه آيو آهي جو پيار ۽ محبت پورهيو ۽ محنت، ماڻهو ۽ ماڻهپو اڳتي وڃن ۽ چانئبا وڃن، جي اجا اهو وقت نه آيو آهي ته ڪڏهن ايندو. جڏهن جنازو ڪڄندو. جنازو به حيوانيت جو ڪڄندو. انسانيت زنده رهندي، وقت آيو آهي جڏهن اسان جا ليکڪ ڪردار کي ماحول جو نشانو نه بنائين، انسانيت کي مظلوم ۽ قابلِ رحم نه بنائين، اهي ڪردار چونڊڻ جي ماحول کي مٿائين پير جي ڏونڪي تي بڏائين ته انسانيت ۾ اهي خوبيون لکل آهن جو جوالا بنجي حيوانيت کي جلائي ڇڏين(12)."

ان کان علاوه ڪن ماڻهن جي اها راءِ هئي ته هيءُ ڪهاڻي اسان جي ماحول مطابق نه آهي پر اها روسي، انقلابي ادب جي تصوير پيش ڪري ٿي. جيتوڻيڪ اسان پڙهيو آهي، ادب ته ادب هوندو آهي نه ڪي روسي، انگريزي يا بنگالي! ادب جو فقط هڪ ئي مقصد هوندو آهي ته ماڻهن کي نه رڳو ان دور جي حالات کان باخبر ڪري پر ايندڙ وقت جي خطرن کان به ڪين آگاهه ڪري. بقول شيخ اياز جي ته:

"ادب سماج جي لاءِ کلي هوا ۽ روشنيءَ جو لنگهه آهي جي اهو اڳواٽ اطلاع نٿو ڏيئي ته سماج کي هي خطرا درپيش آهن، جي اهو نبض شناس نه آهي ۽ ان جي صحت جي باري ۾ اٽڪل جو اظهار ۽ خطري جي نشانڌهي نٿو ڪري ته اهي ادبي ڪتاب فقط پنسارين جي ڪم ايندا ۽ انهن مان پڙيون ٻڌيون وينديون(13)."

'پشو پاشا' به هڪ نئين سوچ، هڪ نئين فڪر، هڪ نئين جدوجهد جو مثال قائم ڪيو آهي ۽ جمال ابڙي جي حقيقت پسندي ان کي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ امر بنائي ڇڏيو. 'پشو' هڪ مضبوط ارادي جو مالڪ هڪ ارڏو ڪردار آهي، جيڪو همت، بهادري، شجاعت، دليري ۽ بي باڪيءَ جو مظهر آهي، جنهن موت قبوليو پر آڻ نه مڃي. سندس ان جذبي سوين هزارين 'پشو' پيدا ڪيا، جن سندس مقصد کي اڳتي وڌايو.

جمال ابڙي جا ڪردار سنڌي افساني ۾ تمثيلي ڪردارن جي حيثيت رکن ٿا. سندس ڪنهن به ڪردار کي جانچي ڏسو پوءِ اهو چاهي پشو هجي يا خميسو سومر هجي يا مريم. سڀني (ڪردارن) کي پنهنجي ماحول مطابق پيش ڪرڻ سندس نمايان خوبي رهي آهي. مثال: پشو هڪ جابلو ڪردار آهي ته سندس ٻولي،

لهجو ۽ اٿي ويهڻي کي به ان انداز سان پيش ڪيو اٿس. سومر جي ڪردار اندر صبر ۽ تحمل جو اهڙو نقشو چٽيل ملندو، پڙهڻ وارو ان جي تحمل کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو.

**پيراڻي:** هن ڪهاڻيءَ ۾ بروهي ماڻهن جي مجبورين سان گڏ ان ماءُ ۽ پيءُ جي درد ۽ پيڙا کي بيان ڪيو اٿس، جيڪي مفلسي، بک ۽ بدحاليءَ کان مجبور ٿي پنهنجا ٻچا وڪڻن ٿا.

**شاهه جو قبر:** هن ۾ مريم جي ڪردار سان گڏ پيرل شاهه جي ڪردار ۽ پيرن جي نفسيات اٿي ويهڻي ۽ روين کي اهڙي نه حقيقت سان بيان ڪيو اٿس جو پڙهڻ واري کي پيرل شاهه جو ڪردار نفرت جوڳو معلوم ٿئي ٿو. هو پنهنجا ڪردار ڪهاڻي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪهاڻي اندر نئون رکي پر هو پنهنجي ڪردارن کي آزاد رکي پڙهڻ واري جي هٿ ۾ انهن جي ڏور رکي ٿو،نه اهي فيصلو ڪن نه اهي ڪيتري قدر پنهنجي ٻولي ۽ ماحول جي ترجماني ڪن ٿا. بقول ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ته:

> ”جمال ابڙو پنهنجا ڪردار سنڌي سماج مان چونڊي ٿو، انهن جي روزمره واري ماحول ۾ زندگيءَ جي منظرن کي سادن پلاٽن ذريعي حقيقت نگاريءَ واري فني خوبين جي مدد سان انهن ڪردارن جي ڏک، درد ۽ پيڙا جا نقش اهڙي نه دل جهوريندڙ آواز ۾ چٽيا آهن جو پڙهندڙ پنهنجي دل جي اکين سان اهي درد ۽ پيڙائون ڏسندي ۽ محسوس ڪندي پنهنجو درد ۽ پيڙائون وساري ويهي ٿو(14).“

هيءَ هو جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي ڪردارن جو مختصر احوال. هاڻي ڏسون نه اهو ڪهڙو فڪر آهي جيڪو جمال ابڙي جي ڪهاڻين کي پڙهندڙن ۾ مقبول ۽ متاثر ڪري ٿو نه هي نتيجا نڪرندا نه انهن ڪهاڻين ۾ سنڌيت گهڻي پاڳي جهلڪندي نظر اچي ٿي. سنڌي ماڻهن جي اٿي ويهڻي ڳالهائڻ (ٻولي) ماحول جي عڪاسي سندس ڪهاڻين جو اهم حصو رهي آهي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ سان ڪيل نا انصافين هر باشعور فرد کي سجاڳ ڪيو ۽ سندس انهي سجاڳيءَ ۾ سنڌي اديب مڙيوئي گوءِ کڻي ويا. هنن (اديبن) سنڌي قوم، سنڌي ٻولي، رسم رواج، تهذيب تمدن جي ٻڏل ٻيڙي کي ڪناري تي آڻي بيهاريو. ان مزاحمتي ادبي تحريڪ جي قافلي ۾ جمال ابڙي جي حيثيت نمايان آهي. پاڻ پنهنجي ڪهاڻين ذريعي ان فڪر جو اظهار ڪري ٿو، مثال: 'پشو پاشا' جنهن ۾ هو وڏيري جي ظلم کي نشانو بنائي پڙهندڙن ۾ هر ظالم قوت کي هڪ گڏيل ڪوشش سان ختم ڪرڻ جو فڪر ڏيئي ٿو.

ڏنو وڃي نه جمال ابڙي جيڪو فڪر پنهنجي خوبصورت جملن، ماحول ۽ ڪردار جي ذريعي ڏنو، اهو ئي فڪر سڌو سنئون بغاوتي انداز سان پڙهندڙن اڳيان پيش ٿيو، جنهن جو سبب اهو آهي جو اسان جا اهي غريب، مزور، پورهيت ۽ هاري ايترا تعليم يافته نه آهن جو اشارن، تشبيهن ۽ علامتن ذريعي سمجهن، ان ڪري جمال ابڙو سڌو سنئون عام فهم ٻوليءَ ۾ مسئلي کي، پوءِ اهو چاهي طبقاتي سماج جو هجي يا قومي جاڳرتا جو مذهبي مسئلو هجي يا سياسي نوعيت جو. پاڻ هر هنڌ واضح لفظن ۾ ان خلاف بغاوت جو آواز بلند ڪندي نظر ايندو.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي مختصر تجزيي کان پوءِ اهو نتيجو نڪري ٿو نه جمال جي ڪهاڻين ۾ اونهي فڪر ڳوڙهي اڀياس جو عڪس نمايان آهي. پاڻ سماج جي جنهن به پهلو کي ڪهاڻيءَ جو ويس ڍڪايو، اهو ان ماحول جي تصوير بنجي ويو. هو ڪردارن کي اهڙي طرح جياري ٿو جو اهي اڳتي هلي تاريخي ڪردار بنجي وڃن ٿا.

ڊاڪٽر قاضي خادم سندس افسانن تي راءِ ڏيندي لکي ٿو نه:

"جمال ابڙي جا افسانا هيئت توڙي مواد جي لحاظ کان مختصر افسانا آهن. هن جي حيثيت همعصر ليکڪن ۾ نهايت مٿانهين آهي. هن جا موضوع هن ڌرتيءَ تي وکريل هزارين موضوعن منجهان آهن. هن جا ڪردار عام سنڌي ڪردار آهن. هن پنهنجي ڪردارن تي جيڪو نفسياتي تجربو ڪيو آهي، سو بي مثال آهي(15)."

جمال ابڙو انصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺل جج هو، ان ڪري سندس ڪهاڻين جا ڪردار عدالت ۾ حالات واقعات کان متعارف ڪرائين ٿا. هو پاڻ ڪوبه فيصلو ڪونه ٿا ڏين پر عدالت کان انصاف جي تقاضا ڪن ٿا. جمال ابڙو پنهنجي ڪردارن کي صفائي پيش ڪرڻ جو ڀرپور موقعو ڏيئي ٿو ۽ فيصلو پاڻ نٿو ڪري پر پڙهندڙن تي ڇڏي ٿو ته اهي انصاف ڪن.

شمس الدين عرساڻي سندس ڪهاڻين بابت لکي ٿو ته:

"جمال ابڙو سنگين حقيقتن، ڪرخت واقعن ۽ ڪريهه منظرن کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بنائي ٿو. هو پنهنجي ڪردارن جي اندر کي چڱي طرح ٽٽولي ٿو، سندس اکيون من ۾ متل مانڌاڻ به ڏسن ٿيون ۽ ان کان سواءِ ڏاڍ ڌڪاڌ جي لڪل قوتن کي به تاڙي وٺن ٿيون. سنڌي ماحول جا عام واقعا سر زمين سنڌ تي هنتين ماڳين پکڙيل آهن. ان ماحول تي جمال ابڙو قبضو ڪري انهن کي پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع بنائي ٿو(16)."

## حوالا


(1) ابڙو جمال، "آءٌ به جاڳي پوندس"، سهيڙيندڙ: بدر ابڙو، ص 10، ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
(2) حوالو ساڳيو، ص 675
(3) حوالو ساڳيو، ص 672
(4) ابڙو جمال، ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت، ص 35، ڇپائيندڙ: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، سال 1992ع
(5) حوالو ساڳيو، ص
(6) سليم آغا، جمال ابڙي جا ڪرداري افسانا، ماهوار نئين زندگي، ص 58، مارچ 1963ع
(7) ابڙو جمال، ڪهاڻيون، مضمون، شخصيت، ص 101، ڇپائيندڙ: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 1992ع
(8) مغل غلام نبي، سهڻي نسيم کرل نمبر، سال 1974ع
(9) ابڙو جمال، "آءٌ به جاڳي پوندس"، سهيڙيندڙ: بدر ابڙو، ص 227، ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
(10) ابڙو جمال، ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت، ص 185، ڇپائيندڙ: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، سال 1992ع
(11) حوالو ساڳيو
(12) حوالو ساڳيو، ص 196
(13) ماهوار "سهڻي شيخ اياز نمبر"، ص 41
(14) الانا غلام علي ڊاڪٽر، "جمال ابڙو- سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪ نمائندو ڪهاڻيڪار، ص 15 ڪينجهر تحقيقي جرنل-II،
(15) قاضي خادم، ڊاڪٽر، " ادب ۽ روايتون، سنڌي مختصر ڪهاڻي جي اوسر"، ص ، ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سنڌ، سال 1992ع
(16) ابڙو جمال، "آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر"، ص 369، ڇپائيندڙ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سال 1974ع

جي لحاظ سان بنيادي نوعيت جا آهن. مرزا نادر بيگ پنهنجي ذاتي زندگيءَ کان وٺي، ويندي پنهنجي ڪهاڻين تائين، پنهنجي دور جي مروج سماجي، ثقافتي ۽ ادبي معيارن ۽ روايتن کان بغاوت ڪئي. ان جا ڪجهه مثال ئي ڪافي آهن: هن جو تعلق هڪ اهڙي خاندان سان هو، جيڪو سماجي ۽ ثقافتي طرح پنهنجن روايتن جو سخت پابند هو، پر مرزا نادر بيگ پهرين بغاوت پنهنجي گهر کان ڪئي. هن پنهنجي پريميڪا گريسيءَ سان بغاوت اسان کي هن جي ڪهاڻين ۾ به نظر اچي ٿي. هن جي ڪهاڻي "انقلاب" ان جو هڪ چٽو مثال آهي.

(ت) مرزا نادر بيگ ذهني طرح تنگ نظري ۽ هر قسم جي تعصب کان پاڪ، هڪ آزاد خيال ۽ انساني قدرن ۾ ويساهه رکندڙ شخص هو. چئي سگهجي ٿو ته اها خوبي ڪيس پنهنجي والد مرزا قليچ بيگ کان ورثي ۾ ملي هئي. پر پوءِ به ان جو ڪريڊٽ ڏانهس ئي ويندو. اها ئي خوبي اسان کي هن جي ڪهاڻين ۾ به نظر ايندي. اهو دور سياسي ۽ سماجي طرح ڏاڍو حساس هو. سڄي هندستان ۾ هڪ طرف انگريزن خلاف آزاديءَ جي تحريڪ جو چوٻول پيدا ٿي رهيو هو، ته ساڳي وقت هندستان اندر سياسي طرح هندو ۽ مسلم مفاد پاڻ ۾ ٽڪرائجي رهيا هئا. ان دور ۾ هندن ۽ مسلمانن کي فقط سياسي مفادن خاطر مذهب جي بنياد تي ورهايو پئي ويو، ۽ ان دور ۾ اڪثر هندو ليکڪ مسلمانن کي ڇٽ ڪري لکندا هئا، ته ساڳي وقت مسلمان ليکڪ هندن کي نيچ ڪري ڏيکاريندا هئا. پر مرزا نادر بيگ، جيڪو هڪ انسان دوست ۽ آزاد خيال (Theosophist) هو. ان وڏي هوشياريءَ سان پنهنجين ڪهاڻين جي ذريعي ان مذهبي فرق کي ثانوي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي.

(ج) مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻين جي هڪ خاص خوبي منجهن رومانويت آهي. مرزا نادر بيگ هڪ اهل دل ماڻهو هو. پيار ۽ محبت هن جي اڪثر ڪهاڻين جا خاص موضوع آهن. پيار جو هن وٽ فقط جسماني ۽ رسمي تصور ناهي. هو پيار کي هڪ روحاني تشنگي، پاڻ ارپيندڙ جذبو ۽ هر قسم جي طمع کان بي نياز، لطيف احساس سمجهي ٿو. "موهني" هن جي پريم ڪهاڻين جو خاص ڪردار آهي. رڳو موهنيءَ جي نالي سان ئي هن جون ست ڪهاڻيون ۽ هڪ ايڪانڪي ڊرامو شامل آهي. مرزا نادر بيگ جي زندگيءَ ۾ موهني نالي ڪنهن ڪردار جي تصديق، سندس ڏيءُ شيرين فيروز نانا پڻ ڪئي آهي."

مرزا نادر بيگ جون ڪهاڻيون ۽ ڊراما هيٺ ڏجن ٿا.

ڪهاڻيون:1- موهني 2- موهنيءَ جي آهه 3- موهنيءَ جي ڊائري 4- موهنيءَ جي دل جو داغ 5- منهنجي خوش قسمتي 6- معشوق موهني 7- موهنيءَ جو گهر 8- موهنيءَ جي فتح 9- ڏني مڪياري 10- مس ملابلين 11- مس رستمجي 12- عينڪ جو آواز 13- ملهُ جي محبت 14- ملهُ جو قهر 15- ياجلئيءَ جي مضمون نويسي 16- ياجلئيءَ جي اڳ 17- انقلاب (خط) 18- محبت جو معجزو 19- پاڪ محبت 20- بيگم جو خواب 21- اسان جي دعا. ايڪانڪي ڊرامو: "موهنيءَ جي غلطي(5).

جيڪڏهن اسان مرزا نادر بيگ جي سمورن ڪهاڻين تي تبصرو ڪيون ها ته ڏار ڪتاب نه ته ڏار هڪ باب ضرور بڻجي وڃي ها. ان ڪري مرزا نادر بيگ جي افسانن تي تبصرو به مختصر ڪيو.

**آسانند مامتو راءِ**

آسانند مامتو راءِ جنسي مسئلن جي منو وگيانڪ (نفسياتي) چنڊ ڇاڻ ڪندو هو. سندس پهرين ببيلڪ سماجڪ ڪهاڻي "هيءُ پريم" 1932ع ۾ "سنتو" مخزن ۾ شايع ٿي هئي. مٿيون خوبيون سندس مجموعي "جيوت پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون" مان ظاهر آهن، جو "ڪهاڻي ساهت منڊل" 1939ع ۾ ڇپايو هو. ان مان مکيه آکاڻيون هيون: "ڳنوارڻ" عرف "ڪڪي" جا من- ڇيد وارين ڪهاڻين ۾ شاهڪار مڃي وڃي ٿي، ۽ ٻي "وڏيرو رمضان." مامتوراءِ صاحب جي ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب "آرسي ۽ ٻيون آکاڻيون" "آشا ساهت منڊل" 1943ع ۾ ڇپايو هو. جنهن مان "جا آگيا" خاص سٺي هئي. مامتو راءِ به امر لعل وانگر لعل چند امر ڏني مل جي اثر هيٺ آيو هو، پر سندس عبارت استاد جي اصطلاحي عبارت کان نرالي، سنسڪرت ۽ فارسيءَ جي ميلاپ واري ۽ ڳوري هئي(6).

## عثمان علي انصاري

منگهارام ملڪاڻي ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ۾ لکي ٿو ته عثمان علي انصاريءَ جديد ڪهاڻي نويسيءَ جو هنر پرايو، ۽ 1937ع ۾ ڳوٺاڻي مسلم زندگيءَ تي ٻڌل پنجن عمدن ۽ نازڪ خياليءَ سان پرُيل آکاڻين جو ڪتاب ڇپرايو، جنهن جو عنوان رکيائين ”پنج“، جنهن مان ”ململ جو چولو“ ۽ ”مقام“ داد لائق هيون(10). باقي ٽي افسانا هي آهن: 3- بخيل 4- عجيب نسخو 5- نيلوفر سلطانه. پهريان چار افسانا سماجي مسئلن سان واسطو رکن ٿا، ۽ پويون تاريخي افسانو آهي.

”ململ جو چولو“ جو پلاٽ انوکو ۽ انداز بيان اثرائتو آهي. ڪهاڻي هن ريت آهي:

انور جي شادي زبيده سان ٿي، پر منجهن محبت پيدا ٿي نه سگهي. آخرڪار، زبيده مڙس جي گهر مان نڪري وڃي پنهنجي پيءُ وٽ رهڻ لڳي. انور جي دوستن ڪوشش ڪئي ته هو زبيده کي وري پنهنجي گهر وٺي اچن، پر انور اها ڳالهه قبول نه ڪئي. زبيده اندر ئي اندر ڳرندي رهي، ۽ سندس صحت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وئي. ناداريءَ جي ڪري، سندس حالت اڃا به ابتر ٿي وئي، ۽ هوءَ بستري تان اٿڻ جهڙي به نه رهي هئي. هوڏانهن انور ٻي شادي ڪري ڇڏي هئي. جيتوڻيڪ زبيده کيس گهڻيون ئي منٿون ڪيون، پر هو نه مڙيو. زبيده پنهنجي پورهئي مان بچايل پئسن مان ململ جو ڪپڙو خريد ڪري، چولو بنائي انور کي تحفو ڪري موڪليو. انور جي نئين زال ان ڳالهه تي ايتري قدر ته ناراض ٿي، جو انور نيٺ اهو چولو ٻاهه ۾ ساڙي پيرن سان لتاڙي ڇڏيو. انهيءَ ڏينهن ئي کيس اطلاع مليو ته زبيده مري وئي. زبيده جي مرڻ کان پنج سال پوءِ، اوچتو ئي اوچتو، انور جي پيرن ۾ سوزش پيدا ٿي. هن گهڻائي علاج ڪرايا، پر فائدو ڪونه ٿيو ۽ سندس حالت خراب ٿيندي وئي، آخر انهيءَ ساڳيءَ تاريخ تي، جنهن تاريخ تي هن زبيده جو چولو پيرن سان لتاڙيو هو انور وفات ڪري ويو(11).

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، عثمان علي انصاريءَ جي افساني ”ململ جو چولو“ تي تبصرو ڪندي چوي ٿو ته ”ململ جو چولو“ هڪ باوفا عورت جي هڪ انتهائي رقت آميز ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ محبت ۽ بي لوث رفاقت به هڪ جرمِ وفا بڻجي وڃي ٿي. هڪ وفادار عورت تي بي گناهه پنهنجي شوهر جو قهر نازل ٿئي ٿو ۽ ساڻس هر طرح جي سنگدل ۽ بي التفاتي (بي حسي) اختيار ڪئي وڃي ٿي. هو هر قسم جا شب و ستم ۽ جور وجفا خاموشيءَ سان سهندي، سيئي سور دل ۾ سانڍيندي رهي ٿي ۽ آخر تائين به لبن تي ڪا به شڪوه شڪايت نه ٿي آڻي. ليڪن قدرت نيٺ پنهنجو ڪم ڪري ٿي ۽ سندس خاوند کان سنگدليءَ جو انتقام وٺي ٿي.

عثمان علي انصاريءَ جو افسانو ”نيلوفر“ هڪ تاريخي افسانو آهي. ان جو اختصار هن ريت آهي:

شهزادي نيلوفر، ترڪيءَ جي مشهور سلطان مراد جي ڌيءُ هئي. جهڙي صورت سهڻي هيس، تهڙي ئي سيرت هيس. سلطان مراد جي ساڻس ڏاڍي دل هوندي هيس. سلطان يورپ تي قابض ٿيندو پئي ويو ۽ سندس مقابلي ۾ سڄي يورپ جون فوجون هيون. ان وقت، جڏهن سڄي بلقان جون فوجون ڊينيوب جي ڪناري تي سلطان جي مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺيون هيون، سلطان جي پياري ڌيءُ نيلوفر بيمار ٿي پئي. سلطان هن کان اڳ يورپ جي فوجن سان مقابلا ڪري چڪو هو ۽ کيس انهن جي ڪا به پرواهه ڪانه هئي، پر نيلوفر جي بيماريءَ کيس مايوس ڪري وڌو. سلطان بهرحال جنگ جي ميدان ۾ پهچي ويو. لڙائي جي دوران کيس نيلوفر جو ڪو به خط وغيره نه پهتو، ان ڪري سندس ڳڻتيءَ ۾ اضافو ٿي ويو. پويان شهزاديءَ جي طبيعت سڌرڻ لڳي، ته هن سلطان سان جنگ جي ميدان ۾ وڃي ملاقات ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريو. منع ڪرڻ جي باوجود به باز نه آئي، ۽ اوڏانهن رواني ٿي. سلطان ڏانهن ويندي، اتفاقاً، شهزادي دشمنن جي هٿن ۾ گرفتار ٿي پئي. کيس گرفتار ڪندڙ فوجي سردار، هن خوبصورت شهزاديءَ کي هميشه لاءِ پاڻ وٽ رکڻ جو خيال ڪيو. ليڪن فوج جي ڪمانڊر کيس هن شرط تي نيلوفر ڏيڻي ڪئي ته هو سلطان مراد کي قتل ڪري. فوجي سردار جنهن جو نالو ”پراگو“ هو، نيلوفر کان هڪ خط وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ ان سان کيس سلطان مراد سان ملڻ ۾ ڪا به تڪليف ڪانه ٿي. ملاقات وقت، وجهه وٺي، هن سلطان کي سيني ۾ خنجر وهائي ڪڍيو، جنهن ڪري هو زخمي ٿي پيو. اهڙي

حالت ۾ ٻه هو ٻارهن ڪلاڪ سانده لڙائي ڪندو رهيو. آخرڪار مخالف بادشاهه ۽ ڪمانڊر ٻئي گرفتار ٿيا، ۽ سلطان فوت ٿي ويو. هوڏانهن نيلوفر کي جڏهن پنهنجي پيءُ جي موت جي خبر پيئي، تڏهن پراڳو سان دوبدو مقابلو ڪيائين، جنهن ۾ پراڳو مارجي ويو. نيلوفر پيءُ جي موت ڪانپوءِ زندگيءَ مان تنگ ٿي پئي هئي، سو نيٺ پاڻ کي به ماري ڇڏيائين(12).

## مخدوم محمد صالح ڀٽي

مخدوم محمد صالح ڀٽي هالائي به ورهاڱي کان اڳ جي افسانا نگارن ۾ شمار ٿئي ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب "چونڊ سنڌي افسانا" ۾ حسام الدين راشدي، عثمان علي انصاريءَ سان گڏ محمد صالح ڀٽيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. سن يا تاريخ ته ڪونه لکي اٿائين باقي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته 1928ع کان 1940ع تائين جو دور ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ مخدوم محمد صالح ڀٽيءَ افسانا لکيا آهن. سنڌس افسانن جو جيڪو ڪتاب "واندڪائيءَ جي وندر" موجود آهي، ان ۾ تازو سن 1995ع (نئين ڇاپي جو ٻهريون ايڊيشن) لکيل آهي. "حسرت ناڪ زندگي ۽ مرڪ جو معجزو" هن ڪتاب جو افسانو آهي. ان افساني ۾ 25 ڊسمبر 1945ع جو سال لکيل آهي. باقي اهو پتو ناهي ته ورهاڱي کان اڳ اهو ڪتابي صورت ۾ ڇپيو هو يا افسانا ڌار ڌار ڇپيا هئا. مخدوم محمد صالح ڀٽي پنهنجي ڪتاب "واندڪائيءَ جي وندر" بابت لکي ٿو ته "هيءُ ڪتاب جنهن مقصد سان لکيو ويو آهي سو ان جي نالي مان ئي ظاهر آهي. داستان امير حمزه، الف ليليٰ، حاتم طائي، گل بڪاولي، چار درويش، ممتاز ۽ دمساز وغيره به ساڳيو ئي غرض پورو ڪري سگهن ٿا. پر اهي ضخيم ڪتاب ٿوري فرصت وارن لاءِ موزون نه سمجهي هيءُ ننڍڙو تحفو پيش ڪيو وڃي ٿو."

مخدوم محمد صالح ڀٽيءَ کي ادبي ڪتابن ۾ بالڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ائين نظر انداز ڪنداسين ته پوءِ ته جهونن ڪتابن جا نشان مٽجي ويندا. سو اها ننڍڙي ڪوشش حاضر آهي. اهڙو ڪتاب جنهن جو ڪنهن به ذڪر (سواءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي "چونڊ سنڌي افسانا" جي) نه ڪيو آهي ۽ نه ئي سنڌس ڪو افسانو تبصري هيٺ آيو آهي. منگهارام ملڪاڻي (سنڌي نثر جي تاريخ)، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (سنڌي ادب جو تاريخي جائزو)، محمد اسماعيل عرساڻي (چار مقالا)، ميمڻ رانجهن خان (سنڌي افسانو "آزادي کان اڳ") به پنهنجن ڪتابن ۾ ذڪر نه ڪيو آهي. اچو ته هن ڪتاب جي هڪ افساني "بيڪاريءَ جا گل" ڏانهن هلون:

هن افساني ۾ هڪ بيروزگار ۽ شادي شده نوجوان جي ڪٿا بيان ٿيل آهي جيڪو نوڪريءَ لاءِ ڏاڍو پريشان رهي ٿو. روزانو ڪنهن نه ڪنهن آفيس جو چڪر ڏيندو آهي ته من ڪا جاءِ خالي هجي. نيٺ هڪ آفيس ۾ اميد جو ڪرڻو ڏسڻ ۾ ايندو اٿس. روزانو ان آفيس ڏانهن ويندو آهي جنهن ۾ اهو ڪراڙو منشي ديوٽي ڪندي ڏسڻ ۾ ايندو اٿس. ان Post لاءِ خواب ڏسندو آهي ۽ اندازا لڳائيندو آهي ته جهونو اڄ نه ته سڀاڻي هيءَ دنيا ضرور ڇڏيندو ۽ اها جاءِ خالي ٿيندي ته مان Apply ڪندس ته نوڪري ملي ويندي. هيءُ افسانو ڏاڍو دلچسپ آهي. اسان کي ان دور (جنهن ۾ سنڌي افسانو پنهنجون شروعاتي وکون کڻي رهيو هو) وارين حالتن کي به مدِ نظر رکڻو آهي جن حالتن ۾ افسانو لکڻ وڏي غنيمت سمجهيو ويندو هو. سو اچون ٿا وري افساني ڏانهن. "سو اهو نوجوان هڪ ڏينهن آفيس ويو ته ان ڪراڙي منشيءَ کي نه ڏٺائين، ڏاڍو خوش ٿيو. جاچ ڪيائين ته جيئن ان ڪراڙي جو ڏس پتو مليس ته هو آفيس ڇو ڪونه آيو آهي. آفيس ۾ پڇا ڪندي، اتفاق سان ڪراڙي منشيءَ جو نياڻو ملي ويس. جنهن چيس ته منهنجو سهرو منشي بيمار آهي، تون جو هن جي پڇا ڪرين ٿو سو مان گهر ڏانهن وڃان ٿو، تون به هلي ان کان طبيعت پڇ. هيءُ اچي ڦاٿو ۽ سوچن ۾ پئجي ويو ته جند ڪيئن آجي ڪرايان، ڪراڙو منشي مون کي سڃاڻي به ڪونه. هوڏانهن وري هيءُ سنڌس نياڻو ٻڌائيندس ته هيءُ نوجوان روزانو تنهنجي لاءِ آفيس ۾ ايندو آهي ته مان ڪهڙو جواب ڏيندو مانس. نيٺ ڪراڙي جو نياڻو ان بيروزگار نوجوان کي وٺي گهر ڏانهن هلڻ لڳي ٿو ته هنن اڳيان هڪ نوجوان تيز ڀوڙندو گذري ويو. بيروزگار نوجوان ڪراڙي

منشيءَ جي نياڻي کي چيو، ڏس ته سهي هاڻي مون کي سجاڻي ٿي ڪونه ٿو، ته سائس گڏ هلندڙ نياڻي پڇيس ته ڇا تون هن کي سڃاڻين؟ اڃو ته ڪهاڻيءَ اندر جهاتي پايون ته ان بيروزگار نوجوان جون ان وقت ڪيفيتون ڪهڙيون هيون.........؟

”چونه؟ ڇهن مهينن کان سندس ڳولا ۾ زمين آسمان هڪ ڪري وڌا اٿم. منهنجي سوني واچ ڪٽي ائين ته گم ٿي ويو جو ڄڻ ته ڄائو ئي ڪو نه هو ...... ۽ ٿورو تڪڙو وڏي چيو مانس ته، يار معاف ڪجو. وجهه وڃائڻ چڱو ناهي، وري ڪنهن ٻئي وقت ملنداسين. ائين چئي پنهنجي فرضي چور پٺيان اڙي يار، اڙي يار، چوندو ڊوڙڻ لڳس؛ پر پنهنجي رفيق کان جند نه ڇٽيم، ۽ هو بنا ٽڪيٽ مفت تماشو ڏسڻ لاءِ منهنجي پٺيان وڪون وڌائيندو وڌائيندو ايندو رهيو. منهنجن سڏن ۽ ڪوڪن نيٺ به اثر ڪيو، ۽ هو باد رفتار شخص ڪجهه ڍرو ٿي، مڙي مون ڏانهن نهارڻ لڳو، ۽ هٿ سان اشارو ڪيو مانس ته بيهي رهيو. پوءِ ته پنهنجي پٺيان ايندڙ رفيق ڏي، (جيڪو سائس نياڻو، (ڪراڙي جو) گڏ هيس، اشارو ڪري ڏاڍي پريشانيءَ سان چيو مانس ته: هن وٽ ٻه گولو آهي. خدا جي نالي بچائينم. بس، منهنجو ايترو چوڻ ۽ سندس ريس هارس جيان پير مٽي تي رکي واءُ ٿي وڃڻ؛ ۽ آنءُ به پٺيانئس ائين ڊوڙڻ لڳس جو ڄڻ سندس پيڇو ڪري رهيو هئس. ٻن اڍائي فرلانگن بعد ڏسان ته نه منهنجي رفيق جو پوئتان پتو آهي، ۽ نه فرضي چور جو اڳيان(13).“

افساني ۾ وڏيڪ هيئن ٿيو جو هڪ پيري اهو بيروزگار نوجوان ڪراڙي جي گهر جي ٻاهران روئڻ ۽ پٽڻ جو آواز ٻڌي ٿو. هن کي پڪ ٿئي ٿي ته هاڻي ڪراڙو مري ويو. نوڪري منهنجي پڪي آهي. ڇا ڪيائين جو ڪاغذ پٽ، سرٽيفڪيٽ کڻي، درخواست لکي سڌو آفيس آيو ۽ آفيس جي صاحب کي چيائين ته سائين هاڻي منشي مري ويو آهي، هاڻي ئي مان هن کي ڏسي پيو اچان. پوءِ ته صاحب سوڌو آفيس جي عملي مٿان ڏک جي لهر ڊوڙي وئي. صاحب چيو ته ماٺهو ڀلو هو اسان کي موڪل ڪرڻي پوندي. ايتري ۾ ڇا ٿيو؟ اچو ته وري ڪهاڻيءَ ڏانهن هلون:

”ٿورڙي ئي دير بعد چڪ هٽي، ۽ مرحوم منشيءَ جو ناٺي اندر لنگهي آيو. ڪيس ڏسي ٿورو ڇرڪ ڀري، ڪيسي مان رومال ڪڍي، پيشاني سڪائڻ لڳس. هو اڃان وينو ئي مس، ته چڪ مٿي ڪري اهو شخص اندر گهڙي آيو، جنهن کي ڏسي ”هان“ چئي بي اختيار ڪرسيءَ تي ڦان ٿي ڪري پيس. هاءِ نصيب! هيءُ ته ساڳيو پوڙهيو منشي هو جنهن کي مئل سمجهيون وينو هئس(14).“

افسانو پڙهندي توهان کي ڪٿي به بوريت محسوس نه ٿيندي. سندس ٻيا به افسانا آهن. جيئن: عاقبت باالخير، حسرتناڪ زندگي ۽ مرڪ جو معجزو، ڪامل اطمينان ڪٿي؟، حلوي کائڻ لاءِ مهانبو گهرجي. هن افساني جي ڪتاب ”وانڪائيءَ جي ونڊر“ جي ٻئي ڀاڱي ادبي نقطا ۾ هيٺيان موضوع اٿس: ماءُ جي دل، غلط آرزو، قسمت، ماءُ جو منهن، شريف ۽ شرير ڇوڪر، وقت جي پابندي، خوابگاهه، پويان لفظ، التجا، بيوهه جو فرياد. مان محمد صالح ڀٽيءَ جي هڪ افساني تي مختصر تبصرو ڪيو آهي جيڪڏهن ٻين تي ڪريان ها ته هوند هيءُ به ڏار باب ٺهجي وڃي ها.

**شيخ اياز**

اياز جي ڪهاڻين جي مطالعي وقت ان دور جي ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان ورهاڱي تائين، سنڌ ۾ هندستان جي سياسي، سماجي ۽ فڪري حالتن جو جائزو وٺڻ انتهائي ضروري آهي. خاص ڪري جو هڪ طرف 1919ع واري روسي پرولتاري انقلاب ۽ پهرين جنگِ عظيم جا اثرات هن علائقي تي فڪري توڙي جسماني طرح تمام گهرا پيا هئا. ترقي پسند تحريڪ پنهنجا قدم ڄمائي ورتا هئا ۽ نوجوانن لاءِ ان ۾ تمام وڏي ڪشش هئي. روايت کان بغاوت جو دور جاري هو ته ٻئي طرف هندستان ۾ انگريزن جا پويان پساهه هئا. آزاديءَ جي تحريڪ ورهاڱي جي صورت اختيار ڪري رهي هئي. هن خطي ۾ رهندڙ انسانن جا مذهب جي بنياد تي فرقا ٺهجي ورهائجي چڪا هئا. دلين ۾ ڦوٽ پئجي رهي هئي ۽ جسماني عليحدگيءَ جا آثار به ظاهر ٿي چڪا هئا(15). بقول شيخ اياز جي، سنڌي اديب ۽ شاعر، ساهتڪار ۽ ڪلاڪار ڄڻ ته غير سنڌي آهن. هو سنڌي

ڏيندو نظر اچي ٿو. هڪ طرف هو انقلابي آهي، باغي آهي ته ٻئي طرف هو حساس انسان، هو انسان جي جسم نه پر هن جي روح ۾ نهاري ٿو (20).“

شيخ اياز جي ڪهاڻي ”ڪلٽي“ تي راءِ ڏيندي منگهارام ملڪاڻي چوي ٿو ته ”هيءَ هڪ نهايت نفيس سيرت نگاريءَ جي آکاڻي هئي ۽ سنڌ ۾ نڪتل اصلوڪين ڪهاڻين مان آخري شاهڪار هئي (21).“ اچو ته ”ڪلٽي“ ڪهاڻيءَ جو دروازو کڙڪايون:

”هوءَ هميشه کلندي هئي ۽ سندس کل ۾ ڄڻ سڄي دنيا جي سنگيت سمائجي ويندي هئي. سندس ٽهڪ ۾ ڄڻ معصوميت ۽ شرارت هٿ ۾ هٿ ڏئي، نچنديون غائب ٿي وينديون هيون.“ اچو ته وري ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ڏانهن هلون:

”اڄ شايد پهريون ڀيرو هو، جو ٽهڪ ۽ لڙڪ دوستي ڇني جدا ٿيا هئا. زندگي کل جو سهارو وٺي نه سگهي هئي ۽ ڳوڙها ان تي قابو پائي ويا هئا. خوشي غم کي چميون ڏئي الوداع ڪئي هئي (22).“

اياز جي ڪهاڻي ”شانتا“ تي ستار پيرزادو تبصرو ڪندي چوي ٿو ته ”شانتا“ حقيقت ۾ هڪ وئشيا جي ڪهاڻي آهي. وئشيا هن مهذب سماج جي ناسورن مان هڪ ناسور آهي. معاشري جي اڻ برابري ۽ انياءَ جو هڪ جيئرو جاڳندو مثال آهي. هيءُ معاشرو ڪيترو به ڪٿي مهذب سڏائي پر هو پاڻ وئشيا کي ڪڏهن به جوڳي جاءِ ڏئي نه سگهيو آهي. هن کي ڪڏهن به عزت جي نظر سان ڏسڻ لاءِ تيار ناهي. چالاڪ جو هيءُ معاشرو مردن جو معاشرو آهي، هو عورت کي مجبور ڪري ۽ وئشيا بڻائي ٿو ۽ پوءِ پاڻ کان نفرت ڪرڻ بجاءِ ان عورت سان نفرت ڪرڻ لڳي ٿو. جنهن کي ڪالهه هن پاڻ ڪي، اهڙيون حالتون پيدا ڪري، ان جاءِ تي پهچايو هو (23).“

شيخ اياز جي ڪهاڻي ”رفيق“ تي تبصرو ڪندي ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي چوي ٿو ته:

”ان وقت جا ذهني رجحان ۽ تحريڪون سڀئي شيخ اياز جي ڪهاڻين ۾ نمايان طور نظر اچن ٿا. مثال طور سندس هڪ ڪهاڻي، ”رفيق“ ۾ مزدورن جي اتحاد جو ذڪر آهي ۽ خود رفيق جو لفظ ڪامريڊ طور استعمال ڪيو ويو آهي. هندو مسلم اتحاد جو خاڪو به ان ۾ ڏسجي ٿو، جنهن جو نهايت ئي بيباڪ ۽ جرئتمندانه اظهار ڪيل آهي. ازانسواءِ سنڌي قوميت جي به هڪ موهوم شڪل ان ۾ نظر اچي ٿي(24).“

شيخ اياز جون مڪمل ڪهاڻيون هيٺ ڏجن ٿيون:

1- شانتا 2- رفيق 3- ڪلٽي 4 - ڪارو رنگ 5- سهڻي سير ۾ 6- نوران 7- پهريون ۽ پويون خط 8- پروڇڪي رت 9- هڪ شمع ٻه پروانا 10- هي هاري 11- جي تند برابر توريان 12- چار ايڪڙ ٻني 13- رولو 14- شرابي 15- نظيران 16- سفيد وحشي 17- واڄ جا ڪانٽا 18- پاڙيسري 19- هي شاعر 20- مسافر مڪراني 21- پنهل ڪانپوءِ 22- مشير نامو 23- موٽي آءُ 24- اسان جي سنڌ (25).

## 1940ع کان ورهاڱي تائين (1947ع) جو دور

بقول شمس الدين عرساڻيءَ جي، ”1940ع کان وٺي ورهاڱي تائين ڪهاڻين جو ٽيون ۽ انگريزي راڄ جو آخرين دور آهي. هيءُ سڄو زمانو هنگامن سان پريو پيو هيو. گانڌيءَ جي ڪئٽ انڊيا ۽ ترڪ موالات جي هلچل ۾ جتي ڪٿي سول نافرماني ٿي رهي هئي ۽ هر هنڌ زندگي مفلوج بڻجي وئي هئي. ازانسواءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهريون ڀيرو سوشلسٽ تحريڪون منظر ٽيڻ لڳيون، جيڪي روس جي ڪميونسٽ انقلاب کي پنهنجو نشانبر بنائي ڪم ڪرڻ لڳيون. ان ڪري سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ پورهيتن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي. هتي به سنڌ سماجوادي پارٽي ۽ هاري پارٽي وجود ۾ آيون ۽ ڪن هنڌن تي پهريون ڀيرو زميندارن ۽ هارين جي وچ ۾ تصادم جا واقعات رونما ٿيا.“

هتي هڪ وضاحت ڪرڻ گهران ٿو ته اسان جي سنڌي افسانن ۽ شاعريءَ تي جتي گانڌيءَ جي تحريڪ، روس جي ڪميونسٽ تحريڪ جا اثر پيا آهن ته ڇا اتي اسان

جي محققن سنڌ جي اندر هلندڙ تحريڪن جو ذڪر نه ڪيو. ڇا خارجي اثر ئي ڪنهن به تبديليءَ جا محرڪ اڪيلي سر هوندا آهن؟ ڇا روس ۾ تبديلي آئي، ڇا ٻي مهاڀاري لڙائي ڇڙي وئي، ڇا گانڌيءَ تحريڪ هلائي. انهن تحريڪن جا اثر ڇا اڪيلي سر سبب بڻيا؟ ڇا اسان جي سنڌ اندر ڪوبه مانڌاڻ متل نه هو. ڇا سنڌ اندر ڪا به تحريڪ / تنظيم ڪونه هئي / ڪونه هيون جيڪي داخلي طور تي سنڌ جي شعور کي تبديليءَ جي ڏس ڏانهن ڪٺي تي ويون؟ ڇا رڳو اڪيلي سر ٻاهرين ملڪن جا اثر اسان جي سنڌي ادب تي پيا ته هن پنهنجي شاعري يا افساني ۾ جيئن جو تيئن آندا؟ ڇا داخلي طور تي سنڌي افساني يا شاعريءَ تي سنڌ جي تحريڪ پنهنجا اثر نه ڇڏيا؟ اهو ڪيئن ممڪن آهي جو ڪو به سماج داخلي طور تي تبديليءَ جو سبب بڻجي؟ حيدر بخش جتوئي، جي.ايم.سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جون سنڌ هاري پارٽيءَ لاءِ ڪيل خدمتون، ڇا سنڌ کي ڪنهن به تبديليءَ ۾ ڪردار ادا نه ڪيو؟ ڇا سورهيه بادشاهه شهيد صبغت الله راشديءَ جي ”ڪفن يا وطن“ واري هلايل تحريڪ، سنڌ کي داخلي طور تي اهڙو ماحول فراهم نه ڪيو جو هيءَ تحريڪ به داخلي طور تي، سنڌ جي شعور کي ڪنهن به تبديليءَ ڏانهن ويندڙ واٽ ۾ مددگار نه بڻي؟ مان سمجهان ٿو ته اهو ممڪن ئي ناهي ته اسان جي ادب تي ”داخلي اثر“ (سنڌ هاري پارٽي، جي.ايم.سيد ۽ سنڌس ساٿي ۽ شهيد صبغت الله راشديءَ جون تحريڪون) اثر انداز ئي نه ٿيا هجن ۽ اهو خارجي (ٻين ملڪن ۾ ٿيندڙ تبديليون) اثر ڪري ئي اثر قبول ڪري جيستائين اندر منجهه آنڌ مانڌ متل نه هوندي جيستائين پنهنجو اندر ايذائن / تڪليفن جي ساگر ۾ ٻڏل نه هوندو جيستائين پنهنجي سماج ۾ ناانصافيءَ جو راڪاس لامارا ڏيندو نه هوندو تيستائين اهو سماج اڪيلي طور تي، خارجي اثرن ڪري تبديليءَ جو محرڪ بڻجي، ممڪن ئي ناهي.

مان وري موٽ ڪاوان ٿو ان راءِ ڏانهن ته اسان جي محققن جتي افساني يا شاعريءَ ۾ ”باغيانا خيال يا انقلابي خيال“ داخل ڪيا تن جو ڪارڻ خارجي تبديلين جا اثر ڄاڻايو آهي. اهو درست به آهي پر داخلي اثر ڪجهه حد تائين نظر انداز ڪن ٿا، اهو درست ناهي. مثال طور: ادريس جتوئي پنهنجي ڪتاب ”جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي“ ۾ 1936ع ۾ ترقي پسند تحريڪ جو ذڪر ڪري ٿو ته ان جي شروعات لکنؤ کان ٿي. ”انجمن ترقي پسند مصنفين“ جي ڪانفرنس جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته سنڌي زبان به ان تحريڪ جو اثر قبول ڪري ٿي. ته اتي سنڌ جي ڪلاسيڪي ۽ صوفي شاعرن جو به ذڪر ڪري ٿو ته انهن ملائيت، بنياد پرستيءَ ۽ جاگيرداريءَ جي خلاف جيڪا شاعريءَ ۾ مزاحمت ڪئي، ان مزاحمت به سنڌي ادب تي گهرا اثر ڇڏيا(26).
اهو به درست آهي پر سنڌ اندر مزاحمتي تحريڪن جو ادريس جتوئي به ذڪر نه ٿو ڪري. منگهارام ملڪاڻي صاحب به پنهنجي ڪتاب ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ۾ سنڌ جي اندر مزاحمتي تحريڪن (سنڌ هاري پارٽي، ”وطن يا ڪفن“ واري نعري واري تحريڪ) جو ذڪر نه ٿو ڪري. نصير مرزا پنهنجي ڪتاب ”نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون“ ۾ لکي ٿو ته ”ٽئين ڏهي (ويهين صدي) ۾ ماڻهو پنهنجي جوڙ ۾ هئا. ننڍي کنڊ جي قومن وچ ۾ ڪلچر ۽ ثقافت جو ڪو ڪلاش ڪونه هو. برِ صغير جون سڀ قومون پنهنجي پنهنجي رخ سان ثقافتي جشن ملهائي رهيون هيون. هتي رهندڙن کي هوا، موسمن، ميون ۽ دريائن تي هڪ جيترو اڌيڪار هو. اختلاف ڪو جي ڪنهن سان ڪندو به هو، ته ادب ۽ ڌيرج سان. ها! نفرت هئي ته صرف انگريز سان. ڪو سياسي سلوگن قومپرستن وٽ هو ته فقط هيءُ ”انگريزو! هندستان خالي ڪريو.“ پيار ۽ همدردي هئي ته ان طبقي سان جنهن سان انگريز بهادر ويل وهائي رهيو هو(27).“

هاڻي هن جاءِ تي نصير مرزا ذڪر ڪري ٿو ته انگريزن خلاف تحريڪون زور شور سان جاري هيون، اها ڳالهه بلڪل درست آهي پر جيڪڏهن نصير مرزا ٿورڙو به اهو ذڪر (وضاحت) ڪري ها ته شهيد صبغت الله شاهه راشديءَ جي تحريڪ ”وطن يا ڪفن“ يا حيدر بخش جتوئيءَ جي ”سنڌ هاري پارٽي“ به ڪردار ادا ڪري رهيون هيون، ته بهتر ٿئي ها.

ڊاڪٽر شمس الدين عرسانيءَ پنهنجي ڪتاب

”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“ ۾ لکن ٿا ته آزاديءَ جي تحريڪ ننڍي کنڊ ۾ عروج تي پهچي چڪي هئي. گانڌيءَ جي ڪئٽ انڊيا ۽ ترڪ موالات جي هلچل ۾ جتي ڪٿي سول نافرماني ٿي رهي هئي ۽ هر هنڌ زندگي مفلوج بڻجي وئي هئي. ازانسواءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهريون ڀيرو سوشلسٽ تحريڪون منظر ٿيڻ لڳيون، جيڪي روس جي ڪميونسٽ انقلاب کي پنهنجو نشانبر بڻائي ڪم ڪرڻ لڳيون، ان ڪري سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ پورهيتن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي. هتي به سنڌ سماجوادي پارٽي ۽ هاري پارٽي وجود ۾ آيون ۽ ڪن هنڌن تي پهريون ڀيرو زميندارن ۽ هارين جي وچ ۾ تصادم جا واقعات رونما ٿيا، ازانسواءِ ٻي عالمي جنگ به لڳي، جنهن جا اثرات به ساري دنيا سان گڏ هندستان تي به پوڻ لڳا(28).“ وڌيڪ لکن ٿا ته ”هن دور ۾ نوي سيڪڙو ڪهاڻين ۾ آزاديءَ جو جذبو ڪارفرما آهي، جن ۾ ڌاريءَ حڪومت خلاف باغيانه خيالات ملن ٿا. هنن ڪهاڻين جو موضوع سياسي، سماجي، معاشي ۽ اخلاقي مسئلن مان ڪنيل آهي. ڌاريءَ حڪومت خلاف نفرت، هندو مسلم ايڪتا، شاهوڪار شاهي ظلم، غريبن جي بدحالي ۽ اقتصادي ڦرلٽ وغيره اهي ئي مسئلا اسان جي ڪهاڻين جو موضوع بڻيل هئا(29).“

هاڻي ڏسو ته شمس الدين عرساڻي گانڌيءَ جو ذڪر ۽ روس جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو درست به آهي پر اتي هاري پارٽي ۽ سنڌ سماجوادي پارٽي (”سنڌ هاري پارٽي“ لفظ درست آهن ۽ ”سنڌ سماجوادي پارٽي“ جو تاريخ ۾ ڪٿي به ذڪر ڪونهي، ها باقي ”انڊين سوشلسٽ ريڊيڪل پارٽي“ جو ذڪر اچي ٿو.) جو به ذڪر ڪري ڪنهن حد تائين تاريخ سان انصاف ضرور ڪري ٿو پر جي انهن پارٽين جي اهم اڳواڻن جو ذڪر ڪري ها (جيئن گانڌيءَ جو ڪيائين) ته گهٽ ۾ گهٽ تاريخ سان مڪمل انصاف ٿئي ها. ڇاڪاڻ ته تاريخي حوالن ۾ جتي پارٽين جا نالا هجن ۽ اڳواڻن جا نالا نه هجن ته اها ناانصافي چئبي. پارٽيون گهڻي قدر اڳواڻن جي نالن سان ئي سڃاتيون وينديون آهن ۽ ڪٿي ڪٿي ته اڳواڻ جي گرفتار ٿيڻ يا قتل ٿيڻ يا طبي موت ڪارڻ به پارٽيون غير سرگرم بڻجي وينديون آهن. جيئن: سائين جي.ايم.سيد ورهاڱي کان اڳ مسلم ليگ ۾ هيو ته اها پارٽي ”عوامي پارٽي“ ليڪبي هئي. جيئن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي لاڏاڻي کانپوءِ ”هاري پارٽي“ پنهنجو اثر رسوخ وڃائي ويٺي. هڪ ٻي ڳالهه به تاريخ جي درستگيءَ لاءِ لازمي سمجهان ٿو جنهن جو اڳ ۾ به ذڪر ڪري ويو آهيان ته سائين شهيد صبغت الله راشديءَ جو ذڪر نه ڪرڻ، اها ته تاريخ سان ناانصافي آهي. جتي اسان ٻاهرين تحريڪن جو ذڪر ڪريون ته انهن جا اثر پيا ته اتي ”وطن يا ڪفن“ وارو نعرو ڏيندڙ تحريڪ جو ذڪر نه ڪريون ته ادب سان به نا انصافي ٿيندي ان ڪري منهنجي گذارش اها آهي ته اسان جتي پنهنجن ادبي ڪتابن ۾ انهن تحريڪن (وطن يا ڪفن ۽ هارين لاءِ ”سنڌ هاري پارٽي“) جو ذڪر مڪمل طور تي نه ٿا ڪريون اتي ٻين ملڪن جا اديب پنهنجي ڪتابن يا مقالن ۾ ڪن ته اها اسان لئه شرمندگيءَ جو باعث آهي. جيئن روس جي (جنهن وقت سوويت يونين هو) محقق وي.ايف.اگئيف چيو آهي ته ”هاري تحريڪ ۾ (اٺويهينءَ صديءَ کان ئي) حُرن سرگرميءَ سان حصو ورتو، جن جي اڪثريت اتر اوڀر سنڌ ۾ رهندي هئي. هتي حالتون اهميت اختيار ڪري ويون هيون. پير پاڳارو (ڇهون)، جيڪو 1922ع ۾ حُرن جو روحاني پيشوا بڻيو ۽ هن جي سالتين برطانيا خلاف سخت ترين موقف اختيار ڪيو. جنهن قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ جمهوري طرز جي اڳواڻن جي نظر ۾ هنن جو قدڪاٺ مٿي ڪيو. هارين جي جدوجهد کي ڪچلڻ جي خيال سان نو آبادڪارن (قبضي ڪندڙن) حساس علائقن ۾ فوج ۽ پوليس جي راڄ قائم ڪيو ۽ جاگيردارن تي انحصار ڪندي خفيه پوليس جو نظام رائج ڪيو. تحريڪ جي سوين ڪارڪنن کي جيلن ۾ واڙيو ويو ۽ انهن کي اخلاقي ڏوهاري نهرايو ويو. ٽئين ڏهاڪي جي ٻئي اڌ ۾، مختلف برادريءَ جي اڳواڻن جاسوسي ڪندڙن ۽ غدارن کي ڦاسيون ڏئي جوابي حملو ڪيو. حڪمرانن سنڌ جي ساڄي ڪناري جي ڪيترن تعلقن جو ڪنٽرول وڃائي ڇڏيو. 1930ع ۾ تحريڪ تي وار ڪندي

نويسيءَ ۾ انقلاب آڻيندڙ پهريون ڪتاب هو ”ريگستاني ڦول“ (1944ع) جو بہ ”نئين دنيا“ پاران گوبند مالهيءَ ڇپايو هو. هن ڪتاب ۾ جنهن صداقت سان، بنهہ نونهال ليکڪن، ساهت وسيلي سماجي ۽ اقتصادي جيون جي علحده پهلوئن جو ڇيد ڪري، ان کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي سا ڪنهن بہ ساهت پريميءَ جو من امنگ ۽ فخر سان پريو ڇڏي. منجهس بہ عليشان آکاڻيون هيون: ”ڀڳوان لعلواڻيءَ“ جي ”ساڙهي“، جنهن ۾ ڪپڙي جي اڻاٺ واري مسئلي جي درد ڀري تصوير چٽي وئي هئي ۽ خواجہ احمد عباس جي هڪ اردو آکاڻيءَ سان ڪجهہ مشابهت ٿي رکيائين؛ ۽ ”شيخ عبدالستار“ جي ”رحيمان“ (بقول ستار پيرزادو ڪتاب ”جي تند برابر توريان“ صفحو نمبر 27 جي تہ ”رحيمان“ ڪهاڻي سوپوگيانچندڻيءَ جي لکيل هئي، جا ٻي جوڙ شاديءَ ۽ بي‌قاعدي محبت جي اگرن نتيجن تي زبردست جُلهہ هئي. ٽئين زوردار آکاڻي هئي ”آنند گولاڻيءَ“ جي ”سگ“، جا بہ پيار ۽ شاديءَ جي مسئلي تي مسلم زندگيءَ ۾ بيهاريل هئي پر هندو سماج سان بہ لاڳو ٿي سگهي ٿي. هن مجموعي ۾ نارائڻ ڏيواڻيءَ جي ”ڏاڙيل“ پڻ چڱي آکاڻي هئي. جنهن ۾ زميندار ظلم جي برخلاف آواز اُٿاريل هو. جيوت نرياڻيءَ جي ”مڇن واري دادي“ بہ هڪ اثرائتي آکاڻي هئي: تہ ڪيئن قدرت جي هڪ خسيس چُڪ ڪري هڪ هونهار عورت جي حياتي برباد ٿيو وڃي. رام امرلعل جي ”جعفر بيلدار“ ۽ سوپي گيانچنداڻيءَ جي ”آکيري جو ننڍ“ پڻ هن ڳنڪي جون ڳوناڻي زندگيءَ بابت چڱيون دکدائڪ مختصر آکاڻيون هيون (32).

سرڪاري صلاحڪار بورڊ جي ”مهراڻ“ مخزن ۾ لعلچند امرڏني مل جي ايڊيٽريءَ هيٺ، وقت بہ وقت تازن نڪرندڙ ڪتابن تي تنقيد ٿيندي هئي. جنوري 1946ع واري عدد ۾ ”آسانند مامتوراڻيءَ“، ”نئون ادب“ جي عنوان سان، ترقي پسند آکاڻين جي مجموعي ”ريگستاني ڦول“ تي تنقيد ڪندي لکيو هو:

”ڪهاڻين جا سڀ لکندڙ ابا ڳڀرو جوان آهن، ۽ منجهن اُسري ڪنهن ڪماليت کي رسڻ جا آثار چٽا پيا ڏسجن. ڪٿي ڪٿي رتا جو ٿورڙو نقص يا ميلو ڊراما (سنسني) جو رنگ، يا پرچار جي مقصد ڪري مبالغو نظر اچي ٿو...... پر سمي پئي...... استعمال ۽ فن جي بهتر ڄاڻ سان، اهي سقم پاڻ ئي الوپ ٿي ويندا...... سنڌ جي جيوت ۾ نئين دور جي ويچارن ۽ اُمنگن مانڊاڻي وڌي آهي ۽ اسان جي اقتصادي ۽ معاشرتي زندگيءَ ۾ تبديليون ٿين پيون. انهيءَ الٽ پلٽ جي زماني ۾ ڪيترائي نوجوان، نون ويچارن جي اجهل اثر ڪان، نئين ساهت (جڙواد جي لحاظ کان حقيقت شناسيءَ تي ٻڌل ادب) جي پلٽ پيا پلٽين... جي انهن ۾ مشاهدي جي وسعت، نئين زندگيءَ جي رتا ۽ سندرتا جي موزون ميلاپ هوندو تہ پوءِ اهي رچنائون نہ رڳو دل ۽ دماغ ۾ انقلاب آڻيندڙيون، پر روح کي راحت رسائي، اُن ۾ پائيدار جاءِ جوڙي ويهنديون(33).“

1943ع ۾ ايم آر مائيداساڻيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”مائيداساڻيءَ جون آکاڻيون ڇپيون(34).“

1945ع ۾ ”پرهہ ڦٽي“ مجموعو نڪتو جو بہ ”نئين دنيا“ وارن ڇپايو هو جنهن ۾ ذڪر قابل ڪهاڻيون هيون: گوبند پنجابيءَ جي ”نيلو“، گوبند مالهيءَ جي ”هاري حقدار“، رام امر لعل جي ”انساني مرغي“، ڀڳوان بيچين جي ”رام راڄ“، جيوت نرياڻيءَ جي ”ٻي نڪو“ ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ جي ”ڪتي جو موت“، جن مڙني ۾ گهڻو ڪري غريب طبقي وارن انسانن جي زندگي سان همدردي ڏيکاريل هئي، جيئن سندن سرن مان ظاهر آهي. تنهن کان پوءِ آيو ”آنند گولاڻيءَ“ جو ڪٺيل ڪتاب ”ڦڙڪ“، جنهن ۾ بهترين آکاڻي وري بہ ”ڀڳوان لعلواڻيءَ“ جي ”ليلا“ هئي، جا پيار، پاپ ۽ ملاپ جي نازڪ موضوع تي هڪ ڪلا ڪلا ۾ سچائيءَ واري ڪهاڻي هئي. هن ڪتاب ۾ خود ”آنند گولاڻيءَ“ جون بہ ڪي چڱيون آکاڻيون ڇپيل هيون، جن سڀني مان، هن زيادہ ترين ڪهاڻي نويس جي دستور موجب، زندگيءَ جي تفصيلن کي نوس نوس ڪري پيش ڪرڻ جي خوبي ظاهر ڪئي. هنن شروعاتي حقيقت پسند ڪهاڻين جي خاص خامي اها ٿي ڏسڻ ۾ اچي تہ جيتوڻيڪ منجهن جديد زماني جا سماجي، اقتصادي ۽ قومي مسئلا پيش ڪيل آهن تنهن هوندي بہ گهڻين ڪهاڻين ۾ انهن

پهريون ايڊيشن، 1992ع ص 26، 27، 28

2. رانجهن خان ميمڻ، "سنڌي افسانو (آزاديءَ کان اڳ) "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ چاپو پهريون ڊسمبر 1966ع ص 21 کان 24
3. عرساڻي، شمس الدين ڊاڪٽر، "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، چاپو پهريون سيپٽمبر 1982ع ص 195، 196
4. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ٽيون ايڊيشن، 1994ع ص 168، 169
5. چانڊيو جامي، "نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون- هڪ اڀياس" "ماهوار ڪينجهر" سنڌي ساهت گهر نمبر-3، نظام لاج، گاڏي کاتو حيدرآباد، آگسٽ 1994ع ص 42 کان 46.
6. ملڪاڻي، منگهارام، "سنڌي نثر جي تاريخ" روشني پبليڪيشن حيدرآباد/ ڪنڊيارو، ٽيون ايڊيشن اپريل 1993ع ص 60.
7. ڏسو حوالو-55، ص 196، 197.
8. ڏسو حوالو-55، ص 212
9. عرساڻي، محمد اسماعيل، "چار مقالا" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ ٻيو ايڊيشن 1983ع ص 69.
10. ڏسو حوالو-58، ص 60.
11. ڏسو حوالو-54، ص 54، 55.
12. ڏسو حوالو-55، ص 197.
13. ڏسو حوالو-54، ص 56، 57.
14. ٽيٽي، محمد صالح مخدوم، "وانڪائيءَ جي ونڊر" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، پهريون ايڊيشن، 1995ع ص 7
15. ڏسو حوالو-66، ص 13
16. شيخ اياز "جي تند برابر توريان" سنڌي ادبي اڪيڊمي ڪراچي، 1998ع ص 53
17. ڏسو حوالو-66، ص 11، 12
18. ڏسو حوالو-66، ص 26، 27
19. ڏسو حوالو-66، ص 8
20. ڏسو حوالو-66، ص 10
21. ڏسو حوالو-66، ص 54، 55
22. ڏسو حوالو-58، ص 66
23. ڏسو حوالو-66، ص 17، 16
24. ڏسو حوالو-66، ص 27
25. ڏسو حوالو-55، ص 203
26. ڏسو حوالو-66، ص 5، 6
27. جتوئي ادريس، "جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي" ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌي ادبي سنگت، نوان جتوئي چاپو پهريون، جون 2005ع ص 40
28. ڏسو حوالو-53، ص 27
29. ڏسو حوالو- 55، ص 198
30. ڏسو حوالو-55، ص 200
31. وي.ايف.آگئيف، پروفيسر، ڊاڪٽر محمود صادق (مترجم) "سندھ تاریخ کے آئینے میں" حوري نوراني، مڪتبه دانيال، وڪٽوريه چيمبرز ڪراچي، پهريون چاپو 1989ع ص 103 کان 106 تائين.
32. نظاماڻي، استاد، حافظ يوسف پنيرو "جهونگار" نارا پبليڪيشن سانگهڙ ڪتاب نمبر6 نومبر 2001ع ص 50 کان 53 تائين (سنڌي ناول ۽ ڪهاڻي حُر تحريڪ جي عڪاسي)
33. ڏسو حوالو-58، ص 62
34. ڏسو حوالو-58، ص 324، 325
35. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو". عجائب اسٽورز فريئر روڊ سکر، چاپو پنجون، 1992ع ص 122
36. ڏسو حوالو-58، ص 62 کان 65 تائين.
37. ڏسو حوالو-55، ص 201، 202

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهه گذارشون

1. "مهراڻ" جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري نميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ کپي.
2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اِها خاطري ڄاڻائڻ لازمي آهي تہ اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن بہ رسالي يا اخبار کي نہ موڪليل آهن.
3. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڄاڻائجي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.
4. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.
5. مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي تہ هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ بہ کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشہ قائم رکن.
6. مواد سمجهہ ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نہ وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي تہ اُهو بہ لکجي. (نئون نڪور فوٽو موڪلڻ نہ وسارجي).
7. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻَڌل نہ رهندو.
8. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.
9. نظرثاني کان سواءِ ۽ تڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ بنهہ گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي تہ مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.
10. اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. ڇونتہ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻَڌل نہ رهندو.



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔


TASSCO
The Shining Star Of Private Seed Sector In Pakistan
The First Research Based Seed Company In Pakistan
One Of The Biggest Seed Company In Pakistan
The Name Of Trust In Pakistan
Tassco seed farm
Tassco Seed Focused on a Common Goal of Reliable, Productive, Highqualiety, High Yielding Seeds of Cotton, Wheat, Cauliflower, Barassica And Rice Crops.
BRASSICA
TSB - 202
TASSCO SEED CORPORATION
TASSCO
PADDY SEED
TASSCO SEED CORPORATION
Classic
COTTON SEED
FH-1000
TASSCO SEED CORPORATION
Nett: 50 Kg.
WHEAT SEED
KIRAN-95 - کرن
TASSCO SEED CORPORATION
® TASSCO SEED CORPORATION
PH: 022-3890422 MOBILE: 0300-3086370
E-mail: tasscoseeds@yahoo.com web: www.tasscoseeds.itgo.com